منهاج المعرفت

شيخ المشائخ شاهہ لطف الله قادري

تحقيق، مقدمو ۽ تشريحي حوالا:

ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو



منهاج المعرفت

شيخ المشائخ شاه لطف الله قادري

تحقيق، مقدمو ۽ تشريحي حوالا:

ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو



انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

2009ع

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي اشاعتي سلسلي جو ڪتاب نمبر 200

ڇاپو پهريون: جون 2009ع
تعداد: 500 ڪاپيون
منهاج المعرفت

سهڪار: **پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس، اسلام آباد**
شوڪت حسين شورو ڊائريڪٽر، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي،
يونيورسٽي آف سنڌ، ڄام شورو، پاڪستان مان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو
ڇپيندڙ: انٽيل ڪميونيڪيشنز، حيدرآباد
ٽائيٽل ڪور ڊزائين: سعيد منگي
قيمت: 350 روپيا

ISBN 978-969-405-091-1

MINHAJ AL-MARFAT
Shaikh Al-Mashaikh Shah Latufallah Qadri
Published by:
Shoukat Hussain Shoro
Director, Institute of Sindhology
University of Sindh, Jamshoro Sindh,
E-mail: sindhology_s@yahoo.com
Printed by:
Intel Communications, Hyderabad
First Edition: June 2009
Copies: 500

In Collaboration with
Pakistan Academy of Letters, Islamabad.

Price Rs: 350-00

فهرست

ناشر طرفان

ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو بنيادي طور هڪ ريسرچ اسڪالر آهي. "سنڌ ۾ تصوف" سندس خاص موضوع آهي جنهن تي هن مهل تائين ڪيل سندس عالمانہ تحقيق سنڌي علم ادب ۾ هڪ بيش بها اضافو آهي، هن ڏهاڪو سال اڳ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي شاعريءَ ۾ تصوف ۽ رومي، بابت تحقيقي مقالو لکي سنڌ يونيورسٽي مان پي ايڇ – ڊي حاصل ڪئي. ان کان پوءِ شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي ملفوظات "بيان العارفين" جي فارسي متن تي ڪيل تحقيق سندس هڪ ڪارنامو آهي.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي همعصر خواجہ محمد زمان لواريءَ واري جي ابيات سنڌي جي مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي ٻارهين صديءَ جي آخر ۾ عربيءَ ۾ شرح لکي هئي. ڊاڪٽر عبدالغفار سومري ان تي جيڪو تحقيقي ڪم ڪيو اهو سال 2008ع ۾ مڪمل "شرح ابيات سنڌي" جي نالي سان انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي پاران نهايت اهتمام سان ڇپجي پڌرو ٿيو آهي، جنهن کي سنڌ جي علمي حلقن ۾ گهڻو سارا هيو ويو آهي.

هاڻي ٻارهين صدي ۾ سنڌ جي وڏي صوفي ۽ بزرگ هستي شيخ المشائخ لطف الله قادري جو تصوف بابت بنيادي ڪتاب "منهاج المعرفت" پڻ سنڌالاجي ڪي ٿي پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ جو شرف حاصل ٿي رهيو آهي.

هتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي تہ "شاهہ لطف الله قادري جو ڪلام" هن کان اڳ نامور عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق جي نتيجي ۾ سامهون آيو، جيڪو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي پاران پهريون ڀيرو 1968ع ۾ شايع ٿيو هو، جنهن ٻيو ڇاپو 2004ع ۾ پڌرو ڪيو ويو آهي.

"منهاج المعرفت" شاهہ لطف الله قادريءَ جي تصوف جي موضوع تي فارسي ۾ نهايت اهم تاليف آهي جنهن جي هر باب جي آخر ۾ هڪ يا ٻہ سنڌي بيت ڏنل آهن.اهڙيءَ طرح ڪل ويهہ بيت آهن جيڪي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ "شاهہ لطف الله قادريءَ جو ڪلام" ۾ شامل ڪيا هئا, ليڪن اصل فارسي ڪتاب بابت ڪم ٿيل نہ هو. ڊاڪٽر عبدالغفار سومري جي تحريڪ تي فارسي متن جو سنڌيءَ ۾ ابتدائي ترجمو مولوي حافظ محمد رمضان مهيري ڪيو، جڏهن تہ ترجمي کي سوڌڻ سنوارڻ توڙي ان بابت تفصيلي مقدمي ۽ حاشين لکڻ جو ڪم ڊاڪٽر سومري پاڻ ڪيو آهي. اسين سمجهون ٿا تہ سومري صاحب جي هيءَ ڪاوش جديد علمي تحقيق جو هڪ بهترين نمونو آهي، جنهن ۾ مستقبل جي محقق لاءِ اصل فارسي ناياب متن جو عڪس بہ شامل ڪيو ويو آهي.

تصوف جو بنيادي پيغام جيڪو امن، صلح ۽ مذهبي هم آهنگيءَ تي ٻڌل آهي ان جي ضرورت جيتري اڄ آهي، اوتري اڳ ۾ ڪڏهن نہ هئي. دنيا هن وقت جنهن مذهبي انتهاپسندي ۽ دهشت گرديءَ ۾ وڪوڙيل آهي. ان مان جند ڇڏائڻ جو ر تو ڀڪ سان صرف تصوف جي تعليمات ۾ آهي. سنڌ جي بزرگن جا تصوف جي موضوع تي لکيل ڪتاب ان ڏس ۾ وڏي رهنمائي ڪري سگهن ٿا. اسان جي ڪوشش آهي تہ سنڌ جي صوفين جي ٻين اهڙين تحريرن کي پڻ منظر عام تي آندو وڃي.

جام شورو _ سنڌ
25 اپريل 2009

شوڪت حسين شورو
ڊائريڪٽر،
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي،
سنڌ يونيورسٽي.

تعارف

هي ڪتاب سلوڪ ۽ معرفت (تصوف) جي مشڪل موضوع بابت لکيل آهي، ۽ سنڌ ۾ تصوف جي تاريخ کي سمجهڻ لاءِ بنيادي حيثيت رکي ٿو. ڪتاب جو مصنف شاهه لطف الله قادري سنڌ جي تاريخي شهر اگهم ڪوٽ (موجوده ضلعو حيدرآباد) جو وڏو باخبر عالم عارف هو. هو سنڌ جي وڏي صوفي شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري (فوت 1038هه) جي آخري عمر ۾ عاقل بالغ هو ۽ گمان غالب آهي ته سنه 1020 ڌاري ڄائو. اصل ڪتاب فارسي نثر ۾ آهي جيڪو موضوع جي مناسبت، توڙي اسلوب بيان جي لحاظ سان، البت مشڪل آهي، جنهن کي مولوي حافظ محمد رمضان مهيري سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. وڏيڪ وڏي خدمت محترم عبدالغفار سومري ڪئي آهي، جنهن شاهه لطف الله جي آندل 'شواهد' جي ماخذن کي ڳولي لڌو آهي: يعني ته مصنف شاهه لطف الله هن ڪتاب ۾ سمجهاڻي ڏيندي جيڪي اقوال، امثال يا اشعار آندا آهن، تن بابت ڄاڻ ڏني آهي ته اهي ڪنهن جا آهن يا ڪهڙن ڪتابن مان ورتل آهن. اها وضاحت شاهه لطف الله جي مَسلڪ ۽ مقصد کي وڌيڪ روشن ڪري ٿي. علمي اصطلاح ۾، انهيءَ عالمانه تحقيق جو ٻيو نالو تخريج آهي جيڪا پهريون ڀيرو هن ڪتاب ذريعي پڙهندڙن جي سامهون آئي آهي.

اصل ڪتاب صفحي ٽئين کان وٺي ٻن سون صفحن تائين آهي، جنهن کان پوءِ فاضل محقق ڊاڪٽر سومري اڳتي قدم وڌائي سٺن ٻين موضوعن هيٺ هڪ سئو ستاويهه صفحا سمجهاڻيءَ طور لکيا آهن. انهن کان سواءِ ڪتاب جي شروع ۾ به پنجاهه کن صفحن جو قيمتي مواد شامل آهي: يعني ته ٿلهي ليکي، اڌ ڪتاب مصنف جو ته اڌ ڪتاب محقق طرفان مهاڳ ۽ مقدمي جو آهي.

تصوف جي موضوع تي منهاج المعرفت کي هڪ معياري درسي ڪتاب چئي سگهجي ٿو. نوِئي (نئين) سالڪ لاءِ هي ڪتاب سونهون

آهي، بلڪ سلوڪ جي سفر جي سمجهاڻيءَ لاءِ هڪ باقاعدي 'باب نامو' آهي. وڏن صوفين عارفن مان، ڪن پنهنجي فطري فڪر جي اظهار ذريعي معرفت جا معيار سمجهايا، ڪن پنهنجن قولن ۽ فعلن سان سلوڪ جي راهه کي روشن ڪيو، ۽ ڪن عالمن عارفن لکت ۾ سلوڪ ۽ معرفت جي معنيٰ ۽ ماهيت کي وهجايو. سنڌ جي عارفن مان قاضي قادن، شاهه عبدالڪريم ۽ شاهه لطف الله انهن ٽن مسلڪن جا مثالي ڪردار هئا.

منهاج المعرفت ذريعي، شاهه لطف الله قادري نئين سالڪ کي، سلوڪ جي تربيت لاءِ شروع کان ڪامل استاد، رهبر، شيخ يا مرشد وٽڻ کان پوءِ اڳتي وينڌي اعليٰ منزلن ۽ مدارج تائين آداب ۽ اطوار جي سلسليوار سمجهاڻي ڏني آهي. هڪ وڏي عالم عارف جي حيثيت ۾ شاهه لطف الله پاڻ باب 15 کان وٺي نوئي سالڪ جي وجودي احوال ۽ آزمايشن، طريقت جي منزلن، عرفان الاهي جي جلوَن ۽ وحدت جي اهڃاڻن اشارن کي وهجايو آهي. ڪتاب جي آخري باب ۾ هن 'حقيقت' جي حقيقت سمجهائي آهي ۽ اولياءُ الله جي سڃاڻپ ڪرائي آهي.

هن ڪتاب جي ٻي هڪ وڏي خصوصيت اها آهي جو سواءِ ٽن بابن (20،9،7) جي، ٻين بابن جي آخر ۾ (۽ فقط هڪ باب جي وچ ۾) سنڌي بيت آندا ويا آهن، جيڪي انهن بابن جي مقصد تي شاهد آهن. اهي جملي ويهه بيت آهن، جيڪي سنه 1968ع ۾ مون شاهه لطف الله جي سنڌي رسالي جي پويان شايع ڪيا. انهن سنڌي بيتن سميت هي اڳاٽو تصنيف ڪيل ڪتاب هڪ دستاويزي حيثيت رکي ٿو.

علامه آءِ. آءِ. قاضي چيئر
سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد،
سنڌ 71000

خادم العلوم
ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

مهاڳ

شاهہ لطف الله قادريءَ جي فارسي تصنيف ”منهاج المعرفت“ ۽ ان ۾ شامل سنڌي بيتن جي نشاندهي پهريون ڀيرو ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي سال 1951 ۾ لکيل هڪ مقالي ’شاه کان اڳ جا شاعر‘ ۾ ڪئي، جنهن ۾ هن فقط پنج سنڌي بيت نقل ڪيا. بهرحال ڊاڪٽر دائود پوٽي جو اندازو هو تہ لطف الله پڪ سان وڏو شاعر هو ۽ سندس ٻيو ڪلام بہ موجود هوندو. ليڪن معلوم ٿئي ٿو تہ ان ڪلام تائين سندس دسترس ٿي نہ سگهي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ انهيءَ حقيقت کي مد نظر رکي جستجو جاري رکي، تانجو سندس تحقيق سان لطف الله قادريءَ جو ڪلام سال 1968 ۾ سنڌ الاجي جي زير اهتمام شايع ٿيو. ڊاڪٽر صاحب جي تحقيق جي نتيجي ۾ نہ صرف ”منهاج المعرفت“ دستياب ٿيو جنهن ۾ ويهہ سنڌي بيت ملن ٿا، بلڪ ان کان سواءِ لطف الله قادريءَ جو رسالو پڻ مليو جنهن ۾ لڳ ڀڳ 337 سنڌي بيت هئا. ائين سنڌي ادب جي تاريخ ۾ شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ کان پوءِ هڪ ٻئي وڏي صوفي شاعر جي خبر پئي جنهن جو ڪلام نهايت معياري ۽ اعليٰ علمي تصوف جي شاهڪار جي حيثيت رکي ٿو.

جيئن ڊاڪٽر بلوچ جي لکڻ مان واضح ٿئي ٿو تہ سندس سمورو ڌيان صرف لطف الله جي شاعري طرف هو، تنهنڪري نہ صرف رسالي جا بيت سوڌي سنواري ۽ صحيح پڙهڻين سان بيهاريائين، بلڪ لطف الله جي تصوف جي موضوع تي لکيل رسالي ”منهاج المعرفت“ مان پڻ ويهہ سنڌي بيت ڌار ڪري ٻئي سنڌي ڪلام سان گڏ شامل ڪري شاه لطف الله قادريءَ جو ڪلام ايڊٽ ڪيائين. البتہ ”منهاج المعرفت“ ڪتاب جيڪو وٽس موجود هو ان بابت شاهہ لطف الله قادريءَ جي ڪلام جي مقدمي ۾

سرسري روشني وڌي وئي ۽ ڪنهن حد تائين ان جي موضوع جو احاطو ڪيو ويو.

سال 2005 ۽ 2006 ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي ميمبر جي حيثيت ۾ سنڌ جي ڪتب خانن ۾ محفوظ قلمي نسخن ۽ مخطوطات جي فهرست جي نگراني ڪندي پتو پيو تہ قومي عجائب گهر ڪراچي طرفان خريد ڪيل پير جهنڊي جي ڪتابن ۾ "منهاج المعرفت" جو هڪ نسخو موجود آهي. جيتوڻيڪ اهو نسخو خوشخط هو پر ان جا ابتدائي ست صفحا غائب هئا، ليڪن آخر ۾ مڪمل هو ۽ اهو 1282هہ ۾ لکيو ويو هو. ساڳي ريت معلوم ٿيو تہ مٽياريءَ جي معروفيہ ڪتب خاني ۾ پڻ "منهاج المعرفت" جو انتخاب موجود هو.

شيخ عبدالرحيم گرهوڙيءَ جي پنهنجي مرشد خواجہ محمد زمان لواريءَ واري جي سنڌي بيتن جي عربيءَ ۾ لکيل 'شرح ابيات سنڌي' تي تحقيق مڪمل ٿيڻ کان پوءِ، شوق ٿيو تہ منهاج المعرفت جيڪو پاڻ هڪ صدي اڳ جي تصنيف آهي، ان تي پڻ تحقيق ٿيڻ گهرجي. اهو ذڪر جڏهن مون ڊاڪٽر بلوچ سان ڪيو تہ پاڻ يڪدم "منهاج المعرفت" جو سانديل نسخو ڪڍي منهنجي حوالي ڪيائون جيڪو 1208هہ ۾ لکيل آهي. هاڻي جڏهن پاڻ وٽ ٻہ نسخا ٿي ويا تہ تحقيقي ڪم جو آغاز ڪيو ويو. ٻئين مرحلي ۾ سنڌي ترجمي جو ڪم حافظ محمد رمضان مهيريءَ جي حوالي ڪيو ويو. ليڪن ترجمي جي سوڌنسوار ۽ آخري صورت جي ذميواري منهنجي پنهنجي آهي.

جيئن "منهاج المعرفت" جي مواد مان ظاهر ٿيندو تہ لطف الله قادري يارهين صدي سنڌ جو هڪ وڏو عالم ۽ عارف، صوفي ۽ شاعر هو ۽ ان جو ثبوت سندس هي تصنيف آهي. سنڌ ۾ تصوف جي تاريخ جي سلسلي ۾ هي ڪتاب وڏي اهميت جو حامل آهي ۽ ان کان سواءِ سنڌ جي تصوف جي تاريخ غير مڪمل رهجي ويندي. اسان انهيءَ احساس تحت سنڌ ۾

”تصوف جا اهم فڪري ماخذ“ ۾ اهڙن انن ڪتابن جي نشاندهي ڪئي آهي. بيان العارفين ۽ ابيات سنڌي کان بعد هي ٽيون ڪتاب آهي جنهن سان گڏ اصل متن جو عڪس پڻ ڏنو ويو آهي. اهو ان لاءِ ته سنڌ جي صوفين جون هي عالمانه تحريرون پنهنجي اصل شڪل ۾ هڪ ڀيرو دنيا جي آڏو اچي سگهن. ان جو احساس ان وقت زياده ايريو جڏهن تازو ڏهين يا سورهين صدي سنڌ جي صوفي شيخ عيسيٰ پاٽائي ٺٽر برهانپوري جي هڪ رسالي جو انگريزي ترجمو امريڪا مان Teachings of Sufis ۾ شايع ٿيو آهي. پر اهو اصل رسالو سنڌ جي ڪتب خانن ۾ موجود نه آهي. اصل متن جي شايع ٿيڻ سان اسين سمجهون ٿا ته سنڌ کان ٻاهر پڻ ان ڪتاب تي مستقبل ۾ تحقيق جا وڏيڪ امڪان روشن ٿين ٿا.

هتي اها ڳالهه پڻ واضح ڪرڻ ضروري آهي ته اسان جي آڏو موجود ٻنهي قلمي نسخن ۾ معمولي اختلاف آهي. بهرحال ڊاڪٽر بلوچ کان مليل نسخو جيڪو مڪمل ۽ اوائلي آهي، پير جهندي واري نسخي کان بهتر آهي. اهوئي سبب آهي جو اسان ان جو ئي عڪس ڏئي رهيا آهيون. تاهم ٻنهي نسخن ۾ ستون ۽ نائون باب ڪٽل آهن. ليڪن تمام ٿورن هنڌن تي پر اڪثر فارسي بيتن جي پڙهڻين ۾ ٻيو نسخو ڪٿي ڪٿي بهتر آهي، جنهن ڪري اها تصحيح به ڪئي وئي آهي. ان کان علاوه جتي اصلي عربي ۽ فارسي ماخذن تائين رسائي ٿي آهي. جهڙوڪ الهامات غوث اعظم ۽ مصيبت نامه عطار ته متن جي ڪن هنڌن تي ان لحاظ کان اصلاح ڪئي وئي آهي.

آخر ۾ آءٌ سنڌ جي وڏي محقق ۽ عالم ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو ان لحاظ کان خاص شڪريو ادا ڪرڻ لازم سمجهان ٿو جو هيءَ ڪاوش به سندس ڪيل علمي جستجو جي ڪري ممڪن ٿي سگهي. جناب حافظ محمد موسيٰ ڀٽو صاحب هن ڪتاب جي ڪمپوزنگ ۾ ۽ برادرم سليم الله صديقي پروفن پڙهڻ ۾ مدد ڪئي جنهن لاءِ آءٌ سندن ٿورائتو آهيان.

عبدالغفار سومرو

ڪراچي سنڌ.

مقدمو

لطف الله قادري جي سوانح:

"منهاج المعرفت" جي آغاز ۾ لطف الله تصنيف جو سال 1078ھ ڄاڻايو آهي. ان کان سواءِ ڪتاب ۾ ٻيو ڪوبہ اهڙو اشارو نہ ڏنو اٿس جنهن مان سندس رهائش يا سندس پير مرشد جي نالي وغيره جي خبر پئجي سگهي تہ هو ڪنهن کان فيض يافتہ هو. ليڪن پنهنجي نالي پويان قادري لکڻ سان اهو بلڪل واضح ڪري ڇڏيائين تہ سندس واسطو اسلامي دنيا جي مشهور صوفي شيخ عبدالقادر جيلاني جي سلسلي سان آهي. اها عجيب ڳالھ آهي تہ لطف الله قادريءَ جو ذڪر ڪنهن بہ همعصر يا پوءِ لکيل تاريخ يا تذڪري جي ڪتاب ۾ نہ ملي سگهيو آهي. ڊاڪٽر بلوچ جي تحقيقي راءِ موجب هو سنڌ جي مشهور تاريخي ماڳ اگهم ڪوٽ جو هو. ڊاڪٽر صاحب اهو نتيجو سنڌي رسالي جي قلمي نسخي جي ترقيمي مان ڪڍيو آهي جنهن ۾ ڪاتب "شيخ المشائخ شاه لطف الله قادري" رحمت الله عليه ساڪن آگام ڪري لکيو. ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو:

> "زياده قرين قياس ائين ٿي معلوم ٿئي ٿو تہ شاھ لطف الله قادري سنڌ جي مشهور ۽ قديم تاريخي شهر "اگهم ڪوٽ" جو هو. جيڪو ڏهين صدي هجري ۾ بلڪ ان کان اڳ عالمن صوفين ۽ درويشن جو مرڪز بڻجي چڪو هو. خصوصا ڏهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ مشهور ولي مخدوم اسماعيل سومري (وفات 998ھ) ۽ سندس همعصر عالمن ۽ بزرگن پنهنجي علمي ۽ روحاني فيض سان اگهم ڪوٽ کي نوازيو. جنهنڪري هتي وڏا مدرسا قائم ٿيا. جن ۾ مشهور عالمن پڙهايو. اهي درسگاهون ۽ بزرگن جون درگاهون ٻارهين صدي هجري تائين وڏي اوج تي

هيون. شاه لطف الله جي تعليم ۽ تربيت اگهم ڪوٽ جي انهن ئي اعليٰ درسگاهن ۾ لائق استادن جي زير نظر ٿي.

هو اڳتي چوي ٿو:

"ساڳئي وقت اگهم ڪوٽ "سهروردي" توڙي "قادري" طريقن جي بزرگن جي فيض ۽ هدايت جو پڻ مرڪز هو جن پنهنجي زندگي ڪي عوام جي اخلاقي تربيت ۽ روحاني خوشين لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو. حضرت غوث الثقلين عبدالقادر جيلاني جي اولاد مان ابوالمناقب شيخ جمال الدين عبدالله جي مريدن مان حضرت شيخ اسحاق بن سلطان بن بهلول قادري اگهم ڪوٽ ۾ سڪونت اختيار ڪري اتي قادي طريقي جي دائري کي وسيع ڪيو هو. سندس وفات پڻ اگهم ڪوٽ ۾ ٿي. قادري طريقي جي فيض جا اهي سرچشما جاري هئا جو شاه لطف الله پڻ انهن مان سيراب ٿي "قادري مشرب" اختيار ڪيو ۽ قادري نسبت سان مشهور ٿيو."

سنڌ جي تاريخ ۾ اگهم نهايت قديم ماڳ آهي ايتري قدر جو اهو نالو سنڌ جي مسلمانن هٿان فتح بابت پهرين لکيل تاريخ 'چچنامي' ۾ پڻ ملي ٿو. چون ٿا ته اهو راءِ گهراڻي جي راجا اگهم نالي ٻڌرايو هو جيڪو لوهاڻي علائقي جو حڪمران هو. راجا جو تعلق ٻڌ ڌرم سان هو ۽ لوهاڻو سنڌو درياءَ جي انهيءَ وڏي وهڪري جو نالو هو جيڪو اتان وهندو هو ۽ هي شهر ان جي ڪناري تي آباد هو.

تحفتہ الڪرام جو مصنف مير علي شير قانع اگهم ڪوٽ ۾ مدفون ڪيترن اوليائن جو ذڪر ڪري ٿو، جيڪو طوالت جي خوف ڪان هتي نه ٿو ورجائجي. تحفتہ الڪرام ڪان اڳ ۾ مخدوم اسماعيل سومري جو ذڪر سنڌ جي صوفين جي اوائلي تذڪري 'حديقه الاولياءَ' ۾ پڻ ملي ٿو جيڪو مخدوم اسماعيل سومري جي وفات ڪان فقط ارڙهن سال پوءِ 1016هه ۾ عبدالقادر نصرپوري تاليف ڪيو هو.

حديقه الاالياءَ ڪان پوءِ اگهم ڪوٽ توڙي مخدوم اسماعيل جو ذڪر شاه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي ملفوظات "بيان العارفين" ۾ ملي ٿو.

بلڪ ان ۾ مخدوم اسماعيل جي هڪ ٻئي همعصر مخدم عثمان اگهميءَ جو ذڪر پڻ ملي ٿو جنهن جي زباني مخدوم اسماعيل جي مالدار هجڻ ۽ وڏي سخي ۽ غني هجڻ جو ذڪر ٿيل آهي. مخدوم عثمان جو هڪ بيت پڻ بيان العارفين ۾ ملي ٿو. انهيءَ پس منظر ۾ ڊاڪٽر بلوچ جو چوڻ آهي تہ شاه ڪريم جو اگهم ڪوٽ ۾ اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. جنهن جو ٻيو ثبوت وري هي آهي تہ لطف الله جي ڪن بيتن ۾ شاه ڪريم جو واضح اثر محسوس ٿئي ٿو. مطلب تہ ٻارهين صديءَ ۾ اگهم ڪوٽ سنڌ جو هڪ وسندڙ شهر ۽ علمي مرڪز هو .ايتري قدر جو 1022هه ۾ جڏهن سنڌ کان ٻاهر گجرات جي رهواسي محمد غوثي شطاري ’ گلزار ابرار‘ مرتب ڪري رهيو، جنهن ۾ هن سنڌ هند جي 612 صوفين جو احوال جمع ڪيو آهي، تنهن ۾ هن اگهم ڪوٽ مان مخدوم اسماعيل سومري جو پڻ ذڪر ڪيو آهي.

معلوم ٿئي ٿو تہ اگهم ڪوٽ ٻارهين صدي هجري تائين وڏو وسندڙ ۽ آباد شهر هو ۽ سندس علمي اوج ان وقت تائين قائم هو. اهوئي سبب آهي جو هند جي وڏي عالم ۽ صوفي شاه ولي الله دهلوي جتي سنڌ جي وڏي صوفي مخدوم معين ٺٽوي سان خط و ڪتابت ڪئي، اتي سندس هڪ خط محمد شريف نالي بزرگ ڏانهن ملي ٿو جيڪو ان وقت اگهم ڪوٽ ۾ رهندو هو جنهن ڪانئس طريقت جي سلسلي ۾ اجازت گهري هئي. اهي خط ”تفهيمات الهيہ“ ۾ موجود آهن.

هينئر اگهم ڪوٽ جا ڦٽل آثار ”اگهاماٽي“ جي نالي سان حيدرآباد کان ويهارو ميل ڪن ڏکڻ اوڀر طرف گلاب لغاري جي پرسان تعلقي ماتليءَ ۾ موجود آهن. اهي آثار دڙن ۽ پڙن جي صورت ۾ چڱي خاصي ايراضيءَ ۾ ڦهليل آهن جتي مخدوم اسماعيل سومري جي مزار جي ونگ تي نيري ڪاشيءَ ۾ 998هه سن بلڪل واضح طور موجود آهي.

مقدمو

يارهين صديءَ جو علمي ماحول:

سنڌ ۾ هن ۾ فارسي زبان جو تسلط ستن صدين کان ٻه وڌيڪ عرصي تي ڇانيل رهيو آهي. اهو پنجين يا يارهين صدي کان شروع ٿئي ٿو ۽ تيرهين يا اٺويهين صديءَ جي وچ ڌاري يعني انگريزن جي اچڻ تائين برقرار نظر اچي ٿو. يارهين صدي هجريءَ کي ان لحاظ کان خاص اهميت آهي جو ان کي فارسيءَ ۾ تصنيف ۽ تاليف لاءِ عروج جو زمانو چئي سگهجي ٿو. هن صديءَ جي شروع ۾ سنڌ اندر صوفين جو پهريون سوانحي تذڪرو "حديقه الاولياءَ" جي نالي سان سال 1016/1601 ڌاري سيد عبدالقادر مرتب ڪيو جنهن ۾ هن سنڌ جي ايڪيتالهن بزرگن جو احوال روايتي ۽ عقيدت واري انداز ۾ نثر ۽ نظم ۾ لکيو. هن اهو ڪتاب ٺٽي جي امير خسرو چرڪس جي نالي منسوب ڪيو جنهن جي سرپرستي کيس حاصل هئي.

سنڌ ۾ تصوف ۽ تذڪره نويسيءَ جي گڏيل موضوع تي پهرين اهم ۽ ضخيم تصنيف "رساله فتحيه" آهي جيڪو مخدوم نوح جي پوٽي مخدوم فتح محمد سال 1019 / 1610 ۾ مرتب ڪيو. جنهن ۾ هن تصوف جي ڪيترن بنيادي اصطلاحن جي تشريح نئين نموني ۾ ڪئي آهي. هڪ ٻئي باب ۾ مخدوم نوح جي سوانح ۽ ڪرامتن جو ٻه دل کولي ذڪر ڪيو اٿس. هو پاڻ فارسيءَ جو شاعر هو ۽ ڪيترا شعر پڻ موضوع جي مناسبت سان آندا اٿس.

سنڌ جي بزرگن ۽ مشائخن جي تذڪري جي لحاظ سان ٻيو اهم ڪتاب "گلزار ابرار" آهي جيڪو سنڌ کان ٻاهر گجرات جي شهر ماندو جي رهواسي محمد غوثي 1022/1613 ڌاري مرتب ڪيو جنهن ۾ هن سنڌ جي چاليهن کان وڌيڪ صوفي بزرگن جو احوال ڏنو آهي. وڏي ڳالهه ته هو

سنڌ مان هجرت ڪري ويل شيخ عيسيٰ جندالله پاڻائي جو وڏو عقيدت مند هو جنهن جو وڏ ۾ وڏ تفصيلي احوال قلمبند ڪيو اٿائين ۽ هن جي ڪيترين تصنيفن مان ڪيترا اقتباس حوالي طور ڏنا اٿس.

صوفي ادب ۾ ملفوظات جي روايت هڪ جداگانه اهميت رکي ٿي، يارهين صدي سنڌ ۾ هن سلسلي جي پهرين تصنيف "بيان العارفين وتنبيه الغافلين" جيڪا شاه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي ملفوظات آهي، سندس مريد محمد رضا شاه ڪريم جي وفات کان فقط ڇهه سال پوءِ 1038 ۾ لکي پوري ڪئي، جنهن ۾ شاهه ڪريم جي ڇيل ڇورانوي سنڌي بيتن کي پڻ محفوظ ڪيو ويو آهي. اهڙي طرح شاه ڪريم طرفان مختلف موقعن تي ٻڌل قاضي قادن جا ست بيت به محفوظ ٿي ويا. سنڌ جي عظيم صوفي شاعر شاه عبداللطيف جي فڪري اوسر ۾ "بيان العارفين" جي اهميت کي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي.

انهيءَ صدي اندر سنڌ جي تاريخي شهر ٺٽي جو رهاڪو ملا عبدالرشيد ٺٽوي پنهنجي علمي قابليت سبب شاهجهان بادشاه جي دربار ۾ پهتو هو اعليٰ پايي جو نثر نويس ۽ لغت دان هو. سندس تصنيفات ۾ منتخب اللغات، فرهنگ رشيدي ۽ معربات رشيدي شامل آهن. هن فرهنگ رشيدي 1046هه ۾ مرتب ڪئي ۽ پاڻ 1077هه ۾ آگره ۾ وفات ڪيائين. فرهنگ رشيدي پهريائين لکنو مان ۽ ڪجهه سال اڳ ايران مان شايع ٿيل آهي.

يارهين صديءَ ۾ سنڌ جي تاريخ تي پڻ ڪيترا ڪتاب لکيا ويا جن کي مختصر طور هن ريت بيان ڪري سگهجي ٿو.

(1) تاريخ معصومي	1009/1600ع
(2) بيگلارنامه	1017/1608ع
(3)تاريخ طاهري	1030/1602ع

(4)تاريخ مظهر شاهجهاني 1044/1635ع

(5)ترخان نامہ 1065/1646ع

تاريخي تذڪري، جي صنف ۾ "ذخيره الخوانين" جو ذڪر پڻ ضروري آهي جنهن جو مصنف شيخ فريد بڪري آهي جنهن جو تعلق بڪر سنڌ سان هو. هن سنڌ هنڌ جي ڪل 513 مشاهيرن ۽ تاريخي هستين جو احوال قلمبند ڪيو آهي ۽ ڪتاب سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي طرفان ڇپيل آهي. بيگلر نامہ جي مصنف اداڪي بيگلاري سنڌ جي نيم تاريخي داستان "ليلا چنيسر" جي نالي سان 1010هه ۾ چنيسر نامہ منظوم ڪيو. جنهن ۾ هن مولانا جامي جي يوسف زليخا ڪي تتبع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

شعرو شاعري جي ميدان ۾ مرزا غازي بيگ ترخان جو نالو سر فهرست آهي جيڪو پنهجي پيءُ ڪان پوءِ سنڌ جو حڪمران ٿيو. هو پاڻ شاعر هو ۽ شاعرن جو وڏو قدردان هو. هن سال 1021/1612 ۾ وفات ڪئي. هن دور جي ٻين شاعرن ۾ حاجي محمد رضائي پڻ آهي (وفات 1079/1668) جنهن سسئي پنهون جي قصي ڪي فارسي مثنوي "زيبا نگار" نالي سان منظوم ڪيو آهي. سنڌ جي وڏي تاريخ نہ بس مير علي شير قانع مقالات الشعراءِ ۾ هن دور جي ٻين ڪيترن شاعرن جو ذڪر ڪيو آهي.

هن دور جو آخري وڏو شاعر عبدالحڪيم عطا ٺٽوي هو جنهن جو هڪ وڏو ديوان ۽اٺ مثنويون 'هشت بهشت' موجود آهن جيڪي سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيل آهن. عطا پنهنجون اهي مثنويون فارسي زبان جي عظيم صوفي شاعرن سنائي، خاقاني، رومي، سعدي، ۽ جاميءَ جي تتبع تي چيون آهن. ڪي غزل حافظ جي طرز تي پڻ چيا اٿس. سندس غزلن ۾ ڪٿي ڪٿي تصوف جي چاشني موجود آهي. عطا وڏي ڄمار ۾ اٽڪل سئو سالن جي عمر ۾ 1114/هه ۾ وفات ڪئي. ديوان عطا جي

مرتب راشد برهانپوريءَ جي راءِ آهي تہ عطا قادري سلسلي سان انس رکندڙ هو.

اورنگزيب عالمگير جڏهن سنڌ ملتان جو صوبيدار هو تہ ٺٽي جو باشندو ابوالفتح قابل خان ننڍي عمر ۾ ئي پنهنجي قابليت سببان سندس مير منشي جي عهدي تي فائز ٿيو. قابل خان جو ڪارنامو آداب عالمگيريءَ ۾ شامل اهي شاهي خط آهن جيڪي هن اورنگزيب جي لاءِ لکيا. اهي خط پنهنجي جڳهہ تي فارسي زبان ۾ انشا پردازي ۽ زباندانيءَ جو اعليٰ مثال آهن. قابل خان اجا چاليهن سالن جو مس هو تہ اورنگزيب جي تخت نشين ٿيڻ کان ٻہ سال پوءِ طبيعت جي ناسازيءَ سبب ان عهدي کان الگ ٿي ويو. هن 1012هہ ۾ وفات ڪئي.

سنڌ هند ۾ شروع کان وٺي چشتي ۽ سهرودي سلسلا ڇانيل هئا، ۽ ڏهين صديءَ جي آخر ۾ مجدد الف ثاني جي بي مثال جرأت سبب نقشبندي سلسلو زور وٺڻ لڳو. ليڪن يارهين صديءَ ۾ سنڌ ۽ ان کان ٻاهر قادري سلسلو وڌيڪ ڦهلجڻ لڳو. مغل حڪمران جيڪي وچ ايشيا کان آيا هئا بابر کان وٺي نقشبندي سلسلي سان وابستہ هئا، پر شاهجهان جي دور ۾ قادري صوفين جو اثر رسوخ وڌڻ لڳو. يارهين صديءَ جي اوائل ۾ سيوهڻ جو باشندو ميان مير جيڪو قاضي قادن جو ڏوهٽو هو، سنڌ ڇڏي وڃي لاهور ۾ مقيم ٿيو، جتي وڏو نالو پيدا ڪيائين. هڪ دفعي جڏهن جهانگير لاهور ۾ هو تہ خاص طورگهرائي ساڻس ملاقات ڪئي. شاهجهان پاڻ ٻہ دفعا ميان مير وٽ حاضر ٿيو. ان وقت داراشڪوه سندس پٽ گڏ هو جيڪو اجا ڇوڪرو هو. اڳتي هلي دارا شڪوه ميان مير جي خليفي ملا شاه جي هٿ تي بيعت ڪري قادري طريقي ۾ شامل ٿيو ۽ پاڻ کي قادري لکڻ لڳو. سال 1052هہ ۾ جڏهن داراشڪوه جي عمر فقط 25 سال هئي تہ هن ميان مير جي سوانح 'سڪينتہ الاولياءَ' جي نالي سان مرتب ڪئي جنهن ۾

هو غير معمولي عقيدت جو اظهار ڪندي نظر اچي ٿو.

سنڌ هنڌ ۾ قادري سلسلي جي تعليمات جو سلسلو نائين يا پندرهين صديءَ جي آخر ۾ شروع ٿئي ٿو ۽ ڏهين توڙي يارهين صديءَ ۾ ان جو آغاز اتان ڪان ٿيو جتي غوث اعظم جي اولاد مان محمد غوث 1482ع ۾ اچي آباد ٿيو. اهڙيءَ طرح ساڳيءَ عرصي دوران هي سلسلو سنڌ کان ٻاهر پڻ عروج تي نظر اچي ٿو. خاص طور يارهين صديءَ ۾ ان جو ذڪر شيخ عبدالحق محدث دهلوي (وفات 1052/1642) کان سواءِ هرگز مڪمل نٿو ٿي سگهجي. شيخ عبدالحق اچ جي جيلاني خاندان جي بزرگ شيخ موسيٰ جي هٿ تي بيعت ڪري قادري سلسلي ۾ داخل ٿيو هو. شيخ موسيٰ جو سلسله نسب ٻارهين پيڙهيءَ ۾ غوث اعظم شيخ عبدالقادر جيلانيءَ سان ملي ٿو. شيخ عبدالحق کي غوث اعظم سان وڏي عقيدت هئي جنهن جو اظهار هن 'اخبارالاخيار' ۾ کلي ريت ڪيو آهي. ان کان علاوه غوث اعظم جي مشهور عربي تصنيف "فتوح الغيب" جي فارسيءَ ۾ زبردست شرح لکي ۽ غنيه الطالبين جو پڻ ترجمو ڪيائين. اهڙي ريت هن غوث اعظم جي سوانح 'بهجته الاسرار' جي تلخيص "زبده الاثار" نالي سان مرتب ڪئي. اهو انهيءَ عقيدت جو اثر هو جو دهليءَ ۾ سندس جاءِ 'خانقاهِ قادريه' جي نالي سان مشهور ٿي وئي.

سنڌ ۽ ملتان جي علائقي ۾ يارهين صدي اندر قادري فڪر کي عام ڪرڻ ۾ سلطان باهو (وفات 1102/1691) جو ذڪر ڪرڻ پڻ ضروري آهي. هو ويهارو کن ڪتابن جو مصنف ۽ شاعر آهي. سندس تصنيف ۾ 'اسرار قادري،' 'رساله روحي،' 'محڪ الفقرا،' 'عين العارفين' ۽ 'شمس العارفين' قابل ذڪر آهن. فارسيءَ ۽ پنجابيءَ ۾ شاعري جنهن ۾ لفظ "هو" جو تڪرار اچي ٿو سندس خاص سڃاڻپ آهي. ان ڪري سندس اصل نالي سلطان محمد جي بجاءِ سلطان باهو يعني "هو سان گڏ" زياده مشهور آهي.

هو پنهنجي تصنيفات ۾ ”هو“ کي الله جو اسم ذاتي قرار ڏئي ٿو. لطف الله قادري ۽ سندس فڪر ۾ ڪيترن نڪتن تي هم آهنگي ملي ٿي جنهن ۾ بظاهر قادي طريقي موجب ذڪر اذڪار ۽ وجودي سوچ شامل آهي.

لطف الله قادريءَ جو فڪر ۽ ان جا ماخذ

لطف الله قادري پنهنجي دور جو وڏي پايي جو عالم ۽ عارف، صوفي ۽ شاعر هو. هو جنهن دور ۾ پيدا ٿيو اهو سنڌ ۾ علم فضل جي حوالي سان وڏي اوج جو زمانو هو. جيئن هن ڪتاب جي شروعات ۾ هو پنهنجي هڪ ٻي تصنيف ”تحفته السالڪين“ پڻ نالو ڪٽي ٿو، جنهن لاءِ چوي ٿو ته اهو ڪتاب ”ڪافيه“ وانگر آهي ۽ ان جي مقابلي ۾ سنڌس هي تصنيف ”ميزان“ وانگر آهي. انهيءَ اشاري مان واضح ڪري ٿو ته تحفته السالڪين وڏيڪ مفصل ۽ دقيق تصنيف آهي. بهرحال اهو ڪتاب اڄ تائين دستياب ٿي نه سگهيو آهي.

”منهاجِ المعرفت“ جي شروعات ۾ لطف الله هن ڪتاب لکڻ جو خاص مقصد بيان ڪندي ٻڌائي ٿو ته جيتوڻيڪ انهيءَ موضوع تي ڪانئس اڳ ڪيتريون تصنيفون موجود آهن، پر اهي گهڻي ڀاڱي علمي انداز جون آهن ۽ سمجهڻ ۾ سوليون ناهن. انهيءَ ڪري کيس خيال آيو ته پنهنجي دور جي ضرورت مطابق انهيءَ موضوع تي ڪا سولي تصنيف هجي، جيڪا عام فهم هجي ته جيئن ان مان گهٽ علم وارا به فائدو وٺي سگهن. ڏٺووڃي ته مصنف هن سلسلي ۾ گهڻي ڪوشش ڪان ڪم وٺي تصوف تي هڪ سليس تصنيف ڇڏي ويو آهي جنهن ۾ هن خاص طور تصوف جي علمي ۽ مخصوص اصطلاحن کي گهٽ استعمال ڪيو آهي. اهڙي طرح سندس انداز بيان، ٻولي ۽ عبارت سادي آهي، بلڪ گهڻن هنڌن تي ورجاءَ کان ڪم ورتو اٿس.

مصنف جيئن تہ پاڻ تصوف جي عملي دنيا سان وابستہ هو تنهنڪري هن جو زور سلوڪ جي واٽ کي آسان طريقي سان سمجهائڻ ۽ ان واٽ ۾ ذڪر اذڪار ۽ خاص طور مرشد ۽ مريد جي تعلق جي اهميت کي واضح ڪرڻ هو. پهريان ٽي باب مريد جي خصلتن، عادتن ۽ مرشد کان فيض حاصل ڪرڻ بابت لکيا اٿس. اهوئي سبب آهي جو ڪتاب ۾ پڻ اڪثر هو اهڙو انداز اختيار ڪري ٿو جيڪو علمي هجڻ بدران عملي (Guide Book) وارو آهي. انهيءَ جي شاهدي هو هڪ کان وڌيڪ پيرا پنهنجي لاءِ هن فقير جو طريقي وار وارا الفاظ استعمال ڪرڻ سان ڏئي ٿو. بلڪ اها دعويٰ بہ ڪري ٿو تہ سندس اهو طريقو آزمايل ۽ موثر آهي ۽ اڳتي ڪري ٿو تہ اهو مستقبل ۾ وڏي مقبوليت ماڻيندو. اهڙي طرح هو ٻيون بہ ڪيتريون اهڙيون ڳالهيون ڪري ٿو جن مان سندس صوفي 'مجتهد' هئڻ جو گمان نڪري ٿو. وڏي ڳالهہ تہ هو چوي ٿو هر هڪ طريقي جي مشائخن وٽ منزلن جا الڳ طريقا آهن. پر سندس طريقو هڪ سئو چوراسي منزلن تي مشتمل آهي. ان جو سمورو تفصيل هن باب ويهين ۾ ڏنو آهي. ان کان اڳ هو پنهنجي طريقي کي وحدت وارو طريقو ڪوٺي ٿو.

سڀني صوفي سلسلن ۾ ذڪرالله کي خاص اهميت آهي ۽ سڀني جا پنهنجا طور طريقا آهن. مثال طور قادري طريقي جو ذڪر نقشبنديہ کان مختلف آهي. اهڙي طرح سهروردين ۽ چشتين جي ذڪر جو پنهنجو طريقو آهي. لطف الله وٽ جيتوڻيڪ ذڪر جو بنيادي طريقو قادرين وارو آهي پر هو ساڳئي وقت وسيع نقطئہ نظر اختيار ڪري ٿو جڏهن هو سڀني عبادتن کي ذڪر جي صورت قرار ڏئي ٿو ۽ ذڪر جي فضيلت کي نهايت واضح طور باب يارهين، ٻارهين، تيرهين، ۽ چوڏهين ۾ بيان ڪري ٿو. گويا ڪتاب جو وڏو حصو ذڪر جي فضيلت ۽ طريقن بابت آهي.

اهڙي طرح باب ائين ۾ جتي هو ان ڳالهہ تي بحث ڪري ٿو تہ مرشد

۾ کھڙيون خوبيون هجڻ گهرجن ۽ کهڙي قسم جي ظاهري تعليم ۽ روحاني تربيت مان گذريو هجي اتي هو ان حقيقت تي بار بار زور ڏئي ٿو ته سالڪ کي مرشديءَ جي مسند ڪڏهن به چاليهن سالن کان اڳ نه سنڀالڻ گهرجي. هڪ مثالي مرشد طور هو حسن بصري، جنيد بغدادي، ابو عبدالله مغربي، ذوالنون مصري، بايزيد بسطامي،ابوالحسن نوري،شيخ عبدالقادر جيلاني ۽ شيخ شهاب الدين سهرورديءَ جا نالا ڪٽي ٿو. پر ساڳئي وقت هو ان ڳالهه تي به زور ڏئي ٿو ته ڪي پير دين جا ڌاڙيل ۽ چور به آهن جنهنڪري اها شناس هجڻ ضروري آهي، چوته ٻي صورت ۾ هدايت جي بجاءِ گمراهي ڦهلجڻ جو وڏيڪ انديشو آهي. اهو سڄو بحث باب ڇهين ۾ ڪري ٿو جتي هو فقيرن يعني الله وارن جي سڃاڻپ تي زور ڏي ٿو. هو پنهجي علم ۽ تجربي جي آڌار تي انهن جي ايڪويهين ٽولن ۾ شناخت ڪري ٿو. انهن مان صرف هڪڙي کي صحيح ۽ باقي، ويهن کي گمراه قرار ڏئي ٿو. سندس چوڻ آهي ته اهڙا ڪوڙا سالڪ ئي دراصل صوفين ۽ سندن تعليمات کي بدنام ڪري رهيا آهن جن جو سچن ۽ صحيح صوفين سان پري جو واسطو به ناهي.

هتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته صوفين جي لبادي ۾ غير صوفي جيڪي اصل ۽ صحيح قسم جي صوفين کي بدنام ڪرڻ جو باعث ٿيا آهن، تاريخي طور هر دور ۾ موجود رهيا آهن. اهوئي سبب آهي جو پنجين صديءَ ۾ لکيل ’ڪشف المحجوب‘ توڙي ”رسالہ قشيريه“ ۾ نقلي صوفين جي مذمت ڪيل آهي ۽ انهن کان بچڻ لاءِ چيو ويو آهي. اهڙي طرح ستين صديءَ ۾ شيخ شهاب الدين سهروردي پنهنجي مشهور تصنيف ”عوارف المعارف“ ۾ پڻ ان تي بحث ڪيو آهي. گويا هر دور ۾ پنهنجي جڳهه تي اهو هڪ مسئلو رهيو آهي. معلوم ٿئي ٿو ته لطف الله جي زماني ۾ پڻ اهو مسئلو ايتري حد تائين عوام ۾ ڦهليل هو جو ڪيس هڪ پورو باب ان لاءِ

وقف ڪرڻو پيو.

لطف الله جي هن تصنيف منجهان سندس وسيع مطالعي، علمي ذوق، تحقيقي انداز فڪر ۽ تصوف ۾ سندس مجتهدانه نقطئه نظر جو بخوبي اندازو ٿئي ٿو. هن جي آڏو اسلامي تصوف جو پورو پس منظر موجود هو جنهن مان هن پوري ريت استفادو ڪيو آهي ۽ هن سلسلي ۾ هو قادري نسبت جي لحاظ سان غوث اعظم شيخ عبدالقادر جيلاني جي فڪر ڪان وڌ ۾ وڌ متاثر نظر اچي ٿو. ائين چئي سگهجي ٿو ته غوث اعظم جون مشهور تصنيفون "فتوح الغيب" ۽ "فتح الرباني" هر وقت سندس آڏو هيون. ان ڪان سواءِ هو "فيوضات ربانيه" يا "الهامات غوث" مان تمام گهڻو مستفيض لڳي ٿو. ايتري قدر جو ان منجهان هو عربي زبان ۾ پورا پنج اقتباس ڏئي ٿو جيڪي ٽئين ۽ چوٿين باب ۾ آيل آهن. غوث اعظم ڏانهن منسوب، اهو هڪ مختصر رسالو آهي تنهنڪري اسان اهو سمورو هن ڪتاب جي آخر ۾ عربي متن ۽ سنڌي ترجمي سان گڏ ڏيئي، رهيا آهيون. لطف الله انهن الهامات کان ايترو متاثر آهي، جو انهن اقتباسن کان علاوه هو پنهنجي سنڌي بيتن ۾ جيڪي سنڌي سنڌي ڪلام ۾ شامل آهن، منهاج المعرفت جي ڪجهه بيتن ۾ پڻ انهن الهامات منجهان ڪي عبارتون ۽ محاورا ڪتب آڻي ٿو.

مثال طور الهامات ۾ هڪڙي عبارت، هن ريت آهي.

ثم قال لي يا غوث الاعظم قل لا صحابک واحبابک من اراد منکم جنابي فعليه باختيارالفقر ثم فقرالفقر. فاذا تم الفقر فلا ثم (هم) الا انا.

لطف الله هي متين عبارت ۾ "فقرالفقر" ۽ "فلاهم الا انا" جهڙين عبارتن کي ڏسو ته منهاج المعرفت حي سنڌي بيتن ۾ ڪيئن ڪتب آندو آهي.

فقر فاقو جن، ’فقر الفقر‘ جن ٿئو
تن کي نہ رهئو ڪيترو وڇان وچ وئو
”فلاهم الا انا“ ڏسي حالِ اهو
پسو ان کهو، سڏا حضور حق سين

ساڳئي باب جي آخر ۾ وري هي بيت آهي.

چيائون ”الله“ هاديءَ جو حق
اوءِ پاڻان وئا پيڙا، ٿين ذات مطلق
”فلاهم الا انا“ ات نڪو شبهہ نہ شڪ
حاصل جني حق، سي واصل ٿيا وصال سين

الهامات غوث ۾ هيءَ عبارت پڻ ملي ٿي.

فقلت وما علم العلم. قال علم العلم هو الجهل عن العلم.

ترجمو: مون پڇيو علم جو علم ڇا آهي؟ جواب آيو تہ علم جو علم آهي علم کان اڻڄاڻائي.

منهاج جي باب ۾ هيٺيون بيت ڏسو تہ ان الهام سان ڪيتري نہ مناسبت رکي ٿو.

ٻجهي ٽيئن اٻوجهہ، ڇاڻ وڃائي پانهنجو
هوئين جي سوجهہ، تہ ٻجهہ ۾ ٻڙي جيترو

جيئن مٿي شروع وارن بيتن مان ظاهر ٿيندو تہ لطف الله قادريءَ جي فڪر ۾ ”فقر“ ۽ ”فنا“ کي خاص اهميت آهي ۽ اها ساڳي ڳالهہ شيخ عبدالقادر جيلاني جي فڪر سان لاڳو آهي بلڪ ان مان ررتل آهي. فقر تصوف ۾ اعليٰ مقام آهي ۽ هن مقام تي پهتل دنيا جي هر شيءِ کان بي

نياز ٿي پوندا آهن ۽ ڪين الله تعاليٰ کان سواءِ ٻي ڪنهن شيءِ جي حاجت نہ رهندي آهي. فنا جو مطلب آهي تہ جڏهن انسان پنهنجي بشري ڪمزورين کان خالي يا پاڪ صاف ٿي وڃي. هجويري ”ڪشف المحجوب“ ۾ ۽ غوث اعظم ”فتوح الغيب“ ۾ تصوف جي جامع تعريف ڪندي چون ٿا تہ تصوف اٺن خصلتن جو نالو آهي. سخاوت حضرت ابراهيم ع جي، قضا تي رضا حضرت اسحاق ع جي، صبر حضرت ايوب ع جو، فرياد حضرت زڪريا ع جي، غربت ۽ مسڪيني حضرت يحيٰ ع جي، لباس اوني حضرت موسيٰ ع جو، سير حضرت عيسيٰ ع جو ۽ فقر حضرت محمد ﷺ جن جو. گويا فقر انهن سڀني ۾ تڪميلي حيثيت رکي ٿو. فقر جو مطلب آهي تہ خدا کان سواءِ ٻي هر ڪنهن شيءِ جي محتاجي کان پري ٿيڻ. ”الفقر فخري“ حديث کي بہ صوفي انهيءَ خاص مفهوم ۾ ڏسن ٿا. ۽ ان کي ايترو وسيع ڪن ٿا جو پوري تصوف کي ان ۾ سمائي ڇڏين ٿا. انهيءَ ڪري فقر جي تڪميل ۽ تحصيل کي الله جي وصول برابر سمجهن ٿا ۽ ”اذاتم الفقر فهو الله“ کي شاهديءَ طور پيش ڪن ٿا. تصوف ۾ فقير اهو آهي جيڪو پاڻ وڃائي چڪو آهي يعني پنهنجي ذات کي فنا ڪري، چڪو آهي ۽ وٽس ڪجهہ ناهي، تنهنڪري وٽس خدا آهي. هتي غوث اعظم جي تہ نيف ’فتح الربانيءَ‘ مان صرف هڪ اقتباس پيش ڪجي ٿو.

”اي، صاحبزاده. جيڪڏهن تون غني ۽ فقير جي وچ ۾ جڏهن هو تو وٽ اچن. فرق نہ سمجهيو تہ تون ڇوٽڪارو نہ لهندين. انهن صابر فقيرن جي عزت ڪر ۽ برڪت حاصل ڪر. انهن سان ملاقات ڪر ۽ انهن وٽ ويهہ.بيشڪ نبي سائين جن فرمايو آهي تہ ”صبر ڪندڙ فقير قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ سان گڏ ويٺل هوندا. اڄ اهي پنهنجي دلين جي رستي الله وٽ حاضر آهن سڀاڻي پنهنجي جسم سوڌو اتي ويٺل هوندا. ڇوتہ هنن جي دلين هن دنيا ۾ زهد اختيار

ڪيو ۽ ان جي سينگارڪان منهن موڙيو. هنن فقر ڪي غنا تي ترجيح ڏني ۽ ان تي ڄميا رهيا. جڏهن سندن اها حالت پوري ٿي تہ آخرت وٽان انهن کي سنيهو مليو جنهن (ڪنوار وانگر) پاڻ کي هنن وٽ پيش ڪيو. ان جي ملڻ کان پوءِ هنن کي خبر پئي تہ اها بہ خدا جو غير آهي. تنهنڪري ان کي بہ ڇڏي ڏنائون ۽ پنهنجي دلين کي ان کان موڙي ڇڏيائون. تڏهن ڪين حق تعاليٰ جو حياءُ ٿيو ۽ هنن پڇتايو تہ اهي سندس غير سان ڇو مشغول آهن ۽ ان وٽ ڇو ترسيا آهن. پوءِ هنن اها محبت ۽ پنهنجي عملن ۽ نيڪين کي ڇڏي وري پنهنجي مولا ڏي رجوع ڪيو. ائين هو پنهنجي سچائي جي قوت سان ڏانهنس پرواز ڪرڻ لڳا. هو پنهنجي پنجري کان ٻاهر آيا بلڪ پنهنجي وجود کان ٻاهر نڪري پنهنجي خلقڻهار ڏانهن وڌڻ لڳا. هنن پنهنجي رفيق اعليٰ کي ڳولهي ورتو جيڪو اول بہ آهي تہ آخر بہ آهي، ظاهر بہ آهي تہ باطن بہ آهي.“

فتح الربانيءَ جي پهرين خطبي ۾ وري هيئن فرمائن ٿا.

’هنن جي ننڊ غلبي کان سواءِ ناهي. هنن جو کاڌو بک آهي. هو ضرورت کان سواءِ ڳالهائن ڪونہ ٿا. گونگو يعني نہ ڳالهائڻ سندن عادت آهي. صرف تقدير خداوندي انهن کي ڳالهرائي ٿي. الله جو فعل ئي هنن کي سڏي ٿو ۽ انهن جي چپن کي هن دنيا ۾ چوري ٿو. بلڪل ائين جيئن سڀاڻي قيامت جي ڏينهن عضوا ڳالهائيندا چوتہ تڏهن اهو پالڻهار ئي انهن کي ڳالهرائيندو جيئن پٿر کي ڳالهائڻ جي سگهہ ملي هجي.‘

هڪ هنڌ فتح الرباني جي ملفوظات ۾ وري هينئن آيل آهي:

”جيڪو فقر ۽ فقيرن سان محبت رکڻ کان سواءِ حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن سان محبت جي دعويٰ ڪري ٿو اهو ڪوڙو آهي.

ملفوظات ۾ آهي تہ هڪ دفعي ڪنهن صوفي کين چٽي لُکي ڪا شيءِ گهري تہ پاڻ رنج ٿي چيائون:

’صوفي مخلوق کان پالهو هوندو آهي. مخلوق تي سندس نظر نہ هوندي آهي، صوفيءَ کان ٻيا گهرندا آهن، پر هو ڪنهن کان نہ گهرندو آهي.‘

مقدمو

هڪ ڀئي شخص سوال ڪيو تہ ڀلا جڏهن چتين لڳل گودڙي ڦاٽي پوي تہ پوءِ ڇا ڪري. چيائون خدا جي مرضيءَ تي صبر ڪري ويهي رهي. تانجہ انهيءَ ڦاٽل ٽڪري جي حساب سان ڪيس قدرت حاصل ٿئي يا ڪو ٻيو شخص ان جاءِ تي اوتري ضرورت مطابق چتي لڳائي.

فقيرن لاءِ اهو بہ فرمايو اٿن تہ هو خدا کان نہ دنيا گهرن ٿا نہ آخرت. بلڪہ هو سندس ذات جا طالبو آهن.

صوفي فڪر جي تاريخ ۾ غوث، قطب ابدال جو نظريو عام آهي پر اهو شيخ عبدالقادر جيلاني جي تقريرن ۽ مقالن ۾ نهايت شدو مد سان ملي ٿو. هڪ هنڌ هو چوي ٿو تہ. '**اي نادان، نبوت ۽ رسالت ختم ٿي چڪي آهي پر ولايت، غوثيت ۽ ابداليت ختم نہ ٿي آهي.**' فتح الرباني جي مقالي ٻارهين ۾ آهي تہ ابدالن کي ابدال ان ڪري چيو ويو آهي جو هنن پنهنجي ارادي ۽ اختيارکي الله جي ارادي ۽ اختيار سان بدلائي ڇڏيو آهي. گويا هو الله تعاليٰ جي ارادي جي آڏو پنهنجو ڪو ارادو نٿا رکن ۽ اهڙي طرح هن جي اختيار جي آڏو پنهنجو ڪو اختيار نٿا رکن. اهي هميشہ غائب رهن ٿا خلق کان، پر حاضر آهن خدا تعاليٰ وٽ. هو شريعت جي ڪا پڇڪڙي نٿا ڪن. چوتہ فرض عبادتن جو ترڪ ڪرڻ زنديقي آهي ۽ منع ڪيل شين کان نہ رڪجڻ نافرماني آهي. بيشڪ فرض ڪنهن بہ حالت ۾ ساقط ڪونہ ٿا ٿين.'

ابدالن جي باري ۾ اهو ساڳيو نظريو "فتوح الغيب" ۾ بہ ملي ٿو. شيخ عبدالحق دهلوي ان جي شرح ۾ لکي ٿو تہ ابدال اولياءَ جي هڪ گروهہ جو نالو آهي ۽ اهي اوليائن کان مٿين درجي ۾ آهن. ابدال لاءِ وري قطب جي حاضري لازمي آهي، لڪ قطب جا احڪام مخلوق ۾ اهي جاري ڪن ٿا. انهن کي "قطب ابدال" چئجي ٿو جڏهن تہ انهن جي مقابلي ۾ ٻيا وري قطب ارشاد آهن جن جي ذمي علم الاهي جي تعليم کي ڦهلائڻ آهي.

پر اهو ممڪن آهي ته ڪنهن زماني ۾ قطب ابدال ۽ قطب ارشاد ساڳيو شخص هجي. غوث اعظم جي شخصيت ۾ ٻئي درجا موجود هئا. جنهن جو اظهار "قصيده غوثيه" ۾ هيئن ڪيو اٿس.

درست العلم حتيٰ سرت قطبا
ونلت السعد من مولي الموالي

ترجمو: مون اهڙو علم حاصل ڪيو جنهن سان آئون قطب (جي درجي تي فائز) ٿي ويس. اها سعادت مون کي مولا جي مهربانيءَ سان ملي آهي.

قصيده غوثيه کي صوفي ادب ۾ اهم مقام حاصل آهي جنهن ۾ شيخ عبدالقادر جيلاني پاڻ کي قطب جي درجي تي فائز ڏنو آهي. سنڌ ۾ غوث جيلاني جي باري ۾ انهيءَ قسم جو جيڪو ٻيو ادب تخليق ٿيو آهي ان کي سمجهڻ لاءِ هن قصيدي کي آڏو رکڻ ضروري آهي. تيرهين صديءَ جي آخر ۾ فقير قادر بخش بيدل (وفات 1289/1872) 'رموز القادري' نالي سان قصيده غوثيه جي فارسيءَ ۾ نهايت عمدي منظوم شرح لکي آهي. انهيءَ مناسبت سان هن قصيده جو مڪمل متن ترجمي سان ضميمي جي صورت ۾ هن ڪتاب جي آخر ۾ ڏنو ويو آهي.

قطب جي لاءِ فتح الربانيءَ جي ملفوظات ۾ غوث اعظم جو قول آهي:

> جيڪڏهن هو قطب آهي ته پوءِ دنيا وارن جي سيني اعمالن بابت نه رڳو ان کي خبر پوي ٿي بلڪ انهن جي تقسيم ۽ نتيجي بابت به هن کي ڄاڻ ملي ٿي. اهڙو قطب الاهي خزانن جي اسرارن کان به واقف ٿئي ٿو ته دنيا جي ڪا ڀلائي ۽ برائي به ڪانئس ڳجهي نٿي رهي. هو پنهنجي ملڪ ۾ يگانو هوندو آهي. پر ساڳئي وقت نبين ۽ رسولن جو نائب ۽ مملڪت جو امين پڻ هوندو آهي. هن کي ئي زماني جو قطب

چئبو آهي.

هڪ ٻئي هنڌ اها وضاحت پڻ ملي ٿي ته ڪل چاليهه ابدال ست غوث ۽ ٽي قطب آهن. اهڙي طرح نقيب النقباءَ ۽ نجبا جو ذڪر پڻ ملي ٿو.

فتوح الغيب جي مقالي ستين ۾ ابدالن ۽ قطبن جي باري ۾ هن طرح روشني وڌل آهي:

'ان مرحلي تي تنهنجي باري ۾ سڀ ڳالهيون درست ثابت ٿينديون ۽ خلق خدا جو چوڻ صحيح نڪرندو. تڏهن تون 'ڪبريت احمر' يعني ڳاڙهو گندرف (پارس) بڻجي پوندين ۽ ڪو به تنهنجي اصل مرتبي کان واقف نه هوندو. تون تڏهن اڪيلن ۾ اڪيلو، ڪلن ۾ لڪل (غيب الغيب) ۽ ڳجهن ۾ ڳجهو (سراسر) هوندين. ان وقت تون سڀني رسولن، نبي، ۽ صديقين جو وارث هوندين ۽ توتي ولايت ختم ٿيندي ۽ ابدال توڏانهن رجوع ڪندا.'

مقالي اٺين ۾ اولياءَ ۽ ابدال جي تفريق ڪندي غوث اعظم فرمائن ٿا "فالاحوال للاولياءَ والمقامات لابدال" يعني احوال اوليائن لاءِ آهن ۽ مقامات ابدالن لاءِ آهن. احوال هيٺ مٿي يا ڦرندا گهرندا رهن ٿا پر مقامات دائمي يا هميشه رهڻ وارا آهن.

فتح الربانيءَ جي مجلس ٻاويهين ۾ وري هيءَ سمجهاڻي ڏنل آهي.

ثم ينقتل من الايمان الي الايقان. ثم تاتيه الولايت ابدليت ثم الغوثيت وربما اتت في آخر احواله القطبيته.

ترجمو: پوءِ هن جو درجو ايمان مان وڌي ايقان تائين پهچي ٿو. ان کان پوءِ ابدالن جي ولايت ۾ پهچي ٿو. ان کان اڳتي غوثيت آهي ۽ گهڻو ڪري سڀني حالتن جي آخر ۾ قطبيت اچي ٿي.

هن مهل تائين ڏنل حوالن مان اها حقيقت چڱي ريت واضح ٿئي ٿي ته قطب، غوث ۽ ابدال جو تصور شيخ عبدالقادر جيلانيءَ جي تحريرن ۾ نهايت واضح طور موجود آهي ۽ اهوئي تصور لطف الله جي موجوده ڪتاب

۽ خاص طور ان جي آخري باب ۾ ملي ٿو جتي هو بلڪل آخر ۾ دائري جي صورت ۾ نقشو ڪڍي ان جي سمجهاڻي ڏئي ٿو.

تصوف جي تاريخ ۾ مرشد ۽ مريد جو تعلق بنيادي اهميت وارو موضوع رهيو آهي. انهيءَ اهميت جي پيش نظر 'منهاج المعرفت' جي پهرين ٽن بابن ۾ هن موضوع ني تفصيلي بحث ٿيل آهي. سڀ کان پهرين اهو ٻڌايو ويو آهي تہ مرشد جي باري ۾ مريد جي لاءِ ڪهڙا لوازمات آهن سمجهاڻيءَ خاطر انهن جو ڳاڻيٽو ٽيٽيهہ مقرر ڪيو ويو آهي. مرشد ۽ مريد جي باري ۾ گهڻي ڀاڱي اهڙو مواد شيخ عبدالقادر جيلانيءَ جي ڪتاب غنيتہ الطالبين ۽ شيخ شهاب الدين سهرورديءَ جي مشهور تصنيف 'عوارف المعارف' ۾ ملي ٿو. لطف الله جو چوڻ آهي تہ مريد جو مثال ٻيڙيءَ وانگر آهي ۽ مرشد ان ٻيڙيءَ جو ناکئو نگهبان آهي. ليڪن اهو هن جي قسمت جو مالڪ ناهي يعني مرشد مريد جي تقدير بدلائي نٿو سگهي. بلڪ هو اهو بہ چوي ٿو تہ هدايت مرشد جي هٿ ۾ ناهي البتہ اهو هدايت جو ذريعو ٿي سگهي ٿو.

قادري فڪر جي مذڪور بنيادي سرچشمن کان علاوه لطف الله فارسي شاعريءَ جي وڏي صوفي شاعر فريدالدين عطار جي خوشہ چيني ڪندي نظر اچي ٿو. اهو عطار ئي هو جنهن وڏي شدومد سان پنهنجي تصنيف "مصيبت نامہ" جو پورو موضوع مرشد ۽ ر جي روشن ضميريءَ کي بنايو آهي، جنهن ۾ هو ڏيکاري ٿو تہ هڪ سالڪ پنهنجي روحاني درد جي درمان خاطر عالم اعليٰ کان سفر جو آغاز ڪري ٿو جتي سندس پهرين ملاقات جبرئيل ملائڪ سان ٿئي ٿي. سالڪ، جبرئيل کان خدا جي ذات تائين پهچڻ لاءِ رهنمائي طلب ڪري ٿو. ليڪن جبرئيل ان کان معذوري ظاهر ڪري ٿو. ان کان پوءِ هو ٻين مقرب ملائڪن ميڪائيل، اسرافيل، عزرائيل ۽ ٻي آسماني مخلوق عرش لوح، قلم، بهشت، دوزخ، سج، چنڊ

باھہ، ھوا، پاڻي، مٽي، جمادات، نباتات، حيوان، جنات وغيره ڪرسي ڏانھن رجوع ڪري ٿو پر اھي بہ سندس ڪا رھنمائي نٿا ڪن. ھر مرحلي تي سالڪ جڏھن نا اميد ٿئي ٿو تہ پنھنجي پير ڏانھن رجوع ڪري ٿو جيڪو کيس برابر اڳتي وڌڻ جي تلقين ڪري ٿو. ائين سالڪ اناويھہ منزلون طي ڪري ٿو پر ڪٿي بہ کيس رھنمائي نصيب نٿي ٿئي ليڪن سندس پير اڳتي وڌڻ جي تلقين ڪندو رھي ٿو.

اوڻٽيھين مرحلي تي سالڪ بني نوع انسان يعني پيغمبرن جي منزل ۾ داخل ٿئي ٿو. جتي ھو مختلف انبياءَ سان ملاقي ٿئي ٿو جن ۾ حضرت آدم، حضرت نوح، حضرت ابراھيم وٽ پھچي ٿو. حضرت موسيٰ، حضرت دائود، حضرت عيسيٰ، جيڪي کيس حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي حضور ۾ پھچڻ لاءِ ڏس ڏين ٿا جيڪا پنجٽيھين منزل آھي. سالڪ جڏھن اتي پھچي ٿو تہ پاڻ ڪريم جن کيس ھدايت ڪن ٿا تہ پنھنجي ھستي کي ڇڏي فقر ۽ فنا جي واٽ وٺ. عطار جي لفظن ۾ حس، خيال، عقل، دل ۽ جان جي پنجن وادين کي مرشد جي رھنمائي ۾ طي ڪر. انھيءَ سفر کي عطار سير انفسي سڏي ٿو ۽ اناويھين منزل تائين اھو سير انفسي ئي آھي جتي سالڪ کي ھر شيءِ ظاھر توڙي باطن سڀ وحدت جي رنگ ۾ نظر اچن ٿا ۽ ھو پاڻ کي حقيقي ٻانھو سمجھڻ لڳي ٿو. اھڙيءَ طرح انھن پنجن منزلن کي پورو ڪرڻ سان سالڪ آخري چاليھين منزل يعني روح وٽ پھچي ٿو. اتي ھو پاڻ کي وحدت جي رنگ ۾ ڏسي ٿو جتي کيس ظاھر ۽ باطن سڀ ھڪ نظر اچن ٿا. دراصل اتي پھچڻ سان سير آفاقيءَ جو خاتمو ٿئي ٿو ۽ اڳتي سير انفسي جو آغاز ٿئي ٿو جنھن جي ڪا انتھا ناھي. عطار ان کي ٻين مختلف نالن سان پڻ ياد ڪيو آھي جنھن کي بقا بعد الفنا يا قرب نوافل ڪوٺيو آھي. يعني جڏھن ٻانھي جو عمل خدا جي عمل موافق ٿي پوي ٿو يا جڏھن ٻانھي جي مرضي خدا جي مرضيءَ ۾ ضم ٿي پوي ٿي.

"مصيبت نامہ" بابت ايتري ديگھہ ڪرڻ جو اھو سبب آھي تہ 'منھاج

المعرفت' ۾ وڏ ۾ وڏ فارسي شعر ان مان ورتل آهن. خاص طور پير مرشد جي ڪيميا اثر نگاه ۽ ان جي رهنمائي بابت هيٺيان شعر هڪ ڪان وڌيڪ پيرا آيل آهن.

پير ره ڪبريت احمر آمدست
سينهٔ او بحر اخضر آمدست
راه دور است و پر آفت اي پسر
راه رو را مي ببايد راهبر

ان ڪان علاوه ٻيا ڪيترا شعر آهن جن جي نشاندهي حاشين ۾ ڪئي وئي آهي. عطارڪان پوءِ فارسي زبان جي پهرين صوفي شاعر سنائي جا پڻ ڪيترا شعر ملن ٿا. اهڙي طرح سعدي ۽ حافظ جا بہ ڪيترا شعر آهن. البتہ روميءَ جي هڪ اڌ شعر ڪان وڌيڪ نہ آهن. ليڪن ڪجهہ فارسي شعر اهڙا آهن جن جي نشاندهي نہ ٿي سگهي آهي. مطلب تہ منهاج المعرفت ۾ لطف الله فارسي شاعريءَ جي صوفيانہ روايت مان گهڻي حد تائين مستفيد نظر اچي ٿو.

لطف الله جي شاعري ۽ عرفان

سنڌي زبان جي اوائلي شاعري تصوف تي مبني آهي يا ائين چئجي تہ اوائلي سنڌي شاعريءَ جو بنيادي محرڪ تصوف آهي. ٻين لفظن ۾ صوفي ئي سنڌي شاعريءَ جا معمار آهن.

انهيءَ پس منظر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۾ قاضي قادن (وفات 1551) کي پهريون صوفي شاعر تسليم ڪيو ويو آهي جنهن جو ثبوت سندس اهي ست بيت آهن جيڪي شاه عبدالڪريم جهڙي وڏي درويش ۽ صوفي شاعر پنهنجي محفلن ۾ پاڻ پڙهيا. ائين اهي بيت "بيان العارفين"

مقدمو

۾ هن جي پنهنجي سنڌي بيتن سان گڏ محفوظ رهجي ويا. قاضي قادن بنيادي طور مذهبي عالم ۽ فقيه هو ۽ ان ڪري وقت جي حڪمرانن طرفان قاضي مقرر ٿيل هو. بيان العارفين جي روايت موجب قاضي قادن جي هڪ دفعي اوچتو ملاقات ڪنهن خدا واري بزرگ سان ٿي جنهن سندس زندگيءَ ۾ روحاني انقلاب آڻي ڇڏيو. انهيءَ سموري روحاني واردات کي قاضي قادن هڪ بيت ۾ هن طرح بيان ڪيو آهي.

جوڳيءَ جاڳا يوس، ستو هوس ننڊ ۾
تهان پوءِ ٿيوس، سنڌي پريان پيچري

مطلب تہ آئون غفلت جي ننڊ ۾ هيس تہ اوچتو مون کي هڪ جوڳي يعني روحاني بزرگ اچي خبردار ڪيو ۽ تنهن کان پوءِ آئون سلوڪ يا محبوب واري واٽ تي آهيان. اهڙي طرح ڏسجي تہ سنڌ جي صوفيانہ شاعريءَ ۾ جوڳيءَ کي روحاني رهبر ۽ مرشد جي استعاري طور استعمال ڪرڻ جو سهرو قاضي قادن جي سر تي آهي. قاضي قادن وحدت الوجود يا وجودي فڪر جو حامي هو، جنهن جو اظهار سندس انهن ستن بيتن يا پوءِ مليل شاعريءَ مان چڱي ريت ٿئي ٿو. جيئن متي ذڪر تي چڪو تہ شاه ڪريم قاضي قادن جي بيتن ۽ فڪر کان چڱي طرح واقف هو پر هن پنهنجي بيتن ۾ ڪٿي بہ جوڳيءَ جو اصطلاح استعمال نہ ڪيو آهي. شاه ڪريم وري سنڌ جي نيم تاريخي داستانن ليلا، مارئي، سهڻي ۽ سسئي جي حوالي سان ڪي بيت چيا آهن، پر انهن مان ڪي اهڙا بہ آهن جن ۾ تصوف جا خالص علمي اصطلاح ڪم آندل آهن. مثال طور هڪ بيت ۾ تجريد ۽ تفريد جهڙن اصطلاحن کي استعمال ڪري ٿو.

جي تجريدان نڱئا، پيئا ۾ تفريد
هن ڪڏهن ٿئي، هن ڏهاڙي عيد

اهڙي طرح هڪ ٻئي بيت ۾ سڌو سنئون صوفي لفظ جو استعمال ڪري ان جي بنيادي اخلاق ۽ ڪردارڪي هن ريت واضح ڪري ٿو.

قرب ڪبرياءَ ماءَ ملاقي نہ ٿئي
پورو ايءَ پرياءُ، صوفيءَ جي صلاح ۾

هڪ تحقيقي اندازي موجب شاهه ڪريم کان فقط ٽيهہ سال پوءِ جڏهن لطف الله قادري انهيءَ ميدان ۾ قدم رکيو تہ سندس چوڌاري انهيءَ قسم جو ماحول هو. لطف الله قادري بنيادي طور عالم ۽ عارف هو تنهنڪري سندس شاعريءَ ۾ بہ اهوئي عالمانہ ۽ عارفانہ رنگ ڍنگ آهي. هن جي ذهن ۾ شاعريءَ کان وڌيڪ اهو مقصد هو جنهن لاءِ هن شاعريءَ کي ذريعي طور اختيار ڪيو. انهيءَ پس منظر ۾ هن پنهنجي شاعري جنهن جا ڪل 337 بيت مليا آهن، ستن موضوعن ۾ ورهايو آهي. پهرين ڀاڱي ۾ ذات باري تعاليٰ جي توحيد ۽ وحدت آهي. ٻئي ۾ سالڪن جي سلوڪ بابت سمجهاڻي ڏئي ٿو، ٽئين ۾ ذــــر جي ڇئن ڪلمن جو قادري سلسلي موجب بيان آهي، چوٿين ۾ وحدت ۽ موحدن بابت وجودي رنگ جي تشريح آهي، پنجين ۾ عاشقن ۽ حسن جي حقيقت بابت اظهار خيال ڪري ٿو. ڇهين ۾ دنيا جي ترڪ ڪرڻ ۽ فقر جي حقيقت بيان ٿيل آهي. ستين ۾ مرشد ۽ سالڪ يا جنهن کي هو جوڳين، ڪاپڙين، نانگن، آديسين، ويراڳين، ڪاهوڙين، سامين ۽ سنياسين جي روپ ۾ ڏسي ٿو انهن جي فنا ۽ بقا، مراقبي ۽ مشاهدي وارين حالتن جو نهايت اثرائتي انداز ۾ بيان ڪري ٿو

ڏٺو وڃي تہ مٿين ترتيب سان لطف الله پنهنجي شاعريءَ ۾ تصوف جي نهايت اهم ۽ بنيادي مسئلن کي هٿ ۾ ڪنيو آهي جنهن ۾ سڀ کان اول ذات باري جو وجود، ذات ۽ صفت، وحدت ۽ ڪثرت جو بحث شامل آهي. ان کان پوءِ سلوڪ ۽ معرفت سالڪ ۽ عارف، مرشد ۽ مريد جي تعلق

ڪي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي هڪ لحاظ کان ڏسجي ته لڳ ڀڳ اهي ساڳيا موضوع "منهاج المعرفت" ۾ پڻ زير بحث آهن. اهوئي سبب آهي جو منهاج المعرفت ۾ آندل ڪجهه سنڌي بيت ساڳيا رسالي ۾ به موجود آهن.

بهرحال لطف الله جي شاعريءَ مان محسوس ٿئي ٿو ته سندس مقصد شاعريءَ کان وڌيڪ تصوف جي ڳوڙهن مسئلن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ بيتن جي دلڪش روپ ۾ پيش ڪرڻ هو. انهيءَ ڪري هن جو انداز علمي ۽ فڪري آهي جنهن لاءِ هو قرآن شريف جون ڪيتريون آيتون، حديثون، صوفي عارفن ۽ بزرگن جا اقوال جنهن ۾خاص طرح شيخ عبدالقادر جيلاني، شيخ شهاب الدين سهروردي ۽ ابن عربي شامل آهن، سدا سنوان شاهديءَ طور تضمين ڪري بيتن ۾ آڻي ٿو. هن سلسلي ۾ سڀ کان وڌيڪ هو "الهامات غوث" کان متاثر آهي جنهن جا پنج اقتباس منهاج المعرفت ۾ حوالي طور ڏئي ٿو ۽ ان جا به فقرا بيتن ۾ تضمين طور "فقرالفقر" ۽ فلاهم الانا" پڻ آڻي ٿو.

اهڙي طرح سندس سنڌي ڪلام ۾ پڻ الهامات غوث منجهان هيٺيان پنج فقرا پنجن جدا بيتن ۾ ملن ٿيون.

(١) فناءِ ذاتک في الذات

(٢) يا دليل المتحيرين

(٣) ان لي عبادا سوي الانبياءِ والمرسلين

(٤) لاحجاب بيني و بينک

(٥) الا انا ولا انا غير.

پهريون بيت هن ريت آهي.

مقدمو

اوءِ سوجهيندا سپرين، پاتار پهون
ماڻيندا مان سِر، وجود ئي ويندون
’و فنا ذاتڪ في الذات‘ اهو ئي اهڃاڻون
مونڻ تا نہ ٿئون، وئا سي وحدت ۾

ٻيو بيت هن ريت آهي

اونهي ات عميق ۾، ٽپي ڏني جن
نہ سي اوري نہ پري، اوءِ منجهہ پاتار پرن
حاذق حيرت ۾ پئا، ڪين پروڙ ئو تن
’يا دليل المتحيرين‘ عقل موڙها ان
ات اڙئا عارف اين، پر پروڄهڻ ناهہ ڪا

ٽيون بيت هينئن آهي:

جني آه اوڙاهہ جي، وڃڻ سي وئا
وجودون ورتئو، اوءِ فنا فاني ٿئا
انّ لي عبادًا سوي الانبياءِ والمرسلين آهين سي ائا
ناهہ نهايت تن جي، هي جي وحدت سير وئا
سندا جني تڪيا، سي وڃي ڪنت ڪنز ٿئا.

چوٿون بيت هن ريت آهي:

نيئي رسائي ذات ڪي، الله اسم ذات
ات ڪٿ نہ اڇهي ڪيترو، وائي وڃي وات

’لاحجاب بيني وبينڪ‘، اي لڏائون ذات
عين جني ڪي ذات،محو مطلق سي ٿئا

پنجون بيت جنهن ۾ ’لاهوالا انا ولا انا غيره‘ آهي هن ريت آهي.

سوئي سلطان، شاهه سو، سوئي پيڙهي راءِ
سوئي حڪم هلائي عالم ۾، سوئي ڏيڪاريندڙ راهه
سوئي اٿياريندڙ، وهاري سوئي، سوئي سيريندڙ ساهه
’لاغيري ولا انا غيره‘ اي هي پر الاهه
روح رڳون ۾ ساهه، سڀ ڳالهه هيڪڙي

الهامات غوث ۾ هڪڙي عبارت هيئن آهي ’**خلقت الملائڪه من نورالانسان وخلقت الانسان من نوري**‘ يعني مون ملائڪن کي انسان جي نور مان خلقيو ۽ انسان کي وري پنهنجي نور مان خلقيو هڪ ٻي عبارت ۾ مشهور صوفي مقولو "**الانسان سري وانا سره**" آيل آهي. لطف الله انهن ٻنهي فقرن کي گڏي انسان لاءِ استعمال ڪيو آهي ۽ ان مان نئون مفهوم اخذ ڪيو آهي.

نور نوران نڱئو، سڀ پريان جي ذات
اي پيهي پروڙج ڳالهڙي، نڪو ڏينهن نہ رات
’يا نورنوري و ياسر سري‘، اي له لطيفان لات
ات وائي ڪر م وات، پيهي پروڙج ڳالهڙي

هڪ ٻي روايت موجب ’يا نورنوري ويا سر سري‘ جو خطاب رسول الله ﷺ ڏانهن آهي.

مقدمو

جيستائين وجودي فڪر جو تعلق آهي تہ گھٽ حد تائين لطف الله الهامات غوث منجهان ئي رهنمائي وٺي ٿو .مثال طور هڪ الهام جي عبارت آهي.

ياغوث الاعظم. ما اکل الانسان شيئا وما شرب وما قام وما قعد وما نطق وما صمت وما فعل وما توجه لشي وماغاب عن شيءِ الا انا فيه ساکنه ومتحرکه.

يعني اي غوث اعظم. انسان ڪا شيءِ نٿو ڪائي، نٿو پٽي نٿو بيهي، نٿو ويهي، نٿو ڳالهائي، نٿو خاموش رهي، نٿو ڪوئي ڪم ڪري نہ ڪنهن ڏانهن متوجہ ٿئي نہ ڪنهن شيءِ کان پري ٿئي، مگر ان ۾ آئون هوندو آهيان. ڪيس بيهاريندو آهيان ۽ چوريندو آهيان.

هاڻي لطف الله جي هيٺين بيت تي ٿورو غور ڪريو.

سوئي ساقي، سوئي سرو، سوئي جانشين، سو جام
سوئي پياري، سو پئي، سوئي مست مدام
سوئي وهاري، سو وهي، سوئي ڪري سلام
سوئي ڳائيندڙ ڳاءِ سو، سوئي ڪهي ڪلام
سيوئي سو تمام، پري ري ڪي نہ پسجي.

هن مهل تائين اسان الهامات غوث منجهان صرف اهي فقرا حوالي طور آندا آهن جيڪي سڌو سنئون لطف الله پنهنجي شاعري ۾ ڪتب آندا آهن. هونئن سندس ڪيترن بيتن جي پس منظر ۾ الهامات ۾ سمايل فڪر جي جهلڪ ڏسي سگهجي ٿي. انهيءَ ڪري اسان "الهامات غوث" جو مڪمل متن ۽ ترجمو آخر ۾ ضميمو الف طور شامل ڪيو آهي.

الهامات غوث کان پوءِ شيخ عبدالقادر جيلاني جي ٻن مشهور ۽

معروف تصنيفن "فتح الرباني" ۽ "فتوح الغيب" جو اثر پڻ لطف الله جي فڪر تي واضح نظر اچي ٿو. هن سلسلي ۾ هي آيتون ۽ مقولا جيڪي فتح الرباني ۾ بار بار اچن ٿا اهي لطف الله پنهنجي بيتن ۾ تضمين ڪري آندا آهن.

(١)هوالاول والاخروالظاهر والباطن
(٢)ومايعلم تاويله الاالله
(٣)يريدون وجه الله
(٤)من عرف الله كل لسانه
(٥)يا دليل المتحيرين دلني

هاڻي اچو ته فتح الربانيءَ مان چند اقتباس نظر مان ڪڍون.

(i) مافي هاذه الطريق انا ولانحن الا انت انت. هوالاول والاخروالظاهرالباطن.

معنيٰ هن واٽ ۾ تون ۽ مان نه آهي بلڪ تون ئي تون آهي. بيشڪ اهوئي اول ۽ آخر آهي ته ظاهر ۽ باطن آهي.

(2) المومن لا لباس له ولا طعام له ولا نكاح له ولا سرورله ولا امن له ولا قرارله.

معنيٰ: اهي خاص ايمان وارا اهڙا آهن جن جو نه لباس آهي نه طعام نه نڪاح نه لذت نه آرام، نه قرار.

(3) تنفرد عن الكل لامع الخلق ولا مع الدنيا ولا مع الاخريٰ تصير من الذين يريدون وجهه.

معنيٰ: هر شيءِ کان الڳ ٿي، نه خلق سان گڏثيءَ نه دنيا سان، نه آخرت سان. بلڪ انهن مان ٿيءُ جيڪي هن جي ديدار جا طالب آهن.

(4) القوم لاليل ولا لھم ولانھارا...... من عرف الله كل لسانه.

انھن جي لاءِ نہ رات آهي نہ ڏينھن ھنن جو ڪاڏو بيمارن وارو آهي (ٿورو ڪائن ٿا) ھنن جي ننڊ پنڪي آهي. ھنن جي گفتگو صرف ضرورت واري آهي. جيڪو الله جو عارف بڻجي ٿو ان جي زبان بند ٿي وڃي ٿي. البتہ جڏھن خدا گھري ٿو تہ نئين طرح اختيار ڪن ٿا. پوءِ ھو ڳالھائن ٿا بغير وسيلي ۽ مھلت ۽ ترتيب جي ۽ علت جي. تڏھن ھنن جي آڳرۦ زبان ۾ فرق نہ ھوندو آهي. ان وقت نہ ڪو پردو رھندو آهي نہ حجاب ۽ نہ ڪا بندش. نہ ڪوئي دروازو نہ ڪو دربان، نہ اجازت ۽ نڪي ان جي گھرج، نہ مقرري ۽ نہ عليحدگي، نہ شيطان نہ ڪو سلطان يعني نڪو گمراھ ڪرڻ وارو نہ ڪي مالڪي ڪرڻ وارو.

(5) الصوفي لايكون بخيلا ......

صوفي ڪڏھن بہ بخيل ٿي نٿو سگھي ڇوتہ ھن وٽ ڪجھ بچيل ھوندو ئي نہ آهي جو ان ڪي سانڍي، ھو تہ سڀ ڪجھ ڇڏي ڏيڻ وارو ھوندو آهي، جيڪڏھن ڪا شيءِ وٺندو آهي تہ اھا ھٿئي ڪي ڏيڻ لاءِ، ھن جو قلب موجودات ۽ مڙني شڪلين ڪان پاڪ صاف ھوندو آهي. مطلب تہ صوفيءَ جون سڀ شيون جڏھن ھين جون ٿي ڇڪيون ھونديون آھن تہ پوءِ ھو ڇا تي بخل ڪندو. ھن جو نہ ڪو دوست آهي نہ ڪو دشمن،ھن ڪي پنھنجي تعريف يا برائي ٻڌڻ جو اونو نہ ھوندو آهي. ھو ڪابہ مھرباني ياروڪ، ڪو نفعو يا نقصان، الله ڪان سواءِ ٻي ڪنھن ڪان نہ سمجھندو آهي. ھو نہ زنده رھڻ تي خوش ھوندو آهي ۽ نہ مرڻ تي غمگين. ھن جي زندگي خدا جي خوشنودي ۾ آهي ۽ موت ھن جي ناراضگي ۾ آهي. ھن جي وحشت جلوت ۾ آهي ۽ محبت خلوت ۾ آهي. مالڪ جي ياد ھن جو ڪاڏو آهي ۽ ھن جو پيئڻ سندس محبت آهي.

(6) اھرب الله انقطع اليه عريانا بلا انت وغيرك.

پنهنجي مالڪ ڏانهن ڊوڙپاءِ. سڀ رشتا ٽوڙي نانگو ٿيءُ. پنهنجو پاڻ توڙي ٻين سيني کان الڳ ٿيءُ.

(7) وانفرد بمولاڪ عزوجل عريانا من حيث قلبڪ بلادنيا والاخره ولاتقبل عليه الا مجردا مما سواه.

پاڻ کي پنهنجي مولا لاءِ اڪيلو ڪر ۽ دنيا آخرت کي ڇڏي نانگن واري حيثيت اختيار ڪر. ماسوا کي هرگز قبول نہ ڪر بلڪ صرف اها ذات.

هڪ نظر فتوح الغيب تي پڻ وجهڻ گهرجي جنهن ۾ اهڙي قسم جا خيالات ملن ٿا. مثال طور مقالي ٽئين ۾ هي الفاظ آهن.

فلا يري الا فعل الحق عزوجل فيصير موقنا موحدا ضرورة فيقطع ان لا فاعل علي الحقيقه الاالله.

پوءِ هو خدا جي حڪم کان سواءِ ڪجهہ نہ ڏسي تڏهن هو ضرور يقين ڪرڻ لڳي ٿو ۽ موحد بڻجي پوي ٿو ۽ ٻي هر ڳالهہ کي ڇڏي اهو سمجهڻ لڳي ٿو تہ واقعي يعني حقيقت ۾ الله کان سواءِ ٻيو ڪوئي فاعل يا حڪم هلائڻ وارو ناهي.

هاڻي لطف الله جي هيٺين چند بيتن تي غور ڪريو تہ صاف معلوم ٿيندو تہ سندس ذهن جي فڪري افق تي غوث اعظم جو ڪيڏو نہ اثر ڇانيل هو.

وٺا نانگا نڪري، نانگا نانگائي
جيڪي نانگا ٿئا، لهندس پڻ سيئي
يريدون وجه الله، اي سندي ويراڳين وائي
آديسين اهائي، آهي سڌ سبحان جي

☆☆☆

نانگا نسورا ٿيا، ڇني سڳ سين
ڪو جو پهه پٺو ڪاپڙين، تنهن ٻيون ڏنائون ٻن

اوءِ نيهه نسوري سبحان جي، تاڻيو توڙ وڃن
سي پاٽَهي ۾ پرچن، منجهه مشاهدي گڏيا

☆☆☆

نہ گدا نہ گبري، نڪين سڪ سمهن
ان اله آديسين، اچي رهئو روح ۾

☆☆☆

اوءِ هلي تنه هنڌ وئا، ڪونهي جت ڪلام
هوالاول والاخر والظاهر والباطن، ات نڪو خاص نہ عام
هي جي محو مطلق مدام، عقل وياچ م ان سين

☆☆☆

پورپائون پري مٺي، وه پئا وڃن
تتهين ڪئائون تڪيا، عاقل جت منجهن
ات هٿ نہ رسي حاذقين، نڪين سي ڪڇن
من عرف الله ڪل لسانه، اي اهڃ آهي ان
توءِ نہ ڇاتو تن، ڪنه ڪمال پريءَ جو.

لطف الله جي شاعري ۽ فڪر تي شيخ اڪبر ابن عربيءَ جو پڻ واضح اثر موجود آهي. ايتري قدر جو ابن عربيءَ جي مشهور مقولي،

سبحان من اظهرالاشياءَ وهو عينها، يعني پاڪ آهي اها ذات جنهن شين کي ظاهر ڪيو ۽ پاڻ انهن جو عين آهي، جي هڪ بيت ۾ هن ريت تضمين ڪري ٿو.

هيءَ نه ٻڙو ناهه ڪو، شڪ سيوئي لاهه
جا تو دوئي پانئي، سا هڏهين ناهه
سبحان من اظهرالاشياءَ وهو عينها دوس دل هين ۾ راهه
ات هنذ حِڪايت ناهه، حيرت جيهي ڳالهڙي

ابن عربي جي سيني وڏن شارحن انهيءَ فقري کي ابن عربيءَ جي عينيت جي فڪر جو ما حصل قرار ڏنو آهي جنهن جو بظاهر مطلب آهي ته ابن عربي خدا ۽ ڪائنات يا موجودات جي وچ ۾ عينيت جو قائل آهي.

هتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته اهو فقرو سنڌ جي صوفي ادب ۾ سيد ڪان پهريائين شاه ڪريم جي ملفوظات "بيان العارفين" ۾ ملي ٿو.

لطف الله هڪ ٻئي سنڌي بيت ۾ عينيت جي باري ۾ سمجهاڻي ڏيندي چوي ٿو:

ٿئا جر جي ذات، جي جر منجهان ئي نڳئا
عقل وياچ م ان سين، هي جي منجهه منجهائين وئا
اوءِ عينوئي عين ٿئا، نڪو اسم نه جسم ڪو.

اڳتي وڌڻ کان پهرين هتي ضروري آهي ته ابن عربيءَ جي انهيءَ خاص فڪر عينيت يا جنهن کي عام طور وجودي فڪر چيو وڃي ٿو ان جي ڪجهه سمجهاڻي ڏجي. ابن عربي ۽ سندس ٻين هم خيال صوفين جو بنيادي نظريو آهي ته وجود ياهستي هڪ آهي ۽ اها هستي يا وجود ذات

خداوندي آهي. سندس غير، عدم آهي ۽ عدم ناپيد آهي يعني اهو آهي ئي ڪونہ. هو چون ٿا تہ عدم مان عدم ئي پيدا ٿيندو يعني ڪجهہ نہ مان ڪجهہ پيدا نٿو ٿي سگهي. بلڪ وجود يا هستيءَ منجهان ئي ڪجهہ پيدا ٿي سگهي ٿو. انهيءَ ڪري اها ذات واجب الوجود آهي يا ان جي ذات کي وجوب (Necessity) آهي. ان صورت ۾ بنيادي سوال هي ٿو پيدا ٿئي تہ پوءِ هي ڪائنات يا موجودات ڇا آهي ۽ ان جو ذات باري يا ان اصل وجود يا هستيءَ سان ڪهڙو تعلق يا نسبت آهي. ان سوال جو جواب هو هن ريت ڏين ٿا تہ وجود جا ڇهہ مرتبا آهن. پهريان ٽي مرتبا هن ريت آهن احديت، وحدت ۽ واحديت انهن ٽنهي کي ذات الاهي جا مرتبا ڪوٺين ٿا. ٻيا ٽي مرتبا وري هن ريت آهن روح، مثال ۽ جسم ۽ انهن ٽنهي کي امڪاني مرتبا يا ڪوني مرتبا چون ٿا. انهن ڇهن مرتبن کان پوءِ ستين مرتبي ۾ انسان آهي جنهن کي جامع مرتبي جو نالو ڏنو ويو آهي.

احديت يا پهريون مرتبو ذات باري جو اهو مرتبو آهي جيڪو انسان جي هر قسم جي سوچ ۽ سمجهہ کان مٿي آهي. انهيءَ کي ذات محض يا ذات بحت بہ چون ٿا. يعني جتي ذات هر قسم جي تعلق ۽ تقيد کان آجي آهي. انهيءَ کي اطلاقيت جو مرتبو بہ چون ٿا. انهيءَ جا ٻيا نالا لاتعين، غيب مطلب يا باطن پڻ آهن. ڪي وري ان کي هويت جو نالو بہ ڏين ٿا ۽ ڪي بي چون ۽ بي رنگيءَ جا اصطلاح استعمال ڪن ٿا.

ٻئي مرتبي کي تعين اول يا تجلي اول ۽ وحدت چون ٿا. اتي ذات باريءَ لاءِ اجمالي علم جو اثبات ڪن ٿا جنهن ۾ سندس سڀ شئونات (Predispositions) شامل آهن. ان جو سولو مثال وڻ يا ٻوٽي جو اهو ٻج آهي جنهن ۾ وڻ يا سڀ شيون يا سادن لفظن ۾ قابليتون ۽ صلاحيتون موجود آهن ۽ ان مان مراد پن، ٽاريون، گل ۽ ميوو وغيره سڀ شامل آهن. ٻين لفظن ۾ اهو درجو جڏهن حق تعاليٰ لاءِ ذات ۽ صفات ۾ موجودات جو

اجمالي علم جو اثبات ڪجي. ڪي صوفي انَ جي سمجهاڻي "انا ولا غيري" يعني مان ئي آهيان ۽ مون کان سواءِ ٻيو ڪير موجود ناهي جهڙن الفاظن ۾ پڻ پيش ڪن ٿا. مشهور حديث: **ڪنت ڪنزا فاحببت ان اعرف فخلقت الخلق.** يعني آئون لڪل خزانو هوس پوءِ مون گهريو تہ آئون سڃاتو وڃان تہ مون مخلوق کي پيدا ڪيو. ۾ پڻ انهيءَ درجي يا مرتبي ڏانهن اشارو آهي.

ٻيون مرتبو يا درجو واحديت يا تعين ثاني جو آهي ۽ ان مان مراد آهي تہ جڏهن سالڪ ذات باري جوان لحاظ سان تصور ڪري تہ ان جو علم تفصيلي آهي ۽ ان مان مراد ذات، اسماءِ ۽ صفات آهن. ان ۾ شين جو امتياز شامل آهي. ابن عربي وري هن درجي لاءِ "اعيان ثابتہ" جو اصطلاح استعمال ڪري ٿو تہ ڪي وري ان کي 'حقيقت انساني' بہ ڪوٺين ٿا.

هتي هيءَ ڳالهہ قابل توجه آهي تہ اهي ٽئي مرتبا غيب جا آهن يعني فقط علمي يا اعتباري آهن اهي خارجي طور موجود ناهن. اهي فقط سمجهاڻي خاطر آهن. انهيءَ ڪري صوفي باربار ذات خداونديءَ لاءِ چوندا آهن "الآن ڪما ڪان" يعني اها ذات هينئر بہ ائين آهي جيئن ازل ۾ هئي يا ٻين لفظن ۾ اها ذات ازل کان ائين آهي جيئن هينئر آهي ۽ اڳتي ابد تائين ائين هوندي.

صوفي ادب ۾ انهن ٽنهي الاهي مرتبن لاءِ ٻيا اصطلاح جيڪي استعمال ٿيا آهن. اهي هي آهن: احديت کي هاهوت بہ ڪوٺيو ويو آهي. هاهوت لفظ "هو" مان نڪتل آهي. اهڙي طرح وحدت کي "لاهوت" سڏين ٿا. لاهوت لفظ جو مادو اله آهي. ساڳي ريت "واحديت" کي "جبروت" جو نالو ڏين ٿا. جبروت لفظ جو مادو "جبر" آهي جنهن جي معنيٰ غلبو آهي. تصوف جي ڪتابن ۾ انهن ٽنهي مرتبن جي سمجهاڻي هڪ دائري جي شڪل ۾ ڏنل آهي جنهن جو مٿيون اڌ گول، احديت ڏي اشارو ڪري ٿو تہ

هيٺيون اڌ گول، واحديت جي نشاندهي ڪري ٿو. وحدت انهيءَ دائري جو وچون قطر چئي سگهجي ٿو جيڪو دائري جي ٻنهي اڌ حصن کي پاڻ ۾ ملائي بہ ٿو تہ جدا بہ ڪري ڏيکاري ٿو. صوفين وٽ ان جو ٻيو نالو حقيقت محمدي آهي.

مٿي ڄاڻايل ٽنهي الاهي مرتبن يا درجن کان بعد صوفي ٻين ٽن امڪاني مرتبن جا بہ قائل آهن جنهن کي هو عالم ارواح، عالم غيب يا ملڪوت، ٻئي کي عالم مثال ۽ ٽئين کي عالم ناسوت يا عالم اجسام يا عالم شهادت چون ٿا. آخر ۾ هو انسان کي انهن پنجن مرتبن جو جامع مظهر قرار ڏين ٿا. ياد رهي تہ صوفي ذات يا احديت جي اول مرتبي کي نزول يا هر قسم جي نسبت کان بالاتر سمجهن ٿا. انهيءَ ڪري هنن جي حساب ۾ جيتوڻيڪ ستين مرتبي ۾ انسان آهي پر اهو نزول جي ڳڻپ ۾ ڇهون آهي. ائين هو نزول جا ڇهہ درجا ڄاڻن ٿا ۽ انسان کي ان جي تڪميل جو مظهر سمجهن ٿا. مشهور حديث "**ان الله خلق آدم عليٰ صورته**" يعني بيشڪ الله انسان کي پنهنجو مظهر ڪري پيدا ڪيو آهي ۾ اهو فڪر سمايل آهي ۽ اهائي ان جي سمجهاڻي آهي.

ابن عربيءَ جي وڏي شارح مولانا جاميءَ پنهنجي مشهور تصنيف "لوائح" ۾ مراتب جي سمجهاڻي کان پوءِ ان ڳالهہ تي زور ڏئي ٿو تہ اها تفريق هر حال ۾ مد نظر رکڻ کپي ۽ هڪ مرتبي جون صفتون ٻئي مرتبي سان ملائڻ نہ کپن ورنہ عقيدي ۾ بگاڙ اچي ويندو. چوي ٿو:

هر مرتبہ از وجود حڪمي دارد
گر فرق مراتب نہ ڪني زنديقي

يعني وجود جو هر مرتبو هڪ خاص حڪم رکي ٿو، جيڪڏهن تو اهو لحاظ نہ رکيو تہ پوءِ تون زنديق ٿي پوندين.

مقدمو

هن هيڏي ساري پس منظر ڏيڻ جو مطلب هو تہ لطف الله قادريءَ جي اهڙن بيتن کي سمجهي سگهجي جن ۾ اهي تصور يا اصطلاح استعمال ڪيا ويا آهن. مثلا هو احديت جي بجاءِ ذات بحت جو اصطلاح هڪ ڪان وڌيڪ ڀيرا آڻي ٿو.

جي پيهي سا پروڙيين، جا عشق آهي پت
تہ هوند پسين ڪين پريءَ ري منجهي وجي مت
ٿئي سڀ ذات بحت، نہ وجود نہ سجود ڪو

هڪ ٻئي بيت ۾ وري مطلق لفظ استعمال ڪري ٿو جيڪو پڻ احديت جي مرتبي لاءِ ڪم ايندو آهي.

نڪي اوري نہ پري، نڪي وچ، نہ پاند
پرينءَ پاڻهين پاڻ سين، هئڻ ۾ هيڪاند
نڪو وچ نہ ويساند، مڙوئي مطلق سو

يا هي بيت ڏسو

جا تو دوئي ڀانئي، ايءَ مڙوئي مطلق
سي پسن ڪين پريءَ ري، حاصل جني حق
جني سمجهئو اي سبق، تن ڪين ڏٺو ڪي ٻئو

وحدت جي مرتبي بابت پڻ هڪ ڪان وڌيڪ بيتن ۾ اهو اصطلاح آندو اٿس.

سوئي محب، محبوب سو، سائي سا محبت
پسي ڪين پريءَ ري، سيوئي وحدت
سدا سي ثابت، پيهي جن پروڙئو

مقدمو

هڪ ٻيو بيت ڏسو:

سوئي پاڙهي، پڙهي سو، سوئي ڏئي سبق
سي پسن ڪين پريءَ ري، سڀ سيوئي حق
جني وارئو وحدت ورق، تنين ڪين ڏنو ڪي ٻئو

هڪ بيت ۾ وري "وحدت" ۽ "ذات بحت" ٻنهي جي گڏيل سمجهاڻي هن ريت ڏئي ٿو.

ثابت ٿئا سبحان سين، لنگهي "لا" وئا
اوءِ ڪن دائم دور وحدت جو، هلي حيرت پئا
تن وئو "پاڻ" وڃاءَ محو ٿي، سي صفت صانع ٿئا
وادي تنه رهئا، جت ري ذات بحت ناه ڪين.

اهڙي طرح هن بيت ۾ "واحديت" يعني ٽئين مرتبي جو ذڪر ملي ٿو.

واحدت سڀ وجود ۾ هيڪا هيڪ پسن
اوءِ ٻئايان ٻهار ٿئا دعوي دم نہ ڪن
سي منجهہ حيرت رهن، "ڪين" ڪيائون تڪيو.

جيتوڻيڪ اڪثر ڪري لطف الله جو انداز بيان علمي ۽ مخصوص اصطلاحن سان پر آهي، پر ڪن بيتن ۾ هو عام انداز جون تشبيهون ڏئي احديت ۽ ذات بحتؒ يا ذات مطلق، وحدت ۽ واحديت جهڙن ڏکين موضوعن کي نهايت سولي انداز ۾ نباهي ٿو. مثلا

جي ذات گڏي ذات کي تہ لهي نہ سگهي ڪوءِ
سوئي پاڻي کوهرين، سوئي سمندين هوءِ
سوئي وهي واهڙين، سوئي دريائن پوءِ
آهہ مڙوئي هيڪڙو، جي پروڙي ڪوءِ

ٻئي بيت ۾ وري پاڻي ۾ حباب يعني جر ۾ ڦوڻي جو مثال ڏئي ٿو.

پاڻهين پاڻ رهيو سو، وئا سيئي شڪ
تہ ماڙهو، نہ مرون ڪي، نڪي رهيا ملڪ
ڦوڻا سپ ڦسي وئا، لٿي وچان لڪ
سو سيڪڙو ساسڪ، ڳالھ مڙوئي هيڪڙي

جيئن هن مهل تائين معلوم ٿي چڪو تہ لطف الله وجودي فڪر جو وڏو حامي آهي. هو ابن عربيءَ جي وجودي توڙي عينيت واري نظريي جي پڻ مڪمل تائيد ڪندي نظر اچي ٿو، جنهن جا اشارا سندس ڪيترن بيتن مان ملن ٿا جتي هو مختلف اصطلاح ۽ تشبيهون ڪم آڻي ٿو. اڳتي وڌڻ کان پهرين اهو ضروري آهي تہ عينيت جو خاص مفهوم پڻ واضح ڪيو وڃي. صوفين وٽ ان جو مطلب هڪ شيءِ جو ٻي شيءِ ڏانهن وجود جي لحاظ کان احتياج آهي، جڏهن تہ اها ٻي ساڳي شيءِ پهرين ڏانهن محتاج ناهي. ان جي سمجهاڻي لاءِ صوفين وٽ آئيني جو مثال نهايت عام آهي ۽ اهو واقعي سمجهڻ ۾ بہ سولو آهي. مثلا آئيني جي بنيادي خاصيت اها آهي تہ ان ۾ انسان جيڪو پنهنجو عڪس ڏسي ٿو اهو هڪ لحاظ سان ان شخص جو عين بہ آهي تہ غير بہ آهي. عين ان ڪري چئبو ڇاڪاڻ تہ جڏهن اهو شخص آئيني جي اڳيان هٽي ويندو تہ آئيني ۾ ڪجھ نظر نہ ايندو. غيران ڪري چئبو ڇاڪاڻ تہ اصل شخص پنهنجي جاءِ تي قائم رهي ٿو ۽ عڪس جي ڪري ان ۾ ڪا ڦير گهير نٿي اچي. پر اها بہ حقيقت آهي تہ اهو عڪس ٻئي لحاظ کان نہ عين آهي نہ غير. عين انهيءَ ڪري نٿو چئي سگهجي ڇوتہ آئيني جي ڀڃي پوڻ سان انهيءَ عڪس واري اصل شخص تي ڪو اثر نٿو پوي. غير انهيءَ ڪري نٿو چئي سگهجي ڇوتہ آئيني جي

اڳيان انهيءَ شخص جي هئڻ سان عڪس جو وجود نٿو رهي ۽ اهو غائب ٿي ويندو آهي. پر جيستائين شخص موجود آهي تہ عڪس بہ موجود آهي. پر جيئن اهو هٽي ٿو تہ عڪس بہ ختم ٿي وڃي ٿو. انهيءَ لحاظ کان چئي سگهبو تہ اهو شخص تہ عڪس جو عين (Essence) آهي پر عڪس پنهنجي وجود يا صورت يا ظهور جي لاءِ ان شخص جو محتاج آهي، ان ڪري اهو صرف مظهر (Form) جي حيثيت رکي ٿو.

ابن عربيءَ کي پڻ آئيني جي تشبيهہ گهڻو پسند آهي. هو چوي ٿو تہ هي ڪائنات ئي اهو آئينو آهي جنهن ۾ خدا پنهنجي صفتن جو عيني مشاهدو ڪري ٿو. ليڪن انهيءَ ۾ وري انسان جيڪو پاڻ حق جو آئينو آهي، ان جي خصوصي حيثيت آهي تہ منجهس اسما جي تجلي آهي ۽ باقي ڪائنات ۾ صفتن جي تجلي آهي. هو ائين بہ چوي ٿو تہ هيءَ ڪائنات انسان کان سواءِ هڪ اهڙي آئيني وانگر هئي جنهن ۾ ڪا چمڪ نہ هئي بلڪ اها بي جان هئي، تنهنڪري هو انسان کي هن ڪائنات جو روح پڻ قرار ڏئي ٿو.

ابن عربيءَ جي وڏي شارح مولانا جاميءَ ڏاڍي دلنشين انداز ۾ اهو بحث پنهنجي مشهور تصنيف 'لوائح' ۾ ڪيو آهي جتي هو چوي ٿو.

عالم پيش از ظهور عين حق بود، حق بعد از ظهور عين عالم يعني هي عالم يا ڪائنات ظهور کان اڳ عين حق هو ۽ وري حق ظهور کان بعد عين عالم.

هن جو وڏو دليل اهو آهي تہ جيڪڏهن ڪائنات کي حق جو غير سمجهبو تہ حق تعاليٰ محدود ٿي ويندو يعني هو ڪائنات ۾ نہ آهي پر ان کان ٻاهر آهي. ظاهر آهي تہ حق تعاليٰ کي محدود ڪڏهن بہ نٿو چئي سگهجي. عينيت جو اهو تصور يا مفهوم آهي جنهن جي پيش نظر مولانا جامي اهو نتيجو قائم ڪري ٿو تہ آئينو ۽ ان ۾ نظر ايندڙ محبوب جو

عڪس ٿئي ھڪ آھن يا انھن ۾ عينيت آھي.

گويند دل آئينہ آئين عجب است
در وي رخ شاهدان خود بين عجب است
در آئينہ روئي شاهدان عجب نيست
خود شاهد و خود آئينہ اين عجب است

معنيٰ: چون ٿا تہ آئينو عجب شيءِ آھي ڇوتہ ان ۾ پاڻ کي ڏسندڙ محبوب پنھنجو چھرو ڏسي ٿو. ليڪن آئيني ۾ محبوب جو چھرو ڏسڻ ڪا عجب ڳالھ ناھي عجب اھو آھي تہ پاڻ محبوب پاڻ آئينو آھي.

عينيت جي انھيءَ پس منظر ۾ ابن عربيءَ جي مقولي "**سبحان من اظهر الاشياء وهو عينها**" يعني پاڪ آھي اھا ذات جنھن پاڻ کي شين ۾ ظاھر ڪيو ۽ پاڻ انھن جو عين آھي، ڪي نھايت سولائيءَ سان سمجھي سگھجي ٿو.

عينت جي اثبات ۾ لطف الله جا گھڻيءَ ۾ گھڻا بيت ملن ٿا. مثلا ھو چوي ٿو:

نڪو عرش نہ ڪرسي، نڪو ڏينھ نہ رات
نڪو اسم نہ جسم ڪو، نڪا طلب نہ تات
نڪو قال نہ قيل ڪي، نڪا وائي وات
سڀ ھيڪڙي ذات، ٻيائي ٻڙو ناھ ڪي

عينيت جي ثبوت خاطر ھو ھر قسم جي مشاھدي کي بيان ڪري ان مان اھو نتيجو اخذ ڪرڻ گھري ٿو. ھن سلسلي ۾ ھو سوئي، جھڙا الفاظ عاميانہ ۽ عام فھم ياعاميانہ سطح جا مثال ڏئي ٿو. مثلا ھو چوي ٿو تہ بادشاھ ڪير آھي، عاشق ڪير آھي عادل، قاضي مفتي، ھادي، ساٿي

مقدمو

سونهون، مالڪ، ملڪ ڪير آهي؟

سوئي مالڪ، ملڪ سو، سوئي سو فرمان
سوئي ڏيندڙ، ڏسندڙ سو، سوئي سو عنان
پاڻهين آهي پاڻ سو، پاڻهين پاڻ بيان
سڀ سيوئي سبحان، پسي ڪين پريءَ ري

اهڙي طرح هر صورت ۾ عينيت جي اثبات کان پوءِ هو غيريت جي نفي تي پڻ زور ڏئي ٿو. جيئن هن بيت جي پهرين سٽ ۾ واضح ڪري ٿو.

غير هڏهين ناهه ڪين، هيڪڙو ئي پاڻ

هڪ ٻئي بيت جي شروع ۾ آهي.

پسي ڪين پري ري، غير سيوئي وئو

وري ان جي آخري سٽ آهي

وڃان غير وئو، پريءَ ري ڪي نه پسجي

هڪ لحاظ کان ڏسجي تہ عينيت ۽ غيريت جو بحث خالق ۽ مخلوق، وحدت ۽ ڪثرت، تنزيهه ۽ تشبيهہ، مطلق ۽ مقيد، وجود ۽ شهود، قديم ۽ حادث بلڪ دراصل ذات ۽ صفات، واجب ۽ ممڪن جو بحث پڻ آهي. لطف الله جي شاعريءَ ۾ اهي سڀ موضوع ڪنهن نہ ڪنهن ريت بحث هيٺ آيل آهن.البتہ هو ڪوشش ڪري ٿو جيئن انهن خاص علمي اصطلاحن کان پاسو ڪري، تاهم ذات ۽ صفات جهڙي موضوع بابت هو شاعري توڙي منهاج ۾ ٻنهي هنڌن تي روشني وجهي ٿو.

”صفت“ ذاتئان نڱئي، ۽ پڻ صفتان ”ذات“
جئي ”ذات“ صفت ڪي، جم رراهين وات

اي ڳجهي آهي ڳالهڙي، پردي اندر پهات
”انا من نورالله“ نڪوات ڏينه نہ رات
سائي مسلماني ذات، سائي ڪافري هيڪڙي

منهاج المعرفت ۾ پورو هڪ باب ان مسئلي لاءِ وقف ڪري ٿو ۽ آخر ۾ سموري بحث کي هن بيت ۾ سموهي ٿو.

اصولي صفاتين الله جي، سڻجا گهڻا پار
نہ اوءِ عين ذات سي، نہ سي ذاتيان ڌار
قديم قادر سين، آهين اهي پار
هي جي نرتا نور نبار، پينا سي پاڪ پرمل ۾

اصل مسئلي طرف اچڻ کان اڳ بنيادي اصطلاحن ذات، صفت ۽ اسم کي سمجهڻ ضروري آهي. اسمُ، ذات ۽ صفات جي مجموعي کي چئجي ٿو. صفت اهو لفظ جيڪو موصوف جي حالت بيان ڪري. مثلا قدرت صفت آهي ۽ الله ذات يا موصوف آهي، ان ڪري قدير يا قادر اسم آهي.ان ڪري چئبو تہ قادر الله جو هڪ اسم آهي ۽ قدرت سندس صفت آهي يا ان صفت سان هو موصوف آهي. اهڙيءَ طرح خدا جون صفتون لامحدود آهن ليڪن حيات، علم، قدرت، ارادو، سماعت، بصارت، ۽ ڪلام جي ستن صفتن کي بنيادي يا اصولي صفتون ڪوٺجي ٿو ۽ انهن جا اسم هي آهن، حي، عليم قادر، مريد، سميع، بصير ۽ ڪليم. انهن کي اسماءَ بہ چئجي ٿو جيڪو اسم جو جمع آهي. اسم اها شيءِ جنهن سان صفت قائم ٿئي يا جنهن کان سواءِ صفت جو تصور نہ ڪري سگهجي.

هاڻي اچو تہ ڏسون تہ ذات ڇا آهي؟ اها شيءِ جيڪا پنهنجي الڳ حيثيت ۾ قائم رهي سگهي، ان کي ذات چئجي ٿو.

مطلب تہ ذات جي سڃاڻپ يا سمجهہ اسما ۽ صفات جي ذريعي ٿي سگهي ٿي. مثلا احمد هڪ شخص آهي. اچو تہ ڏسون ان جي ذات ڇاکي ٿو چئجي. بيشڪ احمد ان جو نالو يا اسم آهي ۽ هن جون ڪي صفتون بہ آهن جيئن هو ڏسي، ٻڌي، ڳالهائي وغيره ٿو. ڇا هن جي صفتن ڏسڻ، ٻڌڻ، ڳالهائڻ وغيره جي مجموعي کي احمد جو نالو ڏيئي سگهجي ٿو، هرگز نہ. مطلب تہ جيستائين اهي صفتون ڪنهن ذات سان نٿيون لڳن جو انهن جي ملڻ سان احمد (اسم) جو اسان کي ادراڪ ٿئي. هتان خبر پئي تہ ذات جو تصور ڪيتري بنيادي اهميت جو حامل آهي.

تنهنڪري تہ شروع ۾ چيو ويو تہ ذات ۽ صفت جي گڏ هجڻ يعني مظهر يا مجموعي کي اسم ڪوٺجي ٿو .هتان ئي سوال پيدا ٿئي ٿو تہ ڇا صفت جو ذات کان الڳ وجود ٿي سگهي ٿو. جواب آهي نہ!

اڪثر صوفي حضرات توڙي اهل حق ان نظريي جا آهن تہ جيستائين الله جي ذات ۽ صفات جو تعلق آهي تہ صفات نہ عين ذات آهن نہ غير ذات. ياد رهي تہ هي علم ڪلام جو وڏي ۾ وڏو مسئلو آهي جنهن مطابق معتزلا ۽ فلسفي حضرات صوفين جي برعڪس خدا جي صفات کي ان جي ذات جو عين سمجهن ٿا. ٻين لفظن ۾ هو خدا جي الڳ صفتن جو انڪار ڪن ٿا. هو صفتن کي خدا جي ذات جي برابر سمجهن ٿا. يعني هو چون ٿا تہ خدا بذات خود حي آهي، قادر آهي ۽ عالم آهي. هن لاءِ الڳ صفتن يعني حيات. علم ۽ قدرت وغيره جو هئڻ ضروري نہ آهي ڇوتہ صفتن جي الڳ هجڻ جي صورت ۾ صفتون يا تہ حادث هونديون يا قديم. حادث جي صورت ۾ خدا جي قديم هجڻ جي نفي ٿيندي ۽ صفتن کي الڳ قديم مڃڻ سان هڪ کان گهڻا قديم وجود مڃڻا پوندا. جيڪا خدا جي وحدت جي نفي آهي.

لطف الله متين بيت ۾ اهل حق جي نهايت اهم عقيدي کي ببان

ڪري ٿو جنهن مطابق حق تعاليٰ جون اهي مستقل صفتون آهن. هو وڌيڪ اهو بہ چوي ٿو تہ اهي ذات سان اهڙي طرح وابستہ آهن جو انهن کي ذات کان الڳ ڪري ورهائي نٿو سگهجي، تڏهن تہ اهي قديم آهن. ٻئي بيت ۾ هو بلڪل صاف چوي ٿو تہ حق تعاليٰ جون صفتون نہ سندس ذات جو عين آهن ۽ نہ غير. ان کي علم ڪلام جي اصطلاح ۾ 'لاعين و لاغير' جو نالو ڏين ٿا.

جيئن اسان مٿي نشاندهي ڪئي تہ عينيت ۽ غيريت جو مسئلو فلسفي، الاهيات ۽ تصوف جو بنيادي مسئلو آهي. سيئي وجودي صوفي ابن عربي سميت صفات کي ذات خداونديءَ جو هڪ لحاظ کان عين ۽ ٻئي لحاظ کان غير چون ٿا. تاهم سندن زور عينيت طرف آهي. ابن عربي تہ عارف ئي ان کي ڪوٺي ٿو جيڪو هر شيءِ ۾ عين ڏسي ٿو. فصوص الحڪم جي هڪ عبارت آهي تہ، **فان العارف من يري الحق في ڪل شيءِ بل يراه عين ڪل شيءِ.** يعني بيشڪ عارف اهو آهي جيڪو حق کي هر شيءِ جو عين سمجهي ٿو، بلڪ هر شيءِ کي عين سمجهي ٿو. ليڪن ياد رهي تہ هو شين کي هر لحاظ کان ذات جو عين نٿو سمجهي. اهڙي وضاحت هو ڪيترن هنڌن تي ۽ بار بار ڪري ٿو. فتوحات مڪيہ ۾ وري هيئن چوي ٿو:

فهو عين ڪل شيءِ في الظهور وما هو عين الاشياءَ في ذواتها بل هو هو والاشياءَ اشياءَ.

يعني هو پنهنجي ظهور سبب هر شيءِ جو عين آهي، ليڪن جيستائين شين جي ذات جو واسطو آهي تہ هو انهن جو عين ناهي. هو هو آهي ۽ شيون شيون آهن.

مطلب تہ وجودي صوفين جو نظريو آهي تہ ڇاڪاڻ تہ وجود يا هستي صرف هڪ آهي ۽ اهو خدا جو وجود آهي ۽ هن ڪانسواءِ ٻي ڪا شيءِ موجود

ناهي، تنهنڪري خدا ۽ ڪائنات ۾ وجود جي لحاظ کان عينيت آهي پر ذات جي لحاظ کان غيريت آهي.

مثلا هن سلسلي ۾ مولانا جامي لوائح ۾ ڏاڍي سهڻي وضاحت پيش ڪئي آهي، جڏهن هو چوي ٿو ته عقل جي روءِ سان صفات ذات کان الڳ يا غير ذات آهن ليڪن حقيقت ۽ معرفت جي لحاظ سان صفات عين ذات آهن. سندس مشهور رباعي هيٺين ريت آهي.

اي در همہ شان ذات تو پاڪ راهمہ شين
ني در حق تو ڪيف توان گفت نہ اين
از روئي تعقل همه غير اند صفات
با ذات تو از روئي تحقق همه عين

ترجمو: بيشڪ هر ڪم ۾ تنهنجي ذات عيب ۽ نقص کان پاڪ آهي. تنهنجي باري ۾ "ڪيئن" ۽ "ڪتي، جي ڳالهہ نٿي ڪري سگهجي. جيتوڻيڪ عقل ۽ سمجهہ موجب تنهنجون صفات تنهنجو غير آهن. پر حقيقت جي لحاظ کان تنهنجي ذات جو عين آهي.

وجودي صوفين جي مقابلي ۾ شهودي حضرات جو زور غيريت طرف آهي ۽ انهن جو وڏي ۾ وڏو شارح نقشبندي صوفي مجدد الف ثاني آهي. هو چوي ٿو هڪ تہ صفات عين ذات ناهن بيو تہ ذات پنهنجي ليکي هر لحاظ کان ڪامل ۽ مڪمل آهي. صفات ذات کان زائد يا واڌو آهن ۽ هي عالم يا مخلوق انهن صفات جو ظل يا پاڇو آهي. هو آئيني واري تشبيه تي پڻ تنقيد ڪندي چوي ٿو تہ جڏهن ڪنهن شخص جو پاڇو يا ظل ان جو عين نٿو ٿي سگهي تہ هيءَ ڪائنات يا مخلوقات حق تعاليٰ جيڪو واجب الوجود آهي ان جو عين ڪيئن ٿي سگهي ٿي. هو چوي ٿو تہ آئينو ڇا ٿيندو

مقدمو

آهي جو ذات مطلق جي عڪاسي ڪري، ڇوتہ اها ذات لامحدود، بي رنگ، بي ڪيف ۽ بي مثال آهي. جڏهن تہ آئينو هر لحاظ کان محدود، ڪيفيت ۽ ڪميت جو شڪار آهي. مجدد الف ثاني وجودي نظريي تي تنقيد ڪندي چوي ٿو تہ عينيت جو مطلب آهي تہ واجب ممڪن ٿي پيو آهي ۽ قديم حادث بڻجي ويو آهي. جيڪا ڳالھ حقيقت جي بدلجڻ برابر آهي ۽ تنهنڪري غلط آهي. انهيءَ ڪري سندس نظر ۾ وجودي نقطئہ نظر سڪر جي نشاندهي ڪري ٿو يا صوفيانہ اصطلاح ۾ اهو "حال" آهي. مجدد الف ثاني پنهنجي نظريي جي وضاحت ڪندي چوي ٿو تہ هيءَ ڪائنات يا موجودات نہ عين آهي نہ غير بلڪ اها ظل يا پاڇو آهي. يعني ان جو خارجي وجود آهي. هن وٽ ان جو پسنديده مثال باھ جي اماڙيءَ يا شعلي کي جڏهن گول ڦيرائبو آهي تہ اهو شعلو دائري جي شڪل ۾ نظر ايندو آهي. هو چوي ٿو تہ اسان شعلي جي دائري واري صورت جو انڪار نٿا ڪري سگهون، جيتوڻيڪ انَ جي وجود جو دارومدار ان اصل شعلي تي آهي. مطلب تہ شهودي نقطئہ نظر موجب پڻ هيءَ ڪائنات ذات خداونديءَ جو مظهر آهي پر اها هرگز عين ناهي.

ڏنو وڃي تہ ابن عربي توڙي مجددالف ثاني ٻئي حقيقي وجود صرف ذات خداونديءَ جو تسليم ڪن ٿا.ليڪن جيستائين موجودات يا ڪائنات جو حق تعاليٰ سان تعلق آهي تہ وجودي حضرات ان کي هڪ ئي وقت عين ۽ غير مڃن ٿا جنهن ۾ هو عينيت تي زياده زور ڏين ٿا. هنن جي مقابلي ۾ شهودي حضرات موجودات کي حق تعاليٰ جو مڪمل طور غير تسليم ڪن ٿا. انهيءَ ڪري مجدد الف ثاني واضح لفظن ۾ اعلان ڪري ٿو تہ ذات خداوندي هن ڪائنات يا موجودات کان ماروا بلڪ وراءالورا (Transcendenal) آهي ڇوتہ سندس نظر ۾ صرف ان صورت ۾ حق ۽خلق، واجب ۽ ممڪن، قديم ۽ حادث جي وچ ۾ فرق قائم رهي

سگھندو.

انھيءَ پس منظر ۾ اهو سجھڻ ڏکيو ناهي تہ عينيت ۽ غيريت جو مسئلو تصوف جي تاريخ ۾ بنيادي اهميت رکي ٿو جنهن کي هر دور جي صوفين سمجھڻ ۽ سمجھائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اسلامي دنيا جي عظيم صوفي شاعر مولانا جلال الدين رومي حق ۽ خلق، رب ۽ بندي جي وچ ۾ تعلق بابت مثنويءَ ۾ نهايت معني خيز انداز ۾ هينئن چيو آهي.

اتصال بي تکيف بي قياس
هست رب الناس را با جان ناس

معنيٰ: اهو واسطو يا تعلق سمجھڻ کان مٿي آهي ۽ ان جي ڪيفيت بيان نٿي ڪري سگھجي. انسانن جي رب ۽ سندس ٻانهن جي وچ ۾ اهو تعلق ان نوعيت جو آهي.

بي تعلق نيست مخلوق بدو
آن تعلق هست بي چون، اي عمرو

معنيٰ: هيءَ مخلوق هن (ذات) سان بغير تعلق جي نہ آهي. پر اهو تعلق بي مثل ۽ بيان کان ٻاهر آهي، اي ڪم عقل!

سنڌ جي سدا حيات صوفي شاعر شاهه عبداللطيف روميءَ واري راءِ کي نهايت سولي پر انوکي انداز ۾ هن ريت کولي سمجھايو آهي:

هو پڻ آهي ”هن“ سين، هيءَ نہ هن هان ڌار
’الانسان سري وانا سره‘ پروڙج پچار
ڪندا ويا تنوار، عالم عارف اهڙي

بسم الله الرحمن الرحیم

الحمد لله الذی اشرف قلوب العارفین بنور معرفته واحترق صدور العاشقین بنار محبته
والصلوٰة علی نبیه محمد وآله واصحابه اجمعین اما بعد اعلموا اشرفکم الله تعالیٰ شرف لقائه که روزی در
خاطر این فقیر حقیر گذشت که سالکان سابق در بیان طریق الهیه چندین رسائل تدوین کردند و در این
دور آخر الزمان کم کسانی که بیانی تفصیلات علیا میرسند لهذا این فقیر اضعف العباد لطف الله قادری
چند سخنان کشفیه در این مضمون بیانیه نموده بزیر قلم آورد نسخه جدید در بیان طرق از و ساخت
از برای آنکه تا روندگان این راه و طالبان خاص الله از مطالع آن حظ ولذتی یابند
و راغب و مائل بخدای تعالیٰ شوند و این رساله منهاج المعرفة نام نهاده شد و آغاز
وی در سنه ۱۲۱۸ اسلامیه شد چنانچه ایهام طبع میگوید تا این در فکر آن شدم که مرا این نسخه لطیف
تاریخ ابتدائی که بعد ازش چو خورشید پرسیدم از خرد بدلم این ندا بداد منهاج معرفت که
ره راست تر شده و این رساله در علم سلوک مانند میزان است و کتاب دیگر تحفة السالکین
که تصنیف این حقیر است آن مانند کافیه است که فهمیدن بفهم عاقلان دیگر اشارة بس لا

طالب

و آن شیاطین و جنیان کافراند و طائفهٔ بیست و ششم را ابدال نامند و آن بنوانی و موکل

باد و باران اند و این هر دو بسبب برکت ایشان می آیند و حکم بستن و کشادن بدست

ایشان و اگر خدا تعالی خواهد هر دو آیند و اگر نه هیچ نیاید و طائفهٔ بیست و هفتم را اوتاد

خوانند و آن مانند میخهای در عالم ماسوی اند آسمان و زمین و عرش و کرسی

ببرکت ایشان قرار گرفته است و رحمت الهی از آسمان نیز ببرکت ایشان می آید

و زمین هم بسبب ایشان بار میدهد و هر یکی طائفه ازین طوائف بکار خود مشغول است

و سعی و منع در و مینمایند زیرانکه مدار کارهائی عالم برین است و اگر یکی از ایشان

بمیرد قائم مقام او دیگری نصب کنند و همچنین نظام عالم است تا روز قیامت

و لیکن هر یک طائفه ازین طوائف موافق مقام معین خود نام نهاده است

و الله اعلم بالصواب — درد صف اولیاء الله تعالی جل سلطانه

اولیاءَ تن عالم جن ستون منجهه کرن تان کرکی هیکري لڏي سب و جن

هو، جو کو جي تن هيجي ساکن سمنڊ تن مجي سيٺ وجي متي ماکه د رنيکي

عالم ا بکه جنتي هون سلامت سي قادر کمال قدرتس اساهس عطا ان ڏي

هو، محکمائی معنوی قرار ووت تنکی

این نسخه متبرکه نسخه منهاج المعرفت از ید فقیر حقیر پر تقصیر بنده محمد خان نظامانی بتاریخ

دوازدهم ماه صفر ۱۲۰۲ سنه اختتام پذیرفت — هر که خواند دعا طمع دارم — زانکه من بندهٔ گنه کارم

بسم الله الرحمن الرحيم

شروعات

سيئي تعريفون اُن الله جي لاءِ آهن جنهن عارفن جي دلين کي پنهنجي نور جي معرفت سان مُشرف ڪيو ۽ عاشقن جي سينن کي پنهنجي محبت جي باهہ سان گرم ڪيو. صلواتون ۽ سلام محمد صلي الله عليه وسلم تي ۽ سندس اولاد ۽ اصحابن سڀني تي هجن.

اما بعد: حمد ۽ صلواۃ کانپوءِ ڄاڻو تہ الله تعاليٰ توهان کي پنهنجي ملاقات جي شرف سان مَشرف ڪري. هڪڙي ڏينهن هن حقير فقير جي دل ۾ خيال ٿيو تہ اڳوڻن بزرگن، الله تعاليٰ جي واٽ (طريق الاهيہ) لاءِ چند رسالا تدوين ڪيا آهن. هن آخري دور ۾ ٿورا ماڻهو ان عالي ۽ بُلند تفصيل تي رسائي حاصل ڪن ٿا. انهيءَ ڪري هن ضعيف ۽ ڪمزور ٻانهي فقير لطف الله قادري چند ڪشف جون ڳالهيون هن مضمون ۾ قلم سيٺ آنديون آهن ۽ نئون نسخو ان بيان ۾ جوڙيو آهي تہ جيئن ان رستي تي هلندڙ ۽ خاص الله جي رستي جا طالب، اُن مان حظ حاصل ڪن ۽ لذت لهن ۽ الله تعاليٰ ڏانهن شوق ۽ رغبت رکن ۽ ان ڏانهن مائل ٿين ۽ هن رسالي جو نالو "منهاج المعرفت" رکيم ۽ شروعات سنہ 1078ھ ۾ ڪيم جيئن اهل طبع چيو آهي تہ: **رباعي**

درفکر آن شدم کہ مر اين نَسخه را بود
تاريخ ابتداي کہ روشن چون خور شود
پرسيدم از خرد بدلم اين ندا بداد
منهاج معرفت کہ "رهَ راست تر" شود

ترجمو: (مولا جي طالبن لاءِ) هڪ اهڙو نسخو هجي جيڪو پهرين تاريخ جي چنڊ يعني شروعات کان روشن هجي، ان لاءِ سڄي عمر ان فڪر ۾ هئس جڏهن عقل کان پُڇيم، تڏهين منهنجي دل هي آواز ڏنو تہ

”منهاج معرفت“ طالبن جي رهنمائي لاءِ بلڪل سڌي رستي جو ڪم ڏيندو.

هي رسالو سلوڪ جي علم ۾ (ڪتاب) ميزان (الصرف) وانگر آهي ۽ ٻيو ڪتاب تحفتہ السالڪين جيڪو پڻ هن حقير جو تصنيف ڪيل آهي، ان ڪتاب جو مثال (نحو جي ڪتاب) ڪافيه وانگر آهي. اها ڳالهه سمجهه سان سمجهه، عقل مند لاءِ هڪڙو اشارو ڪافي آهي. [١] طالب کي گهرجي تہ فقير جي هن رسالي جو گهڻو مطالعو ڪري ۽ ان ۾ غور و فڪر ڪري تہ جيئن حقيقتن ۽ تڪويني رازن ۽ سلوڪ جي منزلن، مقامن ۽ معاملن کان چڱي طرح واقف ٿئي ۽ سلوڪ جي سالڪن ۽ صوفي سڳورن جي دقيق ۽ باريڪ حقيقتن کي اجمال ۽ تفصيل سان سمجهي ۽ انهن جي بنياد کان واقف ٿئي. الله تعالىٰ توفيق ڏيندڙ ۽ مددگار آهي ۽ ان ڏانهن رجوع ۽ موٽڻ آهي.

اي عزيز! ڄاڻ تہ هيءُ رسالو ايڪيهہ بابن تي مشتمل آهي. **باب پهريون**، پير ۽ مُرشد جي ادبن ۽ سندس ڪيفيت ۾. **باب ٻيو**، مُريد ۽ ان جي حقيقت ۾. **باب ٽيون** مريد کي نصيحت ڪرڻ ۽ اُن جي ڄاڻڻ ۾. **باب چوٿون** شريعت ۽ طريقت، حقيقت ۽ معرفت جي بيان ۽ ان جي تفصيل ۾. **باب پنجون** ڪوڙن سالڪن جو رستو ۽ انهن جي سڃاڻپ. **باب ڇهون** فقيرن جو ٽولو ۽ انهن جي سڃاڻپ. **باب ستون چلہ** ۽ اُن جي شرطن ۽ اثرن جي بيان ۾. **باب اٺون** پير طريقت جي علمن ۽ اُن جي حقيقت جي بيان ۾. **باب نائون** سلوڪ جي طريقي هجڻ جي بيان ۾. **باب ڏهون** سلوڪ جي طريقي جي تعريف ۽ ان جي معرفت جي بيان ۾. **باب يارهون** زباني ذڪر ۽ ان جي معرفت جي بيان ۾. **باب ٻارهون** زباني ذڪر ۽ اُن جي ڪرڻ جي ترتيب. باب ٻارهون ذڪر نفسي ۽ ان جي ترتيب جي تعليم جي بيان ۾. **باب تيرهون** قلبي ذڪر ۽ اُن ۾ مشغول ٿيڻ جي ترتيب جي بيان ۾. **باب چوڏهون** روحي ذڪر ۽ اُن جي ترتيب جي بيان ۾. **باب پندرهون** سالڪن جي احوال ۽ انهن جي غلبي شوق ۽ محبت جي مقامن قبول ڪرڻ جي

بيان ۾. **باب سورهون** حقيقت جي مقامات [۲] ۽ سلوڪ اختيار ڪرڻ جي بيان ۾. **باب سترهون** الله جي وحدت جي آثارن ۽ انهن جي معرفت جي بيان ۾. **باب ارڙهون** خدا جي اصولي صفتن ۽ لاڳاپيل مسئلن جي بيان ۾ **باب اوڻيهون** وحدت باري تعاليٰ ۽ سلوڪ جي اشارن جي بيان ۾. **باب ويهون** طريقت جي منزلن ۽ ترتيب جي بيان ۾. **باب ايڪيهون** دائري جي حقيقت جي بيان ۾، جيڪو اوليائن جا قسم سُڃاڻڻ لاءِ ٺاهيو ويو آهي.

باب پهريون

پير و مُرشد ۽ اُن جي ڪيفيت جي بيان ۾

اي عزيز! مُريد ۽ طالب کي گهرجي ته پير ۽ مرشد جو ادب ڪري ته جيئن پنهنجي طلب مان فائدو لهي ۽ جيڪڏهن ادب نه ڪندو ته ڪجهه به فائدو نه لهندو. چاڪاڻ ته جيڪي ڪجهه آهي ادب ۾ آهي ۽ بي ادب الله تعاليٰ جي فضل کان محروم آهي پر هر ڪنهن جو ادب اُن جي علم مطابق آهي. جيئن ڪمائيندڙ (ڪاسب) جو ادب ان جي ڪم مطابق آهي ۽ قاريءَ جو ادب قرات جي مرتبي تي آهي ۽ عالم جو ادب علم جي ڪري آهي ۽ پير ۽ مرشد جو ادب ان جي پيري ۽ مرشدي جي ڪري آهي،ان طريقي سان هر ادب کي قياس ڪريو. **مثنوي:**

بي ادب را بمقامات شما منزل نيست

درمقامات شما منزل انسان ادب است

آدمي زاده اگر بي ادب است انسان نيست

فرق درجسم تن آدم حيوان ادب است

ترجمو: بي ادب جي، توهان جي مقامن مان ڪا منزل نه آهي، توهان جي مقامن ۾ انسان جي منزل ادب آهي. ماڻهو جو اولاد جيڪڏهن بي ادب آهي ته انسان نه آهي، ماڻهو ۽ حيوان (جانور) جي بدن ۽ جسم ۾ فرق ادب جي ڪري آهي.

پير ۽ مرشد جو ادب هي آهي **پهريَن** ته: پير سان همسري ۽ برابري واري نظر نه ڪري، اُن جي نالي ۽ طريقي (ظاهر) ڏانهن نه ڏسي، پر الله تعاليٰ جي مهرباني ۽ ڪرم جيڪو پير تي آهي اُن ڏانهن ڏسي ۽ هيئن سمجهي ته اهو خدا جو رستو ڏسيندڙ ۽ خدا جي معرفت جو وسيلو آهي ان

جي ارشاد ۽ توجہ کان سواءِ خدا جو رستو نہ ملندو. هر حال ۽ هر وقت ۾ پير سان اخلاص وارو عقيدو رکي تہ مقصدن تائين پهچڻ جو رستو لهندو. جيڪڏهن ائين نہ ڪندو تہ محروم رهجي ويندو.

ٻيو تہ: پير کي حقير نہ سمجهي، جيتوڻيڪ دنيوي دولت ۽ ظاهري صورت ان جي سُٺي نہ هجي، پر آخرت سنوارڻ ۽ مولا جي معرفت جو ذريعو ڄاڻي، ۽ زماني جي ماڻهن مان کوبہ ان کان وڌيڪ عاقل ۽ فاضل نہ سمجهي، ڪمال يقين، صدق ۽ خلوص سان ان جو تابع ٿئي، تہ جيئن ان وٽان معرفت جو نور حاصل ڪري، ۽ سلوڪ وارن جي حقيقتن ۽ رازن تي واقف ٿئي ۽ عرفان وارو بنجي وڃي، جيڪڏهن ائين نہ ڪندو تہ محروم رهجي ويندو.

ٽيون تہ: پير جي حق ۾ ناپسنديده ڳالهہ نہ چوي، خامي ۽ نُقص جي نسبت اُن ڏانهن نہ ڪري، جيتوڻيڪ علم ۽ عرفان پير کي گهٽ هجي. ڇاڪاڻ تہ ماڻهن جي استعداد مختلف آهي،ڪي ان جي حال سان مناسبت رکندا آهن ۽ ڪي نہ رکندا آهن. پر هيئن سمجهي تہ پير جي دل نعمت سان ڀريل آهي پر منهنجي نصيب ۾ نہ آهي تڏهن سڌو رستو لهندو ۽ جيڪڏهن ائين نہ ڪندو تہ هلاڪت جي کُن ۾ ڪرندو.

چوٿون تہ: پير سان جيڪا بہ ڳالهہ ڪري ادب، نرمي ۽ ڌيمي سان ڪري وڏو آواز ۽ ڊگهو بيڪار ڪلام نہ ڪري پر ضروري ڳالهہ بہ مختصر ڪري. پير جيڪو ادب ۾ فرمائي اهو دل جي ڪنن سان ٻڌي ۽ اُن ۾ گهڻو فڪر ڪري تہ جيئن حقيقت منجهان واقف ٿئي. جيڪڏهن ائين نہ ڪندو تہ محروم رهندو.

پنجون تہ: اُٿڻ ۽ ويهڻ وقت پير ڏانهن پُٺِ نہ ڪري، جيئن ظاهر عبادت ۾ثابت قدمي لهي ۽ فيض حاصل ڪرڻ جي لائق ٿئي ۽ جيڪڏهن ائين نہ ڪندو تہ فيض مان حصو نہ لهندو. [٣]

ڇهون تہ: پير جي جاءِ تي نہ ويهي ۽ هر ادب جيڪو پير جي موجودگيءَ ۾ ڪري ٿو پير جي اُٿڻ ڪانپوءِ بہ ان جو لحاظ رکي، تہ جيئن پاڻ

۽ عزت وارو ۽ رحمت الاهي لائق ٿئي جيڪڏهن ائين نہ ڪندو تہ محروم رهندو.

ستون تہ: پير جي پاڇي ۾ ويهي تہ سندس دل ڪُشاده ٿئي ۽ عجيب ۽ غريب رستو اُن ۾ ظاهر ٿئي ۽ جيڪڏهن ائين نہ ڪندو تہ ان ڪان محروم رهندو.

اٺون تہ: سمهڻ وقت اُن ڏانهن پير نہ ڪري، مُرشد چاهي زنده هجي يا هُن جهان ۾ فوت ٿي ويو هجي، پر مريد کي اهوئي ادب ڪرڻ گهرجي، جيڪو سندس حياتيءَ ۾ ڪندو هو، تہ جيئن دولتِ الاهي حاصل ڪري سگهي ۽ الله جي جمال جون صفتون منجهس ظاهر ٿين. جيڪڏهن ائين نہ ڪندو تہ ان ڪان محروم رهندو.

نائون تہ: مرشد ۾ ڪامل يقين رکي ۽ پنهنجي دل ۾ ان لاءِ ڪجھ هي، ڪجھ هو خيال نہ رکي. پير جي قول ۽ فعل کي صحيح ۽ درست سمجهي. ڇاڪاڻ تہ اهي حق جا طالب آهن ۽ الله تعاليٰ جي نافرماني هرگز نہ ڪندو ۽ جيڪڏهن مريد يا طالب جي دل ۾ شيطان وسوسو وجهي تہ توبہ ۽ استغفار ڪرڻ گهرجي ۽ حضرت خضر ۽ حضرت موسيٰ عليهما السلام جو قصو ياد ڪرڻ گهرجي، تہ جيئن يقين درست ٿئيس ۽ خدا جي رستي جي دولت لهي ۽ جيڪڏهن ائين نہ ڪندو تہ نفعو نہ لهندو.

ڏهون تہ: مرشد جي صحبت اختيار ڪري ۽ جيڪو نقطو مرشد وٽان ظاهر ٿئي ان ۾ پورو غور و فڪر ڪري ۽ دل جي ڪنن سان ٻڌي، ان تي پنهنجي حال مطابق عمل ڪري تہ جيئن باطني راھ لهي ۽ لُدني علم وارو ٿئي ۽ حق جو حضور واسطي ڪان سواءِ حاصل ڪري، جيڪڏهن ائين نہ ڪندو تہ ان ڪان محروم رهندو.

يارهون تہ: پير جي مجلس ۾ گهٽ ڳالهائي، اتي ٻُڌي تہ مرشد ڇا ٿو چوي تہ جيئن شعور ۽ وقار جو صاحب ٿئي ۽ ان جي نظر ڪيميا اثر سُني ٿئي ۽ جيڪڏهن ائين نہ ڪندو تہ فائدو نہ لهندو.

ٻارهون تہ: مرشد جي مجلس ۾ بنان ضرورت جي ۽ اجازت ڪانسواءِ

ڏکهي ڳالهہ نہ ڪري تہ پنهنجي دل ۾ حڪمت جو چشمو موجزن ڏسندو ۽ عجيب و غريب ڪيس رُخ ملندو ۽ جيڪڏهن ائين نہ ڪندو تہ انهن شين مان ڪابہ اُن ۾ ظاهر نہ ٿينديون.

تيرهون تہ: مرشد جي حضور ۾ سچي ۽ ڪبي پاسي نہ ويهي پر مڪمل طور تي سامهون متوجهہ ٿي ويهي تہ جيئن مُرشد جي شفقت جي نظر ان تي پوي ۽ ان جي باطني فيض مان مستفيد ٿئي ۽ جيڪڏهن ائين نہ ڪندو ان ڪان محروم رهندو.

چوڏهون تہ: مرشد اڳيان ادب سان ڪنڌ هيٺ ڪري عاجزيءَ سان ويهي ۽ پاڻ کي گهٽ ڏيکاري، تہ جيئن رحمت جي لائق ٿئي ۽ مرشد جو اثر ان ۾ تصرف ڪري. ورنہ ڪجهہ بہ اثر بخش نہ ٿيندو.

پندرهون تہ: مرشد جي ڳالهہ سُٺي نموني سان ٻڌي، تہ دل بيدار ٿئيس ۽ علم ۽ هوش وارو ٿئي. عقل ۽ حال جي طاقت جي روشنائي لهي ورنہ غفلت جي خواب مان بيدار ۽ سجاڳ نہ ٿيندو.

سورهون تہ: مُرشد جي اڳيان نہ هلي پنيان هلڻ ۾ شرم محسوس نہ ڪري پر ابدي سعادت ۽ سرمدي گنج سمجهي تہ جيئن بزرگي جي دولت لهي، ورنہ ان ڪان محروم رهندو.

سترهون تہ: [٤] مرشد جي اُٿڻ وقت اٿي ۽ ويهڻ وقت اجازت ڪانسواءِ نہ ويهي ۽ ضرورت ڪان سواءِ نالو نہ وٺي تہ جيئن دل جي صلاحيت ۽ مروت وارو ٿئي ورنہ ان مان فائدو نہ لهندو.

ارڙهون تہ: مرشد جي تابعداري جي گهٽي ڪوشش ڪري ۽ ظاهر ۽ باطن کي ان وانگر بنائڻ جي ڪوشش ڪري تہ جيئن مناسبت پيدا ٿئي ۽ مرشد جي مناسبت درگاه خداوندي جي حصول جو سبب آهي، ورنہ ان مان نفعو نہ لهندو.

اوڻيهون تہ: مرشد جي خدمت ڪرڻ کي ان تي احسان نہ سمجهي ۽ پنهنجو فهم ۽ فضيلت مرشد کي نہ ڏيکاري پر پاڻ کي مڪمل طور تي مرشد جي اڳيان فنا ڪري، تہ جيئن حصول وارو ٿئي ۽ مرشد جي خزاني

واري دولت مان حصو وٺي، ورنہ ان کان محروم رهندو.

ويهون تہ: مرشد جي ڪم ۾ اجورو نہ گهري ۽ پنهنجي دل ۾ آخرت وارو ثواب بہ نہ آڻي تہ جيئن حقيقي اخلاص جو رستو لهي ۽ خالص، مُخلص الله لاءِ ٿئي ۽ پنهنجو پير مُخلصن جي ميدان ۾ رکي ورنہ انهن مرتبن کان پوئتي رهجي ويندو.

ايڪيهون تہ: مرشد جي اجازت ۽ حڪم کانسواءِ ڪو ڪم نہ ڪري، پر مرشد جي رضا جو تابع ٿئي. جيڪڏهن مرشد اجازت ڏي تہ ڪم ڪري ۽ جيڪڏهن اجازت نہ ڏي تہ باز رهي تہ اهو ڪم خير وارو ٿيندو ورنہ اهو ڪم شر کان خالي نہ ٿيندو.

ٻاويهون تہ: مرشد جي ملڪيت ۾ طمع ۽ اميد نہ رکي ۽ ڪاڏو بنان اجازت نہ ڪائي ۽ ڪپڙا نہ پائي تہ جيئن سندس دل غني ٿئي ۽ توفيق ۽ توڪل جو صاحب ٿئي. ورنہ دنياوي هوس ۽ هوا مان ڇوٽڪارو نہ لهندو.

ٽيويهون تہ: مُرشد جي اصولن ۽ فروعن کي عزت جي نگاه سان ڏسي ۽ ٻين ماڻهن کي بہ عزت وارو سمجهي ۽ هميشہ مُرشد سان اخلاص وارو عقيدو رکي، تہ جيئن الله جي عنايت سان ان فضل ، بَ گي ۽ عزت جي لائق ٿئي ورنہ ان مان نفعو نہ لهندو.

چوويهون تہ: مرشد جي دوستن کي دوست رکي ۽ انڪارين ۽ دشمنن کان پرهيز ڪري تہ جيئن استقامت وارو ٿئي ۽ پنهنجي طريقي تي ثابت قدم ۽ مضبوط ٿئي ۽ سلوڪ جي دولت مان فائدو لهي ورنہ ان کان محروم رهندو.

پنجويهون تہ: مرشد جي حڪم تي راسخ ۽ مضبوط ٿئي ڪنهن بہ حال ۾ انهن تي عمل وسان نہ گهٽائي، انهن تي هميشگي ڪري تہ جيئن وصال حاصل ڪري ۽ الوهيت جي جهان مان آشنائي وارو ٿئي ورنہ ان کان محروم رهندو.

ڇويهون تہ: مرشد جي مهربانيءَ تي غرور نہ ڪري ۽ هيبت کان خالي بہ نہ رهي، تہ جيئن گهڻي مهربانيءَ کان ڏوڪو نہ ڪائي ۽ شفقت کان رهجي

نہ وڃي، ورنہ هلاڪت جو ڊپ ۽ خوف آهي.

ستاويهون تہ: جيڪو برائي ڪري اُن سان عداوت نہ ڪري دل ۽ جان سان ان لاءِ نيڪ ۽ مخلص ٿئي، تہ جيئن نفس ۽ شيطان کان بي ڊپو ٿئي ۽ گمراهي ۽ هلاڪت جي کُن مان ٻاهر نڪري، ورنہ ان کان هرگز ڇوٽڪارو نہ لهندو.

اٺاويهون تہ: [٥] مرشد جي خدمت کان انڪار نہ ڪري ۽ زبان مان طعني وارو يا ڪو ٻيو اهڙو جملو نہ ڪڍي ۽ ڪمال درجي جو خلوص رکي تہ جيئن مرشد جي دولت واري خزاني مان حِصو لهي، ورنہ ان کان خالي رهندو.

اوڻٽيهون تہ: مرشد جي حاضري ۽ غير حاضري ۾ هڪ جهڙو هجي تہ جيئن دولت الاهي جو رستو حاصل ڪري ۽ حال جي مرتبي کي قريب ٿئي، ورنہ ان کان محروم رهندو.

ٽيهون تہ: پنهنجو ظاهر ۽ باطن هڪ جهڙو ڪري جيئن دل ۽ زبان ۾ فرق نہ ٿئي ۽ زبان ادب واري ۽ دل معرفت الاهي جي نور سان منور ٿئي ۽ الله جي علمن جي ڄاڻ واري ٿئي، رازن ۽ حقيقتن کان واقف ٿئي ورنہ ان مان ٻهرو نہ لهندو.

ايڪٽيهون تہ: مرشد جي حضور ۾ خراب خيال ۽ ناقص ڳالهيون دل ۾ نہ آڻي پر پنهنجي دلٰ کي سڀني خيالن کان پاسيرو ڪري مُرشد ڏانهن متوجہ ۽ منتظر رهي تہ جيئن سندس دل بارگاه الاهي جي فيض جو محل ۽ غيبي مڪاشفن ۽ الهامن جي لائق ٿئي ورنہ ان کان محروم رهندو.

ٻٽيهون تہ: مرشد جي خدمت پنهنجي حال مطابق پاڻ تي لازم ڪري پنهنجي جان ۽ مال ان تي خرچ ڪري تہ جيئن مرشد جي دل جي رضا طالب جي هٿ ۾ اچي، ۽ پنهنجو اصلي رستو ۽ ڪُلي مطلب لهي ۽ ڪوبہ مقام ۽ مرتبو الله تعاليٰ جي ٻاجھ کانسواءِ نہ آهي، خلوص ۽ اخلاص سان ان جي روَيت ۽ رضا جو طالب ٿئي ورنہ ان مقام تي نہ پهچندو.

ٽيٽيهون تہ: جڏهن مرشد هن فاني جهان مان رحلت ڪري عالم جاوداني (آخرت) ڏانهن وڃي تڏهن ان کي ختمون ڏي ۽ ڪا شيءِ ان جي

روح کي هديہ ڪري موڪلي، تہ جيئن اخلاص ۽ محبت جو رشتو نہ ٽُٽي ۽ روحاني تعلق باقي رهي، ورنہ ان جي باطني شفقت کان محروم رهندو.

پيرن مُرشدن ۽ انهن جي ڪيفيت ۾ سنڌي بيت:

پُڇيو پرِ پيغمبري، انهيءَ راهہ رمن
او سونهان آهن سپرين، اهي پار پُڇن
شريعت سين ساٿي، منجهہ حقيقت هلن
سي ثابت صحي ڏسن، هي جي پر پريان جي رسيا

باب ٻيو

مريدي ۽ ان جي حقيقت جي بيان ۾

اي عزيز! سچو مريد اهو آهي جيڪو پنهنجي راز ۾ فاني هجي ۽ سندس ڪو اختيار باقي نہ هجي، پوءِ پير جو مريد ٿئي ۽ مريدي جي مقام تي رهي، ورنہ اهو مريدي جي ڏاڍي ڪان پري آهي ۽ مريد پاڻ مُراد آهي جيڪڏهن پاڻ کي ائين نہ سمجهي تہ ان کي مريدي جي دعويٰ نہ ڪرڻ جُڳائي. ڇاڪاڻ تہ مريد جو ڪپڙو هزارين گناهن ۾ ﭘﺮﻳﻞ آهي پير جي تسليم ڪرڻ کان سواءِ ڪيئن پاڪ ٿيندو. ويچارو مريد ان حقيقت کان واقف نہ آهي ۽ بي خبر آهي، جيستائين انهن بيمارين کان پاڪ صاف نہ ٿيندو، تيستائين هرگز خاص درجن ۽ مرتبن جي لائق نہ ٿيندو. ڇاڪاڻ تہ [٦] جنهن ۾ بيماري هونديٰ، ان مان مُشڪ جي خوشبوءِ هرگز نہ ايندي، مُريد هزارين پليتائينُ ۽ بيمارين سان ﭘﺮﻳﻞ آهن، جيستائين انهن بيمارين کان پاڪ صاف نہ ٿيندو، تيستائين فائدو نہ ٿيندس. مريد کي سعي، جدوجهد ۽ ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

مريد جو مثال ان ڪپڙي وانگر آهي جيڪو ميرو، پليت ۽ جراثيمن سان ﭘﺮﻳﻞ هجي ۽ پير جو مثال ڪپڙي ڌوئيندڙ (ڌوٻي) وانگر آهي. ڌوٻي ڪپڙي جي حال موافق جيڪا شيءِ مناسب سمجهندو، اها استعمال ڪندو. ڪنهن وقت تلخي ۽ تيزي ڪندو ۽ ڪنهن وقت گرم پاڻيءَ ۾ ڪپڙن کي ڪاڙهيندو تہ ڪنهن وقت صابڻ هڻي تختي تي ڪُٽيندو، تہ ڪڏهن صاف پاڻيءَ مان ڪيندو، وري ڇانو ۾ سُڪائيندو ۽ ڪڏهن ڪپڙي مان سر ڪيڻ لاءِ ڪاٺ جي ڏونريءَ سان ڏڪ هڻندو تہ جيئن ڪپڙو جِلاءُ ڪري ۽ چمڪي. اهڙي طرح پير، مريد جي ظاهر ۽ باطن تي نظر ڪندو آهي ۽ جنهن شيءِ منجهان مريد جو نفعو سمجهندو آهي، اها ڪيس ڏيندو آهي ۽ ان ترتيب سان مريد کي علتن ۽ بيمارين کان پاڪ ڪندو آهي. ويچاري مريد کي

انهن شين جي خبر نہ هوندي آهي. مريد جو مثال کير پيئندڙ ٻار جھڙو آهي. کير پيئڻ واري ٻار کي، چاليهہ سالن واري مرد جي مصلحت جي ڪهڙي خبر ۽ حاذق حڪيم جي علاج بابت مريض بيهوش کي ڪهڙو پتو. **بيت:**

او دليل تو بس تو راهہ مجو
او زبان تو، بس تو ياوه مگو

ترجمو: اهو ئي تنهنجو دليل (رهبر) آهي، بس تون ٻيو رستو نہ ڳولهہ. اهو تنهنجي زبان آهي بس تون بڪواس نہ ڇئو.

هتي بصيرت وارا چون ٿا تہ جيڪڏهن مريد پنهنجي اختيار سان خلوت ۾ ويهڻ چاهي ٿو ۽ خلوت ۾ نفعو سمجهي ٿو، پر پير چوي ٿو تہ في الحال خلوت کي ڇڏ، مريد کي مڃڻ گهرجي، ورنہ خلوت ۾ خرابي ٿيندي. مريد چاهي تہ نفل نمازون پڙهان، الله تعاليٰ جي عبادت آهي، پير چوي تہ فرضي نمازن کان سواءِ ٻين نمازن ۾ هينئر مشغول نہ ٿيءُ تہ نفل پڙهڻ کان باز اچي. ڇاڪاڻ تہ انهن جي نقصان کي مريد نٿو ڏسي. جيڪڏهن مريد چاهي تہ علم پڙهڻ ۾ مشغول ٿيان ۽ پير چوي تہ خاموش ويهہ، تہ خاموش ئي ويهي رهي. شايد پڙهڻ ۾ ان جي وقت جو زيان هجي. جيڪڏهن مريد چاهي تہ رات جو نفل پڙهان ۽ شب بيداري ڪريان اهو افضل ڪم آهي، پر پير چوي تہ سُمهي رهہ، تہ سمهي رهي، شايد شب بيداري ۾ نقصان هجي. اهڙن ڪمن ۾ مريد کي پنهنجو اختيار نہ هلائڻ گهرجي. **بيت:**

هرڪہ بي پير ڪار گيرد پيش
او پشيمان شود ز ڪار خويش
گفته پير ز اين سبہ خوبي است
بہ يقين دان سخن ڪہ لاريب پير است

ترجمو: جيڪو پير کانسواءِ ڪم ڪندو، اهو پنهنجي ڪم مان پشيمان ٿيندو، پير جو چيل انهيءَ ڪري ڀلو آهي جو ان ڳالهہ ۾ يقين ڄاڻ

تہ ڪوبہ شڪ نہ آهي.

اي عزيزا ويچاري مريد کي ڪهڙي خبر. اهو تہ ظاهر ۾ ڪنڊ ڏسي ٿو. پر جيڪو ڪنڊ ۾ زهر پيل آهي اهو نٿو ڏسي. انهيءَ ڪري مرشد ان کي روڪي ٿو ورنہ هرگز مرشد پلاري ڪم کان نہ روڪيندو. چاڪاڻ تہ مريد جو مرشد خير خواه آهي. [٧] ويٺي حقيقتون ۽ شريعت جا اسرار ڄاڻي ٿو ۽ حاذق حڪيم کي ظاهري ۽ باطني بيماريون آرسيءَ وانگر صاف نظر اينديون آهن. انهيءَ جو علاج مِنين ۽ ڪڙين دوائن سان ڪندو آهي. مريض کي ان ڳالهہ جي خبر نہ آهي ۽ مريض کي مناسب نہ آهي تہ حڪيم کي چوي تہ مون کي هيءَ دوا ڏي، ۽ هيءَ نہ ڏي، پر حڪيم کي جيڪا سُٺي دوا لڳندي اها ڏيندو، پوءِ چاهي مِٺي هجي يا ڪڙي. انڌو ڏسڻ واري سان ۽ مُقتدي پنهنجو پير امام کان اڳيان ڪندو تہ في الحال سندس نماز فاسد ٿي ويندي، جيتوڻيڪ عالم ۽ عاقل هجي ۽ ان مسئلي ۾ علم ۽ عقل مقتدي جي حمايت نہ ڪندو. اهڙي طرح پير ۽ مريد جو معاملو آهي. جيڪڏهن مريد پير جي حڪمن جي تابعداري نہ ڪندو تہ مريد جي سڀ ڏاڍي مان نڪري ويندو ۽ ان جي مريدي واري دعويٰ ڪوڙي آهي ۽ ان تي مريدي جو مقام حرام آهي ۽ مُريدي جي دولت کان محروم رهندو. جيتوڻيڪ عالم ۽ عاقل هجي پر علم ۽ عقل ان کي نفعو نہ ڏيندا. پيرن جون طبيعتون بہ عوام وانگر مختلف آهن. ڪي کائيندا آهن ۽ ڪي بکيا رهندا آهن. ڪي نوان ڪپڙا پائيندا آهن ۽ ڪي پُراڻن ڪپڙن ۾ رهندا آهن. ڪي ڳالهائيندا آهن ۽ ڪي خاموش هوندا آهن. ڪي بيدار ۽ سجاڳ ۽ ڪي سُتل رهندا آهن ۽ ڪي هر ڪنهن سان ملندا آهن ۽ ڪي ملاقات جي اُلفت گهٽ رکندا آهن ۽ ڪي صالحن ۽ فاسقن ٻنهي کي دوست رکندا آهن (تہ جيئن سندن صحبت سبب فسق ڇڏي ڏين) ۽ ڪي رڳو صالحن سان دوستي رکندا آهن. ڪن جون پنهنجيون عادتون ۽ ڪي عوام واريون عادتون رکندا آهن ۽ ڪن جو ظاهر عقل ۽ شرع جي خلاف هوندو آهي، پر باطن ۾ خدا وارا هوندا آهن. ظاهر کي ڏسي گهڻا ڌوکو کائيندا آهن ۽ پنهنجو يقين ضايع ڪري،

معرفت واري دولت کان محروم رهندا آهن. اهو طبيعتن جي اختلاف سبب ٿيندو آهي. پير کي گهرجي ته ناقص مريد جي دستگيري ڪري ۽ ان کي طبيعتن جي اختلاف کان واقف ڪري ته جيئن مريد غلطيءَ ۾ نه پوي.

بيت:

چون نه ديدي تو دمي سليمان را
تو چه داني زبان مرغان را

ترجمو: تو جڏهن حضرت سليمان عہ جو دهدهو ڪونه ڏٺو ته پوءِ تون پکين جي ٻولي ڪيئن ڄاڻندين؟

اي عزيزو! بشري صفتون ۽ عادتن جو اختلاف اولياءُ الله جو پردو آهي. الله تعاليٰ ان پردي سان انهن کي ڍڪيو آهي. ظاهر بين اهو ڏسي چوندا آهن ته اسان جون به اهڙيون صفتون آهن ۽ اهڙيون ئي عادتون آهن. انهن جي ولايت جو ڪهڙو نشان آهي ۽ اهي ڪيئن ولي ٿيا. [٨] الله تعاليٰ انهن کي علم ۽ عقل عنايت ڪيو آهي، جنهن کان اهي بي خبر آهن. انهن جو ظاهر حال ڏسي انهن جي بزرگي واري دولت کي نٿا ڄاڻن. اهڙيءَ طرح عام ماڻهن کان، انهن جي ولايت پردي ۾ هوندي آهي، ۽ اهي محروم ٿي ويندا آهن، جيئن انڌو چمڙو سج جي روشنيءَ کان محروم هوندو آهي. ائين عوام، انهن جي ظاهر کي ڏسي ڪين نه سڃاڻندو آهي.

حديث: اوليائي تحت قبائي لايعرفهم غيري.

ترجمو: منهنجا دوست، منهنجي چادر هيٺان هوندا آهن، جن کي مون کان سواءِ ٻيو ڪوبہ نه سڃاڻيندو آهي.

ان حديث ۾ انهن جي حال ڏانهن اشارو آهي. حقيقت ۾ الله تعاليٰ انهن کي شينهن جي صفت بخشي آهي، ٻي مخلوق انهن جي مقابلي ۾ رڍ ٻڪريءَ وانگر آهي. اهي الله جي شيرن سان ڪهڙي نسبت رکن ٿا. جڏهن ته الله تعاليٰ ڪمال مهربانيءَ سان، انهن کي ڍڪيو آهي ته عام خلق انهن وٽان نسبت حاصل ڪري. انهيءَ ڪري الله تعاليٰ انهن کي بشري صفتن سان

ڏکيو آهي تہ جيئن مخلوق نفعو وٺي سگھي. جيڪڏهن انبياء ۽ اولياء مخلوق ۾ نہ هجن تہ مخلوق گمراه ۽ هلاڪ ٿي وڃي، انهن جي ڪري مخلوق هدايت، ۽ ڇوٽڪاري واري ٿئي ٿي ۽ جيڪڏهن انبيائن ۽ اوليائن جون بشري صفتون ۽ عادتون مختلف نہ هجن ها، تہ مخلوق کي انهن کان نسبت حاصل ڪرڻ محال ٿئي ها. الله تعاليٰ ان ڳالھ جي رعايت ڪري، حضور صلي الله عليہ وسلم کي ارشاد فرمايو تہ:

قل انما انا بشر مثلکم يوحيٰ الي. (١٨: ١١٠)

ترجمو: اي پيغمبر ﷺ ! ڪين چئو تہ آئون (بہ) اوهان ئي جھڙو ماڻهو آهيان، مگر مون ڏانهن وحي ڪيو ويندو آهي.

حضور ﷺ بشري صفت ۾ عام مخلوق وانگر آهن، ورنہ عظمت ۽ قرب باري تعاليٰ جو مرتبو بيان کان ٻاهر آهي. اولياء الله جو حال بہ اهڙو آهي ۽ اوليائن مان پيرن جي جماعت يگاني آهي. ڇاڪاڻ تہ حضور ﷺ انهن جي حق ۾ فرمايو آهي تہ :

الشيخ في قومہ کاالنبي في امتہ.

ترجمو: شيخ پنهنجي قوم ۾ ائين هوندو آهي، جيئن نبي پنهنجي امت ۾ هوندو آهي.

مطلب تہ اوليائن جو وڏو مرتبو آهي ۽ انهن کي نبين سان نسبت ڏنل آهي. اوليائن جي جماعت جي تابعداري ڪرڻ لازمي آهي. سچي مريد کي گهرجي تہ پير جي فرمان جو انڪار نہ ڪري، جيتوڻيڪ ڪٽي جو اهو عقل جي خلاف ئي ڇونہ هجي. ڇاڪاڻ تہ مريد جو ناقص عقل، ڪامل پير تي حجت نہ آهي، پر خلاف شرع ڪمن ۾ پير جي تابعداري نہ ڪري ۽ زبان سان ان کي طعنو بہ نہ ڏي، ڇاڪاڻ تہ اهو جاهلن جو ڪم آهي. سنو ارادو نيڪ بختن جو آهي، ان کان رُڪجڻ بدبختن جو ڪم آهي. حقيقت وارن چيو آهي تہ ارادو سعادت جو ٻج آهي ۽ ڏيئو الله جي نورن مان آهي. جنهن جي دل ۾ ان وڻ جو نور نہ هوندو، اهو محروم رهندو [٩] جيڪڏهن پير کان ظاهر خلافِ شرع ڪم ٿئي تہ مريد ائين سمجھي تہ ان ۾ ڪا حڪمت آهي،

جنهن تائين منهنجو عقل نٿو پهچي ۽ پنهنجي يقين جو سامان ضايع نہ ڪري ۽ ڪاملن جي ڪم ۾ دست اندازي هرگز نٿي جڳائي. ڇاڪاڻ تہ ان ۾ سندس هلاڪت آهي. جيئن ڪچي گهڙي کي لوهہ تي هڻبو تہ ٽٽي پوندو. ان معاملي ۾ ڪلام جو خلاصو هي آهي تہ پير جي اڳيان فاني ٿيءُ ۽ چون چرا باطن ۾ نہ رک، ان جي قول ۽ فعل جو تابع ٿيءُ. مريد جو پير ڏانهن غلط خيال نہ هجڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ ان کي ڪمال علم ۽ عقل واري دل ڏني آهي. مرشد ديني حقيقتون ۽ شريعت جا راز ڄاڻي ٿو، نيڪي ۽ فساد نفس ۽ شيطان جي ڌوڪي کي آئيني ۽ آرسيءَ وانگر ڏسي ٿو ۽ مريد ٻار وانگر آهي، جنهن کي چون و چران نہ ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن مريد ائين ڪندو تہ باطن ۾ پير جي عنايت جو ٻج ان جي دل ۾ گهڻي دير نہ رهندو ۽ پير ۾ فاني ٿيڻ حقيقت ۾ مريد جو ارادو آهي. جيستائين مريد مطلق پير ۾ فاني نہ ٿيندو، تيستائين فنا في الله کي هرگز نہ رسندو. نفس جي معرفت کان اڳ خدا جي معرفت حاصل نہ ڪندو. جيئن طريقت جي مشائخن چيو آهي تہ پير ۾ فنا ٿيڻ الله تعاليٰ جي معرفت ۽ باري تعاليٰ جي وصال جو وسيلو آهي. پير ۾ فنا ٿيڻ کانسواءِ مُريد هرگز الله تعاليٰ کي نہ لهندو. پير ۾ فنا ٿيڻ ۽ ان جي فرمانن تي هلڻ، سچي مريد جو ڪم آهي. جيڪڏهن مريد پير جي فرمانن تي هلندو تہ سِڌو رستو لهندو، ورنہ گمراهيءَ ۾ هلاڪ ٿيندو. جيئن الله جي نبي حضرت نوح عليہ السلام جو پُٽ پيءُ جي فرمان تي نہ هليو تہ هلاڪ ٿيو. اهڙي طرح جيڪڏهن مريد پير جي فرمان کان ٻاهر نڪرندو تہ مريدي جي سڳي ڌاڳي مان نڪري ويندو ۽ پير تان مريد جو حق لهي ويندو. پير جيڪڏهن اهڙي مريد جي تربيت نہ ڪري تہ ان تي عذاب نہ آهي. جيئن نبوت جي دعويٰ ۽ تبليغ کانپوءِ امت انڪار ڪيو تہ نبيءَ جي ذمي تان امت وارو حق لهي ويو. پير ۽ مريد جو معاملو بہ اهڙي طرح آهي، جيئن نبي ۽ امت جو معاملو آهي. جيڪڏهن ڪو نبي جي فرمان جو انڪار ڪندو تہ ايمان جي دولت کان محروم ٿيندو ۽ جيڪڏهن ڪو پير جي فرمان جو انڪار ڪندو تہ مريدي کان نڪري ويندو، پوءِ پلي پاڻ

ڪي مريد پيو چوائي.حقيقت ۾ پيري مريدي عظيم ڪم آهي، جنهن جي حقيقت تائين پهچڻ تمام مشڪل آهي. ماڻهو ائين سمجهن ٿا ته جيڪو مصلي (مسند) تي ويٺو ۽ ماڻهن ان کي هٿ ڏنو. اهو پير آهي ۽ جيڪو ارادي سان آيو اهو مريد آهي. اها ظاهري صورت آهي. پر اها معنوي صورت هرگز نه آهي. پيري مريدي ٻي شيءِ آهي. ڪشف، ڪرامتون ۽ انهن جو علم هڪ اطلاع آهي، حقيقتي رازن ۽ ڪُنه باري تعاليٰ تي [١٠] ان جي محروم ٿيڻ کان ان حقيقت جو ڄاڻڻ تمام سخت مشڪل آهي، هر ڪو نه ٿو ڄاڻي سگهي، پر ڪو ڪو ڄاڻندو آهي. بيت:

محرم دولت نبود هر سري

بار مسيحا نکشد هر خري

ترجمو: هر شخص دولت جي راز جو محرم نه هوندو آهي،هر گڏهه مسيحائي جو بار نه کڻندو آهي.

اڄ ڪلهه جا پير دعويٰ ڪندا آهن ته اسين پير آهيون. ڪشف ۽ ڪرامتن کان عاجز هوندا آهن. انهن کي اها خبر نه آهي ته پيريءَ جو مرتبو ڇا آهي ۽ ان جون نشانيون ڪهڙيون آهن. پير جي صورت بنائڻ ۽ نفس جي حظ کان سواءِ ڪجهه نٿا ڄاڻن. اها به خبر نه اٿن ته اسين ڪير آهيون ۽ ڪٿي آهيون اهي خالي وڏائي ۽ غرور ۾ آهن. فرد:

خواجه پندارد ڪه دارد حاصلي

حاصل خواجه بجز پندار نيست

ترجمو: وڏائي واري کي ڇا حاصل ٿيندو سواءِ وڏائي جي ڪيس ڪا شيءِ حاصل نه ٿيندي!!

ڇيو اٿن ته صبحاڻي قيامت جي ڏينهن،الله تعاليٰ اهڙن پيرن کي ذاڙيلن سان گڏ اُتاريندو ۽ فرمائيندو ته منهنجي طالبن کي ڇا جي لاءِ توهان ڪوڙيون دعوائون ڪري گمراه ڪيو؟ بيت:

بت است نفس و قبول خلق زنار
شريعت با حقيقت گفت يکبار

ترجمو: هي نفس بت آهي ۽ مخلوق ۾ مقبوليت جڻيو آهي. شريعت حقيقت کي هڪ دفعو ائين واضح ڪري چيو.

جيڪي اڄ ڪلھ مريدي جي دعويٰ ڪن ٿا، انهن کي اها خبر نہ آهي تہ مريد ڇا آهي ۽ مريد ڪنهن کي چئجي ٿو؟ انهن خالي مرشدي واري صورت بنائي آهي، ٻيو ڪجھ نہ آهي. اي منهنجا پيارا! جڏهن آخري وقت ايندو. تڏهن اهڙا مرشد پيدا ٿيندا. ان وقت ڪامل اوليائن جو ڪلام پڙهڻ گهرجي. تہ جيئن ان جي برڪت سان سچي ۽ ڪوڙي جي خبر پوي ۽ انهن جي ڌوکي ۾ نہ اچي ۽ پنهنجو وقت ضايع نہ ڪري، ڇاڪاڻ تہ وقت بي بها موتي آهي، ان کي ضايع ڪرڻ نادانن جو ڪم آهي. عقل مند کي وقت ضايع نہ ڪرڻ گهرجي، جيئن طريقت جي مشائخن چيو تہ:

اطرق الله تعاليٰ بعدد انفاس المخلوقات.

ترجمو: مخلوق جي پساهن جيترا الله (سان ملاقات) جا طريقا آهن.

جڏهن سالڪ سلوڪ جي رستي ۾ ايندو آهي، ان وقت جهان جي احوالن کان بي خبر هوندو آهي. ڪي طريقا بدعت آهن. جيڪڏهن انهن طريقن سان سلوڪ طئي ڪندو ۽ ساز سرور سان محبت رکندو تہ اهو ڪم شريعت ۾ حرام آهي ۽ ڪي ظاهري علم کان خالي هوندا آهن. جيڪڏهن سالڪ اهو طريقو قبول ڪندو تہ ظاهري علم ڏانهن مائل نہ ٿيندو ۽ چوندو تہ علم هڪ نقطو آهي، اهو هي آهي تہ الله تعاليٰ هڪ آهي ۽ محمد صلي الله عليہ وسلم الله جو موڪليل رسول آهي ۽ حق ڪٺي آيو آهي. [١١] وڌيڪ ڄاڻڻ ضروري نہ آهي. جيڪو ان ڳالھ تي ڀروسو ڪري ويهي رهندو ۽ ٻيا ضروري احڪام علم وغيره ڇڏي ڏيندو تہ اهو شخص امر ۽ نهي جي معرفت، حرام ۽ حلال، مڪروه ۽ مباح کان محروم رهجي ويندو. ڪي باطني علم کان خالي هوندا آهن. جيڪڏهن سالڪ انهن جي طريقي ۾

ايندو تہ منزلن، مقامن ۽ معاملن کان بي خبر جهان وارو هوندو. اڳوڻن اوليائن ۽ پنهنجي معاملن کان بي خبر رهندڙ انهن سيني طريقن ۾ نقص آهي. طالب کي انهن طريقن ۾ نہ وڃڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ انهن ۾ ڪو نفعو نہ آهي پر ڀيٽو نقصان آهي ۽ ڪي طريقا هر ناپسنديده شيء کان خالي آهن. جيئن سڪر ۽ بدعت، ظاهري ۽ باطني علم کان بري، شرعي قاعدن ۽ دين پروري جي احڪامن تي محڪم ۽ مضبوط . پيغمبر جي تابعداري واري ترازو تي سنجيده هوندا آهن. اهو طريقو درياءَ وحدت وارو آهي ۽ انهن جو مشرب تمام بلند آهي. جڏهن سالڪ ان طريقي تي هلندو آهي، تڏهن ظاهري علم ڏانهن لاڙو رکندو آهي ۽ ان ۾ سعيو ۽ ڪوشش ڪندو آهي. انهيءَ ڪري شريعت جي امر ۽ نهي تي ثابت قدم هوندو آهي ۽ احڪامن ۽ ايمان جي ارڪانن تي نگاه رکندو آهي، نماز، روزه، زڪوات، ۽ حج ۽ خدا جي حلال ڪيل کي حلال ۽ حرام ڪيل کي حرام ڄاڻندو آهي. مڪروه ۽ مباح ۾ فرق ڪندو آهي ۽ بدعت، سُڪر سُرور ۽ ساز ۽ بدعت کي روا نہ رکندو آهي. سالڪن جو اهو ٽولو حق جي رستي تي تيز پکيءَ وانگر هلندو آهي ۽ پنهنجي سيني منزلن ۽ مقامن کي پاڻ لهندو آهي، ۽ اڳوڻن اوليائن جي احوالن ۽ سلوڪ وارن کي حاضر ڄاڻندو آهي ۽ درياءَ وحدت جنهن جي حقيقت بي بها آهي، ان ۾ ٽٻيون ڏيندو آهي ۽ ان جي رستي کان واقف ٿيندو آهي. هن طريقي وارا سالڪ، مصنوعي طريقن ۽ ناشائستہ حرڪتن کان پري هوندا آهن. مطلب تہ هن طريقي وارن جو سلوڪ شرعي احڪامن ۽ ارڪانن موافق هوندو آهي ۽ امام اعظم ابو حنيفہ رح جي مذهب جي بُلند ۽ عالي قاعدن مطابق هلندا آهن ۽ پيغمبر ﷺ جي تابعداري تي ثابت قدم هوندا آهن. سڌي رستي ۽ صراط مستقيم وارو سلوڪ قبول ڪندا آهن. **بيت:**

در طريقت هرچہ پيش سالڪ آيد خير اوست
بر صراط مستقيم هيچ ڪس گمراه نيست

ترجمو: طريقت جي رستي ۾ سالڪ کي جيڪي پيش اچي، اُن ۾ ڀلائي آهي. سڌي رستي تي هلندڙ ڪوبہ گمراه نہ آهي.

جيڪو ان طريقي سان سلوڪ طئي ڪندو، اميد آهي تہ الله تعاليٰ ان کي شيطان جي ڏوکي ۽ نفس جي مڪر ۽ گمراهيءَ کان بچائيندو ۽ خراب قول ۽ فعل کان امن وارو ڪيندو ۽ خدا جي حڪم تي [۱۲] مُحڪم ۽ ثابت هوندو ۽ پنهنجي مرتبي ۽ مقام تي نظر ڪونہ وجهندو. اهڙيءَ طرح ڪشف ۽ ڪرامتن جو بہ طالب ڪونہ ٿيندو پر خالص الله تعاليٰ جي رضا ۽ ديدار جو طالب هوندو ۽ جيڪا شيءِ ان تي ڪشف ٿيندي، اهابہ شريعت سڳوري جي موافق هوندي، انشاءَ الله تعاليٰ. ڇاڪاڻ تہ جيڪو سلوڪ جي هن طريقي ۾ فقير حقير تي ڪشف ٿيندو، اهو بہ شريعت ِمحمدي ۽ افضل الصلواة واڪمل التحيات مطابق هوندو، جيڪو طالب پنهنجو ظاهر ۽ باطن شريعت مطابق ڪندو ۽ خدا جي ذڪر ۽ فڪر ۾ مشغول ٿيندو، اهو خدا جي طاقت سان سلوڪ طئي ڪندو ۽ انبيائن جي تابعداري ڪندو. ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ انهن کي هدايت ۽ سندس ذات جي معرفت لاءِ موڪليو آهي تہ مخلوق کي دعوت ڏين ۽ اسان جي پيغمبر ﷺ کي بہ الله تعاليٰ امت جي دعوت لاءِ بہ شيون ڏنيون ۽ هي فقير (لطف الله قادري رح) پڻ پنهنجي طريقي ۾ ٻن شين تي زور ڏيندو آهي. اهل حقيقت چوَن ٿا تہ پير جو فرمان نبيءَ جي حديث مطابق هوندو آهيٰ ۽ نبيءَ جو فرمان الله تعاليٰ جي حڪم مطابق هوندو آهي. جيئن قرآن شريف ۾ آهي تہ:

من يطع الرسول فقد اطاع الله. (٤ : ٨٠)

ترجمو: جنهن رسول جي تابعداري ڪئي ان الله جي تابعداري ڪئي.

اها آيت انهن اصولن تي دليل آهي. انهيءَ ڪري سچي طالب کي گهرجي تہ پهريان علم جي طلب ڪري، ان ڪانپوءِ خدا جي ذڪر ۽ فڪر ۾ مشغول ٿئي ۽ جيڪڏهن پڙهڻ کان عاجزيا اڻ پڙهيو هجي تہ ٻڌي. بهرحال علم کان خالي نہ رهي تہ جيئن گمراهي ۽ هلاڪت ۾ نہ پوي.

قال النبي صلي الله عليہ وسلم کن عالما او متعلما او مستمعا ولا

تکن رابعا فتهلک.

ترجمو: حضور ﷺ ارشاد فرمايو تہ عالم ٿيءُ يا علم حاصل ڪندڙ شاگرد ٿيءُ، يا ٻُڌندڙ ٿيءُ ۽ چوٿون نہ ٿيءُ نہ تہ هلاڪ ٿيندين! **بيت:**

چو شمع از پي علم بايد گداخت
ڪہ بي علم نتوان خدا را شناخت

ترجمو: علم جي پٺيان شمع (ميڻ بتي) وانگر ڳرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ علم ڪانسواءِ خدا ڪي نٿو سڃاڻي سگهجي.

علم جا ٻہ قسم آهن. هڪڙو ڪسبي، جيڪو استادن ڪان حاصل ٿيندو آهي يا پڙهڻ ۽ ڪتابن جي مطالعي مان حاصل ٿيندو آهي. ٻيو جيڪو سيني مان ظاهر ٿيندو آهي، جنهن ني ڪشفي علم چوندا آهن. علم جو هڪ قسم اهو بہ آهي جيڪو خدا جي درگاه مان پيغمبرن جي دلين تي لهندو آهي، جنهن کي وحي باطني چوندا آهن. علم جو هڪڙو قسم اهو آهي جيڪو اوليائن جي دلين تي الهام ٿيندو آهي. هن علم جا بہ ٻہ قسم آهن هڪڙو شريعت جي ترازو ۽ ساهميءَ ۾ درست هوندو آهي. اهو صحيح آهي، ٻيو اهو جيڪو درست نہ اچي اهو غلط آهي ۽ ظاهري علم جيڪو شريعت جو علم آهي، اهو بنيادي رڪن آهي. هڪ قرآن مجيد آهي ۽ ٻيو حديث شريف آهي ۽ ٽيون اجماع آهي. علم باطني جنهن کي علم حقيقي چوندا آهن، ان جا ٻہ ٽي رڪن آهن. هڪ ذات الاهي جل ذڪره، ان جي وحدانيت (هيڪڙائي) ۽ تشبيه ڪان نفي جو علم. ٻيو صفات خداوندي ۽ ان جي احڪامن جو علم. ٽيون خدائي حڪمت ۽ افعال جو علم. شريعت جو علم حقيقت ڪانسواءِ نفاق آهي ۽ حقيقت جو علم شريعت جي علم ڪانسواءِ زنديقي آهي. پوءِ معلوم ٿيو تہ اهي ٻئي علم ضروري آهن. [١٣] طالب جي لاءِ ضروري آهي تہ انهن علمن ۾ مشغول ٿئي.

اي پيارا: علمُ سعادت جو سرمايو آهي ۽ ماڻهوءَ جي نجات ۽ ڇوٽڪارو علم جي ڪري ٿيندو. جنت جا درجا بلند ۽ قدسي ڪرامتون بہ

علم سان حاصل ٿين ٿيون ۽ جهالت، شقاوت، بدبختي ۽ هلاڪت جو سرمايو آهي. ماڻهو ۾ سيئي خرابيون جهالت جي ڪري ٿين ٿيون. **فرد**

نيست از بهر آسمانِ ازل

نردبان پايه بہ ز علم عمل

ترجمو: ازلي آسمان (راز) تائين رسائي لاءِ علم ۽ عمل جي ڏاڪڻ کان وڌيڪ ٻي ڪا شيءِ ناهي.

اي عزيز! چاڻ تہ سوا لک پيغمبر الله تعاليٰ موڪليا. سيني چيو تہ علم جي طلب فرض آهي پوءِ جيڪو علم جي طلب نہ ڪندو ان چڻ تہ سيني پيغمبرن جي ڳالهہ قبول نہ ڪئي. والله اعلم بالصواب.

مريد کي شوق ڏيارڻ ۽ پير جي تابعداري ڪرڻ ۾ سنڌي بيت: **بيت**

جيڪي سونٿائون سڦرو، هيجان متي حال

تون مر مهندان تن جيِ، قيل وجائي قال

جهو پسڻ اُن جو، تيهي مِلڪ نہ مال

سو غم سونهارو سال، جو هوءِ حضور تن جي

باب ٽيون

مريد کي نصيحت ڪرڻ ۽ اُن جي چاڻ ۾

اي عزيزا مريد کي گهرجي تہ ستن ٽولين ۽ جماعتن کان پرهيز ڪري تہ جيئن انهن جي ڏوکي کان بچي. **پهريون** عورتن جي صحبت کان بچي، ڇاڪاڻ تہ انهن جي صحبت سان شهوت غالب ٿيندي آهي۽ خواري ملندي آهي. **ٻيو** تہ امرد بنان ڏاڙهي وارن ڇوڪرن کان بچي، ڇاڪاڻ تہ انهن جي صحبت سان دل ۾ خلل پوندو آهي ۽ ماڻهو گناهہ کي قريب ٿيندو آهي. **ٽيون** تہ جاهلن جي صحبت کان بچي، ڇاڪاڻ تہ انهن جي صحبت سان عقل گهٽبو آهي ۽ طبيعت سخت ۽ ناپسنديده ٿيندي آهي. **چوٿون** تہ مالدارن جي صحبت کان بچي، ڇاڪاڻ تہ انهن جي صحبت سان مغروري ۽ غفلت ٿيندي آهي. **پنجون** تہ حڪومت ڪندڙن کان بچي، ڇاڪاڻ تہ انهن جي صحبت سان دل جي سختي، اکين جي انڌائي ۽ ظلم ڏانهن لاڙو ٿيندو. **ڇهون** تہ غيرن جي صحبت کان بچي، ڇاڪاڻ تہ انهن جي صحبت سان دل گمراهہ ۽ يقين ۾ فساد پوندو آهي. **ستون** تہ نااهلن جي صحبت کان بچي، ڇاڪاڻ تہ انهن جي صحبت سان طلب جو رستو بند ٿيندو ۽ دل جي محبت زائل ٿيندي. انهن ستن ئي ٽولن مان ڪنهن هڪ جي بہ صحبت زهر قاتل آهي، جنهن کان بچڻ تمام ضروري آهي۽ طالب صادق کي گهرجي تہ ان فقير جي صحبت اختيار ڪري، جيڪو ظاهر ۽ باطن ۾ فقيري رکندو هجي ۽ اُن عالم جي صحبت اختيار ڪري جيڪو احڪامن جو علم ۽ شريعت جا ظاهري ۽ باطني اسرار ڄاڻندو هجي ۽ سندس دل نفساني خواهشن جي حرص ۽ هوا کان خالي هجي ۽ سندس دل الله کانسواءِ غير کان ٽٽل هجي. جيڪو انهن صفتن سان موصوف هوندو اهو حاذق طبيب آهي. اُن جو ڪلام دوا ۽ ان جي نظر ظاهري ۽ باطني بيمارين کان شفا

هوندي. طالب صادق کي گهرجي تہ ان جي اڳيان مرده وانگر بنجي وڃي ۽ پنهنجا سيئي اختيار ڇڏي ڏي ۽ مطلق ان جي رضا جو تابع ٿي وڃي. جيڪي ڪجهہ مُرشد چوي،ان تي پنهنجي طاقت ۽ حال مطابق عمل ڪري، ان کي پير جي صحبت ۽ توجہ چوندا آهن. جيڪڏهن مريد جي بخت ۾ هوندو تہ اهڙي پير مان حاصل ڪندو.

اي عزيز! ڄاڻ تہ وضو جو مطلب باري تعاليٰ جي طلب ۽ دنيا کي ترڪ ڪرڻ آهي [١٤] ۽ غُسل جو مطلب ما سواءِ الله جي تعلقات ترڪ ڪرڻ آهي. جيستائين حق جو طالب، ترڪ دنيا وارو وضو نہ ڪندو، تيستائين طلب مولا واري نماز جائز نہ آهي. انهيءَ ڪري طالب صادق کي گهرجي تہ پهريان وضو مُحڪم ۽ مضبوط ڪري ان کان پوءِ مولاجي طلب جي نماز شروع ڪري، تہ جيئن گنهگار نہ ٿئي، ڇاڪاڻ تہ ڪا بہ نماز وضوءَ کان سواءِ جائز نہ آهي. **بيت:**

ز دنيا ترک گير از بهر دين تو
توکل بر خدا کن باليقين تو

ترجمو: دين جي لاءِ تون دنيا کي ترڪ ڪر، يقين سان تون خدا تي ڀروسو ڪر.

چو بايد رفت از دار دنيا
چرا بندي تو دل در کار دنيا

ترجمو: هڪڙي ڏينهن هن دنيا مان وڃڻو آهي، پوءِ ڇا جي لاءِ تو دنيا جي ڪمن سان دل لڳائي آهي.

نبايد بست دل با زن بفرزند
ببايد بود تنها با خداوند

ترجمو: زال ۽ اولاد سان دل لڳائڻ نہ گهرجي، الله تعاليٰ سان

اڪيلائي ۾ دل وندرائڻ گهرجي.

بهرجائي ڪ باشي با خدا باش

زخود واز جملہ عالم جدا باش

ترجمو: جتي بہ هجين، خدا سان هج، پاڻ کي سڄي جهان کان جدا سمجهندو رهج.

مده تو دون حق جائي در دل

درونت تا نيابد عزازل

ترجمو: پنهنجي دل ۾ حق کان سواءِ ٻئي ڪي جاءِ نہ ڏي تہ جيئن تون پنهنجي اندر ۾ شيطان کي نہ لهين.

اي عزيز! ڄاڻ تہ دنيا جا ٻہ پاسا آهن. هڪ ظاهر ٻيو باطن. دنيا جو ظاهر آراستہ ۽ سينگاريل آهي پر باطن ان جو ويران ۽ خراب آهي. دنيا جو مثال ائين آهي، جيئن انسان جي اندر ۾ رت ۽ پونءِ آهي. پر ٻاهر ان جو نقش ۽ صورت ۽ مختلف عجيب ۽ غريب رنگ آهن. جنهن کي ڏسي ماڻهو ان تي فريفتہ ٿئي ٿو ۽ مغرور ٿئي ٿو. ائين دنيا جي باطن کان بي خبر آهي جيئن ڪتو ڇرين وانگر ڊوڙندو آهي. ائين دنيا کان وڏيڪ زيب ۽ زينت ڪا شيءِ ڪونہ سمجهندو. فقد ضل ضلا لا مبينا (۳۳ : ۳۶) ۾ اهڙن ماڻهن جو حال ٻڌايل آهي جيڪي گمراه ٿيا پر جن دنيا جي باطن تي نظر وڌي اهي دنيا کان پري ٿيا ۽ ان ڏانهن بلڪل لاڙو نہ ڪيائون سي ڪامياب ٿيا. **فقد فاز فوزا عظيما** (۳۳ : ۲۱) ۾ اهڙن ماڻهن جي صفت ٻڌايل آهي.

اي عزيز! دنيا جي هڪڙي شام ۾ سو غم متصل آهن. دنيا جي هڪڙي لذت ۾ هزارين تڪليفون پيچيده آهن!!! هڪڙي آرام ۽ احت ۾ هزارين زخم آهن ۽ هڪڙي ڏک ۾ هزارين نيش آهن. ڪهڙو عاقل پنهنجي دل اهڙي دنيا سان لڳائيندو؟ **بيت:**

حال دنيا را بہ پرسيدم من از فرزانہ
گفت يا بادي است يا خوابي است يا افسانہ
باز گفتم حال آنکس کوکہ دل دروي بہ بست
گفت يا ديوي است يا غولي است يا ديوانہ

ترجمو: مون دنيا جو حال ڏاهي کان پڇيو. جواب ڏنائين، تہ يا هوا آهي يا کو خواب آهي يا کو افسانو آهي. مون وري پڇيو تہ جيکو شخص دنيا سان دل لڳائي ٿو، اهو ڪيئن آهي. جواب ڏنائين تہ باديو آهي يا جن آهي يا (دنيا سان دل لڳائڻ وارو) چريو آهي.

اي منهنجا پيارا! سوچ ۽ فکر ڪر، تہ الله تعاليٰ ان بيڪار ۽ بدڪار دنيا جي باري ۾ ڇا فرمايو آهي تہ:

وماالحيواة الدنيا الا لهو ولعب. (٢٩: ٦٤)

(دنيا راند ۽ روند ڪانسواءِ ڪا شيءِ نہ آهي)

تنهن ڪري مولا جي مردن کي بيڪار ڪم ۾ مشغول ٿيڻ نہ گهرجي. ٻي جاءِ تي الله تعاليٰ ارشاد فرمايو تہ:

وما الحيواة الدنيا الا متاع الغرور. (٥٧: ٢٠)

يعني دنيا واري زندگي ڏوکي، خرابي ۽ غفلت جي سامان کان سواءِ ڪا شيءِ نہ آهي.

۽ ٻي جاءِ تي [١٥] الله تعاليٰ ارشاد فرمايو تہ:

قل متاع الدنيا قليل. (٤:٧٧)

(چئو اي حبيب صہ تہ دنيا جي زندگي ٿوري آهي)

باقي رهڻ واري آخرت واري زندگي ۽ خدا جي معرفت آهي. دنيا جي زندگي ائين آهي جيئن ڏاٿو دام (قاسي) تي هجي ۽ ڪي چون ٿا تہ عربي ٻولي ۾ قليل ان ڪپڙي کي چوندا آهن، جيڪو حيض جي رت سان پريل

هجي.

قال النبي صلي الله عليہ وسلم الدنيا جيفه وطالبها كلاب.

يعني: دنيا ڍونڊ آهي ۽ ان جا طالب ڪُتا آهن.

ٻي حديث ۾ فرمايو اٿن تہ:

حب الدنيا راس كل خطيئه.

(دنيا جي محبت سيني گناهن جي پاڙ آهي)

۽ وري ٻي حديث ۾ فرمايو اٿن تہ:

الدنيا ملعونه وملعون ما فيها.

يعني: دنيا ملعون (لعنت ڪيل) آهي ۽ جيڪي ان ۾ آهي سو بہ ملعون آهي.

وقال المشائخ رحمهم الله تعاليٰ نجي المخففون هلك المثقلون وقال العلماء الدنيا دار بلاء ومحنه وغرور، وقال الحكماء الدنيا مكاره وخائنه الدين.

ترجمو: مشائخن چيو آهي تہ الله تعاليٰ انهن تي رحم ڪري جو، هو هلڪڙا چوٽڪارو لهي ويا ۽ ڳرا هلاڪ ٿي ويا ۽ عالمن چيو تہ دنيا مصيبت ۽ تڪليف ۽ ڌوکي جو گهر آهي ۽ حڪيمن چيو تہ دنيا تڪليف ۽ دين جي نقصان جو نالو آهي.

۽ ڪنهن شاعر چيو آهي تہ: **بيت:**

ترڪ دنيا گير تا سلطان شوي
ورنہ همچو چرخ سرگردان شوي

ترجمو: دنيا کي ڇڏي ڏي، تہ بادشاهہ ٿئين، ورنہ آسمان وانگر رات ڏينهن پيو ڦرندين.

هرچہ آن با تو فرو نايد بخاک
آن همه زيبا بود نہ دين پاک

ترجمو: جيڪي ڪجھ توسان، مٽي (قبر) ۾ گڏ نہ وڃي، اھو سڀ ڏيک ويک آھي دين جي ان ۾ ڪا ڳالھ نہ آھي.

خواجہ اويس قرنيؒ فرمايو تہ دنيا جي ڪم جو پاڻ تي بوجھ گھٽ وجھ، تہ ماڻھو توکي چريو سمجھن ۽ ڪنھن کي نہ ڏس تہ ٻار توکي پتر هڻن، ۽ تو مٽي ڪلن، تنھنجو ڪاڄو سُڪل ڪارڪون ھجن ۽ گودڙي تنھنجي ٿلهي ھجي، جا لٽ ۾ مٽي ھضم ڪرڻ واري ھجي. ميري ٿئي تہ ڌوئي وٺ، جڏھن ائين دنيا کي سڃاڻندين ۽ ان جي آفتن کي ڏسندين تہ،ان وقت توکي حال اختيار ٿيندو ۽ دنيا جي شرڪان بي ڏپو ٿيندين. نظم

زھر دارد در درون دنيا چو مار
گرچہ بيني ظاھرش نقش و نگار

ترجمو: دنيا جي اندر ۾ اهڙو زھر آھي، جھڙو نانگ ۾ آھي. جيتوڻيڪ ظاھر ۾ توکي نقش ۽ نگار ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

مي نمايد خوب دنيا در نظر
از زھرش بود جانرا خطر

ترجمو: دنيا ڏسڻ ۾ سھڻي اچي ٿي پر ان جي زھر مان جان کي خطرو آھي.

زھر اين ماري مُنقش قاتل است
باشد ازوي دور ھرڪہ او عاقل است

ترجمو: ان چِتڪمري نانگ جو زھر قاتل آھي، عقل واري کي ان کان پري رھڻ گھرجي.

ھمچو طفلان منگر اندرين زرد
چون زنان مغرور رنگ و بو مگرد

ترجمو: ٻارن وانگر ان ھيڊاڻ کي نہ ڏس، عورتن وانگر رنگ ۽ بوءِ تي مغرور نہ ٿيءُ.

زال دنيا چون عروس آراسته
هر دو روزي شوي ديگر خواسته

ترجمو: دنيا جي زال ڪنوار وانگر سينگاريل آهي، هر ٻئي ڏينهن نئون گهوٽ گهرندي آهي.

لب به پيش شوئي خندان مي ڪند
پس هلاڪ زخم دندان مي ڪند

ترجمو: مڙس اڳيان چپن سان کلندي آهي پر وات جي اندر ڏندن سان زخمي ڪري هلاڪ ڪندي آهي.

مُقبلان مردي ڪه شد زاين جُفت طاق
پُشت بروي ڪرد دادش سه طلاق

ترجمو: الله جي نيڪ ٻانهن دنيا جي اکي ٻڏي ڪان پُٺ ڦيري ان کي ٽي طلاقون ڏنيون آهن.

هڪڙي بزرگ فرمايو ته جيڪڏهن الله تعاليٰ مون کي چوي ته دنيا قبول ڪر، جيڪڏهن قبول نه ڪندين ته توکي دوزخ ۾ موڪليندس ته آئون دوزخ قبول ڪندس پر دنيا قبول نه ڪندس. ڇاڪاڻ ته مون دنيا جا فتنا ۽ شر ڏٺو آهي ۽ هيئن به چيائين ته اي عزيز! سوچ ڪر ته جيڪڏهن ڪافر طبيب توکي چوي ته اها دوا نه کاءُ، تنهنجو نقصان آهي ته تون ان وقت دوا کان رُڪجي ويندين. سوا لک نبي الله تعاليٰ جي طرفان آيا. انهن سڀني متفق ٿي چيو ته:

حب الدنيا رأس كل الخطيئة.

ترجمو:دنيا جي محبت هر برائي جي پاڙ آهي.

پر تون ان کان باز نه آئين.

جمل درباز و فروکن پائي راست

گر کفن هيچ نگزاري رواست [١٦]

ترجمو: سڀ مولا جي راهہ ۾ ڏيئي، عاجزيءَ سان پير ڪڻ. جيڪڏهن ڪفن لاءِ ڪجهہ نہ هجي تہ بہ ٺيڪ آهي.

بزرگن چيو آهي تہ: دنيا سِڪي جو اڌ آهي اڌ قارون ڪٺي ويو جيڪو ان سان گڏ زمين ۾ ويو باقي اڌ سڄي مخلوق کي مليو آهي. ان مان جنهن کي ٽڪرو مليو آهي، اهو ان تي مغرور ٿيو آهي پر اها بي خبري، ناداني ۽ انڌائي آهي، نعوذ بالله منها. **فرد**

دوست ازان گر سنہ دارد مدام

تاز جائي خويش سير آيد تمام

ترجمو: جيڪو پاڻ کي دنيا کان هميشہ بکيو رکندو اهو پنهنجي جان کي ڊاول رکندو.

بزرگن چيو آهي تہ جيڪڏهن درويش رات فاقي ۾ گذاري تہ ان جي روح جو معراج آهي، جيئن بزرگن چيو آهي تہ

معراج الفقير ليله الفاقه.

ترجمو: فقير جو معراج فاقي واري رات آهي. **فرد**

فقر چيست از گمرهي ره کردنست

در دو عالم دست کوتہ کردنست

ترجمو: ٻنهين جهانن مان طمع جو هٿ سوڙهو ڪري غلط رستي کي ڇڏڻ جو نالو فقيري آهي.

اهل بصيرت چون ٿا تہ معرفت جي نشاني دنيا ڇڏڻ آهي. پوءِ جنهن دنيا ڇڏي معلوم ٿيو تہ ان کي معرفت حاصل آهي ۽ جنهن دنيا نہ ڇڏي معلوم ٿيو تہ ان کي معرفت حاصل نہ آهيِ. **بيت:**

آن هوائي کہ پيش ازين باشد

رسم عادت بود نہ دين باشد

ترجمو: اهي خواهشون جيڪي هن کان اڳ ۾ هيون انهن کي عادت يا رواج چئبو، دين ڪونہ چئبو.

اي عزيز! ڄاڻ تہ سڀني مومنن، ڪافرن، منافقن ۽ مخلصن جو هن ڳالهہ تي اجماع ۽ اتفاق آهي تہ دولت فتني ۽ آزمائش جو سرمايو آهي. فرعون، نمرود ۽ شداد دولت جي ڪري خدائيءَ جي دعويٰ ڪئي، بلعم باعور ۽ برصيصيا زاهد، دنيا جي ڪري هلاڪ ٿيا. آدم جي اولاد ۾ رڳو دنيا جي ڪري فساد آهي، سڀني انبيائن ۽ اوليائن دنيا کي ترڪ ڪري فقر اختيار ڪيو. **مثنوي**

گرچہ چنداني سليمان کار داشت

کز زمين تا عرش گير و دار داشت

ترجمو: جيتوڻيڪ حضرت سليمان ؑ ايترو وڏو ڪم ڪيو جو زمين کان آسمان تائين سندس حڪمراني هئي.

مسکنت را قدر چون بشناخت او

قوت از زنبيل بافي ساخت او

ترجمو: پر جڏهن هن مسڪينيءَ جو قدر سڃاتو تہ پوءِ گودڙي سبڻ کي قوت جو وسيلو ٺاهيائين.

چون ٿا تہ دنيا ٺهڻ کان هن وقت تائين، ان تي الله تعاليٰ رحمت واري نظر نہ ڪئي آهي. دنيا پليت، بدبخت ۽ گڏهہ جو ڍونڍ آهي، جنهن کي گهڻ قسم جي ماڻهن ۽ ڪتن اختيار ڪيو آهي. **فرد**

سگ چون مردار يافت جان شمرد

خر چو جو يافت زعفران شمرد

ترجمو: ڪتي، مردار ڪي ساھ برابر سمجھيو ۽ گڏھ جونِ ڪي زعفران سمجھيو.

اي عزيز! ڄاڻ تہ دنيا جي آرائش ۽ سينگار ڏيک ۽ نمائش گڏھ وانگر آھي. دنيا جو ڪائڻ ۽ پائڻ خيال آھي. دنيا جون لذتون ۽ شھوتون احتلام وانگر آھن. ان جي پُنيان لڳڻ ۾ سرگرداني ۽ هلاڪت آھي. بيت:

دنيا دون چون نهنگي سرکشيد
نيک و بد را تا بگردن درکشيد

ترجمو: ڪميڻي دنيا واڳونءَ وانگر پاڻيءَ مان مٿو ٻاھر ڪڍيو. نيڪ ۽ بد ٻنهي کي ڪنڌ سوڌو اندر ڇڪيائين.

جمله را تا حشر مو پيچيد دست
هيچ کس از مکر و دام او نجست

ترجمو: قيامت تائين ان سيني کي وڪڙ ۾ آڻي ڇڏيو. ڪوبہ ان جي مڪر ۽ فريب کان بچي نہ سگھيو.

خاک عالم جمع کن چون خاک بيز
بر سر دنيا ومردم خاک ريز

ترجمو: سڄي جھان جي مٽيءَ جو ڍڳ گڏ ڪري، دنيا وارن جي مٿي تان اڇلاءِ.

زانک گر يک لقمه نان باشد ترا
صد بلا از بعد آن باشد ترا

ترجمو: ڇاڪاڻ تہ جيڪڏھن توکي مانيءَ جو ھڪ گراھ ملندو تہ ان جي پُنيان سوين مصيبتون بہ توکي پھچنديون.

اي عزيز! ڄاڻ تہ دنيا جا عيب ۽ مصيبتون گھڻيون آھن. جيڪڏھن

سڄي عمر اهي لکيا وڃن تہ پورا ڪونہ ٿيندا. پوءِ طالب کي گهرجي تہ ضرورت مطابق دنيا تي قناعت ڪري، جيڪو تمام ضروري هجي ان تي بس ڪري تہ جيئن دنيا جي هلاڪت ۽ فتنن ڪان ڇوٽڪارو لهي. **مثنوي**

هيچ ڪس را در جهان بحر و بر

از قناعت نيست ملکي بيش تر

ترجمو: دنيا جي بر ۽ بحر (سمنڊ) ۾ ڪي اهڙا بہ آهن ڄڻ لاءِ قناعت ڪان وڏيڪ ٻي ڪا بادشاهي ڪانهي.

نفس قانع گر گدائي مي ڪند

در حقيقت بادشاهي مي ڪند

ترجمو:جيڪو نفس گدائي تي قناعت ڪري ٿو حقيقت ۾ اهو بادشاهي ڪري ٿو.

چون ترا ناني و خلقاني بود

هر سر موئي تو سلطاني بود

ترجمو: جڏهن تو وٽ مانيءَ جو ٽڪر هجي ۽ پراڻي گودڙي هجي پوءِ سمجهہ تہ تنهنجي هر وارکي بادشاهي آهي.

چون ٿا تہ ڪو درويش موت جي حالت ۾ سڪرات کي ويجهو پُهتو. ڪُلهن واري گودڙيءَ کڻي اُڇلايائين. [١٧] يارن پُڇيو تہ اِهو ڇا ٿو ڪرين؟ جواب ڏنائين تہ جيئن دنيا ۾ آيس ائين دنيا مان وڃڻ چاهيان ٿو.

چون ٿا تہ حضرت آدم عليہ السلام، مسجود ملائڪ (جنهن کي ملائڪن سجدو ڪيو) کي ست جنتون ۽ ملائڪ انعام ۾ مليا هئا. جڏهن فقير تي نظر پيس، تڏهن سڀ عزت، نعمت ۽ راحت ڪٽڪ جي هڪڙي داٽي تي وِڪيائين. مثنوي

عمر روزي پنج شش مي بگذرد

خواه خوش خواه ناخوش مي بگذرد

ترجمو: هن عمر جا پنج ڇهہ ڏينهن لنگهي ويندا، خوشي توڙي غم ۾ آخر گذري ويندا.

چون چيز مي بگذرد عمري کہ هست

چيست خبر باد از چنين عمري بدست

ترجمو: جڏهن لنگهڻ واري شيءِ گذري ويندي آهي، ڪهڙي خبر تہ عمر بہ هٿ مان ائين ئي هلي وڃي.

چون ٿا تہ: هڪڙو عالم چار سو صندوقون علم جون ڄاڻندو هو، علم ۽ عبادت کانسواءِ ان کي ٻيو ڪو ڪم ڪونہ هو، پر ان جي دل جي دنيا محبت سان آلوده هئي. ان وقت جي پيغمبر کي وحي ٿيو تہ فلاڻي کي چئو تہ تون چار سو صندوقون علم جون ڄاڻين ٿو ۽ رات ڏينهن انهن جو مطالعو ڪرين، ٿو ۽ الله جي عبادت ۾ مشغول رهين ٿو ۽ پنهنجي دل جي دنيا کي محبت کان پاڪ نٿو ڪرين، انهيءَ ڪري تنهنجي ڪابہ ڳالهہ قبول نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ جنهن دل ۾ دنيا جي محبت جاءِ وٺندي، اها خراب آهي ۽ خراب گهر توکي بہ ڪونہ وڻندو آهي، پوءِ الله تعاليٰ کي اها دل ڪيئن وڻندي؟ بزرگن چيو تہ رسمي عبادت جي بجاءِ حقيقي عبادت ڪرڻ گهرجي. جڏهن حضرتِ آدم عليہ السلام دنيا ۾ آيو تہ الله تعاليٰ فرمايو تہ اي آدم! مون توکي پيدا ڪيو آهي ۽ هيءُ جهان عبادت خانو آهي هن ۾ منهنجي بندگي ۽ عبادت ڪر، تہ جيئن توکي ۽ تنهنجي اولاد کي ستن ڏينهن کانپوءِ واپس بهشت ۾ گهرايان. پوءِ جڏهن آدم عليہ السلام ۽ سندس فرزند عبادت ۾ مشغول ٿيا، تڏهن شيطان انهن تي رشڪ ڪاڏو ۽ چوڻ لڳو تہ آئون ملائڪن جو مُعلم ۽ استاد هئس ۽ آدم ع جي ڪري ان مرتبي کان رهجي ويس ۽ آدم ع جي ڪري منهنجي ڪنڌ ۾ لعنت جو ڳٽ پيو، خراب، خوار ۽

ضايع ٿيس، اهو ساڳيو آدم آهي، جڏهن آدم عہ ۽ سندس فرزند عبادت ۾ مشغول ٿيندا تہ واپس بهشت ۾ ويندا پوءِ منهنجي دشمنيءَ مان انهن کي ڪونقصان تہ ڪونہ پهچندو، انهيءَ ڪري انهن کي ڏوکو ڏيان تہ جيئن بهشت واري نعمت ۽ باري تعاليٰ جي رضا ڪان رهجي وڃن ۽ مولا جي ملاقات واري دولت ڪان محجوب ۽ محروم ٿين. پوءِ شيطان آيو ۽ انهن جي دل ۾ وسوسو وڌائين تہ جڏهن هتي توهان کي اولاد ٿيندو، تڏهن توهان کي خوشحالي ۽ ڪاڏي جي فراخي کپي ۽ اولاد پاڻ ۾ راند روند ڪري ۽ انهن جي تدريج سان آراستگي ۽ سينگار ڪجي. اهي سڀ ڪم توکي ڪرڻا پوندا، ڇاڪاڻ تہ تون انهن جو پيءُ آهين ۽ انهن جي سرفرازي جي لاءِ دنيوي عادتون ۽ رسمون اختيار ڪرڻ گهرجن. پوءِ آدم عہ اهي رسمون ۽ طور طريقا اختيار ڪيا ۽ ڏينهون ڏينهن انهن ۾ زيادتي ڪيائين ۽ انهن ۾ مشغول ٿيو ۽ عبادت ۾ سستي ڪرڻ لڳو، ائين جهان ۾ [١٨] فساد وڌي ويو پوءِ الله تعاليٰ، اصلي ڪم جي خبر ڏيڻ لاءِ دنيا ۾ انبيائن کي موڪليو، جن ماڻهن کي خبر دار ڪيو تہ الله تعاليٰ توهان کي ڇاجي لاءِ پيدا ڪيو آهي ۽ جهان ۾ ڇو موڪليو آهي. پوءِ ڪي آگاهہ ۽ خبردار ٿيا ۽ دنيوي عادتن ۽ رسمن ڪان باز آيا ۽ اهي عالم، اولياءَ ۽ صالح ٿيا.

"مثلهم كمثل الانبياء".

انهن جي صفت ۽ تعريف آهي ۽ انهن خدا جي ڪلام ۽ انبيائن جي ڪلام ۾ غور ڪيو ۽ ڄاتائون تہ هائو،هي رسمون ۽ عادتون ڪنهن آسماني ڪتاب ۾ نہ آهن، ۽ نہ ڪنهن نبي ۽ ولي، عالم ۽ صالح جي ڪلام ۾ آهن ۽ اهي رسمون ۽ عادتون نہ فرض آهن ۽ نہ واجب ۽ نہ سنت، نہ مندوب ۽ مستحب آهن، دين ۽ شريعت ڪان ٻاهر آهن ۽ سيني آسماني ڪتابن، انبيائن، اوليائن ۽ علمائن جي قول جي خلاف آهن. جڏهن اها خبر معلوم ٿي، پوءِ انهن مان مڪمل طور تي هٿ ڪڍڻ گهرجي ۽ بيزاري اختيار ڪرڻ گهرجي. اهي ماڻهو جانورن وانگر آهن، جن کي شيطان چيو آهي تہ اهي رسمون ۽ عادتون توهان جا ابا ڏاڏا ڪندا آيا آهن جيڪي

توهان کان وڌيڪ عقل مند هئا، جيڪڏهن اهي رسمون ناپسنديده هجن ها تہ اهي هرگز نہ ڪن ها. اهي رسمون تمام بهتر آهن انهن کي نہ ڇڏيو. پوءِ اهي شيطان جا تابعدار ٿيا شيطان کي مرشد بنايائون ۽ پنهنجو اڳواڻ ڪيائون. نعوذ بالله منها. ۽ اهو هرگز نٿا سمجهن تہ اسان جا ابا ڏاڏا ڏوکي ۾ هئا ۽ هي شيطان آدم جي اولاد جو دشمن آهي. ان جي ڪابہ ڳالھ ٻڌڻ نہ گهرجي.

ان الشيطان لکم عدو فاتخذوه عدوا. (٦:٣٥)

قرآن شريف جي صاف نص موجود آهي. **بيت:**

دنيا اهل آن چون تير بگريز
چون بگريزي بدرويشي بيااميز

ترجمو: دنيا ان لائق آهي تہ تون ان کان تير وانگر ڀڄ. جڏهن ائين ڀڄندين تڏهن درويشي سکندين.

علائقهائي دنيا قطع گردان
حزين دل باش دروي چون غريبان

ترجمو: دنيا جا سيئي تعلق ٽوڙي ڇڏ، مسافر وانگر غمگين دل هج.

بغفلتهائي دنيا شد خلق مغرور
کہ ياد مرگ را گم ز دل دور

ترجمو: دنيا جي غفلت جي ڪري ماڻهو مغرور ٿيا جو موت جي يادگيري پنهنجي دل مان گهٽائي ڇڏيائون.

زهي غفلت کہ مارا کور کرده است
کہ ياد مرگ ازدل دور کرده است

ترجمو: واه غفلت جنهن اسان کي انڌو ڪري ڇڏيو آهي ۽ موت جي

يادگيري پنهنجي دل تان مِٽائي ڇڏي آهي.

ماڻهن جا ٻه قسم آهن: گهڻن الله تعاليٰ کان دنيا گهري آهي ۽ ٿورن کون گهري آهي. جن دنيا گهري آهي، اهي هڪڙو ڪم ڪن ٿا، تہ خوش ٿين ٿا. ۽ لذت حاصل ڪن ٿا، ۽ قيمتي عمر بيڪار ڪمن ۾ ضايع ۽ خراب ڪن ٿا. الله تعاليٰ جي ذات پاڪ ۽ آخرت جي خبر نٿا رکن. جن الله تعاليٰ کان دنيا کون گهري آهي، انهن تي دنيا جا ڪم مشڪل آهن، جيڪڏهن هڪڙو ڪم ڪن ٿا تہ عاجز پريشان ۽ هلاڪ ٿين ٿا جو پنهنجو هٿ ٺئي ڪم ۾ نٿا وجهن ۽ هميشہ لاءِ توبہ تائب ٿين ٿا.

اي عزيز ! ڪابہ شيءِ [١٩] دنيا ۾ ڪمائيءَ کان ڀلي نہ آهي. دنيا مان آخرت جو فائدو حاصل ڪجي، انهيءَ ڪري پيغمبر ﷺ فرمايو تہ:

الدنيا مزرعه الاخره

ترجمو: دنيا آخرت جي پوک آهي.

باقي ٻي ڪا شيءِ دنيا ۾ نہ آهي، اها هڪڙي حديث دنيا جي تعريف ۾ چيل آهي ٻيون سڀ حديثون دنيا جي خرابيءَ ۾ فرمايل آهن. **مثنوي**

در متاع دون دنيا دل مبند
توشہ بهر راه آخر را بگير

ترجمو: ڪميڻي دنيا جي سامان سان دل نہ لڳاءِ، آخرت جي سفر لاءِ سامان تيار ڪر.

زانکہ مال دنيوي از هرچہ هست
توشہ آخر بود شيخ کبير

ترجمو: ڇاڪاڻ تہ دنياوي مال، جيڪي ڪجهہ آهي، اهو آخرت جي وڏي ڏينهن لاءِ سامان آهي.

غير آن هرچہ ضلالت تست هلاڪ،
هم خرابي تست از من پند بگير

ترجمو: ان کانسواءِ جيڪي ڪجھ آهي، اهو تنهنجي لاءِ هلاڪت آهي ۽ خرابي آهي اها منهنجي نصيحت قبول ڪري وٺ.

جيڪي ماڻهو دنيا سان تعلق رکن ٿا، انهن جا ٻہ قسم آهن، هڪڙا پاڻ دنيا جي ڪمن ۾ لڳي وڃن ٿا ٻيا وري پنهنجن غلامن ۽ ٻانهن جي ذريعي نفعو وٺن ٿا، ۽ ڪي دل جي رضا سان گذارو ڪن ٿا ۽ ڪي ٻي دل ٿي ڪن ٿا ۽ مالڪ جي پيرن ۾ وهن ٿا ۽ جيڪي مالڪ کي نٿا سڃاڻن اهي مالڪ جي مٿن کان وهن ٿا.

ڪتابن ۾ آيو آهي، تہ جنهن وقت حضرت جبرئيل عليہ السلام پيغمبر ﷺ تي وحي آندي ان وقت چيائين تہ اي محمد ﷺ الله تعاليٰ توهان تي سلام موڪليا آهن ۽ سلامن کان پوءِ فرمايو آهي تہ جيڪڏهن گهرين تہ روءِ زمين جا جبل تولاءِ سون ڪري ڇڏيان ۽ جتي تون هجين اهي توسان گڏ هجن. جڏهن حضور ﷺ اها خبر ٻڌي، تڏهن فرمايائين تہ دنيا بي بقا آهي، ۽ دنيا جو مال، مال نہ آهي. اهو ڪهڙو شخص آهي، جيڪو دنيا ۾ لڳي وڃي ۽ اُخروي دولت نہ وٺي. دنيا جي مال گڏ ڪرڻ ۾ آخرت جي ذڪيائي آهي ۽ بي عقلن جو ڪم آهي ۽ آخرت جي نعمتن کان بي خبر ٿيڻ آهي. جبرئيل ع چيو تہ **يثبتک الله بالقول الثابت.** ڪتابن ۾ آيو آهي تہ حضرت عيسيٰ عليہ السلام ڪنهن سُتل بزرگ وٽان لنگهيو، ستل کي چيائين تہ اُٿي خدا کي ياد ڪر، سُتل درويش چيو تہ اي عيسيٰ مون کان ڇا گهرين ٿو، مون تہ دنيا ۽ دنيا وارن کي ڇڏي ڏنو آهي. حضرت عيسيٰ چيو تہ خوش رهہ، ۽ پلي سُمهہ ڇاڪاڻ تہ تو هر عبادت جي پاڙ ۽ بنياد پڪڙيو آهي.

قال عليہ السلام الفقراء جلساء الله تعاليٰ يوم القيامه.

يعني: حضور صلي الله عليہ وسلم ارشاد فرمايو تہ فقير قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ جا ساٿي هوندا.

حضور ﷺ ارشاد فرمايو تہ:

اکثر اهل الجنة الفقراء.

گهڻا جنتي فقير هوندا.

حضور صلي الله عليه وسلم ارشاد فرمايو ته منهنجي امت جا فقير ٻين امتن جي فقيرن کان گهڻا بهشت ۾ ويندا ۽ پاڻ فرمايائون ته صُبحاڻي قيامت جي ڏينهن ملائڪ ايندا، نور جي براقن تي منهنجي امت جي فقيرن کي سوار ڪري بهشت ۾ وٺي ويندا، ۽ هرهڪ سان گڏ ستر هزار ملائڪ هوندا ۽ اهي: طرقوا طرقوا (پري پري چوندي) بهشت ۾ پهچائيندا. جڏهن شاهوڪار، فقيرن جو اهو درجو ڏسندا، تڏهن آرزو ڪندا ته ڪاش اسين دنيا ۾ فقير هجون ها. حضور ﷺ ارشاد فرمايو ته جنهن کي الله تعاليٰ فقر ڏنو آهي ۽ اهو فقر تي راضي آهي، ته الله تعاليٰ ان کي دين ۽ دنيا جون سڀ شيون ڏنيون آهن.

حضور ﷺ ارشاد [٢٠] فرمايو ته صُبحاڻي قيامت جي ڏينهن شاهوڪار، فقيرن جا محتاج هوندا ۽ حضور ﷺ ارشاد فرمايو ته فقير، شاهوڪارن کان پنج سو سال اڳ بهشت ۾ ويندا ۽ حضور ﷺ ارشاد فرمايو ته حضرت سليمان عليه السلام ۽ حضرت يوسف عليه السلام ٻين انبيائن عليهم السلام کان چاليهه سال پوءِ بهشت ۾ ويندا، ۽ امير عثمان ۽ عبدالرحمن بن عوف رضي الله عنهما ٻين اصحابن کان چاليهه سال پوءِ بهشت ۾ ويندا، ان ان دير جو سبب هنن جي غنا ۽ شاهوڪاري آهي. ۽ حضور ﷺ ارشاد فرمايو ته صبحاڻي قيامت جي ڏينهن شاهوڪارن کان پُڇيو ويندو ته پئسا ڪٿان گڏ ڪيا اٿو، ۽ فقيرن کان پڇيو ويندو ته توهان وقت ڪيئن گذاريو؟ حضور ﷺ ارشاد فرمايو ته فقير مومن صالح جي عزت خدا وٽ ستن آسمانن ۽ زمينن ۽ ملائڪن، بر ۽ بحر، جبل ۽ جيڪي انهن ۾ آهي انهن کان مٿي آهي. الله تعاليٰ عيالدار فقير کي چاهيندو آهي ۽ ان تي پنهنجي رحمت جي نظر ڪندو آهي، ۽ حضور ﷺ ارشاد فرمايو ته:

الفقير صابراً عند الله تعاليٰ اجراً كثيراً بغير حساب.

صبر واري فقير جو الله وٽ وڏو اجر آهي.

۽ حضور ﷺ ارشاد فرمايو تہ:

الفقير سيئى فى الدنيا و زين فى الآخرة.

يعني فقر هن دنيا ۾ ڪارنهن آهي پر آخرت جو سينگار آهي.

۽ حضور ﷺ ارشاد فرمايو تہ:

افضل الفقراء على الاغنياء :فضلى علىٰ جميع خلق الله.

فقيرن جي فضيلت شاهوڪارن تي ائين آهي جيئن منهنجي فضيلت سڄي مخلوق تي آهي.

حضور ﷺ ارشاد فرمايو تہ توهان کي بهشت جي بادشاهن جي خبر ڏيان. صحابن چيو تہ هائو. اي الله جا رسول! پاڻ فرمايائون تہ فقير بهشت جا بادشاهہ آهن. جن کي شاهوڪار پنهنجيون نياڻيون شاديءَ لاءِ نتا ڏين ۽ جنگ ۾ ڪاڏي وقت انهن ڪان پنهنجا دروازا بند ڪن ٿا، جيڪڏهن فقير انهن سان ڳالهائين تہ مُنهن قيرائين ٿا، جيڪڏهن بيمار ٿين، تہ بيمار پرستي نہ ڪن، ۽ جيڪڏهن فقير مريو وڃن تہ انهن جا ڪانڌي نہ ٿين. صحابين چيو: سچ چيو تو اي الله جا رسول صلي الله عليہ وسلم. حضور ﷺ ارشاد فرمايو تہ فقيرن کي حقارت جي نگاهہ سان نہ ڏسو، جو الله تعاليٰ بهشت ۾ انهن جي سونهن کي وڌائيندو. ۽ حضور ﷺ ارشاد فرمايو تہ فقيرن جي دوستي بهشت جي ڪنجي آهي ۽ حضور ﷺ ارشاد فرمايو تہ: اي بلال رضي الله عنه ڪوشش ڪر تہ جيئن هن دنيا ۾ فقير هجين، ڇاڪاڻ تہ منهنجي امت مان بهترين فقير آهن. ۽ حضور ﷺ ارشاد فرمايو تہ:

الفقر فخري و به افتخر.

يعني مسڪيني منهنجو فخر آهي ۽ آئون ان تي فخر ڪريان ٿو.

۽ حضور ﷺ ارشاد فرمايو تہ:

اللهم احيينى مسكينا و امتنى مسكينا واحشرنى فى زمرة المساكين.

اي الله مون کي مسڪين ڪري جيار، ۽ مسڪين ڪري مار، ۽ قيامت ۾

مون کي مسڪينن سان گڏ اُٿارِ. بيت:

نظر کن در ره فقر اي برادر
شنو از من حقيقت او سراسر

ترجمو: اي ڀاءُ! فقيرن تي نظر ڪر، ان ڳالهه جي حقيقت مون کان سراسر ٻُڌ.

نبي الفقر فخري را ڪہ فرمود
ڪہ فرق رتبہ او بر فلک بود

ترجمو: حضور صہ فقيريءَ کي فخر چئي انهيءَ جو مرتبو آسمان تي پهچائي ڇڏيو.

ڪسي ار رتبہ فضلش چہ داند
کجا اين عقل ناقص من بداند

ترجمو: انهن فقيرن جي مرتبي کي ڪير ڄاڻي، منهنجو ناقص عقل ان ڳالهه کي ڪٿو ڄاڻي سگهي.

ڪہ فضل فقر بس عالي مقام است
بداند سر او آن کو تمام است

ترجمو: بس فقيري جو مرتبو تمام بلند آهي، ان رازکي، اهو ڄاڻي ٿو جيڪو پاڻ ڪامل آهي.

اگر بوئِ ازان آيد بآدم
شود او بي نياز از هر دوعالم

ترجمو: جيڪڏهن انسان کي فقيريءَ جي بوءِ اچي وڃي تہ ٻنهين جهانن کان بي [illegible]زتي وڃي.

فقير از ظاهرش حالش گدا هست

بمعنيٰ بنگري او بادشاهہ است

ترجمه: ظاهر ۾ فقير جي حالت پنڻ واري آهي پر باطني معنيٰ ۾ ڏسين تہ بادشاهہ آهي.

کسي کو اختياري آنکند بس

شود از دوستان اين و آنکس

ترجمو: جيڪو انهن جي سنگت ۾ ايندو تہ پوءِ اهي سندس دوست هوندا.

بکن تو دوستي با اين فقيران

بدان از جان کہ بارحمت قريبان [٢١]

ترجمو: تون انهن فقيرن سان دوستي ڪر، ڇاڪاڻ تہ اهي خدا جي رحمت کي ويجها آهن.

طلب کن تو رضائي اين فقيران

رضائي حق رضا خواند بر ايشان

ترجمو: انهن فقيرن جي رضا طلب ڪر الله جي رضا انهن ۾ ڳولهہ.

مبين بدسوئي ايشان را اين است

کہ قهر نارضائي حق در اين است

ترجمو: انهن کي خراب نظرن سان نہ ڏس، ڇاڪاڻ تہ انهن کي گهٽ نظرن سان ڏسڻ ۾ خدا جو قهر آهي.

ڪتابن ۾ آيو آهي تہ جڏهن ان دور جا شاهوڪار حضور صہ جي خدمت ۾ آيا ۽ چيائون تہ اي الله جا رسول صہ! هي فقير جيڪي توهان جي خدمت ۾ اچن ٿا، انهن جي ڪپڙن مان اسان کي بدبوءِ اچي ٿي، انهن ۽

اسان جي لاءِ ٽائيم جدا رک، تہ سيڪو پنهنجي وقت تي اچي، حضورﷺ اها ڳالهہ ٻڌي مصلحت خاطر ائين ڪيو تہ جيئن امير بہ اچن. فقيرن جي دل ٽٽي پيئي ۽ مسجد جي ڪُنڊ ۾ ويهي رهيا، ۽ مولا جي يادگيريءَ ڪي لڳي ويا ۽ ان سان دل لڳائڻ ۾ مشغول ٿي ويا. خدا تعاليٰ جو وحي آيو، جنهن ۾ حضور ﷺ کي فرمايو ويو تہ:

واصبر نفسك مع الذين يدعون ربهم بالغداوة والعشى يريدون وجهه، ولاتعد عيناك عنهم ج تريد زينة الحيوٰة الدنياج ولا تطع من اغفلنا قلبه عن ذكرنا واتبع هواه وكان امره فرطا. (١٨: ٢٨)

ترجمو: ۽ پاڻ کي انهن سان گڏ روڪي رک، جيڪي پنهنجي پالينڙ کي صبح ۽ شام سڏين ٿا، سندس رضا منڊي گهرن ٿا، تنهنجيون اکيون انهن کان نہ ڦرن، گهرين ٿو رونق دنيا جي زندگيءَ جي. ۽ ان جو چيو نہ مڃ، جنهن جي دل کي اسان پنهنجي ياد کان غافل ڪيو، ۽ اهو پنهنجي خواهش جي پُٺيان لڳو ۽ سندس ڪم حد کان لنگهيل آهي.

منهنجي دوستي انهن جي دوستيءَ ۾ آهي ۽ منهنجي رضا انهن جي رضا ۾ آهي ۽ انهن جي دوستي منهنجي دوستي آهي. انهن جو دشمن منهنجو دشمن آهي. جيڪو انهن سان دوستي رکندو، اهو پنهنجو دوست آهي ۽ جيڪو انهن سان دشمني رکندو، اهو منهنجو دشمن آهي. اهي منهنجو پردو آهن ۽ آئون انهن جو پردو آهيان ۽ اسان جي دربار ۾ فقر کان بهتر ڪا شيءِ نہ آهي. جيڪو منهنجي فقيرن کي دوست رکي ٿو، آئون ان کي دوست رکان ٿو.

هرکہ در سر محبت بندہ شد
تا ابد هم محرم و هم زندہ شد

ترجمو: جيڪو محبت جي راز جو ٻانهون ٿيو، اهو هميشہ جي راز جو محرم ٿيو. [٢٢]

هرکہ او از دار دنیا پاک شد

نور مطلق گشت گرچہ خاک شد

ترجمو: جيڪو دنيا ۾ آيو ۽ پاڪ ٿيو اهو نور مطلق ٿيو. جيتوڻيڪ مٽي ٿيو هجي.

اي عزيز! ڄاڻ ته فقر اختيار ڪرڻ ڪاملن جو ڪم آهي، ناقصن کي فقر اختيار ڪرڻ جي طاقت نه آهي. ڇاڪاڻ ته فقر شينهن ۽ هاٿيءَ وانگر آهي. شينهن ۽ هاٿيءَ کي جهلڻ آسان ڪم نه آهي، پر جنهن کي خدا گهري ۽ طاقت بخشي، جنهن سان انهيءَ کي جهلي. الله جي دوستن کان سواءِ ٻيو فقر اختيار نه ڪندو، دنيا ۽ آخرت ۾ فقر کان بهتر ڪا شيءِ نه آهي. انبياءُ ۽ اوليائن ۽ خدا جي خاص ٻانهن به فقر وارو رستو اختيار ڪيو ۽ خدا جو قُرب ۽ عرفان حاصل ڪيو. ڪمزور، ضعيف، مسافر، يتيم ۽ محتاج به فقر وارا آهن. انهيءَ ڪري فقر جو لفظ، سڀني لاءِ جامع آهي. جيڪو ادنيٰ ۽ اعليٰ سڀني مرتبن تي استعمال ٿئي ٿو. باهہ جا ساڙيل ۽ فاقي جا ماريل به خدا کي ويجها آهن، انهن ۽ خدا تعاليٰ جي وچ ۾ حجاب جو پردو نه آهي، انهن جي باري ۾ الله تعاليٰ پاڻ. غيبي خبر ڏني آهي. هاتف فرمايو ته:

يا غوث الاعظم اذا رايت المحترق بنار الفقر والمنكسرة الفاقتہ فتقرب اليه لانہ لاحجاب بيني وبينه.

الله تعاليٰ فرمايو ته اي غوث اعظم جنهن وقت تون فقر جي باهہ جو ساڙيل ۽ فاقن جو ماريل ڏسين، ته ان کي ويجهو ٿيءُ ڇاڪاڻ ته منهنجي ۽ ان جي وچ ۾ ڪو پردو نه آهي.

ثم سئلت (يارب) هل لک اکل و شرب قال اکل الفقير اکلي وشرب الفقير شربي.

پوءِ مون سوال ڪيو ته اي پروردگار! تنهنجو کائڻ ۽ پيئڻ ڇا آهي.

جواب ۾ فرمايائين، ته فقير کي کارائڻ مون کي کارائڻ آهي ۽ فقير

کي پيارڻ مون کي پيارڻ آهي. وري الله تعاليٰ فرمايو تہ:

ياغوث الاعظم قل لاصحابک واحبابک من اراد منکم صحبتي فعليه اختيار الفقر ثم فقر الفقر فاذا تم الفقر فلاهم الا انا.

الله تعاليٰ فرمايو تہ اي غوث اعظم پنهنجي يارن ۽ دوستن کي چئو، تہ جيکو توهان مان خدا سان صحبت جو ارادو ڪري ٿو، ان کي چئو تہ فقر اختيار ڪري ۽ فقر الفقر جي ڪوشش ڪري. پوءِ جڏهن فقر کي پورو ڪندو، پوءِ اهو نہ هوندو پر آئون هوندس.

وري الله تعاليٰ فرمايو تہ:

يا غوث الاعظم ليس الفقر عندي من ليس له شيءُ بل الفقير الذي له امر في کل شيءٍ اذا قال لشيءٍ کن فيکون.

الله تعاليٰ فرمايو تہ اي غوث اعظم مون وٽ اهو فقير نہ آهي، جنهن وٽ ڪا شيءِ نہ هجي، پر فقير اهو آهي جنهن جو هر شيءِ ۾ امر هجي، يعني جو شيءِ کي چوي تہ ٿيءُ، تہ ٿي پوي. ان ڳالهہ جو راز هي آهي تہ جڏهن فقر ڪمال درجي کي پهتو، تڏهن بشريت جي صفتن کان لنگهي ويو ۽ الوهيت جي صفتن سان موصوف ٿيو، پوءِ هر شيءِ ۾ اُن جو تصرف ٿئي ٿو.

تخلقوا باخلاق الله.

انهن جي صفت آهي. حقيقت ۾ اهو مرتبو فقر جي ڪري انهن کي مليو آهي. [۲۳]

فقر جا چند مرتبا آهن. هڪڙو فقر دوامي (هميشگي وارو)، ان کي فقر الفقر چوندا آهن. ۽ ٻين جا استعداد جي تفاوت سان گهٽ وڌ درجا آهن.

اي عزيز! شيخي ۽ پيري رندي جي سوين بابن ۾ هڪ نسبت آهي ۽ رندي ان کي چئبو آهي، جيڪا هڪ شيءِ ۾ بند نہ هجي. رندي سيني مقامن ۽ مرتبن کان گذري، الله تعاليٰ تائين پهچندي آهي. انهن جو سير اهڙي طرح ابدالاباد، دائم المدام ۽ هميشہ هوندو آهي ۽ هڪ جاءِ تي

ڪونہ بيهندو آهي، پر اهو رندي مرتبو، فقر جي مذهب ۾ الله تعاليٰ سان وڏو شرڪ آهي.

ڪتابن ۾ آيو آهي تہ بايزيد بسطامي جي دور ۾ هڪڙو ولايت جو صاحب رهندو هو، جنهن جا گهڻا نوڪر ۽ خادم هئا. ان بزرگ جي خادمن مان هڪڙو سير تي ويو ۽ آس پاس ۾ تماشو وجي ڪيائين. اتفاق سان بايزيد بسطامي بہ ان شهر ۾ ويو ۽ تماشي واري سان ملاقات ٿيس. شيخ ان ڪان پڇيو تہ تون ڪهڙي درويش جي خادمن مان آهين؟ چيائين تہ فلاڻي شيخ جي خادمن مان آهيان. بايزيد فرمايو تہ ان درويش جا مناقب بيان ڪر. چيائين تہ ان بزرگ جو عقيدو هن طرح آهي، تہ جيڪڏهن الله تعاليٰ زمين کي ٽامون ڪري ۽ آسمان مان مينهن جو ڦڙو بہ نہ وسائي، ۽ مشرق ڪان مغرب تائين سڀ مخلوق ان جو عيال هجي، ان بزرگ جي دل ۾ ذرو بہ لوڏو نہ ايندو. بايزيد جواب ڏنو تہ جيڪڏهن آئون پڪي هجان ها تہ ان شرڪ جي شهر تان هرگز نہ اڏامان ها. جڏهن خادم اها ڳالهہ ٻڌي، تڏهن پنهنجي مُرشد ڏانهن ويو ۽ ان سان حقيقت بيان ڪيائين. جڏهن درويش اها ڳالهہ ٻڌي تڏهن شڪستہ دل ٿيو ۽ ڏاڍو رنو ۽ پنهنجي خادم کي چيائين تہ وري شيخ جي خدمت ۾ وڃ ۽ ان ڪان معلوم ڪر تہ ڪهڙي طريقي سان مُشرڪ پاڻ کي مسلمان ڪري. پوءِ خادم بايزيد جي خدمت ۾ آيو ۽ پڇيائين تہ اي سلطان العارفين! اهو مشرڪ ڪهڙي طريقي سان پاڻ مسلمان ٿئي؟ بايزيد ڪاغذ جو ٽڪرو هٿ ۾ ڪنيو ۽ ان تي لکيائين تہ بايزيد اهڙو نہ آهي (جيڪو توکي مسلمان ڪري) تون رندي جي جاءِ تي آهين. فقر جي مذهب ۾ رندي شرڪ اعظم يا وڏو شرڪ آهي ۽ فقر خالص ايمان آهي جنهن ۾ خفي شرڪ بہ نہ آهي. حقيقي ايمان فقر جي مرتبي ۾ آهي ۽ حقيقي ۽ معنوي مسلمان فقير هوندو آهي. عرفان ۽ بصيرت وارن بزرگن فقر جي باب ۾ گهڻيون ڳالهيون چيون آهن، پر ان جي حقيقت سمجهڻ ڪان گهڻا جاهل آهن. ڪن چيو تہ مظاهر ذاتِ باري تعاليٰ جي اعتبار سان وصفون آهن، جيڪي ڪجهہ هن

جهان يا هُن جهان ۾ ظاهر ٿيو آهي، اهو سڀ ذات عالي جي وصفن مان آهي. اهو اهو پنهنجي مرتبي ۾ هرهڪ جو علم آهي. جيئن نبوت، ولايت، مومنيت ۽ ڪافريت ۽ پير جي ذات حق جو مظهر آهي. انهن جي علم کي فقر چوندا آهن ۽ ڪي چون ٿا تہ فقر هڪ مرتبو آهي جنهن ۾ نہ ڪشف آهي نہ يقين. نہ معرفت ۽ نہ دين آهي. مطلب تہ فنا ۽ عدم جو نالو فقر آهي. غير الله کي ڇڏي سڀ مرادون الله سان ڳنڍڻ فقر آهي. گھڻا اولياءَ الله هن ڳالھ تي متفق آهن تہ فقر جي حقيقت بيان ۽ نشان واري نہ آهي. [٢٤] حضور صلي الله عليہ وسلم کان سواءِ ڪو ان جي حقيقت نٿو ڄاڻي ۽ هن امت جا فقير حضور ﷺ جي پيروي ۽ تابعداري جي ڪري، فقر کي رسيا آهن. حديث قدسي ۾ آهي تہ قال الله تعاليٰ:

الفقر سرى لا يطلع عليه ملك مقرب ولانبى مرسل الا عبد محمد ﷺ.

الله تعاليٰ فرمايو تہ فقر منهنجو راز آهي جنهن تي نہ ڪو مقرب ملائڪ ۽ نہ ڪو رسول نبي واقف ٿي سگھي ٿو، پر منهنجو ٻانهون محمد ﷺ (واقف ٿي سگھي ٿو).

حضور ﷺ ارشاد فرمايو تہ :

وقال عليه الصلواة والسلام من اراد ان يجلس مع الله فليجلس مع الفقراء.

حضور ﷺ فرمايو تہ جيڪو الله سان مجلس ڪرڻ جو ارادو ڪري ٿو، ان کي فقيرن سان مجلس ڪرڻ گھرجي. بيت:

صحبت فقراء آن صحبت خدا است

هرکہ زان انکار آرد بد جزا است

ترجمو: فقيرن جي صحبت، خدا جي صحبت آهي، جيڪو ان جو انڪاري آهي ان لاءِ خراب سزا آهي، والله اعلم!

فقيرن جي تعريف ۾ سنڌي بيت:

فقر فاقو جن، ’فقرالفقر‘ جن ٿئو
تن ڪي نہ رهيو ڪيترو، وچان وڃ وئو
”فلاهم الا انا“ ڏسي حال اهو
پسو اَنِ ڪِهو، سدا حضور حق سين

باب چوٿون

شريعت ۽ حقيقت، طريقت ۽ معرفت جي بيان ۾

اي عزيز! ڄاڻ تہ ماڻهو جا ٻہ اصُول آهن هڪ بدن، ٻيو دل، بدن دين اسلام جو ظاهري رستو آهي، جنهن کي شريعت چون ٿا. ان جي مسافت علم ۾ مشغول رهڻ سان طئي ڪري سگهجي ٿي ۽ دل عرفان ۽ خدا تعاليٰ جي قرب جو ذريعو آهي، جنهن کي طريقت چون ٿا جنهن جو سلوڪ خداتعاليٰ جي ذڪر ۾ مشغول رهڻ سان طئي ڪري سگهجي ٿو. انهن ٻنهين رستن تي هلي سالڪ کي جيڪي حقيقتون ۽ باري تعاليٰ جا اسرار معلوم ٿين ٿا ان جو نالو حقيقت آهي، جنهن جي تحصيل انهن ٻنهي جي علمن سان ٿيندي آهي ۽ علم تي عمل هي آهي تہ شريعت جي حدن ۽ احڪام الاهي تي ڪاربند ٿئي.

قال الله تعاليٰ فاستقم كما أمرت. (١١ : ١١٢)

الله تعاليٰ پنهنجي حبيب کي فرمايو تہ جنهن ڪم جو توکي حڪم ڏنو وڃي ان تي ثابت ٿي بيهہ،

ان تي عمل جو مطلب هي آهي تہ غير خدا کي ڇڏي ڏي، نہ ڪنهن ۾ اميد رک ۽ نہ ڪنهن کان ڊپ ڪر، نہ ڪنهن کي نفعو ڏيندڙ ۽ نہ ڪنهن کي نقصان ڏيندڙ سمجهہ:

قل الله ثم ذرهم. (٦ : ٩١)

ان ڳالهہ تي شاهد آهي يعني الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ چئو خدا ۽ ٻين کان بس ڪريو هر وقت ۽ هر حال ۾.

جڏهن سالڪ ذات باري تعاليٰ جي معين سلوڪ ڪانپوءِ ان کي سڃاڻي ٿو، جنهن کي معرفت چون ٿا ان سان اخلاص حاصل ٿيندو آهي ۽ اخلاص جو مغز هي آهي تہ ڪوبہ مقصد ۽ مطلب يا عيوَض ۽ غرض

پنهنجي ڪم ۾، الله ڪانسواءِ نہ هجي ۽ هرڪم خدا لاءِ خالص هجي. پر ترتيب سان ڪم ڪري، جيئن پهريان شريعت تي ڪار بند ٿئي، پوءِ طريقت پوءِ حقيقت، ان ڪانپوءِ معرفت آهي. شريعت تي عمل جو مطلب هي آهي تہ حق جي طالب کي گهرجي تہ منع ڪيل شين کان پاسو ڪري ۽ حڪم ڪيل شين تي عمل ڪري. شريعت ۾ منع ڪيل شيون هي آهن: جيئن ڪفر ۽ شرڪ، نشو ۽ مسلمان کي ناحق مارڻ، شراب پيئڻ ۽ زنا ڪرڻ ۽ مسلمانن جو ناحق مال کائڻ ۽ ڪوڙي شاهدي ڏيڻ ۽ ٺهڪ ڏيئي کنهڻ تان کلڻ، ريشم ۽ سون سان مڙهيل ڪپڙا پائڻ ۽ وڏا جُبا پائي هلڻ ۽ بدعت اختيار ڪرڻ. ڇاڪاڻ تہ بدعت، سنت ۽ دين کي ڪٽيندڙ آهي. ساز سرود، دهل ۽ باجا ۽ ڏنڊ ٻڌڻ، ۽ گهنڊِن [٢٥] کي سُنو سمجهڻ ۽ ان جهڙا ٻيا سيئي ڪم اتفاق سان حرام آهن. جيئن حديث شريف ۾ آيو آهي تہ:

قال عليہ السلام اسماع الملاهي معصيه والجلوس فيه فسق والتلذذ به ڪفر.

ترجمو: ساز ٻڌڻ گناهہ آهي، ۽ ٻڌڻ جي نيت سان اتي ويهڻ فسق آهي ۽ ان مان لذت وٺڻ ڪفر آهي.

طالب کي گهرجي تہ شريعت جي منع ڪيل سيني شين کان پرهيز ڪري ۽ پنهنجي ستن ئي عضون تي غير مشروع کان نگاهہ رکي، جيئن اکين سان ڏسڻ، ڪنن سان ٻڌڻ، زبان سان ڳالهائڻ، هٿن سان ڪا شيءِ جهلڻ، پيٽ جو کاڌو کائڻ، فرج جو زنا ۽ لواطت کان بچڻ ۽ پيرن جو وڃڻ. انهن ستن ئي عضون کي غير مشروع ڪمن کان بچائي ۽ شريعت جا امر ڪلي آهن. جيئن ايمان ۽ عمل، توبہ ۽ ادب، نماز ۽ روزو، زڪوات ۽ حج ۽ علم پڙهڻ ۽ حلال جي طلب ڪرڻ، فرض، واجب، سنتون، مندوب ۽ مستحب بجا آڻڻ ۽ طهارت ۽ پاڪائي ۽ ان وانگر ٻيا اهي ڪم جيڪي مون بيان ڪيا آهن، اهي شريعت جا عمل آهن.

طريقت جا عمل هي آهن، جيئن منهيات کان پرهيز ڪرڻ ۽ امرن جو

پورو ڪرڻ ۽ طريقت جي نهي هي آهي، دنيا جي محبت، مال جي محبت، مرتبي جي محبت، لذتن جي محبت، شهوتن جي محبت، بخل، جهل، غفلت، ڊگهيون اميدون، دل کي خوش ڪرڻ، حرص ۽ حسد، نفرت ۽ وڏائي تڪبر ۽ طمع ، مخلوق جو ڊپ، سٺو ڪائڻ ۽ پائڻ، ڪاوڙ ۽ فخر ڪرڻ، دنيا ڏانهن لاڙو ۽ ريا ڪرڻ، منافقت ۽ حڪومت جو شوق ڪرڻ ۽ بادشاهن جي صحبت اختيار ڪرڻ، پاڻ ۾ سٺو گمان رکڻ ٻين جي حق ۾ برو گمان رکڻ، پنهنجا عيب نه ڏسڻ، دشمني رکڻ ۽ چُغلي هڻڻ ۽ ان جهڙا ٻيا ڪم آهن. طريقت جا امر هي آهن، جيئن سخاوت ۽ شفقت، نوڙت ۽ اخلاص، زهد ۽ تقويٰ، خوف ۽ اميد، ننڊو ڪرڻ، اميدن جو خير ڪرڻ، توڪل ۽ قناعت ڪرڻ، قرباني ڪرڻ تسليم ڪرڻ، ۽ ايثار ڪرڻ، برداشت ڪرڻ، دنيا کي ڇڏڻ، پنهنجو محاسبو ڪرڻ ۽ مجاهدو ڪرڻ. عبادت ۽ رياضت ڪرڻ، دين جو غم ڪائڻ، ڪامل يقين ڪرڻ، دل ۾ خدا جي محبت ۽ شوق رکڻ، گهٽ ڳالهائڻ، گهٽ سمهڻ، مخلوق، سان گهٽ ڪچهري ڪرڻ، نفس جي مخالفت ڪرڻ، دل جي خواهش جي نفي ڪرڻ، خلوت اختيار ڪرڻ، پنهنجي پير سان دل جو رابطو ڳنڍڻ، گهڻو وقت وضوءَ ۾ هجڻ، روزا رکڻ ۽ تلاوت ڪرڻ، ذڪر فڪر ۽ مراقبي ۾ مشغول ٿيڻ، گهڻي نماز پڙهڻ، رات جو جاڳڻ ۽ ان جهڙا ٻيا ڪم آهن.

حقيقت جا عمل هي آهن، جيئن منع ڪيل شين کان بچڻ ۽ امر ڪيل شين جي فرمانبرداي ڪرڻ ۽ نهي جي حقيقت هيءَ آهي، جيئن نفعو ۽ نقصان غير خدا کان سمجهڻ، ڪا شيءِ ملي ته خوش ۽ نه ملي ته غم وارو ٿيڻ ۽ جيڪا شيءِ خدا جي شغل ۽ خيال ۾ مانع هجي ان کي دل ۾ جاءِ ڏيڻ ۽ ان جهڙا ٻيا ڪم. ۽ امر جي حقيقت هي آهي ته جيئن جيڪي ڏسي خدا کان ڏسي جيڪي ڄاڻي خدا کان ڄاڻي جيڪا نيڪي ۽ بدي، نفعو ۽ نقصان خدا کان سمجهي. [٢٦] حقيقي فاعل سڄي جهان ۾ هڪ الله کي ڄاڻي،

ماشاءَ الله ڪان ومالم يشاءَ لم يڪن،

واري قول کي عمل ڪري ڏيکاري ۽ معرفت جا عمل هي آهن. جيئن منع ڪيل ڪمن کان پري ٿئي ۽ حڪم ڪيل ڪم ڪري، ۽ معرفت هي آهي تہ ان جي ڪم ۾ ساهہ کڻي ۽ قضا جي تير ۾ سست ٿئي ۽ معرفت جو امر هي آهي جيئن "چون وچرا" کي ڇڏڻ ان جي رستي کي قبول ڪرڻ ۽ ان جي رضا ۾ راضي ٿيڻ آهي. **بيت:**

خواه بڪش خواه بزن خواه بدار

يک روئي شدم مرا با تو ڪار

ترجمو: چاهي ڪهين يا مارين، يا ڦاهيءَ تي چاڙهين، هڪ ڳالهہ وارو آهيان، منهنجو توسان ڪم آهي.

با رد قبول مرا ڪاري نيست

مابنده بهر دوحال مشغول بدار

ترجمو: منهنجو رد يا قبول سان ڪم نہ آهي، آئون ٻنهي حالن ۾ تنهنجو ٻانهو آهيان مون کي مشغول رک.

معرفت تسليم جو مقام آهي، ۽ تسليم جي حق ۾ ڪوبہ اختيار نہ جڳائي، ان مقام ۾ رد ۽ قبول مدح ۽ ذم برابر آهي. ان مقام وارا نہ ڪنهن کي ڏکوئيندا آهن ۽ نہ ڏک وارا ٿيندا آهن. اهي فنا هوندا آهن، ۽ فنا جي صفت رکندا آهن، ۽ فاني ۾ ڪو تغير ۽ تبديلي ڪونہ هوندي آهي. **الفاني لايرد** ۾ ان ڏانهن اشارو آهي. اي عزيز! ڄاڻ تہ فقير اهل الله جي جماعت جي ڪتابن جو سالن تائين مطالعو ڪيو آهي ۽ انهن ۾ تدبر ۽ تامل گهڻو ڪيو آهي، ۽ گهڻي جدوجهد ڪئي آهي ۽ انهن جي ڳالهين کي گهڻي مدت تائين سنجيده عقل ۽ علم جي ترازو ۽ ساهميءَ ۾ توريو اٿم ۽ انهن ۾ ظاهر ۽ باطن تي نظر ڪئي اٿم، پر مون کي ان ۾ ڪابہ ڪوتاهي نظر نہ آئي. اهو هن لاءِ ڪيم تہ جيئن انهن جي ڳالهہ جو حاصل ڪلام

معلوم ٿئي ۽ مقصد سمجهجي، پوءِ پنهنجو سڄو عقل فڪر ۽ علم تميز قياس، قرآن ۽ حديث انبيائن ۽ اوليائن جي ڪلام، علماءَ ۽ مجتهدين، صالحن، فاضلن ۽ بليغن جي ڪلام مان به اها ڳالهه سمجهه ۾ آئي ۽ واضح نموني سان روشن ٿي ته سيني ظاهري ۽ باطني ڪمن جو مدار شريعت تي آهي. ڇاڪاڻ ته شريعت اصل آهي، طريقت حقيقت ۽ معرفت ان جو فرع آهن، يا شريعت ڪل آهي ۽ هي انهيءَ جو جز آهن. جيڪو شريعت ڪان سواءِ طريقت يا حقيقت ۽ معرفت جي دعويٰ ڪري، اهو زنديق آهي ۽ اسلام جو دشمن آهي ۽ جيڪو انهن کي هڪ ٻئي کان جدا شمار ڪري، اهو حقيقت کان بي خبر آهي. **نظم:**

شريعت را مقدم دار اکنون
طريقت از شريعت نيست بيرون

ترجمو: هاڻي شريعت کي اڳ ۾ رک، طريقت شريعت کان ٻاهر نه آهي.

کسی کو در شريعت راسخ آيد
طريقت بروی خود کشايد

ترجمو: جيڪو شريعت تي مضبوط ٿيو طريقت ان جي پاڻهي کلندي، جيڪڏهن بلند مقام تي پهچي وڃي يا ملڪ ۽ ملڪوت جاجهان ان تي کلن يا طريقت، حقيقت ۽ معرفت جي علم سان آراسته ٿئي، ان کي گهرجي ته پاڻ شريعت جي ظاهر تي جدوجهد ڪري ته جيئن ان جو باطن راسخ ۽ مضبوط ٿئي، ۽ سڌو رستو لهي. شريعت جي حدن ۽ احڪامن جي رعايت ڪري ۽ شريعت کان وار برابر به نه هٽي. شريعت جو مقصد ۽ مڪلف ٿئي ۽ سڌي رستي کان ٻاهر نه وڃي ۽ غلط رستو نه وٺي، اباحت، حلول ۽ اتحاد وارن بحثن ۾ نه پوي. ضلالت ۽ گمراهي ۾ هلاڪ نه ٿئي ۽ پنهنجي دين جو سرمايو برباد نه ڪري. سيني اصحاب سڳورن، ڪامل اوليائين، عالمن، مجتهدن ۽ صالحن [٢٧] کي شريعت تي مستقيم ڄاڻي ۽ فتويٰ صحيح علماءِ جي ڳالهه تي ڏي، جيئن ڪنهن بزرگ فرمايو آهي ته: **نظم**

هر کہ در راہ محمد رہ نیافت
تاابد گردي ازین درگہ نیافت

ترجمو: جنهن محمد ﷺ جي شريعت جو رستو نہ لڌو، سمجهو تہ ان سڄي زندگي اها درگاه نہ ڏٺي.

دولت دنیا و دین درگاه اوست
انبیاءِ را قبله خلوت گاه اوست

ترجمو: ان جي درگاه دين ۽ دنيا جي دولت آهي، انبيائن جو قبلو ان جي خلوت گاهہ آهي.

دولت دنیا ودین آنجا طلب
مرجع اهل یقین آنجا طلب

ترجمو: دين ۽ دنيا جي دولت اتي طلب ڪري، يقين وارن جي مرجع اتي طلب ڪري.

هر کہ چوں خاک نیست بردر او
گر فرشتہ است خاک بر سر او

ترجمو: ان جي دروازي جي جڏهن ڪو خاڪ نٿو ٿئي، پلي ملائڪ هجي پر ان جي مٿي تي مٽي هجي. والله اعلم. شريعت جي تعريف ۾ سنڌي بيت: **بيت:**

رهہ شريعت هليا، تفڪر طريق ٿيون
حال حقيقت رسيا، حرڪت حرص ويون
لئي لاهوتي پيا، وحدت وصالون
سي بيٺا بقا باغ ۾، فنا فرق پئون
پسو پنڌ سندون، اوءِ وجودان وهي ويا

باب پنجون

ڪوڙن سالڪن جي طريقن ۽ سچاڻپ جي بيان ۾

اي عزيز ڄاڻ ته جيڪو دنياوي حرص ۽ هوا ڇڏي، خالص خدا جي ياد ڪرڻ ۽ پنهنجي باطن ۾ عيوض ۽ غرض جي تمنا نه رکي، ان وقت اماره نفس سندس جاني دشمن هوندو ۽ دل ۾ وسوسا وجهي ڪيس چوندو ته انهيءَ مان توکي ڇا ملندو ۽ دنيا جون شيون ڇو ٿو ڇڏين، پوءِ جيڪڏهن دشمن جو چيو قبول ڪري ۽ دشمن جي رضا تي پنهنجي رضا ۽ راضپو ڏيکاريائين، ان مان سمجهو ته اجتهاد ۽ سلوڪ جو قدم اڳيان نه رکي سگهندو ۽ اهو باري تعاليٰ جي رضا واري طلب کان محروم رهندو. پر جيڪڏهن ان جو چيو قبول نه ڪري ۽ ان کي ڇڏي ڏي، ته الله تعاليٰ ٻين جي دلين تي الهام فرمائيندو ته فلاڻو شخص منهنجي سچي محبت، طلب ۽ اخلاص سان اچي ٿو، توهان ان کي دوست رکو. جاني ۽ مالي ان جي خدمت ڪريو، پوءِ ماڻهو جون دليون ان ڏانهن آرزو رکنديون ۽ ماڻهو ان ڏانهن مائل ٿيندا ۽ پاڻ ان تان فدا ۽ قربان ڪندا ۽ جاني مالي هر طرح جي خدمت ڪندا. جيڪڏهن طالب ان دولت حاصل ڪرڻ تي بيهي رهيو ته خدا جي قرب ۽ معرفت مان ڪجهه به حاصل نه ڪري سگهندو ۽ خاص طالبن جي مقام کي نه رسندو. پر جيڪڏهن طالب صادق، الله جي مدد سان ان جاءِ تان لنگهي، اجتهاد ۽ سلوڪ جو قدم ان جي اڳيان وڌائيندو، ان وقت الله تعاليٰ پنهنجي قدرت سان جنن جي دلين ۾ الهام فرمائيندو ته فلاڻو شخص طلب صادق، يقين ۽ اخلاص سان مون ڏانهن اچي ٿو، توهان ان کي دوست رکو، جاني ۽ مالي خدمت ڪريو، پوءِ جن ان ڏانهن مائل ٿيندا آهن. جاني مالي ۽ جيڪا خدمت چاهيندو آهي پيش ڪندا آهن ۽ جيڪڏهن ڪا دنيوي شيءِ به گهرندو ته في الحال مون کي سئو يا هزار درهم ڏيو ۽ جيڪڏهن چاهي ته ٻن يا چئن مهينن جي خبر ٻڌايو ته في الحال ائين به

ڪندا. جيڪڏهن چاهيندو تہ فلاڻي جاءِ تي اڳ سير ڪرايو تہ في الحال هوا بنجي ان جاءِ تي ڪيس پهچائيندا. پوءِ جيڪڏهن طالب [٢٨] اتي بيهي رهيو ۽ راضي ٿيو تہ اتي بيٺل رهندو ۽ ان جي اڳيان اجتهاد ۽ سلوڪ جو قدم هرگز نہ رکي سگهندو. ۽ باري تعاليٰ جي قرب ۽ عرفان واري دولت کان محروم رهندو. پر جيڪڏهن طالب صادق، الله تعاليٰ جي مدد ۽ الله جي ڪرم سان اتان گذري ويو تہ، سلوڪ ۽ اجتهاد جو قدم اڳتي رکندو تہ ان وقت الله تعاليٰ ملائڪن جي ٽولي کي حڪم ڪندو تہ فلاڻو شخص سچائي، يقين ۽ محبت منجهان مون ڏانهن اچي رهيو آهي، توهان وڃي ساڻس ملاقات ڪريو. پوءِ ملائڪ اچي ان سان ملاقات ڪن ٿا ۽ اتي جيڪڏهن اهو شخص گهرندو تہ ڪعبي ۾ نماز پڙهي تہ ڪيس اتي پهچائيندا. يا جيڪڏهن چاهيندو تہ ڪيس ڪوه قاف جو سير ڪرائن تہ اتي بہ وٺي ويندا. يا جيڪڏهن گهرندو تہ ڪيس آسمان، عرش ۽ ڪرسيءَ جون خبرون آڻي ٻڌائن تہ اهي بہ ڪيس ٻڌائيندا. تاهم جيڪڏهن طالب انهيءَ حصول تي راضي ٿي ويهي رهيو ۽ اجتهاد ۽ سلوڪ جو قدم اڳتي نہ رکيائين تہ باري تعاليٰ جي قرب ۽ عرفان کان محجوب ۽ محروم رهجي ويندو. پر جيڪڏهن اتان اڳتي گذري ويو ۽ اجتهاد ۽ سلوڪ ۾ قدم وڌايائين تہ ان وقت الله تعاليٰ مومنن جي خاص روحن کي حڪم ڪندو تہ فلاڻو شخص ڪمال شوق ۽ محبت سان مون ڏانهن اچي ٿو توهان وڃو ان سان ملاقات ڪريو. پوءِ اهي مومنن جا خاص روح وڃن ٿا ۽ ان سان ملاقات ڪن ٿا، عالم جبروت، لاهوت، هاهوت جون خبرون ۽ اسرار عالم وحدت ۽ عالم وجوب ۽ عالم قدس جون خبرون ان کي ٻڌائين ٿا. پوءِ جيڪڏهن طالب ان جاءِ تي بيٺو ۽ راضي ٿيو تہ ان جاءِ تي بيهندو، اجتهاد ۽ سلوڪ جو قدم ان کان اڳيان هرگز نہ رکندو ۽ الله تعاليٰ جي قرب ۽ عرف مان ڪجهہ نصيب ڪونہ ٿيندس پر جيڪڏهن طالب صادق، الله تعاليٰ جي عنايت سان ان مقام تان گذري ويو ۽ همت ۽ اجتهاد سان پنهنجو قدم رکيائين، ان وقت خدا تعاليٰ پنهنجي ڪرم سان ان جي دل تي الهام

فرمائيندو يا هاتفي (غيبي) آواز ايندس تہ فلاڻا توکي ست جنتون مباح ڪريون ٿا ۽ انهن جو حساب تنهنجي ڪنڌ تان ڪڍون ٿا ۽ توکي ڪامياب بنايون ٿا. پوءِ جيڪڏهن طالب ان تي بيهي ٿيو ۽ راضي رهيو ۽ ان جاءِ تي بيهي ٿو. اجتهاد ۽ سلوڪ جو قدم ان جي اڳيان هرگز نہ رکندو. باري تعاليٰ جي قرب ۽ عرفان ۽ ان جي اسرارن کان محروم رهندو ۽ خاص طالبن جي مقام تي نہ پهچندو. مخلص ۽ اجتهاد سلوڪ وارن جي گهٽيءَ ۾ قدم نہ رکندو ۽ باري تعاليٰ جي حقيقت ۽ معرفت کان آگاه نہ ٿيندو ۽ الله تعاليٰ جي حقيقت جي ڪنه کان محرم رهندو پر جيڪڏهن طالب صادق ۽ سالڪ خبردار ٿي ان جاءِ تان لنگهندو، اجتهاد ۽ سلوڪ جو قدم ان جي اڳيان رکندو، ان وقت الله تعاليٰ ان کي پنهنجي ذات پاڪ جو قرب ۽ عرفان نصيب ڪندو ۽ پنهنجي ذات جي واقفيت ۽ پنهنجي رازن جو محرم ڪندو ۽ خاص طالبن جي مقام تي پهچائيندو ۽ پنهنجي ڪنه جي محرمن مان بنائيندو. **بيت:**

هرڪه در سر محبت بنده شد
تا ابد هم محرم و هم زنده شد

ترجمو: جيڪو محبت جي راز جو ٻانهو ٿيو ابد کان وٺي هم راز ۽ زنده ٿيو. [۲۹]

هرڪه او از دار دنيا پاک شد
نور مطلق گشت گرچہ خاک شد

ترجمو: جيڪو دنيا ۾ پاڪ ٿيو، نور مطلق ٿيو جيتوڻيڪ مٽي ٿيو.

اي عزيز! ڄاڻ تہ هي جيڪو مون چيو اهو منع ڪيل ڪمن ۽ ڪوڙن سالڪن بابت هو ڇو تہ سالڪ انهن رستن تان لنگهي ذات باري تعاليٰ کان آگاه نٿو ٿئي. ذات جو محرم ۽ باري تعاليٰ جي اسرارن جو واقف نٿو ٿئي ۽ ڪمال الاهي جي ڪنه جو سير نٿو لهي. فنا ۽ بقا جو ميدان طي نٿو

ڪري ۽ فقر جي گوهر جي حقيقت نٿو سڃاڻي ۽ انسان ڪامل جي مرتبي کي هرگز نٿو رسي.

اي منهنجا پيارا! ڄاڻ تہ ان رستي جو سامان علم آهي ۽ سواري الله تعاليٰ جو ذڪر آهي، ۽ رستي جو امن فقر آهي ۽ رستي جو رهبر پير ڪامل ۽ مڪمل آهي يعني مرشد جي رهبريءَ ۾ سلوڪ طي ڪجي. جيستائين هي شرط موجود نہ هوندا تيستائين سلوڪ جو رستو هرگز حاصل نہ ٿيندو. سلوڪ دل جي حقيقي سير جو نالو آهي، جنهن کي باطني سفر بہ چوندا آهي. جيڪو باطني سفر ۾ لڳندو آهي الله تعاليٰ ان کي سفر ظاهر کان نجات ڏيندو آهي. ظاهري سفر جو مطلب دنيا جي ڪمن جي هلاڪت کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ناهي يعني اها خدا کان دوري آهي. جيئن حضرت غوث الثقلين هن باب ۾ فرمايو آهي.

يا غوث الاعظم من حرم عن سفري في الباطن ابتليته بالسفر الظاهر ولم يزدد مني الا بعدا في السفرالظاهر

جنهن کي منهنجي باطني سفر کان محروم ڪيو ويندو آهي، ان کي ظاهري سفر ۾ مبتلا ڪندا آهيون. اهو ظاهر سفر ان کي ٻيو ڪجهہ نہ مون کان پري ڪندو آهي.

قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ فرمايو تہ:

ففروا الي الله اني لكم نذير مبين. (٥١: ٥٠)

اها آيت بہ ان باطني سفر تي دلالت ڪري ٿي. يعني الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ، چئو اي منهنجا حبيب! منهنجي خاص ٻانهن کي تہ مون ڏانهن ڊوڙو بيشڪ آئون توهان جي لاءِ الله جي طرفان پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان.

اي عزيز! ڄاڻ تہ هن آيت ڪريمه

ففروا الي الله. (٥١: ٥٠)

مان مراد، الله تعاليٰ جي رستي جو سعيو ۽ ڪوشش ڪرڻ آهي.

خدا جي ٻانهن کي حڪم آهي تہ جيڪو ان حڪم کان باز رهيو، ان

جو حال حضرت موسيٰ عليه السلام جي قوم جهڙو ٿيندو. قال الله تعاليٰ.

فانها محرمت عليهم اربعين سنتہ يتهيون في الارض. (٥:٢٦)

يعني چاليهہ سال بيت المقدس جي زمين، حضرت موسيٰ عليه السلام جي قوم تي حرام آهي، اهي تيه جي ميدان ۾ سرگردان پيا ڦرندا.

اي عزيز! الله تعاليٰ جي رستي جو باطني سفر اختيار ڪرڻ گهرجي. پير، ولي، اولياءَ ڪامل رهبر ڪٺڻ گهرجي، تڏهن ان کي عرفان ۽ سلوڪ جي دولت نصيب ٿيندي، ڇاڪاڻ تہ ان تابعداري ۽ پيروي اختيار ڪئي آهي. جڏهن ڏاچين کي اٺن جي قطار ۾ ٻڌندا آهيو تہ، طاقت وارا اٺ اڳ ۾ ڪندا آهيو. ڪمزور ۽ گهہ وارا انهن جي پٺيان ٻڌندا آهيو. پر قطار جي رابطي جي سبب، ڪمزور بہ چراگاه ۾ پهچي ويندا آهن ۽ تلهن سان گڏ چرندا آهن.

حڪايت: ڪتابن ۾ آيو آهي تہ حضرت موسيٰ عليه السلام جي زماني ۾ مسخرو هو. اهو فرعون جي مجلس ۾ کلائيندو هو. لباس ۽ روش حضرت موسيٰ عبيه السلام واري ڪندو هو [٣٠]. حضرت موسيٰ عليه السلام کي ان کان تڪليف ٿيندي هئي، ۽ صبر نہ ڪري سگهندو هو. جڏهن فرعون لعين جو لشڪر ٻڏو ۽ تباهہ ٿيو پر اهو مسخرو ٻڏڻ کان بچي ويو، جڏهن حضرت موسيٰ عليه السلام ان کي ڏٺو تڏهن الله کان دعا گهريائين تہ اي الله! هن پليت ۽ بدبخت کي ٻڏڻ ۾ ڪهڙي حڪمت هئي؟ هن تہ مون کي گهڻو ايذايو هو. جواب آيو تہ اي موسيٰ، هن مسخري تو واري روش ۽ تو وارو لباس اختيار ڪيو هو، ۽ قول ۽ فعل ۾ تنهنجو نقل ڪيو هيائين، جڏهن توکي مون نبوت واري خلوت سان نوازيو. هن کي تو واري لباس ۾ ڪيئن هلاڪ ڪريان.

اي عزيز! نيڪ ڪردار واري شخص کي، الله تعاليٰ ڪيئن هلاڪ ڪندو، محض تقليد جي ڪري ان بدبخت پليت کي بہ الله تعاليٰ هلاڪ ڪونہ ڪيو. پوءِ جيڪو محض باري تعاليٰ جي رضا جي طلب لاءِ، ففروا الي الله، جي حڪم مطابق سلوڪ جو رستو وٺندو محنت ۽ مشقت الله لاءِ

ڪندو، خاص طالبن جي متابعت ۽ پيروي ڪندو ۽ خلوص سان جدوجهد ڪندو، ڪمال يقين ۽ صدق سان ڳوليندو، اميد آهي تہ الله تعاليٰ ان کي خاص ٻانهن جا مرتبا ۽ درجا عطا ڪندو. حقيقي ڪعبي ۽ معنوي قبلي سان مشرف ڪندو، نفس ۽ شيطان جي مڪرڪان محفوظ ۽ امن ۾ رکندو، ۽ هلاڪت ۽ تباهي جي کن کان بچائيندو. والله اعلم. سلوڪ ۽ طريقت جي وصف ۾ سنڌي بيت. **بيت:**

عجيبا عجيب، ڪر تمنا طريق
جان کهي نهارو ڪيڙو، پيهي منجهہ عميق
تان پنڌ پروئي ناهہ ڪو، ات ٿيا حيران حقيق
سندا ان دقيق، ٻجهڻان ٻاهر ٿئا

باب ڇهون

فقيرن جي ٽولن ۽ انهن جي سڃاڻپ جي بيان ۾

اي عزيزا :ڄاڻ ته فقيرن جا ايڪيهه ٽولا آهن. هڪڙو سڌي رستي وارو آهي ۽ ٻيا جهالت، بغير تربيت پير ڪامل ۽ مڪمل مرشد نه هجڻ سبب غلط آهن. پهريون ٽولو اهو آهي جيڪو مرشديءَ جي دعويٰ ڪري ٿو ۽ پنهنجي دام ۾ ناقص ۽ ڪمزور عقل وارن کي دعوت ڏي ٿو ۽ انهن کي طبع مطابق هلائي ٿو، پر پنهنجي نارسائي جي ڪري نٿو ڄاڻي ته اها دعويٰ حق آهي يا باطل آهي. ناداني ۽ بي خبري جي ڪري پنهنجي قيمتي عمر ضايع ڪري ٿو. خدا جي طالب کي پير ڪامل ۽ مڪمل يا پورو مرشد گهرجي، جيڪو شريعت جي ظاهري احڪامن جو ڄاڻو ۽ شريعت جي اسرارن کان واقف هجي، ۽ قول ۽ فعل ۾ مذهب اهل سنت جو تابع هجي ۽ الله جي حدن [٣١] جي رعايت ۽ شرعي حدن جي رعايت ڪندو هجي. جيڪو انهن صفتن سان موصوف نه هجي اهو ارشاد ۽ توجه جي هرگز لائق نه آهي، ۽ جيڪڏهن ڪو بي معنيٰ اهڙن معاملي ۾ دخل ڏيندو ۽ مقلد ٿيندو ته اهو گمراهي، هلاڪت ۽ خرابي ۾ پوندو ۽ ان جي تابعداري حرام آهي، ڇاڪاڻ ته ان جي تابعداريءَ مان ڪجهه به حاصل ڪونه ٿيندو، پر گمراهي ۽ دين جي خرابي ملندي. پوءِ طالب صادق کي ان کان پرهيز ڪرڻ گهرجي، ۽ پري رهڻ گهرجي ته جيئن گمراهيءَ ۾ نه پوي ۽ گمراهه ۽ هلاڪ نه ٿئي. جيئن شيخ شهاب الدين قدس الله سره العزيز، هن باب ۾ پنهنجي پٽ کي وصيت ڪئي ۽ نصيحت فرمائي آهي:

يا بني ارجع القرآن في جميع الاحكام فان القرآن حجت الله تعاليٰ علي الخلائق وتعد عن العلم خطوة وتعلم الفقه ولاتكن من الجاهل الصرفيته وعوامهم فانهم ولصوص وقطاع الطريق علي المسلمين.

يعني اي پٽ! سيني احڪامن ۾ قرآن ڏانهن موٽ، ڇاڪاڻ ته قرآن

مخلوق تي الله تعاليٰ جي طرفان حجت آهي، ۽ علم ڏانهن وک وڌاءِ ۽ فقه جو علم پڑهہ ۽ جاهل صوفين مان نہ بڻج، ڇاڪاڻ تہ جاهل صوفي دين جا چور ۽ مسلمانن جا ڌاڙيل آهن. نعوذباالله من شرهم.

اهي جيڪي عبادتون ۽ اشارا بيان ڪن ٿا، شريعت جي موافق نہ آهن انهن کي زنديق سمجهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ انهن جي سنگت مان ٻنهي جهانن جو نقصان ٿيندو. نعوذ باالله.

ٻيو ٽولو: اهو آهي جيڪو دين جي علم کي حجاب چوي ٿو ۽ علماءِ دين جو نالو مدعي ۽ دليل باز رکي ٿو ۽ اهو ٽولو چوي ٿو تہ جيڪو ظاهري علم ۾ پيو اهو حق کان محجوب رهيو ۽ مراد کي هرگز نہ رسندو. علم اهو گهرجي، جيڪو دل مان پيدا ٿئي. ان ڳالهہ سان جاهل ۽ ضعيف عقل وارن کي ٺڳين ٿا. ڪامل اوليائن ۽ مجتهد علمائن جو قول آهي تہ جيڪو ظاهري علم شريعت کان منهن موڙي ۽ ان جي طلب کان انڪار ڪري ۽ عالمن کي حقير سمجهي ۽ باطني علم جي دعويٰ ڪري، اهو ڪافر ٿيندو. **نعوذباالله منها.** ڇاڪاڻ الله تعاليٰ سيني پيغمبرن ۽ اسان جي نبي ڪريم ﷺ تي ظاهري علم موڪليو، ۽ پيغمبر ﷺ صحابين کي بہ ظاهري علم پهچايو ۽ صحابہ تابعين تائين پهچايو ۽ تابعين علماءِ سلف تائين پهچايو ۽ علماءِ سلف اڳوڻن عالمن تائين پهچايو ۽ اڳوڻن عالمن پوين تائين پهچايو ۽ انهن موجوده دور تائين پهچايو ۽ هن دور جا عالم وارث ٿيا.اٿين قيامت تائين دين ۽ شريعت جو علم هلندو. قال عليه السلام العلماءُ ورثتہ الانبيا. يعني دين جا عالم پيغمبرن جا وارث آهن. ۽ دين جو علم، خدا ۽ ان جي رسول طرفان حجت آهي. احڪامن جي معرفت ۽ شريعت جي ارڪانن جي ۽ ذات باري تعاليٰ جي معرفت ان مان ئي حاصل ٿئي ٿي، جبڪو بي علم معرفت جي دعويٰ ڪري ۽ پاڻ کي عارف ۽ ولي چورائي، ان جي دعويٰ باطل آهي [٣٢]. ڇاڪاڻ تہ ڪامل اولياءَ ۽ مجتهد علماءَ چيو آهي تہ الله تعاليٰ ڪڏهن جاهل کي ولي نہ بنايو آهي.

ما اتخذ الله وليا جاهلا.

يعني الله تعاليٰ جاهلن کي اولياءَ نہ بنايو آهي.

جيڪو ظاهري شريعت ۽ علماءِ دين جو منڪر ٿئي ۽ باطني علم جي دعويٰ ڪري، اهو ڪوڙو، زنديق ۽ بي دين آهي، ان جو مذهب شيطان وارو آهي. ڇاڪاڻ تہ سجدي واري حڪم وقت ملائڪ ظاهري حڪم جا تابع ٿيا، ۽ ابليس لعين پنهنجي خواهش جو تابع ٿيو، ۽ باطل ٿيو ۽ چيائين دل وارو علم رازن جو علم آهي، ۽ ظاهري حڪم واري علم جو تابع نہ ٿيو. حالانڪ پنهنجي باطن کي ظاهر مطابق بنائڻو آهي، اهو صحيح طريقو آهي، ۽ ظاهرکي شرع جي خلاف نہ بنائڻو آهي.

ٽيون ٽولو: چوي ٿو تہ جڏهن باري تعاليٰ جو ذڪر فڪر ڪنهن تي غلبو ڪري ٿو ۽ اهو عشق ۽ محبت جي درياءَ ۾ غرق ٿئي ٿو، ان وقت ان شخص تان ظاهري عبادت ڪِري وڃي ٿي ۽ هي آيت:

"واعبد ربک حتيٰ ياتيک اليقين." (۹۹:۱۵)

ان ڳالهہ تي دليل ۾ پيش ڪن ٿا، جهالت ڪري نٿا سمجهن تہ اها آيت متشابهہ آهي، ۽ يقين مان مراد موت آهي.

جيڪڏهن ائين هجي ها تہ انبيائن تان نماز ساقط ٿئي ها، ڇاڪاڻ تہ اهي قرب ۽ عرفان جي ڪمال واري حد تائين پهتل هئا. ٻين کي ڪهڙي طاقت آهي. حضور ڪريم ﷺ جن آخري عمر تائين ظاهريَ عبادت ۾ مشغول رهندا هئا ۽ ائين نہ چيائون تہ مون تان هاڻي عبادت ساقط (ڪِري) ٿي وئي، پر ايتري عبادت ڪندا هئا، جو پير مبارڪ سڄي پوندا هئن، ڪڏهن اهڙي دعويٰ نہ ڪيائون. ان مان معلوم ٿيو تہ اهو ڪوڙ آهي، جو بہ اهڙي بي معنيٰ دعويٰ ڪندو اهو زنديق ۽ اسلام جو دشمن آهي، نعوذبالله منها.

چوٿون ٽولو: چوي ٿو تہ شريعت جو رستو ٻيو آهي ۽ طريقت جو رستو ٻيو آهي. جيستائين طالب شريعت جي رستي تي هلندو، طريقت جي درجي کي نہ پهچندو. اهڙي طرح اسلام جي رڪنن کي ضايع ڪري ٿو ۽ ان

فاسد عقيدي تي پاڻ خود ۽ ٻين جاهلن ۽ ضعيف عقل وارن کي گمراهه ڪري ٿو ۽ خراب ڪري ٿو ۽ جهالت ڪري پاڻ نٿو ڄاڻي ته اهو عقيدو فاسد آهي، ۽ مسلمانن کي اهل سنت والجماعت جو عقيدو رکڻ گهرجي، اهل سنت جو عقيدو آهي ته شريعت ڪل آهي، طريقت حقيقت ۽ معرفت ان جو جز آهن، جيئن فرض واجب، سنتون ۽ نماز جا مستحب وغيره.

پنجون ٽولو: هي چون ٿا ته شريعت عقل جو ڪم آهي، اسين فقير اهل طريقت، حقيقت ۽ معرفت وارا آهيون، عقلمندن جي ڪم سان اسان جو ڪهڙو واسطو؟ اهي ان فاسد اعتقاد تي مغرور آهن، بيڪار ۽ خراب آهن. جهالت جي ڪري نٿا ڄاڻن ته اهو عقيدو فاسد آهي، ۽ اسين گمراهيءَ ۾ وڃون پيا ۽ پاڻ کي ڪفر ۾ پيا وجهون. **نعوذباالله منها.**

ڇهون ٽولو: هي چون ٿا ته الله تعاليٰ هر جاءِ ۾ آهي. الله پاڪ جي نياز جي نسبت مڪان سان ڪن ٿا، ڪنهن مڪان ۽ جاءِ ۾ خدا کي سمجهڻ ڪفر آهي، ڇاڪاڻ ته الله تعاليٰ مڪان جو محتاج نه آهي. سيئي مڪان خدا جي قدرت سان ساڪن ٿيا آهن، ۽ قرار ورتو اٿن نه ڪي الله تعاليٰ ڪنهن مڪان ۾ ساڪن آهي [۳۳]، ۽ نه قرار ورتو اٿس. جيڪڏهن الله تعاليٰ مڪان جو محتاج هجي ته عجز لازم اچي ٿو ۽ الله تعاليٰ عاجزيءَ کان پاڪ آهي.

ستون ٽولو: هي ذات باري تعاليٰ جو حلول ثابت ڪن ٿا ۽ چون ٿا ته الله تعاليٰ هر شيءِ ۾ آهي ۽ اهو خلاف شرع آهي، ۽ اهو عقيدو رکڻ ڪفر آهي، الله تعاليٰ لاءِ حلول چوڻ هرگز نٿو جڳائي. ڇاڪاڻ ته حلول ڪان ۽ ڪنهن شيءِ ۾ اچڻ کان الله پاڪ آهي. پر جڏهن ذاڪر جي دل جو آئينو، ذڪر جي ڪري پاڪ ۽ صاف ٿيندو آهي ۽ ان جي ذات جو گوهر قابل ۽ ڪامل ٿيندو آهي، ان وقت انوار ۽ تجليات، ان ۾ ظاهر ٿيندا آهن، ذات پاڪ جا اسرار ۽ حقيقتون ان تي ظاهر ٿينديون آهن، اهي جهالت ۽ نه پهچڻ جي ڪري حلول چون ٿا. **نعوذباالله منها.**

اٺون ٽولو: هي پاڻ کي موحد چون ٿا ۽ موحدي جي دعويٰ ڪن ٿا ۽

چون ٿا تہ جيڪي ڪجھ آهي اهو سڀ ڪجھ ذات پاڪ خداوندي آهي، پر ان جي صفات ۽ مظاهر جا منڪر آهن. ٻين جاهلن ۽ گهٽ عقل وارن کي ان فاسد عقيدي تي خراب ڪن ٿا ۽ انهن جي دين کي ڪفر سان بدلائين ٿا. نعوذ باالله منها. هڪ ذات ۽ هڪ وجود چون ٿا. ان ذات جي نورن مان نور شريف محمد افضل الصلواة واڪمل التحيات آهي، جو پاڻ سڳورن ﷺ جي نور مان سڄو جهان پيدا ٿيو آهي ۽ ظاهر ٿيو آهي ڪابہ ننڍي ۽ وڏي شيءِ نہ آهي، جيڪا ان کان جدا هجي. جيئن پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو آهي تہ:

انا من النور وكلكم من نوري.

ترجمو: آئون خدا جي نور مان آهيان، ۽ توهين سڀئي منهنجي نور مان آهيو.

توحيد ۽ وجود مطلق جي ٻي معنيٰ آهي، ان جو ذڪر وحدت جي باب ۾ ڪنداسون انشاءالله تعالىٰ.

نائون ٽولو: هي چون ٿا تہ حقيقت ۾ سڀ خدا آهي، ٻي ڪا شيءِ نہ آهي. پر ڏسڻ ۾ ۽ حقيقت ۾ سڀ شيءِ جا منڪر آهن. ۽ اهو فاسد عقيدو آهي، جيڪڏهن ائين هجي تہ سڀ خدا آهي تہ توحيد نہ رهندي. حالانڪہ هر شيءِ خدا جي هستي تي دلالت ڪري ٿي ۽ ان کي سڃاڻي ۽ ياد ڪري ٿي.

ڏهون ٽولو: هي چون ٿا تہ اسان جو مثال وڻ وانگر آهي ۽ خدا جي قدرت جو مثال هوا وانگر آهي. جيڪڏهن وڻ کي هوا هلائي ٿي تہ لڏي ٿو ورنہ وڻ لڏڻ جي طاقت نٿو رکي، خدا جيڪا انهن کي طاقت ڏني آهي، ان جا اهي منڪر آهن ۽ پاڻ کي مجبور چون ٿا. مختار ۽ مڪلف نٿا چون ۽ خدا جي تڪليف ۽ مڪلف بنجڻ کان پاڻ کي ٻاهر چون ٿا. حالانڪہ ماڻهو پنهنجي ڪم جو مختار ۽ ڪردار جي ڪري عذاب ۽ ثواب جو حقدار آهي.

يارهون ٽولو: هي چون ٿا تہ نماز مان ڪهڙو فائدو. ماڻهو مري وڃي تو ڪيس ڇا هٿ اچي ٿو. طالب کي گهرجي تہ پاڻ کي خدا جي ذڪر ۽ فڪر

۾ مشغول رکي ۽ ظاهري عبادت کي ڇڏي ڏي. نماز پڙهڻ ۽ روزي رکڻ کي گهٽ سمجهي، ان خراب عقيدي تي خود پاڻ ۽ ٻين [۳٤] جاهلن کي خراب ڪن ٿا ۽ ڪفر جي ڪن ۾ ڪيرائين ٿا. **نعوذباالله منها.**

ٻارهون ٽولو: هي سماع، هٿن ۽ پيرن جي ناچ ۽ رقص کي عبادت ڄاڻن ٿا، ۽ ان ڪم کي خدا جو قرب ۽ عرفان ڳڻين ٿا، غيبي الهام ۽ ڪشف جو سبب ڄاڻن ٿا، جاهل ماڻهو ۽ گهٽ عقل وارا انهن جي تصديق ڪن ٿا ۽ انهن جي تابعداري ڪن ٿا ان عقيدي جي ڪري اجماع ۽ اتفاق سان ڪافر ٿين ٿا، ڇاڪاڻ ته اهو عقيدو فاسد ۽ خراب آهي. **نعوذباالله منها.**

تيرهون ٽولو: هي مسلمانن جي مال کي موڪل ڪان سواءِ حلال ڄاڻن ٿا ۽ چون ٿا ته اسين خدا جا فقير آهيون، جيڪي ڪجهه آهي خدا جو آهي، اهو اسان تي حلال آهي. امر نهي ۽ شريعت جي رعايت نٿا ڪن. ان فاسد عقيدي جي ڪري ڪافر ٿين ٿا. **نعوذباالله منها.**

چوڏهون ٽولو: هي چو ٿا ته حسين ڇوڪرن ڏانهن ڏسڻ خدا جي حسن کي ڏسڻ آهي ۽ اهو عشق ۽ محبت جو رستو آهي. پنهنجي جهالت جي ڪري نٿا ڄاڻن ته اهو حرام فعل آهي، عقل شريعت ۽ دين جي خلاف آهي ۽ جيڪو حرام فعل کي حلال ڄاڻي اهو ڪافر آهي. **نعوذباالله منها.**

پندرهون ٽولو: هي پنهنجي پير ۽ مرشد کي خدا چون ٿا ۽ ان کي سجدو ڪن ٿا ۽ جهالت جي ڪري نٿا ڄاڻن ته اهو جائز آهي، يا نه؟ ان عقيدي جي ڪري ڪافر ٿين ٿا. **نعوذباالله منها. بيت:**

تومپندار ڪه هر گوشه نشين ديندار است

اي بسان خرقه ڪه هر رشته او زنار است

ترجمو: تون ائين نه سمجهه ته هر گوشه نشين ديندار آهي، گهڻا گودڙي پوش جٽيي وارو رشتو رکن ٿا.

سورهون ٽولو: هي عبادت ڪن ٿا ۽ پنهنجي عبادت مان نفس جي

صفائي حاصل ڪن.تہ ان دوران غيبي شين جو معائنو ۽ مشاهدو ڪن ٿا ۽ ڪجھ ان جا اثر ظاهر ڏسن ٿا. جنهن جي ڪري عوام انهن جي تصديق ڪري ٿو، ۽ تابعداري ڪري ٿو پر نعمان (امام ابو حنيفہؒ) ڪتابن جي حڪم مطابق، هئي ڪافر ٿين ٿا. ڇاڪاڻ تہ غيب جي خبر ڄاڻڻ ۽ ان جي تصديق ڪرڻ، اهي ڪفر جا ڪم آهن. **نعوذبالله منها.**

سترهون ٽولو: هي غيبي مڪاشفن مان پنهنجو ڪتاب تصنيف ڪن ٿا، پر دين ۽ شريعت جي علم ڪان آگاہ نہ آهن. پوءِ پنهنجي مڪاشفن جي ڪري غلط ٿين ٿا. ڪي ناقص ماڻهو اهي ڪتاب پڙهن ٿا ۽ بي جا حجت ۽ دليل لاءِ اهي ڪتاب استعمال ڪن ٿا ۽ چون ٿا تہ اهي اوليائن جون ڳالهيون آهن. اسين جيڪي ڪجھ چئون ٿا انهن جيٰ ئي چيل ڳالھ چئون ٿا. جاهل ماڻهو انهن جي ڳالھ جي تصديق ڪن ٿا ۽ انهن جي غلط مڪاشفن ڪان واقف نہ ن، اهي خود جهالت جي ڪري غلط رستي تي آهن ۽ ٻاهر نڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن. پر ڪامل اولياءَ پنهنجي مڪاشفن جو وزن شريعت جي ترازو ۽ ساهميءَ ۾ ڪندا آهن ۽ پيغمبر جي تابعداري مطابق جاچيندا آهن. جيڪڏهن شريعت مطابق درست تہ ٺيڪ آهي، ۽ جيڪڏهن درست نہ آهي تہ ڪمال علم جي باوجود، پنهنجي مڪاشفي کي غلط چئي ڇڏي ڏيندا آهن.

ارڙهون ٽولو: هي چوڻ تا تہ فلاڻي کي (پِٽَ سان) زخمي ڪيوسين ۽ فلاڻي کي راحت ۽ آرام پهچايوسون. فلاڻي کي حڪومت ڏني سون ۽ فلاڻي کي معزول ڪيوسون. ان ڳالھ ۾ خدائي جي دعويٰ ٿئي ٿي. ڇاڪاڻ [٣٥] تہ اهي ڪم خدا جي قدرت سان تعلق رکن ٿا. جيئن الله تعاليٰ فرمايو آهي تہ:

توتي الملک من تشاءُ وتنزع الملک ممن تشاءُ وتعز من تشاءُ وتذل من تشاءُ. (٣:٢٦)

ترجمو: جنهن کي چاهيندا آهيون ملڪ ڏيندا آهيون، ۽ جنهن کي چاهيون تہ ان ڪان ملڪ ڦريون ۽ جنهن کي چاهيون عزت ڏيون ۽ جنهن کي

چاهيون ذليل ڪريون.

پوءِ جيڪو الوهيت جي دعويٰ ڪري ۽ خدا سان شريڪ ڪري اهو ڪافر آهي. **نعوذبالله منها.**

اوڻيهون ٽولو: هي ڀنگ پيئندا ۽ ڏاڙهي ڪوڙيندا آهن، ۽ پنهنجي اوگهڙ نہ ڍڪيندا آهن، ساز ۽ سرود سان محبت رکندا آهن، ۽ بدعت سان محبت رکندا آهن ۽ منع ڪيل شين کان پاسو نہ ڪندا آهن، ۽ پنهنجا پير پاڻ گمراهيءَ ۾ رکندا آهن. پاڻ کي فقير چون ۽ فقيريءَ جي دعويٰ ڪن. حضور ڪريم ﷺ غلط شيءِ ايجاد ڪرڻ واري تي لعنت ڪئي آهي.

قال عليه السلام من احدث في الاسلام او آويٰ محدثا فعليه لعنت الله والملائکہ والناس اجمعين.

يعني جنهن اسلام ۾ نئين شيءِ پيدا ڪئي جيڪا خراب آهي يا جنهن نئين شيءِ ايجاد ڪئي، ان جي مدد ڪيائين الله تعاليٰ سيني ملائڪن ۽ سيني ماڻهن جي ان تي لعنت هجي. اهو لعنتي تہ ٿيو پر ڪافر ٿيو. نعوذبالله منها.

ويهون ٽولو: هي دنياوي تعلقات ڇڏي، پنهنجو منهن زهد ۽ فقر ڏانهن ڪندا آهن ۽ درويشي وارو لباس پائيندا آهن. رياضت ۽ خلوت اختيار ڪندا آهن پر دين ۽ شريعت جي علم کان واقف نہ هوندا آهن. ڪنهن ڪامل ۽ مڪمل پير جي هٿ تي بيعت ٿيل بہ ڪونہ هوندا آهن، پوءِ نفس ۽ خام خيالي ۽ نارسائي جي ڪري، پنهنجو عقيدو بہ خراب ڪندا آهن ۽ گمراهيءَ ۾ ويندا آهن ۽ جهالت جي ڪري نٿا ڄاڻن تہ هي رستو سڌو آهي يا غلط آهي. پيريءَ ۾ چريا يا ڪافر ٿي مرندا آهن. **نعوذبالله منها.**

حديث شريف ۾ اچي ٿو تہ:

من تزهد بغير علم جن في آخر عمره او مات ڪافرا.

يعني جنهن دين جي علم کان سواءِ، زهد اختيار ڪيو، اهو پيريءَ ۾ چريو ۽ ڪافر ٿي مرندو. **نعوذ بالله منها.**

ايڪيهون ٽولو: هنن جي دل دنياوي حرصن ۽ هوس کان پاڪ صاف هوندي آهي، ۽ هنن جا خيالات فاسد ۽ خراب ڪونہ هوندا آهن. هنن جو قول ۽ فعل ڪتاب الله ۽ سنت رسول الله مطابق هوندو آهي، ديني قاعدن ۽ شرعي حدن جو خيال ڪندا آهن. فرض، واجب، سنت ۽ مستحب مان ڪابہ شيءِ نہ ڇڏيندا آهن، هڪ گهڙي بہ شريعت جي خلاف قدم نہ رکندا آهن، اهي سنت جي عقيدي ۽ شرعي عملن تي ثابت قدم هوندا آهن. سيني منع ڪيل ڪمن ۽ حرام کان پري هوندا آهن. خدا جي ڪيل حڪم اڳيان ڪنڌ جهڪائيندا آهن، ۽ ڪنهن بہ حال ۾ خدائي حڪم نہ ڇڏيندا آهن. جيڪڏهن شهوت يا نفس ۽ شيطان جي ڪري ڪو غلط ڪم تي ويندو آٿن، تہ ان وقت ئي اٿندا آهن توبہ ۽ استغفار ۾ مشغول ٿيندا آهن. جيئن اڳوڻا بزرگ هوندا هئا. عليهم الرحمت والغفران. ڇاڪاڻ تہ سمورا علماءَ، عامل ۽ اولياءَ ڪامل هوندا هئا. قرآن، شريعت ۽ حديث نبوي ۽ فقه حنفي کان واقف هوندا هئا. جيئن حسن بصري، جنيد بغدادي ۽ ابو عبدالله مغربي [٣٨] ۽ ذوالنون مصري، بايزيد بسطامي ۽ ابوالحسن نوري ۽ شيخ عبدالقادر جيلاني قدس الله سره العزيز وشيخ شهاب الدين سهروردي ۽ ٻيا انهن جهڙا بزرگ. طالب کي گهرجي تہ اڳوڻن اوليائن جي تابعداري ڪري ۽ شريعت تي قائم رهي، محڪم ۽ ثابت قدم ٿئي تہ جيئن سلوڪ ۽ اجتهاد جي رستي کان ان جا پير ٻاهر نہ نڪرن، هلاڪت ۽ خرابيءَ کان محفوظ رهي. انشاءَالله تعاليٰ. ۽ جنهن جا افعال ۽ اقوال شريعت جي خلاف هجن، اهو ولايت جي مرتبي تي هرگز نہ هوندو ۽ ان کان ڪرامت محال هوندي، جيڪڏهن خلاف عادت ڪا شيءِ ان کان ظاهر ٿئي جيئن پري وارو سفر جلد قطع ڪري، يا پاڻيءَ ۾ ٻيڙيءَ کان سواءِ هلي، اهي ڪرامتون نہ چئبيون پر جادو آهي، جيئن فرعون، نمرود ۽ دجال لعين وٽ هو. اهو ان جو استدراج آهي، ۽ خدا جي رحمت مان نا اميد هوندو. **نعوذبالله منها والله اعلم.**

بيت سنڌي: **بيت:**

[پنڌ پروئي ناھ کو، جبل] جيڏوئي

اپيون آھن چوٽيون، اھکيون چاڙھيون اي

ڇپر وات نہ ھکڙي، سا ڪيڏان سئي

متان پئي پئي، پير م ڇڏج پرينءَ جو

باب اٺون

پير طريقت جي علمن ۽ ان جي حقيقت جي بيان ۾

اي عزيزا ڄاڻ تہ جڏهن الله تعاليٰ ڪنهن کي نئون طريقو عنايت فرمائيندو آهي، جنهن ۾ مقامات، منزلون، مڪاشفات ۽ الهام هوندا آهن، اهو ائين آهي، جيئن رسولن کي شريعت ملندي هئي. هر هڪ رسول جي شريعت امر ۽ نهي جدا جدا طريقي تي هئا. هر هڪ امر لاءِ ولي نازل ٿيندو هو، ان مرتبي جي باوجود ٻيا راز ۽ قسمين قسمين نمونن جا راز پروردگار جي طرفان نصيب ٿيندا آهن، ۽ حديث "**لي مع الله وقت** ۽ قول"**علمني ربي**" ان معنيٰ تي گواهہ ۽ شاهد آهن. اهڙي طرح اولياءَالله کي بہ خدا جي طرفان مختلف راز نصيب ٿيندا آهن. **الانسان سري وانا سره.** انهن جي حالت ڏانهن اشارو آهي. الله تعاليٰ پنهنجي عنايت ۽ ڪرم سان عالم علوي ۽ سفلي جا راز ۽ حقيقتون ۽ انهن جا قسم انهن تي کوليندو آهي، ۽ انهن کي اشارن ۽ رمزن جي جهان ۾ پهچائيندو آهي، معرفت جون خبرون ۽ راز انهن تي روشن ڪندو آهي، ۽ هن فقير (لطف الله قادري) تي پڻ الله تعاليٰ پنهنجي ڪرم ۽ عنايت سان عالم علوي ۽ سفلي جون خبرون ۽ راز کوليا آهن، دقيق راز ۽ حقيقتون واضح ڪيون آهن.

ذالک فضل الله يوتيه من يشاءُ. (۵:۵۴)

ترجمو: جنهن کي الله تعاليٰ چاهيندو آهي اهو فضل عطا ڪندو آهي.

اي عزيزا ڄاڻ تہ پيرن جي جماعت (۽ عالمن جي جماعت) نبين جو مظهر آهي. ڇاڪاڻ تہ هرُ نبي ۽ رسول جي شريعت مختلف هئي ۽ هر شريعت جا امر ۽ نهي [۳۹] ۽ انهن جا اقسام جدا جدا هئا ۽ سيئي نبي سڳورا شريعت جا تابع هئا. اهڙي طرح هر پير ڪامل ۽ مڪمل جو طريقو الله تعاليٰ جي طرفان مختلف هوندو آهي. ۽ هر هڪ طريقي جا مقامات ۽ منزلون جدا طريقي تي آهن ۽ مريد پنهنجي پيرن جي طريقي جي پيروي ڪندا آهن، جيئن نبي پنهنجي شريعت جي پيروي ڪندا هئا. پيرن جا اهي

طريقا رسولن ۽ نبين جي شريعت مان ورتل آهن، جيئن شاخن ۽ واهن ڪڙين جي انتها وڏي درياءَ تي ٿئي ٿي، ائين سيئي طريقا، حقيقت جي درياءَ مان نڪرن ٿا. هن فقير (لطف الله قادري) کي بہ الله تعاليٰ پنهنجي عنايت سان نئون طريقو عطا فرمايو آهي، ۽ اجتهاد ۽ سلوڪ جو اهو طريقو نيڪ بخشيو آهي، ۽ ان رستي جون منزلون ۽ مقام سنئي طريقي سان معلوم ڪرايا آهن. جيتوڻيڪ ظاهري فاضلن جي مقابلي ۾ اڻ پڙهيل واري حيثيت آهي پر خدائي فيض ۽ جهان جي معلومات ۾ ڪمال ۽ ممتاز درجي سان سرفراز ٿيو آهيان. **اهو طريقو حضرت واهب العطايا (الله تعاليٰ) خاص هن نالائق پانهي تي ظاهر ڪيو آهي ۽ ٻئي ڪنهن ظاهر نہ ڪيو آهي ۽ ڪجھ ماڻهو پاڻهي هن رستي ۾ ايندا. انشاءالله هي طريقو فقير (لطف الله) جو وضع ڪيل سلوڪ جي اڳوڻن سيني طريقن جو ختم ۽ پورو ڪندڙ آهي، جيئن پاڻ سڳورن ﷺ جي شريعت سيني شريعتن کي ختم ڪندڙ آهي، تيئن ٻيا طريقا هن طريقي کي هرگز نہ پهچندا ۽ فقير (لطف الله) جو هي طريقو امام محمد مهدي جي زماني ۾ گهڻو ظاهر ٿيندو ۽ مشهوري ماڻيندو. انشاءالله تعاليٰ.**

صاحب دعوت ٻن قسمن جا هوندا آهن. هڪڙا دشمن تي حڪم ڪندا آهن تہ جيئن انهن کي توهان جي سلسلي ۽ مريديءَ ۾ آڻين، پوءِ انهن مان ڪي پير ۽ ڪي عام ماڻهو، ڪي مقيم ۽ ڪي مسافر هوندا آهن. ٻيا عام حڪم ڪندا آهن، جيڪي هر ڪنهن کي طريقي ۾ آڻيندا آهن. ۽ اهو فائدي مند ٿيندو آهي. جيڪو بہ انهن جي دعوت قبول ڪندو آهي، هدايت وارو ٿيندو آهي ۽ جيڪو بہ انهن جي سلسلي ۾ داخل ٿيندو آهي، معرفت الاهي حاصل ڪندو آهي. جيڪو انهن جو انڪاري ٿيندو آهي، اهو ان دولت کان محروم رهندو آهي. ان جي ٽولي جو فيض عام آهي، جيڪو چاهي انهن کان فيض وٺي ۽ انهن جو نفعو ملندڙ ۽ جاري آهي، جيڪو چاهي حاصل ڪري ۽ قيامت تائين ان جي اولاد ۽ خليفن ۾ اهو قائم رهندو، ۽ اهي رسولن جا وارث ۽ مظهر آهن.

اي عزيز! ڄاڻ تہ سير الي الله جا گھڻا طريقا آهن ۽ هر هڪ سالڪ جو طريقو ناهيل آهي، ۽ اجتهاد جو نئون طريقو ان هن باب ۾ کوليو آهي. سيئي سلوڪ جا طريقا ڪامل ۽ مڪمل پيرن جا ارشاد ڪيل آهن، جن سان سلوڪ جو رستو روشن ٿئي ٿو. سيئي سلوڪ جا طريقا پاڻ ۾ فرق رکن ٿا، پر "سير الي الله" وارو مقصد ساڳيو آهي، جيڪو سڀ کان پهريان خيرالبشر محمد ﷺ [٤٠] جن اختيار ڪيو آهي. ان کان پوءِ ٻين ورتو آهي، مطلب تہ اول نبي ان کان پوءِ ڪامل اولياءَ هن ميدان جا شهسوار ٿيا آهن.

ورفعنا لک ذکرک. (٩٤:٤)

ٻيا سڳورا ڏھ قدم طئي ڪن ٿا، تڏهن حضور ڪريم ﷺ جي هڪڙي قدم ڪي پهچن ٿا. ٻين، انبيائن جا ٽيھ قدم حضور ڪريم ﷺ جن جي ويهن ڪي پهچن ٿا. انبيائن جي ٽيهن ڪي ڪامل اوليائن جا چاليھ بہ نتا پهچن، اهڙي طرح پنهنجي مرتبي ۽ منزل مطابق سدائين پيا هلن، پر ان جي انتها ۽ دنگ ڪي ڪوبہ پهتو. بيت:

نيست کس را از حقيقت آگهي
جملہ مي ميرند با دست تهي

ترجمو: ڪوبہ ان جي حقيقت کان واقف نہ آهي، سيئي خالي هٿين پيا وڃن.

سلوڪ جو مقصد هي آهي تہ شيطاني خطرا ۽ نفس جون خرابيون پري ٿين، بشري صفتون گهٽجن ۽ ربوبيت واريون صفتون ظاهر ٿين، ٻيو تہ نفس ٻنهي جهانن کان ڪٽجي وڃي ۽ دل مان غير جا خيال مٽجي ۽ ختم ٿي وڃن. علم اليقين، عين اليقين ۽ حق اليقين حاصل ٿئي، ۽ فنا في الله ۽ بقا بالله جو مرتبو هٿ اچي. ٻيو تہ الله تعاليٰ جي معرفت مجمل آهي. ان جو تفصيل حاصل ٿئي ۽ عمل ڪشف ۽ استدلال وارو ٿئي ۽ الله تعاليٰ جو حضور حاصل ٿئي ۽ الله تعاليٰ جو جذبو دستگيري ۽ سلوڪ جو رستو روشن ٿئي ۽ محبت الاهي جو شوق ۽ جذبو دل جي سرچشمي مان ڦٽي ۽

الله تعاليٰ جو امر "**ففرو الي الله**" بجا ٿئي ۽ الله تعاليٰ جي رضا پنهنجي منهن تان پردو هٽائي. ٻيو ته جڏهن سياڻي قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ جي زيارت لاءِ ارڙهن هزار صفون ٿينديون، ان وقت هر ڪو قرب حاصل ڪندو. سياڻي قيامت ۾ ان جاءِ تي ٻيهندو جيڪي حق سان هتي آشنا آهن، اهي سهو نه ڪائيندا ۽ غلط رستي تي نه ويندا. اهي اڳوڻي معرفت ۽ الفت تي ثابت ۽ محڪم هوندا، چست چالاڪ ۽ دلير ٿي ويندا، جيڪي هن جهان فاني ۾ خدا جي معرفت کان سواءِ ويندا، اهي عالم باقي ۾ سهو ڪائيندا، غلط ۽ غفلت واري رستي تي هلندا ۽ اهي حيران ۽ پريشان رهندا ۽ آخري صف ۾ به ٻيهڻ جي طاقت ڪونه رکندا. طالب صادق کي گهرجي ته اڄ خدا جي معرفت ۽ باري تعاليٰ جي قرب کي حاصل ڪري، ڪامل ۽ مڪمل رهبر وٺي ته جيئن عالم آخرت ۾ ڌوڪو نه کائي ۽ غلط رستي تي نه وڃي، ۽ اهو علم پير کان سواءِ معلوم نه ٿيندو، ۽ قرب ۽ عرفان باري تعاليٰ جي کي نه پهچندو. **بيت:**

خاڪپائي پير کن چون توتيا
تابه بيني راه ايزد را ضيا

ترجمو: پير جي پيرن جي پٽي ٿيءُ ته جيئن خدائي رستي جي روشني ڏسين.

اي عزيز! ڄاڻ ته جيڪي رڳو توحيد جي ڳالهه چون ٿا ۽ انهن خدا وٽان ٻي وڏيڪ ڪا خبر ڪونه لڌي آهي. اهي گويا هن وقت الله وارن جي معرفت کان انڌا آهن ۽ اهي عالم آخرت ۾ به انهن جي مشاهدي کان انڌا هوندا [٤١]. صرف پنهنجي گمان ۾ هوندا.

من كان في هذه اعميٰ فهو في الاخرة اعميٰ. (١٧:٧٢)

ترجمو: جيڪو شخص هتي انڌو آهي اهو آخرت ۾ به انڌو رهندو.

۾ ان ڏانهن اشارو آهي. **مثنوي**

معرفت حاصل ڪني جان پدر
تا بيابي از خدائي خود خبر

ترجمو: اي پيءُ جا پيارا، معرفت حاصل ڪر، تانجو خدا ڪان پنهنجي خبر لهين.

هر ڪه او عارف نباشد زنده نيست

قرب حق لائق هر بنده نيست

ترجمو: جيڪو الله جو سڃاڻندڙ نہ ٿيو اهو جيئرو ناهي، حق جي قرب جي لائق هر ٻانهو نہ آهي.

طالب کي گهرجي تہ انهن خاص ٻانهن جي پيروي ڪري تہ جيئن انهن جي دولت ڪان محروم نہ رهي، انشاءالله تعاليٰ.

اي عزيز! ڄاڻ تہ پير ۽ مرشد کي گهرجي تہ پهريائين طالب کي ضروري ديني مسئلا سيکاري. ان ڪان پوءِ طريقت جي رسالي ۾ مشغول ڪري. جيڪڏهن پڙهڻ ڪان عاجز هجي تہ ان کي ڇڏائي، پر جيڪڏهن پڙهڻ ۽ ٻڌڻ سان ان جي لذت ۽ حَظُ وڌيڪ ٿئي، شوق ۽ محبت ۽ آرزو ان تي غالب ٿئي ۽ پاڻ شعور ۽ سمجهہ جو صاحب ٿئي، فن جو رستو ۽ اهليت جو ثمر ان ۾ پيدا ٿئي، ۽ معرفت جو دروازو کلي، ان وقت مرشد ان کي تعليم ۽ تلقين ڪري ۽ پنهنجي طريقي ۾ داخل ڪري. پر جيڪڏهن انهن مان ڪا بہ شيءِ پيدا نہ ٿئي پوءِ ڏسي تہ ان ۾ اخلاص باقي آهي يا نہ. جيڪڏهن اخلاص ان ۾ باقي آهي تہ بہ تعليم ۽ تلقين جي لائق آهي. پر جيڪڏهن اخلاص باقي نہ رهيو آهي تہ پوءِ اهو تعليم ۽ تلقين جي لائق نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ ان جي طبيعت سخت داڻي جهڙي ٿي وئي آهي، تعليم جو پاڻي ۽ گرمائش ان ۾ اثر نہ ڪندا. يا ان جي طبيعت ڪلراٺي زمين وانگر ٿي وئي آهي، ۽ ان ۾ ٻج هرگز نہ ڦٽندو ۽ ناقص ٿيندو ۽ تربيت جي لائق نہ ٿيندو. پهرين شخص جو مثال سخت لوهہ وانگر آهي، جو ان جو آئينو پورو چمڪ جي قابل ٿي ويو آهي. ٻي شخص جو حال ڪچي لوهہ وانگر آهي، جيڪو چمڪ جي قابل نہ ٿيو آهي. ٽئين شخص جو مثال ٺڪر جهڙو آهي، جيڪو هرگز چمڪ جي قابل نہ آهي، جيڪڏهن ان تي رندو ۽ روات

هلائيندا تہ پڃي پوندا, ان شخص تي مرشد پنهنجو وقت اجايو ضايع ڪندو, مرشد پنهنجو وقت ۽ عمر ضايع ڪندو. مرشد ڪي گهرجي تہ ان جي تربيت نہ ڪري, ڇاڪاڻ تہ اهو تربيت جي لائق نہ آهي, ۽ نا اهلن جي ٽولي مان آهي. **بيت:**

پر تونيڪان نگيرد هرڪہ بنيادش بد است

تربيت نا اهل چون گرد گان بر گنبد است

ترجمو: اهو نيڪن جو سايو نہ وٺندو جنهن جو بنياد خراب آهي, نااهل جي تربيت ائين آهي جيئن گنبد تي ڏڙهو.

اي عزيز! ڄاڻ تہ پيري مريديءَ جو مثال ٻيڙيءَ جهڙو آهي. مرشد ناکئو ۽ معلم آهي, ناکئو ٻيڙيءَ جا اسباب تيار ڪري پاڻيءَ ۾ ٻيڙي موڪليندو آهي. اهڙي طرح پير ۽ مرشد, مريد ڪي دين جي علم ۽ خدا جي ذڪر سان مشغول ڪري, ان ڪي خدا جو رستو ڏيکاريندو آهي. ۽ خير ۽ شر جي ان ڪي خبر ڏيندو آهي. باقي جلدي ۽ دير هلاڪت ۽ سلامتي جي مرشد ڪي بہ خبر نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ اهي سڀ سبب آهن, جيڪي مسبب الاسباب تي موقوف آهن, جيڪي تقدير ۾ آهي, اهو ٿيندو. تقدير جي بدلائڻ تي ڪوبہ ولي نہ ملائڪ ۽ نہ نبي طاقت رکي ٿو. قال الله تعاليٰ

لاتهدي من احببت ولاکن الله يهدي من يشاءُ. (٢٨: ٥٦)

يعني الله تعاليٰ فرمايو تہ اي محمد ﷺ جنهن ڪي تون [٤٢] چاهين هدايت نٿو ڪري سگهين, پر جنهن ڪي الله چاهي ان ڪي هدايت ڪري. **بيت:**

هرڪہ بنمود آن محض عطا است

وانگہ را ننمود آن حڪم قضا است

ترجمو: جنهن ڪي رستو ڏيکاري اها محض ان جي عطا آهي, ڇاڪاڻ تہ رهنمائي خدا جي تقدير جو حڪم آهي.

طريقت وارا چون ٿا تہ مريد ڪامل اهو ٿيندو، جنهن جي پير ڪامل مڪمل ڪامل تربيت ڪري، ۽ مريد کي ٽي شيون ڪرڻ گهرجن، هڪ تہ خدا جي مخلوق کان ڪنارو ڪري ٻيو تہ شريعت جو ظاهر ۽ باطن علم جي طلب ڪري، ٽيون تہ الله تعاليٰ جي ذڪر ۽ فڪر ۾ مشغول ٿئي. جڏهن مريد صادق ان ترتيب سان چاليهہ سال پورا ڪري، ان وقت پير کي گهرجي تہ ان کي دعوت ۽ ارشاد جي موڪل ڏي. پر جيڪڏهن پير چاليهہ سالن ۾ عالم آخرت ڏانهن رحلت ڪري، تہ پوءِ مريدن مان جيڪو اهليت وارو هجي، ان کان تربيت حاصل ڪندو رهي ۽ چاليهہ سال پورا ڪري. چاڪاڻ تہ حضور ڪريم ﷺ جن ۽ سندس يارن ائين فرمايو آهي. پاڻ سڀني کان پوءِ حضرت ابوبڪر رضہ بس ڪونہ ڪئي پر ان ترتيب تي هليو ۽ ڪمال وارو مرتبو ماڻيائين، جيڪڏهن پير پنهنجي مريد کي ڪجهہ سالن ۾ مخلوق جي نفعي جي لائق سمجهي تہ ان کي ارشاد ۽ مخلوق جي تربيت جي اجازت ڏي تہ ماڻهو ان مان نفعو وٺن [٤٣] تہ جائز آهي. چاڪاڻ تہ جهان ۾ اهو رواج هلندڙ آهي، ۽ گهڻن اولياءَالله جي سلسلي ۾ پڻ آيو آهي. افضل ائين آهي تہ مريد پير ڪامل جي اڳيان چاليهہ سال تربيت جا مڪمل ڪري. ان کان پوءِ پير ان کي حڪم ڪري تہ هاڻي وڃي خدا جي مخلوق کي خالص خدا لاءِ ارشاد جي دعوت ڏي. چاڪاڻ تہ جيڪڏهن چاليهن سالن کان اڳ ۾ دعوت ڏيندو تہ اها دنيا جي طمع ۽ غرض کان خالي نہ هوندي، ۽ نفس جي اصلاح ۽ اخلاص سان مخلوق قبول نہ ڪندي. اها ناقص جي دعويٰ هوندي، ۽ ڪاملن جي دعويٰ، نفس جي مطلب ۽ طمع کان خالي هوندي آهي. چاڪاڻ تہ ڪاملن جي دعويٰ باري تعاليٰ جي اخلاص واري دولت جي خزاني سان مشرف هوندي آهي. اهي اندر ۾ پاڻ ڪي ڪڏهن بہ پير جي برابر نہ ڪندا آهن بلڪ پاڻ کي ڪجهہ نہ سمجهندا آهن. نبي سڀ ئورا عليهم السلام چاليهہ سال خدا جي حڪم سان گوشہ نشيني اختيار ڪندا آهن، ۽ ان وقت ۾ لدني علم ۽ الله تعاليٰ جي ذڪر ۾ مشغول هوندا آهن. پورن چاليهن سالن کان پوءِ، مخلوق کي دين جي

دعوت ڏيندا آهن ۽ خدا جي ذڪر لاءِ مخلص هوندا آهن، ٻيو دنياوي ڪو مقصد ڪونہ هوندو اٿن، فقط الله جي رضا طلب ڪندا آهن، ۽ دل ۾ ڪو عيوض جو انديشو نہ آڻيندا آهن ۽ نہ دل ۾ ڪنهن شيءِ جي طمع رکندا آهن، فقط الله جي حڪم ۽ رضا جا تابع هوندا آهن. ڪتابن ۾ آيو آهي تہ قاسيءَ تي چاڙهڻ وقت شيخ حسين منصور حلاج کان پڇيائون تہ حق جا طالب ڇا چوندا آهن؟ جواب ڏنائين تہ:

الحب لله والبغض لله.

يعني محبت بہ الله واسطي تہ دشمني بہ الله واسطي.

اي عزيز! هي ڪم خالص الله تعاليٰ لاءِ آهي. هن ۾ ڪوبہ عيوض ۽ لالچ نہ رکڻ گهرجي. جيڪو عيوض ۽ غرض آهي اهو نفس جو حِظُ آهي، جيڪو نشو آهي. پير ۽ مرشد کي خالص الله تعاليٰ لاءِ تربيت ڪرڻ گهرڻ ۽ مريد جو پير اڳيان انتظار بہ خدا لاءِ هجي. جيڪڏهن مريد ويچارو هجي ۽ اخلاص جي مرتبي تي نہ پهتل هجي تہ ان وقت اخلاص جي نيت ڪري تہ جيئن اصلي مقصد ۽ ڪلي مطلب لهي، ورنہ هلاڪت جي کن ۾ پوندو. جيڪو نفعو پهچي، اهو خدا کان سمجهي تہ جيئن شرڪ ۾ نہ پوي. ڇاڪاڻ مرشد نفعي جو سبب آهي. نفعو ۽ نقصان، هدايت ۽ گمراهي الله جي هٿ ۾ آهي.

اي عزيز! ڄاڻ تہ اصل رستي جا ٻہ قسم آهن، هڪ راهہ فضل ٻي راه ترتيب. جنهن تي فضل جي راه کلندي آهي، ان کي پير ۽ مرشد جي ضرورت نہ رهندي آهي. جيڪڏهن رب چاهي تہ اک ڇنڀ ۾ خاصن جا مرتبا ماڻي خدا جي درگاه جي لائق ٿي وڃي. جيڪڏهن واسطي سان موقوف هجي تہ هڪڙي ملاقات ان لاءِ ڪافي ٿي ويندي آهي.

ذالک فضل الله يوتيه من يشاءُ. (۵ :۴۵)

يعني هي فضل خدا تعاليٰ جو آهي، جنهن کي چاهي تنهن کي عطا ڪري. **فرد**

طفل را در مهد پیغمبر کند
از همه پیرانش فاضل تر کند

ترجمو: ٻار کي پينگهي ۾ پيغمبر ڪري ۽ سيني پيرن کان وڏي فضيلت وارو ڪري.

ڪتابن ۾ آيو آهي تہ جڏهن شيخ شبلي رحمت الله عليه جنيد وٽ ويو ۽ توبہ ڪيائين ۽ پيري ۽ مريديءَ جي تلقين ورتائين ۽ مولا جي رستي جي طلب ڪيائين، ان وقت پهرين ڏينهن ئي دنيا کي ترڪ ڪيائين، ٻئي ڏينهن آخرت ڇڏيائين ۽ ٽئين ڏينهن خدا جو وصال ٿيس. پر جيڪو ترتيب سان سلوڪ طئي ڪندو آهي، اهو چاليهہ سالن کان اڳ هرگز ڪامل ۽ مڪمل نہ ٿيندو. ڇاڪاڻ تہ چاليهہ سالن جي ترتيب شرط آهي. هن وقت ترتيب ڪجهہ گهٽائي اٿن. فضل وارو رستو تمام گهٽ آهي، افضل اجمال آهي، ترتيب ۽ تفسير وارو رستو انبياءِ عليهم السلام جو آهي جيڪو ترتيب ۽ فضل وارو آهي. جيئن حضور ﷺ جو معراج وقت اجمالي رستو ۽ راهہ آهي ان کان پوءِ ترتيب ۽ سير وارو چاليهہ سالن ۾ پورو ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري چاليهہ سالن کان پوءِ دعوت سان مامور ٿيا. راهہ فضل ۽ ترتيب ۾ اهو فرق آهي، جيئن هڪڙو ماءُ جي پيٽ ۾ حافظ ٿيل آهي، ۽ ٻيو استاد وٽ سبق پڙهي حافظ ٿيو. ٻنهي کي حفظ وارو مرتبو حاصل ٿيو، پر جيڪو ماءُ جي پيٽ مان آيو، اهو جلد حافظ ٿيو ۽ تڪليف کانسواءِ حافظ ٿيو. الله وٽ ان جو درجو ۽ ثواب گهڻو آهي. جنهن تڪليف سان حفظ ڪيو. ڇاڪاڻ تہ پهرين کي تڪليف کان سواءِ حفظ نصيب ٿيو.

اي عزيز! طالب کي گهرجي تہ [٤٤] پهريان چاليهہ سال ائين گذاري جو ظاهري علم جي طلب ڪري ۽ باطن کي ذڪر فڪر ۾ مشغول رکي. ويهہ سال ان کان پوءِ، ان ترتيب سان گذاري، ان کان پوءِ سندس عمل وصول واري درجي تي پهچندو، ۽ الله پاڪ جو اسم پاڪ ان ڏانهن متوجه ۽ منتظر ٿيندو. مولا سان ملاقات جا اصول پنج آهن. (1) گهٽ کائڻ (2) گهٽ

ڳالهائڻ (3) گهٽ سمهڻ (4) مخلوق سان گهٽ لهه وچڙ ڪرڻ (5) الله جي گهڻي يادگيري ڪرڻ. گهٽ ڪائڻ مان مراد هي آهي تہ اڌ ڍئو ڪري ۽ گهٽ ڳالهائڻ مان مراد هي آهي تہ اها ڳالهہ ڪري، جنهن ڪان سواءِ چارو نہ هجي. مطلب تہ ضرورت ڪان سواءِ نہ ڳالهائي، گهٽ سمهڻ جو مطلب هي آهي تہ خواه مخواه سڄي رات نہ سمهي، پر مولا کي بہ ياد ڪري. مخلوق سان گهٽ لهه وچڙ جو مطلب هي آهي تہ گهٽ ماڻهن سان ملاقاتون ڪري. الله کي گهڻي يادگيري ڪرڻ جو مطلب آهي، جڏهن پساهہ ٻاهر اچي تہ الله چوي ۽ جڏهن ساهہ اندر وڃي، تڏهن هو چوي، ۽ هميشہ متوجه ۽ منتظر رهي. بزرگ چون ٿا تہ جيستائين طريقت جي ان اصول تي عمل نہ ڪندو، باري تعاليٰ جو وصول هرگز حاصل نہ ڪري سگهندو.

انما حرم الوصول بتضييع الاصول.

يعني اصولن جي ضايع ٿيڻ سان وصول ڪان محروم ٿين ٿا.

انهن جو قوْل آهي. گهڻا ڪامل اولياءَ ۽ راسخ علماءَ پنهنجي عمر جي آخري حصي ۾ عزلت ۽ گوشہ نشيني اختيار ڪرڻ وارا ٿيا آهن،

امام اعظم رحمت الله عليه پڻ آخري عمر ۾ خلوت نشين ٿيو ۽ مڪمل طور تي خدا تعاليٰ ڏانهن متوجه ٿيو. پوءِ جڏهن خلوت جا راز معلوم ڪيائين ۽ گهڻو نفعو لڌائين ۽ ان تي خدا جي نور جون تجليون ظاهر ٿيون، ۽ خدا جي رازن ۽ حقيقتن تي واقف ٿيو، ان وقت چيائين تہ:

لولا الشيبان لهلک النعمان.

يعني جيڪڏهن شيبان نہ هجي ها تہ نعمان هلاڪ ٿئي ها.

اي عزيز! خلوت جا ٻہ قسم آهن. هڪ عام ٻي خاص، عام اها جيڪا ابتدا ۾ طالب کي ڪم اچي ۽ ٻي خاص جيڪا پڇاڙيءَ ۾ ڪارگر ٿئي ۽ خلوت عام تقليد ۽ ڪل آهي ۽ خاص خلوت حقيقت ۽ معنيٰ آهي. اهڙي طرح عشرت جا پڻ ٻہ قسم آهن. هڪ عشرت عام ٻي عشرت خاص. عشرت عام اها آهي تہ جيڪا چاليهہ سالن ڪان گهٽ هجڻ سبب اڳ ۾ پيش اچي ۽ عشرت خاص اها آهي جيڪا چاليهہ سالن جي ڪمال ڪان پوءِ

اچي. عشرت عام تقليدي ڪل آهي، ۽ عشرت خاص حقيقت ۽ مغز آهي، ۽ سالڪ ڪامل اهو آهي جنهن جو سلوڪ پڇاڙيءَ ۾ عزلت ڪي پهچي يا پڇاڙيءَ ۾ عشرت ڪي رسي. عزلت ۽ عشرت وچ ۾ مشائخن جو گهڻو اختلاف آهي. ڪي عزلت کي افضل چون ٿا ۽ ڪي عشرت کي. مشائخ چون ٿا ته طالب کي ٻئي گهرجي، چاهي، اول عزلت تئي پوءِ عشرت يا اول عشرت پوءِ عزلت. پر گهڻن اوليائن جي فتويٰ هن تي آهي ته گذريل يعني بيان ٿيل ترتيب تي عمل ڪري، ڇاڪاڻ ته اهو طريقو پلو آهي. جيتوڻيڪ گهڻن بزرگن عشرت کي ترجيح ڏني آهي، والله اعلم. سالڪن جي نصيحت ۾ سنڌي بيت: بيت:

اوڏي جا اصلائي، وان تنه مَ واٽ
پس پانديئڙي جي، منهن ۾ مچر ماٽ
ويهي وجاءِ مَ ويسرا، گهور يا گهر ۽ گهاٽ
ڪوڏان ڪاهه ڪنواٽ، وهي ويرونهيو ڪئو [٤٥]

باب ڏهون

سلوڪ جي طريقي جي بيان ۾

اي عزيزا هن فقير جو طريقو ڇهن قسمن تي مشتمل آهي (1) ذڪر (2) احوال (3) مقامات (4)آثار وحدت باري تعاليٰ (5) الله تعاليٰ جي صفتن جا اصول ۽ فروع. (6) ذات بحث ڏانهن سلوڪ. سالڪ جڏهن الله جي عنايت سان، يا پير ڪامل جي توجه سان، يا مرشد جي پوري توجه سان سلوڪ جي رستي ۾ ايندو آهي، ان وقت پهريان ذڪر ان ڪان پوءِ حالت پيش ايندي، ان ڪان پوءِ سلوڪ جا مقام پنهنجي چهري تان پردو هٽائيندا. ان ڪان پوءِ ذات باري تعاليٰ جي وحدت جا جلوا ڏسندو، ان ڪان پوءِ باري تعاليٰ جي صفتن جا اصول منهن ڏيکاريندا. ان ڪان پوءِ ذات باري تعاليٰ جو سلوڪ حاصل ٿيندو. هن طريقي جو بنياد ٻن شين تي آهي، هڪ ظاهري ۽ باطني شريعت مصطفويه عليه السلام جو علم، ٻيو باري تعاليٰ جو ذڪر ۽ فڪر. جڏهن سالڪ انهن ٻن شين ۾ مشغول ٿئي ٿو ۽ مسافت طي ڪري ٿو تڏهن سمجهو تہ سالڪ کي اڏامڻ لاءِ ٻہ پر مليا آهن، علم ايترو ضروري آهي جيڪو هن فقير پنهنجي ڪتابن ۾ لکيو آهي ۽ ذڪر اذڪار ايترا ڪافي آهن، جيترا هن فقير پنهنجي ڪتاب ۾ لکيا آهن، ڇاڪاڻ تہ اهي علمن ۽ اذڪارن جو خلاصو آهن. پر ان رستي تي هلڻ لاءِ پير ڪامل ۽ مڪمل يا مرشد پوري ارشاد وارو گهرجي. جيڪڏهن اهي ٻئي رهبر آهن تہ ٺيڪ آهي، ڇوتہ انهن ٻنهي جي رفاقت کان سواءِ سلوڪ طئي نہ ٿيندو. انهيءَ ڪري طريقت جا مشائخ چوندا آهن تہ: **الرفيق ثم الطريق.** يعني پهريائين رهبر پوءِ راهہ.

ڇاڪاڻ تہ اهي واٽ جا سونهان آهن ۽ الاهي معرفت جو وسيلو آهن. ۽ انهن جي تابعداري حق جي طالب تي لازم ۽ واجب آهي.

ڪما قال الله تعاليٰ يا ايها الذين آمنو اتقواالله وابتغوا اليه الوسيلتہ.

(۵: ۳۵)

يعني، الله تعاليٰ پنهنجي حبيب کي فرمائي ٿو تہ پنهنجي ايمان واري جماعت کي چئو تہ الله کان ڊڄو ۽ ان ڏانهن وسيلو ڳوليو. اهو پير ۽ مرشد ڏانهن اشارو آهي تہ خليفو پير آهي. **مثنوي**

پير ره کبريت احمر آمد است

سينه او بحر اخضر آمد است

ترجمو: روحانيت جي رستي لاءِ پير گندرف جي تيلي وانگر آهي ان جو سينو ساواڻ سان ڀريل سمنڊ آهي.

پير هم هست اين زمان پنهان شده

ننگ خلقان ديده در خلقان شده

ترجمو: پير هن زماني ۾ بہ لڪل آهن پنهنجي گودڙيءَ جي لڄ خاطر گودڙيءَ ۾ آهن.

تا نيفتد بر تو مردي را نظر

کي بيابي از وجودي خود خبر

ترجمو: جيستائين توتي ڪنهن مرد جي نظر نٿي پوي تيستائين پنهنجي وجود جي ڪيئن خبر لهندين.

هر کہ او کحل گرفت از خاک پير

خواه پاک خواه گو ناپاک مير

ترجمو: جنهن پير جي پيرن جو سرمون پاتو. ان لاءِ ڪو فرق ناهي تہ اهو پاڪ ٿي مري يا ناپاڪ.

او قبول افتاده است در هر دو حال

گر تو آگاهي کند از قيل وقال

ترجمو: اهو ٻنهي حالتن ۾ قبول ٿي ويو جڏهن تون خبر چار کان واقف آهين.

پير جا ٽي قسم آهن. (1) پير ولايت (2) پير صحبت (3) پير طريقت. پير ولايت ان کي چوندا آهن. جيڪو فنا في الله جي مرتبي ۾ هجي.الله جي ذات جي اسرارن جو محرم ۽ ان جي صفتن سان موصوف هجي ۽ موت ۽ حياتي جي طاقت،[٤٦] تغير ۽ تبديل جو حڪم رکندو هجي. هن پير جي تصرف سان مريد جي دل موت ۽ حياتي حاصل ڪري، يعني پير پنهنجي تصرف سان مريد جي دل، خدا جي ذڪر ۽ معرفت سان زنده ڪري ۽ نفس کي خراب صفتن کان باز رکي ۽ علم لدني جا دروازا مريد تي کولي، ان کي فيض وارو پير چوندا آهن. اهل طريقت واري پير کي گهرجي تہ ارشاد ۽ تربيت جو صاحب ٿئي يا پورو مرشد ان پير ڪامل مڪمل جو خليفو هجي يا ان صاحب دولت ۽ ڪمال ۽ عظمت واري صاحب جو قائم مقام هجي جو طالب جي تربيت ڪري. شريعت جي ظاهري احڪامن ۽ علم طريقت جي باطني اسرارن جي حقيقت سمجهائي. ذهن جي تربيت سان طالب کي دين جي استقامت، يقين جي درستي ۽ سلوڪ حاصل ٿيندو ۽ بشري خراب صفتن کان ٻاهر نڪرندو جيئن حرص ۽ هوا ۽ ٻيون ان جهڙيون خراب صفتون ۽ پاڻ هجڻ واري حجاب کان ڪيس ڇوٽڪارو ملندو. باري تعاليٰ جي ذات کي سڃاڻندو. حقائق ۽ اسرار الاهي تي نگاهہ ڪندو ۽ هي ٽولو مخلوق کي الله ڏانهن سڏيندڙ ۽ معرفت جي رستي جو روشن چراغ آهي.

"داعيا الي الله باذنه وسراجا منيرا" (٣٣:٣٦)

انهن جي صفت آهي، يعني الله ڏانهن سڏڻ واري جماعت جيڪا الله جي اذن سان سڏي ٿي ۽ هدايت لاءِ روشن چراغ آهي.

وقال رسول الله ﷺ: الشيخ في قومه كاالنبي في امته.

يعني پير پنهنجي مريدن ۾ ائين آهي جيئن نبي پنهنجي امت ۾ آهي.

وقال المحقق رحمهم الله تعاليٰ من لاشيخ له فشيخه ابليس.

يعني جنهن جو مرشد نہ آهي، ان جو پير و مرشد شيطان آهي، جيتوڻيڪ حقيقت ۾ سڀني امت جو پير محمد مصطفيٰ ﷺ آهي. شيطان کان پيري مريدي ڪوبہ نتو حاصل ڪري ان ۾ دين جي خرابي ۽ گمراهي ڏانهن اشارو آهي. **بيت:**

گر ترا درديست پير آيد پديد
قفل دردت را ڪليد آيد پديد

ترجمو: جيڪڏهن توکي درد آهي تہ پير اوس ملندو ۽ تنهنجي درد جي تالي جي چاٻي پڻ ملندي.

پير ڪامل ۽ مڪمل ان کي چوندا آهن جيڪو نئين طريقي جو صاحب هجي ۽ پنهنجي اجتهاد تي سلوڪ طئي ڪرائي خير ۽ شر سٺي ۽ خراب خبر تي واقفيت لهي ۽ سٺن معاملن جي رستي کان واقف هجي، ۽ سلوڪ جي رستي ۾ جيڪا شيءِ ان جي اڳيان اچي، ان جي حقيقت الهام ۽ ڪشف جي رستي ان جي دل تي ظاهر ٿئي. جيئن الله تعاليٰ کان سواءِ ٻئي جو محتاج نہ رهي ۽ مرشد اهو آهي، جيڪو پير ڪامل کان سلوڪ طئي ڪري ۽ خدا کي حاصل ڪري ۽ ٻين کي سلوڪ ۽ ارشاد ڏي ۽ ٻيا ان مان فائدو وٺن. پير ۽ مرشد ۾ اصل فرق هي آهي تہ پير رسول جو مظهر ۽ مرشد نبيءَ جو مظهر هوندو آهي، طالب کي گهرجي تہ اول پير جو هٿ وٺي ان کان پوءِ طلب ڪري. **بيت:**

راه دور است پر ز آفات اي پسر
راه رو را مي ببابد راهبر

ترجمو: اي پٽ! رستو پري ۽ مصيبتن سان ڀريل آهي، رستي ويندڙ لاءِ رهبر ضرور هجڻ کپي.

کور هرگز کي تواند رفت راست

بي عصا کش کور را رفتن خطا است

ترجمو: انڌو ڪئين رستي تي سڌو هلي سگهي ٿو. لٺ ڪڍڻ کان سواءِ انڌي جو هلڻ غلطي آهي.

جڏهن پير يا مرشد طالب کي هي رستو ارشاد ڪري، ان وقت طالب کي پهريان علم جي ؟ ب ڪرڻ گهرجي، ان کان پوءِ خدا جي ذڪر ۽ فڪر ۾ مشغول ٿيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته سڀني سعادتن ۽ نيڪين جو بنياد اهي ٻه شيون آهن. هڪ ظاهري ۽ شريعت جي باطني علم جي طلب، ٻيو الله تعاليٰ جي ذڪر ۽ فڪر ۾ مشغول ٿيڻ. [٤٧] طالب کي گهرجي ته هر حال ۾ انهن ٻن شين ۾ مشغول رهي ۽ ڪوتاهي نه ڪري، جيستائين حياتي هجي، ڇاڪاڻ ته اهي ٻه اصول رستو آهن. انهن ٻنهي جي عمل ۾ مشغول ٿيڻ کان سواءِ سلوڪ حاصل نه ٿيندو. حق جي طالبن جي سلوڪ جو رستو فرض عين آهي. الله تعاليٰ جي رستي ۾ وجهڻ ۽ ان جي رضا جي طلب ڪرڻ، فردن جو ڪم آهي، جيڪي بلند همت جا مالڪ آهن ۽ هن رستي ۾ مردن جي همت گهرجي شهرت نٿي ڪپي. **بيت:**

هرکه صاحب همت آيد مرد شد

همچو خورشيد از بلندي فرد شد

ترجمو: جيڪي همت جا صاحب آهن اهي مڙس ٿيا آهن. سج وانگر بلندي کان مٿي اڪيلا آهن.

هرکه از همت درين ره آمد است

گر گدائي مي کند شه آمد است

ترجمو: جيڪو همت سان هن رستي ۾ آيو آهي پلي گدائي ڪري پر اهو بادشاهه ٿي آيو آهي.

اي عزيزا ڇاڪاڻ تہ ڪي جوان آهن، جيڪي پنهنجي همت جي ڪمند، عرش جي ڪنگرن تي اڇلائيندا آهن. هل من مزيد جو فرياد ڪندا آهن ۽ ڪي ان مقام تي خوش ٿيندا آهن، ۽ چوندا آهن تہ ملڪ ۽ ملڪوت سڀ اسان جي هٿ ۾ آهن. **بيت:**

سگ دون همت، استخوان جويد
بچہ شير مغز جان جويد

ترجمو: نيچ ڪتو جيئن هڏو ڳوليندو آهي، تيئن شينهن جو ٻچو شڪار ڳوليندو آهي. **والله اعلم**

سلوڪ جي تعريف ۽ ان جي طريقي ۾ سنڌي بيت: **بيت:**

سنئين سالڪ هليا، اوات ويهي رهن
ڪوڙان پسو قطاريا، ڪر پانڌي لئہ پرين
او هيجان هلن حق ڏونهہ، ڀِيون ڏيئي ڀن
اوري ڪن نہ آسرو، تاڻئو توڙ وڃن
وادي تنهن رهن، جت پرين ري ڪي نہ پسجي.

باب يارهون

زباني ذڪر ۽ ان جي ترتيب بابت

اي عزيز! ڄاڻ تہ طالب کي گهرجي تہ پهريان ذڪر زبان سان ڪري: **لااله الاالله** ۽ دل ۾ ان جي معنيٰ جو تصور ڪري، تہ منهنجو خدا کان سواءِ ٻيو ڪو مقصد ڪونهي. بيت:

تا بجاروب لا نروبي راهہ

کي رسي در سرائي الاالله

ترجمو: جيستائين لا (نفي) جو ٻهارو نہ هڻندين تيستائين **الاالله** جي جاءِ کي ڪيئن پهچندين.

"**لا** "جي چوڻ جي ترتيب هي آهي، تہ "**لا**"سيني جي وچ مان ڪڍي "اله"سڄي پاسان چوي ۽ "**الا الله**" سان کٻي پاسا، ضرب هڻي، ۽ جڏهن "**لا** "جو ذڪر ڪري، ان وقت دل ۾ تصور ڪري تہ ڪوبہ نہ آهي ۽ جڏهن "**الله**"چوي منهنجو مقصد ۽ جڏهن **الاالله** چوي خدا کان سواءِ. جيڪڏهن ذڪر ڪندڙ نفي ۽ اثبات جي وقت پنهنجو منهن سڄي ۽ کٻي پاسي ڏانهن ڪري ٿو، ان وقت شيطاني خطرا خاموش ٿي ويندا آهن. جيئن وڇڻي پکي هٽڻ سان مکيون مانيءَ جي ٿالهي تي نہ ويهي سگهنديون آهن. جيڪڏهن ذاڪر ان طريقي سان ذڪر ڪندو تہ آهستي آهستي اصلي ۽ ڪلي مقصد لهندو ۽ حق تعاليٰ سان واصل ٿيندو ۽ اهو ذڪر فجر نماز ۽ ظهر کان پوءِ هڪ سئو دفعو ڪري. پر ذڪر شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ ٽي دفعا حضور ﷺ ۽ سندس آل اصحاب تي درود موڪلي، هيئن چوي: **صلي الله عليٰ حبيبہ محمد وآله واصحابه وسلم.** ان کان پوءِ **اعوذ بالله** ۽ **بسم الله** ۽ حديث جي الفاظن سان ڏکهو چڪي ڪلمون **لااله الاالله** شروع ڪري ۽ هيئن چوي، **اعوذبالله من الشيطان الرجيم، بسم الله الرحمان الرحيم.**

قال النبي ﷺ ان افضل الذکر لااله الاالله.

۽ ڪلمي محمد رسول الله سان مقرر عدد تائين پهچائي [٤٨].ان ڪان پوءِ ٽي دفعا درود شريف پيغمبر عليه الصلواة والسلام تي پڙهي، ان ڪان پوءِ هٿ مٿي ڪٽي عاجزيءَ سان هيءَ دعا گهري.

اللهم احينا ذاکرين وامتنا ذاکرين، واحشرنا الیٰ يوم القيامة في زمرة الذاکرين واجعلنا من الخالصين المخلصين الذين لاخوف عليهم ولاهم يحزنون وصلي الله علیٰ خير خلقه نبينا محمد وآله واصحابه اجمعين برحمتک يا ارحم الراحمين.

طالب کي گهرجي تہ چاليهہ ڏينهن متصل لڳو لڳ ان طريقي تي ذڪر ڪري. پر جيڪڏهن ڪڏهن انهن وقتن ۾ ناغو پوي تہ قضا ڪري، جيستائين مقرر عدد پورو ٿئي، ان ڪان پوءِ موٽائڻ شرط نہ آهي، اها نفي ۽ اثبات واري تعليم ڪوٺن ٽا ۽ ٻي ان تي قياس ڪجي. جڏهن مرشد طالب کي اها تعليم ڏي، ان وقت طالب کي قبلي ڏانهن منهن ڪرائي، ٻئي گوڏاادب سان ڀڃائي، پوءِ وهاري. ان ڪان پوءِ، حضور ڪريم ﷺ جن ۽ سندس آل ۽ اصحاب ۽ سيني پيرن مرشدن ۽ مومنين کي ختمو ڏياري، ان ختمي ۾ ٽي دفعا درود شريف ۽ يارنهن قرآن شريف جون هي سورتون پڙهي: (1) والضحیٰ (2) الم نشرح (3) والتين (4) تڪاثر (5) عصر (6) ڪوثر (7) ڪافرون (8) اخلاص (9) خلق (10) ناس (11) فاتحه. ان ڪان پوءِ، ٽي دفعا درود شريف پڙهي. ان ڪان پوءِ ختمي جي دعا پڙهي، ان ڪان پوءِ مرشد کي طريقي جي تعليم جي حقيقت مريد کي ٻڌائي، ان ڪان پوءِ اعوذ، بسم الله ۽ رد ڪفر جا ڪلما صفت ايمان مجمل ۽ مفصل ٻئي پڙهائي، ان ڪان پوءِ، ٽي دفعا استغفار جا ڪلما پڙهائي، جيئن چوي،

استغفرالله واتوب اليه من جميع ماڪره الله قولا وفعلا وسمعا والبصراو اعتقادا من الذنب الذي اعلم ومن الذنب الذي لا اعلم وانت علام الغيوب ولاحول ولا قوة الا بالله العلي العظيم.

ان ڪان پوءِ ٽي دفعا حضورﷺ تي درود پڙهائي،ان ڪان پوءِ مرشد،

تسبيح ان کي هٿ ۾ ڏي ۽ ڪلمه توحيد جي تلقين ٽي دفعا، مٿين ترتيب سان ڪرائي ۽ چوي تہ هاڻي ذڪر ۾ مشغول ٿي وڃ. مقرر عدد تائين ذڪر ڪندو رهي ۽ مرشد مريد ڏانهن متوجه ۽ منتظر ٿئي ۽ شفقت واري نگاه رکي. جڏهن ان ڪم کان فارغ ٿين تہ پوءِ ٽي دفعا، حضور ڪريم ﷺ جن تي صلواة سڳوري پڙهي، ان کان پوءِ دعا، ذڪر ۽ فاتحه توفيق مطابق طالبن لاءِ گهري، ان کان پوءِ طالب کي گهرجي تہ ان ذڪر ۾ مشغول رهي. جيستائين مقرر عدد پورو ٿئي. ان کان پوءِ هٿي ذڪر جي طلب ڪري، پر اهو ذڪر نہ ڇڏي ۽ سڀ ان ترتيب سان ڪري. ڪي ماڻهو لا اله الاالله جو ذڪر اخلاص سان پڙهن ٿا، پر عيوض جي طلب ڪن ٿا ۽ ان جو ثواب مردن کي بخشين ٿا، ان صورت ۾ انهن جي اخلاص واري دعويٰ ڪوڙي ٿئي ٿي. ثواب جي طلب ۽ اجوري لاءِ ڪلام الله ڪافي آهي [٤٩] چاهي هڪ سورت پڙهيائين يا چند سورتون، ان ۾ تورو گهڻو ثواب اچي ويو. والله اعلم. ڪلمي لا اله الا الله جي تعريف ۾ سنڌي بيت: بيت:

پار 'اله' جي آئيا، 'لا'سين لنئون ٿئون
ڪين ڪنيائون پاڻ سين، سچو پهہ پئون
ٿيا ساڄارا سبحان جا، وچان وڃ وئون،
اُهس ان پئون، هي ڏونهہ اڪيون نہ ڪٽي

باب ٻارهون

ذڪر نفي ۽ ان جي ترتيب بابت

اي عزيزا! ڇاڻ ته طالب کي گهرجي ته ذڪر لساني جي تعداد وارن ڏينهن کان پوءِ لااله الاالله جو سڄو ذڪر يا خالي الاالله چوي ۽ دل ۾ لفظن جي صحت جي فڪر کان سواءِ اهو ڪلمو پڙهي. **فرد**

اين هر نفس ڪه مي رود از عمر گوهر است
آن را خراج ملڪ دو عالم بود بي بها

ترجمو: جنهن ساهه مان اهو ذڪر نڪري ٿو، اهو زندگيءَ جو موتي آهي، ان کي گويا ٻنهي جهانن جو بي بها خزانو ملي ويو.

گر بهمه عمر خويش، با تو برارم دمي
حاصل عمر آن دم است باقي ياوه رفت

ترجمو: جيڪڏهن پنهنجي سڄي عمر رڳو هڪڙو دم به توسان گذري ته، سڄي عمر جو حاصل اهو دم آهي، باقي عمر اجائي آهي.

"لا " جي ڇوڻ جي ترتيب هي آهي، پهريان ٽي دفعا حضور ﷺ ۽ سندس آل اصحاب تي درود موڪلي. ان کان پوءِ، جڏهن ساهه ٻاهر آڻي "الا"چوي ۽ جڏهن ساهه اندر نئي ته "الله" چوي ته جيئن ساهه "الاالله" جي ڪلمي سان پورو ٿئي. طالب کي گهرجي، ته اهو ذڪر، دل جي توجه سان ڪري. عصر کان پوءِ سانجهي تائين پڙهي ۽ اختصار نه ڪري، ڪوشش ڪري ته ذڪر گهٽو ٿئي يا ٿورو، جڏهن ذڪر مان فارغ ٿئي ته ٽي دفعا درود شريف پڙهي. ان کان پوءِ دعا لاءِ هٿ کڻي ۽ هيءَ دعاءِ ذڪر، دل جي توجه سان پڙهي:

اللهم اجعلني مقلدذامن لذات ذڪرک وذڪر ڪلمات اثبات وحدانيک وأجعلني موصوفا باوصاف صفاتک بحرمت النبي المختار وآله الابرار

وصلي الله عليه وآله واصحابه اجمعين برحمتک يا ارحم الراحمين.

اھڙي طرح مشغول رھي، تہ جيئن چلو پورو ٿئي.ان کي خالص اثبات جي تعليم چون ٿا. **بيت:**

ز وقت تا بوقت منتظر باش
بذکري يا بسکري مختصر باش

ترجمو: ھڪ وقت کان ٻي وقت تائين انتظار ۾ ھج، ذکر يا فکر سان مختصر ھج.

سخن با کس مگو الا بضرورت
خلل تا در نيفتد در حضورت

ترجمو: ضرورت کان سواءِ ڪنھن سان نہ ڳالھاءِ، تہ جيئن تنھنجي حضور ۾ خلل نہ پوي.

جڏھن مرشد، مريد کي اھا تعليم ڏي، ان وقت مريد کي قبلي ڏانھن منھن ڪرائي. اڳوڻي طريقي تي وھاري، گوڏا پيچي وھاري ۽ مريد جا ھٿ رانن تي ھجن. ان کان پوءِ، چوي تہ پنھنجي نفس ڏانھن متوجه ٿيءُ. جڏھن ساھ ٻاھر اچي، **"الا"** چئو ۽ ساھ اندر ڇڪي **"الله"** چئو ۽ انھن ڪلمن جي صحت جو فڪر ڪر. اھڙي طَرح مشغول رھ. اڌ ڪلاڪ تائين ۽ ان اڌ ڪلاڪ جي مدت ۾، مرشد کي گھرجي تہ طالبن جي توفيق لاءِ فاتحه پڙھائي ۽ طالب کي گھرجي تہ. اھو الله جو ذڪر چند ڏينھن ويھي ڪندو رھي، جيستائين ذڪر ۾ رسوخ ٿي وڃي. ان کان پوءِ ڪنھن خاص جاءِ تي ويھي ذڪر ڪرڻ شرط نہ آھي، جتي چاھي اتي ذڪر ڪري. ڪي نفي جي ذڪر ۾ مشغول ڪونہ ٿيندا آھن ۽ چون ٿا تہ ساھ دل مٿان گذري ٿو، دل سان ساھ جو ڪوبہ دخل نہ آھي، اھو ھمراھن جو چوڻ ذڪر کان روڪڻ آھي، ڇاڪاڻ تہ نفس عضون مان ھڪ عضوو آھي، ان کي باري تعاليٰ جي ذڪر کان معطل ۽ بيڪار ڪرڻ، جاھلن ۽ بي عقلن جو ڪم آھي، والله اعلم. سنڌي بيت **لااله الاالله** جي ڪلمي جي تعريف ۾: [٥٠] **بيت:**

"الا" اوريائين چڏي، اوءِ وياسي وري
تيا سيڪڙو سبحان جا، پيين وک پري
جتي ڪون نہ مڪان ڪو، اوءِ پسن تهان پري
ويا تت وري، جتي خوف نہ صوت ڪو

باب تيرهون

ذڪر قلبي ۽ ان جي ترتيب جي بيان ۾

اي عزيز! ڄاڻ ته طالب کي گهرجي ته عدم کان پوءِ، ذڪر نفي "الاالله" ذڪر سان "الله" چوي ۽ "الله" جي نالي جي صورت جو دل ۾ تامل ۽ فڪر ڪري. بيت:

پاسبان دل باش اندر کل حال
تا نيابد هيچ درو آنجا مجال

ترجمو: پنهنجي دل جي اندر جو هرحال ۾ خيال رک. ته جيئن ان ۾ ڪو به خطرو نه لهين.

هر خيالي غير حق دزد آن
اين رياضت سالڪان را فرض دان

ترجمو: حق کانسواءِ ٻيو هر خيال ان جو چور آهي، اها سالڪن جي رياضت فرض ڄاڻ.

مده در دون حق جائي در دل
درونت تا نيابد ره عزازل

ترجمو: دل ۾ خدا کان سواءِ ٻي ڪنهن کي جاءِ نه ڏي، ته جيئن تنهنجي اندر ۾ شيطان گهر نه ڪري.

هن ذڪر ڪرڻ جي ترتيب هي آهي، ته ذڪر ۾ مشغول ٿيڻ وقت ذاڪر گوڏا پيچي قبلي ڏانهن منهن ڪري ويهي، ان کان پوءِ تي دفعا حضور ڪريم ﷺ تي درود شريف موڪلي. ان کان پوءِ، سڄي هٿ ۾ تسبيح ڪٽي. اها تسبيح سڄي ران تي رکي ۽ کٻو هٿ دن تي ٻڌي زبان ساڪت ڪري، اکيون بند ڪري ۽ ڪاڏي سيني تي رکي ۽ ساهه به گهٽي. پوءِ مڪمل طور تي متوجه ۽ منتظر ٿئي ۽ اسم ذاتي جيترو چڪي سگهي، دل جي حرڪت سان چوي. جڏهن ٿڪجي ته ڪجهه آرام ڪري. جڏهن ٿڪ دور ٿئيس ورِي

ساڳي طريقي سان مشغول ٿئي. ست دفعا ائين ڪري. ان کان پوءِ درود شريف پڙهي ۽ ان کان پوءِ هٿ کڻي هيءَ دعا دل جي اخلاص سان گهري.

اللهم نور قلبنا بنور المعرفة وخلصنا عن ظلمة الطبيعة واتقنا من نومة الغفلة واحفظنا الٰهنا عن خيالات الغير يا اكرم الاكرمين ويا خير الناصرين برحمتك يا ارحم الراحمين.

طالب کي گهرجي ته مغرب کان پوءِ اهو ذڪر ڪري ۽ گهٽائڻ جي ڪوشش نه ڪري، جيستائين ٽي چلا پورا نه ٿين، تيستائين اها قلبي مراقبي جي تعليم ڪندو رهي. جڏهن مرشد، مريد کي اها تعليم ڏي، ان وقت اول قلم سان حقيقت لکي سمجهائي، ان کان پوءِ ذڪر فڪر ۽ مراقبي ۾ مشغول ٿئي. پر ڪي چون ٿا ته اسم (الله) دل سان چوي ۽ هي ارادو ڪري ته دل مان خيالات دفع ڪريان ٿو. جيئن صحيح سمجهي ان نموني سان ذڪر ۾ مشغول ٿئي. ته جيئن ان جي برڪت سان دل مان خطرا دفع ٿين. **والله اعلم.** اسم ذاتي جي وصف ۾ سنڌي بيت: **بيت:**

چيائون "الله"، هادي جو حق
اوءِ پاڻان ويا پيڙا، ٿِين ذات مطلق
'فلاهم الا انا،' ات نڪو شبه نه شڪ
حاصل جنين حق، سي واصل ٿيا وصال سين

باب چوڏهون

روحي ذڪر ۽ ان جي ترتيب جي بيان ۾

اي عزيز! طالب کي گهرجي تہ ڳٽيل ڏينهن جي قلبي ذڪر الله کان پوءِ، روحي ذڪر "هو" چوي ۽ دل اسم واري لفظ سان متوجه ڪري، حواس خمسہ کي ائين بند ڪري جيئن چور کي سوگهو ٻڌبو آهي. [٥١] ان ذڪر جي ترتيب هي آهي تہ، پهريان ٽي دفعا حضور ﷺ جن تي درود پڙهو. ان کان پوءِ ٻئي هٿ رانن تي رکو ۽ ڪاڏي کي سيني سان ملايو ۽ اکيون بند ڪريو ۽ زبان کي ڳالهائڻ کان روڪيو ۽ ساھ گهٽيو. اسم "هو" وهم ۽ خيالن واري نموني سان هڪ دفعو يا جيترا دفعا چئي سگهو چئو ۽ ان وقت دل اسم "هو" واري لفظ ۾ متوجه هجي. جڏهن ٿڪي پئو تہ ڪجهہ دير آرام ڪريو. ساھ پٽي وري، ساڳي طريقي سان مشغول ٿيو. ائين يارهن دفعا مڪمل ڪريو ان کان پوءِ ٽي دفعا حضور ﷺ جن تي درود موڪليو ۽ هٿ مٿي ڪٽي حضور دل سان هيءَ دعا پڙهو.

اللهم اجعلنامن السالڪين اليڪ بسلوڪ الدوام وزدنا بزادالمحبت فيما لديڪ في جميع الايام ولا تضيعنا بخطرات النفس والشيطان الذي يضيع قلوب الانسان بحرمتہ النبي وآله الاطهار واصحابه الاخيار وصلي الله عليه وعلىٰ وآله واصحابه وسلم برحمتڪ يا ارحم الراحمين.

اهو ذڪر سومهڻي کان پوءِ ڪري ۽ مختصر نہ ڪري، گهٽ ۾ گهٽ چار چلا پورا ڪري، اهو روحي مراقبو آهي، ان کان پوءِ بہ مقرر وقت تي بس نہ ڪري. جيڏي مهل بہ وقت مليس، ان ذڪر ۾ مشغول رهي ۽ دل خاص اسم ذات ڏانهن متوجه ڪري. بيت

گر از گمان دلت تير قصدت اي عارف
رسيد برهدف هوش مندي زحق ڪاشف

ترجمو: اي عارف! جيڪڏهن تنهنجي دل جي گمان جو تير نشاني تي

پهتو آهي، تہ حق کولينڊڙکان هوش مندي کر.

اشارت است درين زودياب روئي متاب،

کہ هست فرض سلوک طريق درهمه باب

ترجمو: اشارو آهي تہ ان تيزکم کان منهن نہ موڙ چاڪاڻ تہ سلوڪ جو طريقو سيني بابن ۾ فرض آهي.

سلوک نيست مگر قصد هو بہ اهل حضور

کسي کہ هست خبردار نيست ازين ره دور

ترجمو: سلوڪ ٻي شيءِ نہ آهي، مگر اهو اهل حضور سان هو جو ارادو آهي، جيڪو خبردار آهي اُن رستي کان پري نہ آهي.

ان ذکر ۾ وقت ۽ عدد مقرر نہ آهي، ان کي سالڪ اسم "هو" جو مبالغو چوندا آهن، جيڪڏهن ذاکر گهڻو وقت ذکر ڪندو رهي، ٻر پوءِ بہ ساهہ کي قابو نہ رکي سگهي تہ الله جو اسم ان جي بدن ۾ حل نہ ٿيندو. جيئن چانور پاڻيءَ ۾ وجهي باهہ تي رکجن، پر پاڻ ۾ نہ ملن تہ ان کي پت نہ چئبو.

اي عزيز! چاڻ تہ دل جي خيال ۽ وهم سان "هو جل شانہ" جو ذڪر ڪري ۽ دل ان ڏانهن متوجه ۽ منتظر ڪري. سيئي خيال پري ڪري. نفس اماره سان جنگ ڪري. چاڪاڻ تہ نفس اماره هميشہ ٻين شين ڏانهن چڪيندو آهي، ۽ طالب حق کي انهن کان باز رهڻ گهرجي، ۽ الله تعاليٰ ڏانهن متوجه رهڻ گهرجي، ۽ هميشه نفس جي مخالفت ڪرڻ گهرجي. ان کي سالڪ جهادا اڪبر چون ٿا. حديث: **رجعنا من جهادالاصغر الي جهاد الاکبر** ۾ ان جهاد ڏانهن اشارو آهي. يعني حضور ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ اسين ننڍي جهاد کان وڏي جهاد ڏانهن موٽياسون.سلوڪ ۽ تصوف وارن وٽ، نفس ڪافر[۵۲] سان جنگ فرض عين آهي. اهل طريقت چون ٿا تہ جيڪو پنهنجي دل کي پاڻ الله تعاليٰ ڏانهن متوجه ڪري ۽ نفس سان

جنگ جوڙي، الله تعاليٰ ان کي حقيقي ۽ معنوي توجه نصيب ڪندو ۽ پنهنجي ڪنه جي اسرارن ۽ حقيقتن کان ان کي واقف ڪندو ۽ ان کي فنا في الله ۽ بقا باالله جي مرتبي سان مشرف ڪندو. ۽ الله جي عارفن ۽ واقفان ذات جي جماعت ۾شامل ڪندو ۽ خاص طالبن جي مقام تي ان کي پهچائيندو. ڪتابن ۾ آيو آهي ته سڀاڻي قيامت جي ڏينهن، ملائڪن کي خدا جي طرف کان آواز ايندو ته عزت ۽ سخاوت وارا، منهنجي اڳيان پيش ڪريو. ملائڪ عرض ڪندا ته اي خدا اهي ڪهڙا آهن، جيڪي اسين وٺي اچون. آواز ايندو سخاوت وارا اهي آهن جن دليون مون کي ڏنيون هيون ۽ عزت وارا اهي آهن جن پنهنجي نفسن سان جنگ ڪئي هئي. حقيقت وارا چون ٿا، ته انهن عالي ۽ بلند مرتبن جي حصول سبب، اسان کي خدا جي ذڪر ۾ مشغول رهڻ گهرجي، طالب کي گهرجي ته هر حال ۾ خدا جي ذڪر ۾ مشغول هجي ۽ ڪوبه وقت ذڪر کان سواءِ نه رهي ۽ ڪيس گهرجي ته ڪلمي لااله الاالله جي ذڪر سان مشغول ٿئي.ان کان پوءِ ٻيا ڪم انهن ۾ مشغول ٿئي. ڇاڪاڻ ته اهو ذڪر افضل آهي.

قال النبي ﷺ ان افضل الذڪر لا اله الاالله.

۽ اهو ڪلمو هر نبيءَ الله تعاليٰ کان آندو آهي ۽ ان جي مخلوق کي دعوت ڏني اٿس، ۽ اهوئي **لااله الاالله** جو ڪلمو آهي،

جنهن جي تلقين حضور ڪريم ﷺ جن اميرالمومنين ۽ بلال حبشي رضي عنها کي حق جي مشاهدي لاءِ ڪئي هئي.

قال عليه السلام هل ادلڪ يا عليٰ! عليٰ طريقته التي تري الله عزوجل بذالڪ الطريقته في الدنيا قال نعم قال النبي ﷺ قل لااله الاالله.

حضور ڪريم ﷺ جن فرمايو، اي علي! توکي اهو رستو ٻڌايان جنهن رستي تي هلڻ سان تون هن دنيا ۾ الله کي ڏسين. حضرت علي رضہ عرض ڪيو ته هائو اي الله جا رسول. پاڻ فرمايائون ته چئو **لااله الاالله.**

گهڻن اوليائن به اهو رستو ورتو ۽ الله پاڪ جي ذات جي تجلين کي پهتا ۽ خداجي ذات جو قرب ۽ عرفان حاصل ڪيائون. هن سڳوري ڪلمي

جون فضيلتون تمام گھڻيون آهن، ۽ بيشمار وصفون آهن. معرفت وارا چون ٿا ته جيڪڏهن مشرف ۽ مقرب سڀ گڏجي توحيد جو ڪلمو پڙهن ته عجب نه آهي جو هن ڪلمي جي برڪت سان،سڄو جهان بخشجي وڃي. هن رستي جا واقف چون ٿا ته لااله الاالله وڻ وانگر آهي، ۽ ان جي پاڙ تحت الثريٰ ۾ آهي ۽ ان جون ٽاريون لامڪان ۾ آهن ۽ ان وڻ جو ميوو ذات پاڪ خداوندعزوجل آهي. سيئي موجودات ان جو طواف ڪن ٿا ۽ ان جي خوشبوءِ جو واس وٺن ٿا ۽ جيڪو هن وڻ جو ميوو [٥٣] کائيندو، اهو وحدت جي شراب ۾ مست ٿي ويندو ۽ ذات پاڪ جي اسرارن ۽ حقيقتن تي واقفيت لهندو. مصاحبن ۽ پاڙيسيرين جي رازن جو واقف ٿيندو.

وعن ابي بکر صديق رضي الله عنه انه قال قال رسول الله ﷺ سمعت عن سيد الملائڪته جبرئيل عليه السلام وهو اخبر عن الله تعاليٰ انه قال ما انزلت ڪلمته اجل وابهيٰ من قول لااله الاالله عليٰ وجه الارض بها قامت السموات والارض والجبال والشجر والبر والبحر والاوهي ڪلمته الشفاعت الاوهي ڪلمته النجاة الا وهي ڪلمته العليا الاوهي ڪلمته المغفرة الا وهي ڪلمته العظمته ڪلمته الشريفته الاوهي ڪلمته المبارڪته الاوهي ڪلمته لو وضعت ڪفته السموات والارض في اجحن به.

يعني ابوبڪر رضه چيو ته نبي ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو ته مون ملائڪن جي سردار جبرئيل عليه السلام کان ٻڌو ته الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته، مون عزت وارو ۽ سهڻو ڪلمو **لااله الاالله** کان وڌيڪ روءِ زمين تي ڪونه موڪليو آهي. ڇاڪاڻ ته آسمان، زمينون، جبل ۽ وڻ ۽ بحر ۽ بر ۾ جيڪي ڪجهه آهي، اهو سڀ **لااله الا لله** جي ڪلمي سان سينگاريل آهي، ۽ اهو ڪلمو اخلاص آهي، يعني ان ۾ شرڪ نه آهي، ۽ اهو ڪلمو اسلام آهي، هيءُ جيستائين نه پڙهندو مسلمان نه ٿيندو ۽ اهو ڪلمو رحمت آهي، يعني جيڪو پڙهندو اهو رحمت جو حقدار ٿيندو ۽ شفاعت جو ڪلمو آهي يعني جيڪو پڙهندو اهو انبيائن ۽ اوليائن جي شفاعت جو حقدار ٿيندو ۽ ڇوٽڪاري جو ڪلمو آهي يعني جيڪو پڙهندو اهو هتيا ۾ مرڻ ۽ مال قرجڻ

واري فتني کان ڇوٽڪارو لهندو ۽ آخرت ۾ ابدي عذاب کان ڇوٽڪارو لهندو ۽ اهو ڪلمو عليا آهي يعني جيڪو اهو ڪلمو پڙهندو ان جا درجا ۽ مرتبا بلند ڪندو ۽ مغفرت ۽ بخشش جو ڪلمو آهي، يعني جيڪو اهو ڪلمو پڙهندو ان جا گناهه بخش ٿي ويندا. ۽ عظمت جو ڪلمو آهي يعني جيڪو اهو ڪلمو پڙهندو اهو بزرگوار ٿيندو ۽ الله جي مخلوق ۾ عزت وارو ٿيندو ۽ شريف ڪلمو آهي، يعني جيڪو هي ڪلمو پڙهندو دين ۽ دنيا جو شرف لهندو ۽ برڪت وارو ڪلمو آهي مرتبن ۽ جان ۾، يعني جيڪو هي ڪلمو پڙهندو ان جا دين ۽ دنياوي ڪم آسان ٿيندا. جيڪڏهن هي ڪلمو ساهميءَ جي هڪ پڙ ۾ رکيو وڃي ۽ ٻئي پڙ ۾ آسمان ۽ زمينون رکيون وڃن ته هي ڪلمو ڳرو ٿيندو.

جيڪو اخلاص سان هي ڪلمو پڙهندو ان کي هيٺ ڏنل ڪرامتن جا درجا نصيب ٿيندا.(1) ان تي موت جي سڪرات آسان ٿيندي. (2) دنيا مان ايمان سان ويندو. (3) قبر ان جي ڪشادي ٿيندي. (4) منڪر ۽ نڪير کي نيڪ صورت ۾ ڏسندو. (5) سوالن جا جواب صحيح ڏيندو. (6) قيامت ۾ اعمال نامون ان کي سڄي هٿ ۾ ملندو. (7) عمل ساهميءَ ۾ ڳرا ٿيندس.(8) پل صراط [٥٤] تان آسانيءَ سان لنگهي ويندو.(9) بهشت ۾ بلند درجو لهندو. (10) الله تعاليٰ سان ملاقات مٿانهين نموني سان ٿيندي.

حقيقت وارا چون ٿا ته آسمان زمينون، عرش ۽ ڪرسي ۽ ان جا سيئي رهندڙ هن ڪلمي جي برڪت سان قائم آهن. ملائڪ، آسمان ۽ زمين، عرش ۽ ڪرسي ۽ سيئي وڻ روءِ زمين جبل ۽ درياهه، پکي ۽ جانور ۽ سيئي ساهوارا، عالم علوي ۽ سفلي جا رهندڙ اهو عزت وارو ڪلمو پڙهن ٿا ۽ الله پاڪ عزوجل جي ذات به اهو ڪلمو پڙهي ٿي، جيئن قول،

اني انا الله لا اله الا انا.

يعني الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته بيشڪ آئون توهان جو خدا آهيان، مون کان سواءِ ڪو به معبود نه آهي.

حضورﷺ جن فرمايو تہ تيستائين قيامت ڪونہ ٿيندي، جيستائين روءِ زمين تي ڪوبہ هڪڙو توحيد جو ڪلمو چوندڙ هوندو.

قال موسيٰ عليٰ نبينا وعليه السلام يا رب علمني ماينفعني قال الله تعاليٰ يا موسيٰ قل لااله الاالله قال يارب علمني شيئا اتقرب اليک قال يا موسيٰ قل لااله الاالله فانها تهدم الذنوب قال الله عزوجل يا موسيٰ لو وضعت السموات السبع والارض السبع في کفتہ الميزان وقول لااله الاالله في کفتہ ارجح.

يعني معراج وقت حضرت موسيٰ ع چيو تہ اي منهنجا پروردگار! مون کي اهڙي شيءِ سيکار جيڪا مون کي فائدو ڏي. الله تعاليٰ فرمايو تہ اي موسيٰ چئو **لااله الاالله**. وري حضرت موسيٰ ع عرض ڪيو تہ اي منهنجا پروردگار! مون کي اهڙي شيءِ سيکار، جنهن سان توکي ويجهو ٿيان. الله تعاليٰ فرمايو تہ اي موسيٰ چئو **لااله الاالله**. اهو ڪلمو گناهن کي ڪيرائيندو ۽ پري ڪندو ۽ الله تعاليٰ فرمايو تہ اي موسيٰ جيڪڏهن ست آسمان ۽ زمينون ساهميءَ جي هڪڙي پڙ ۾ رکيا وڃن تہ **لااله الاالله** جو قول ٻي پڙ ۾ رکيو وڃي تہ لااله وارو پڙ ڳرو ٿيندو.

الله تعاليٰ حضرت موسيٰ ع ڏانهن وحي موڪلي تہ اي موسيٰ جيڪي هن عزت واري ڪلمي ۾ مشغول آهن اهي منهنجا دوست آهن، قيامت جي ڏينهن ٻين سيني مومنن کان اڳ ۾ انهن کي پنهنجو ديدار ڪرائيندس. بيت:

نتيجہ عمل آخر بهشت به است
برائي رويت دان لااله الاالله

ترجمو: آخرت جي عمل جو ڦلو نتيجو بهشت آهي، پر ديدار خدا لاءِ **لااله الاالله** کي ڄاڻ تہ ڦلو آهي.

ڪتابن ۾ آيو آهي تہ وحيہ ڪلبي ڪفر واري دور ۾ پنهنجيون ستر ڏيئون غيرت جي ڪري قتل ڪيون هيون. جڏهن رسول اللهﷺ جن جي اڳيان هڪڙو دفعو توحيد جو ڪلمو پڙهيائين، تڏهن الله تعاليٰ فرمايو تہ

سٺ سالن جو ڪفر ۽ ستر ڏيئن جوُ خون هن وقت تنهنجو معاف ٿي ويو.

قال النبي ﷺ من قال لااله الاالله محمد رسول الله دخل الجنته ان زنا وان سرق.

يعني:حضور ڪريم ﷺ فرمايو تہ جنهن لااله الاالله پڙهيو اهو بهشت ۾ ويندو پوءِ پلي چور يا زاني هجي.

حقيقت وارا چون ٿا تہ **لااله الاالله محمد رسول الله** ﷺ جي ڪلمي ۾ چوويهہ حرف آهن ۽ رات ڏينهن ۾ چوويهہ ڪلاڪ آهن. جيڪو هڪڙو دفعو **لااله الاالله محمد رسول الله** چوي ٿو.خداوند تعاليٰ ان جي مقابلي ۾[٥٥] جيڪي گناهہ ان جا هوندا معاف ڪندو. الله تعاليٰ جو فرمان آهي تہ ڪلمو، **لااله الاالله** منهنجو ڪوٽ آهي، جيڪو ان ۾ داخل ٿيو امن وارو ٿئي ٿو، مارجڻ ۽ مال ڦرجڻ،اهي دنيا جا فتنا آهن، جن ڪان بچي ٿو ۽ آخرت ۾ دوزخ جي عذاب ڪان بچندو. نبي ڪريم ﷺ جن ڪان پڇيائون تہ دوزخ جي باهہ ڪهڙي شيءِ تي حرام آهي. پاڻ فرمايائون تہ **لااله الاالله** چوڻ واري تي حرام آهي، وري پڇيائون تہ بهشت جي چابي ڪهڙي آهي، پاڻ فرمايائون تہ **لااله الاالله** جو ڪلمو آهي. وري پڇيائون تہ سيني ڪلمن مان بهترين ڪلمو ڪهڙو آهي. فرمايائون تہ **لااله الاالله** آهي. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ جيڪو هي ڪلمو گهڻو پڙهندو، اهو قيامت جي ڏينهن عرش جي پاڇي هيٺان هوندو. معرفت وارا چون ٿا تہ جيڪو هي ڪلمو، عزت ۽ شرف وارو، اخلاص سان هر روز ہ سئو دفعا چوندو يا پڙهندو الله تعاليٰ ان کي پنهنجي ويجهن مان ڪندو.

اي عزيز! ڄاڻ تہ اهو عزت وارو ڪلمو ايمان جي پاڙ ۽ ڪفر کي ڪٽيندڙ ۽ ميٽيندڙ آهي، جلي ۽ خفي شرڪ، ظلمت ۽ گناهہ ڪان ڇڏائيندڙ آهي. ذڪر ڪرڻ دل جي زينت ۽ روح کي تازگي ۽ نور بخشيندڙ آهي. ايمان ۽ اصلي مسلماني آهي، ۽ دل جي روشنائي ان مان حاصل ٿئي ٿي ۽ دل جو زنگ ۽ ڪٽ لهي ٿو ۽ ايمان کي رواج ۽ صيقل ڪرڻ وارو ذڪر آهي. الله جي ذات جو قرب ۽ عرفان جو وسيلو آهي، مطلب تہ هي ڪلمو عزت ۽ شرف وارو آهي. ماڻهو جنهن ہ طريقي سان اهو ڪلمو پڙهندو، اهو الله کي

ويجهو ۽ جلدي سير الي الله وارو ٿيندو. جيڪو ان طريقي سان سلوڪ طئي ڪندو اميد آهي تہ اهو جلدي مقصد حاصل ڪندو، انشاءالله تعاليٰ. هن فقير (لطف الله قادري) جو طريقو پڻ وحدت وارو آهي ۽ ان جي سلوڪ جي پنجن قسمن جي تعليم قلمبند ٿيل آهي. (1) پهرين تعليم نفي ۽ اثبات. (2) ٻي خالص اثبات (3) دل جو مراقبو (4) روح جو مراقبو (5) اسم جو مبالغي سان ذڪر ڪرڻ. جڏهن سالڪ سلوڪ ۾ هن مقام تي پهچندو آهي، ان وقت درياءَ جي ڇولين ۾ پهچندو آهي، ۽ الله جي ذڪر جون موجون هونديون آهن. ان ڪي يادگيري وارو مقام چوندا آهن ۽ هن طريقي جي سالڪن کي گهرجي تہ پهريان ڪلمي جي ذڪر ۾ مشغول ٿين. پهرين **لااله الاالله**،ان ڪان پوءِ ڪلمي **الاالله** جو ورد ڪري. ان ڪان پوءِ الله جي ڪلمي ۾ مشغول ٿئي. ان ڪان پوءِ لفظ "هو" مان انس وٺي. ان ڪان پوءِ ان ۾ مبالغو ڪري. پهرين ٽنهي لفظن جو مقصد "هو" ۾ درج آهي. ڄاڪاڻ تہ ڪلمو **لااله الاالله** پاڙ وانگر آهي ۽ ڪلمو '**الاالله**' وڻ جي ٿڙ وانگر آهي ۽ ڪلمو 'الله' وڻ جي ٽارين وانگر آهي ۽ ڪلمو"هو" ميوي وانگر آهي. وڻ مان مقصد ميوو هوندو آهي. لوح محفوظ ۾ **لااله الاالله** لکيل آهي.اهڙي طرح چارئي ڪلمان لکيل آهن. چئني جملن جو مقصد لوح محفوظ ۾ **لااله الاالله** ۾ درج ٿيل آهي ۽ مقصود **لااله الاالله** جو **الاالله** جي ڪلمي ۾ درج ٿيل آهي، ۽ مقصود ڪلمي **الاالله** جو الله جي ڪلمي ۾ درج ٿيل آهي ۽ مقصود ڪلمي الله [٥٦] جو"هو" ۾ درج ٿيل آهي"هو" اصل ۾ نقطي وانگر آهي، پوءِ اهو نقطو ڊگهو ٿيو تہ الف ٿيو پوءِ الف گول ٿيو. گول چشمي تي پوءِ ان ڪي حرڪتن (زير زبر پيش) جو لباس پارايائون تہ اها جنس تي پئي ۽ ڳالهائڻ ۾ اچڻ سبب ان تي پيش جي حرڪت ڏنائون ۽ زبر جي سڌي ليڪ واري حرڪت ڏنائون ۽ زير جي حرڪت ڏنائون. اهي ٽيئي غائب ضمير خالص جا صيغا، ذات پاڪ خداوند جا آهن ۽ اهي سيني حرفن جو اصل ۽ سيني معنائن جو مبدا ۽ شروعات آهن، جيڪي لوح محفوظ ۽ انبيائن جي چئن ڪتابن ۾ آيا آهن. اهو سڀ شرح ۽ تفسير انهن حرفن جو

آهي، جيڪو اصل ۾ نقطو هو.

اهل حقيقت ۽ اهل عرفان چون ٿا تہ:

العلم نقطۃ وكثره الجاهلون.

ان نقطي ڏانهن اشارو آهي پر مخلوق ان جي اسرارن ۽ حقيقتن کي معلوم نٿي ڪري سگهي. الله تعاليٰ لوح محفوظ جو علم ۽ چار سئو پيغمبرن جا ڪتاب ان جي شرح ۽ تفسير ۾ بيان ڪيا آهن.جن جي مضمون جي حقيقت، ان ڳالهہ تي واضح ۽ روشن آهي ۽ حقيقت جا اسرار لوح محفوظ ۽ آسماني ڪتابن جو علم ان نقطي ۾ درج آهي. جيئن سيئي وڻ پنهنجي ٻج واري داڻي ۾ درج هوندا آهن. اهڙي طرح قرآن جا راز ۽ حقيقتون حروف مقطعات (جيڪي قرآن شريف جي سورتن جي شروع ۾ اچن ٿا) ۾ درج آهن. جيئن ڪهيٰعص ۽ حم عسق ۽ ان وانگر ٻيا لفظ انهن رازن ڏانهن اشارو ڪندڙ آهن. الله سائين پنهنجي عنايت سان جنهن کي چاهي ان جي اسرارن تي واقف ڪري. ڪتابن ۾ آيو آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن کي معراج واري رات الله تعاليٰ حروف مقطعات جي رازن کان واقف ڪيو. الله تعاليٰ فرمايو تہ اي منهنجا حبيب، اڄ رات انهن جو راز توکي ٻڌايان ٿو. انهن جو راز جبرئيل بہ نٿو ڄاڻي ۽ صحابين کي بہ خبر نہ آهي، اهي اسرار معراج واري رات حضور ڪريم ﷺ جن کي ٻڌايا ويا. حضور ﷺ جن اصلي آواز سان اهي راز معلوم ڪيا. جنهن وقت حضرت جبريل عہ پهرين سوره الم آندي ان وقت جبرئيل عہ الف چيو حضور ﷺ جن فرمايو تہ ڄاڻان ٿو، پوءِ جبرئيل لام چيو پاڻ فرمايائون تہ ڄاڻان ٿو، پوءِ م چيائين فرمايائون ڄاڻان ٿو.جبريل عہ چيو تہ اي الله جا رسول! ڪهڙي حڪمت آهي جو آئون انهن لفظن جي رازن تائين نٿو پهچان.پاڻ فرمايائون تہ جڏهن محبت وارا راز محب سان ڪيا ويندا آهن، ان واسطي جي ٻين کي ڪهڙي خبر. بيت:

سر ما اوحي نگنجد درضمير جبرئيل
کشف اسرار لدني کي کند ام الکتاب

ترجمو: "ما اوحي" جو راز، جبرئيل جي دل ۾ ڪٿي ٿو گونجي. ام الڪتاب (سوره فاتحه) جي لدني رازن کي ڪيئن معلوم ڪري سگهندو.

جيڪڏهن ڪو هنن حروف مقطعات جي حقيقت تائين پهتو، ان وقت هڪڙي لفظ جون چند معنائون سمجهندو، پلي ڪٽي ڪسبي علم نہ پڙهيل[٥٧] هجي. ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ قرآن مجيد جي باطني معنائن جا اسرار، انهن حرفن ۾ رکيا آهن، ۽ انهن حرفن جا اسرار نڪتي"هو"جي خزاني ۾ رکيل آهن ۽ "هو"جي گهرائي ۽ ڪشادگي پيچيده آهي، جنهن جي ڪا غايت ۽ دنگ آهي ئي ڪونہ. جيڪي ڪجهہ آهي، "هو" ۾ آهي. جيئن حمل پيٽ ۾ هوندو آهي."هو"جي حقيقت، ڪنهن بہ شيءِ ۾ نٿي ماپي ۽"هو"جو نقطو چند لباسن ۾ ويڙهيل آهي، خاصن جي هر هڪ ٽولي وٽ ہي لباس ۾ آيل آهي ۽ ہي رنگ ۾ تجلي ڏيکاري ٿو، انهيءَ ڪري ان ۾ گهڻو اختلاف ٿيو آهي. جيئن "هو" عالمن وٽ ضمير آهي ۽ سالڪن وٽ اسم ذات آهي ۽ محققن وٽ صفت آهي ۽ زائد صفات مان آهي. عارفن وٽ اسرار ۽ حقائق ذات باري تعاليٰ جو دروازو آهي، ۽ واقفن وٽ ان ذات پاڪ جو سايو آهي جيڪا بي چون آهي هويت تي دلالت ڪندڙ آهي. **بيت:**

تاڪہ دال است بر هويت ذات
متعاقب بود بران حرڪات
حرڪت خود سڪون برو جاري
اوبذات خود از همہ عاري
هيچ وقت از همہ مجرد نيست
ليڪ باهيچ يڪ مقيد نيست

ترجمو: جيئن دلالت ڪندڙ آهي ذات جي هريت تي. ان تي حرڪت يا سڪون اچن ٿا، پر بذات خود هو پاڻ انهن کان عاري آهي، اهو هڪڙو پل بہ ڪنهن کان خالي ناهي پر ڪنهن هڪ ۾ قيد بہ نہ آهي.

اهو ڪلمو الله پاڪ جي ذات ڪي تمام ويجهو آهي ۽ اصلي گونج آهي، جيڪو پهريان ٻج مان پيدا ٿيو آهي. ان ڪي اصلي گونج ٻـ چوندا آهن. الله جو لفظ ٻي پن جو مرتبو رکي ٿو. ۽ **الاالله** جو ڪلمو ٽيون درجو رکي ٿو ۽ **لااله الاالله** چوٿين پن جو درجو رکي ٿو. الله تعاليٰ جي ذات پڻ چار درجا رکي ٿي،اول مرتبو، آخر مرتبو، ظاهر مرتبو باطن مرتبو ۽ هر مرتبي جي مقابلي ۾ انهن معظم ڪلمن مان هڪ آهي. پر هو جو لفظ پهرين مرتبي سان مناسبت رکي ٿو ۽ الله جو لفظ ٻي مرتبي سان مناسب رکي ٿو ۽ **الاالله** جو ڪلمو ظاهر جي مرتبي سان مناسبت رکي ٿو ۽ **لااله الاالله** جو ڪلمو باطن جي مرتبي سان مناسبت رکي ٿو ۽ اها ڳالهه اسرار الاهي جي ڳجهه مان آهي.۽ ان جي ڪيفيت مجهول آهي. جيڪا هر ڪو نٿو ڄاڻي سگهي ۽ سمجهي سگهي، **الا ماشاءالله سبحانه وتعاليٰ.** هن جهان ۾ اسرار الاهي جو سير خدا جا مست ڪن ٿا. ٻين ڪي جاءِ نہ آهي. پلي ڪٿي عالي مقام وارا هجن.

راز درون پرده ز رندان مست پرس

ڪہ اين حال نيست صوفي عالي مقام را

ترجمو: پردي پويان لڪل راز رندن کان پڇي ڏس جو اهو صوفي عالي مقام جو حال نہ آهي.

رندن جو مرتبو صوفي کان مٿي آهي، ڇاڪاڻ تہ صوفي اهو آهي، جيڪو **لااله الاالله** جي ڪلمي جي معنيٰ کي پهتو آهي، ۽ **ماسويٰ** الله جي خيالن کان لنگهيو آهي پر رند اهو آهي جيڪو"هو"جي ڪلمي جي معنيٰ کي پهتو آهي ۽ الله تعاليٰ جي ذات جي اسرارن کان واقف ٿيو آهي. هن باب جي ذڪر ۾ نقل آيو آهي تہ. هڪ وقت اميرالمومنين حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي حجره جي دروازي تي ٻلي ٽپ ڏنو، دوستن پڇيو تہ اي اميرالمومنين اها ڪهڙي حڪمت آهي جو ڪنهن وقت توهان جي حجري [٥٨] جي دروازي تي ٻلو ٽپ ڏئي ٿو. ابوبڪر رضہ جواب ڏنو تہ

مون کي نبي کريم ﷺ جن هڪ ذڪر تلقين ڪيو آهي، ان ۾ مشغول رهندو آهيان. اهو ذڪر حبس نفس آهي،جڏهن ساهه بند ڪري ان ذڪر ۾ مشغول ٿيان ٿو. تڏهن ان ذڪر جي گرمي سبب منهنجي ساهه بند ڪرڻ مان پڳل گوشت جي بوءِ اچي ٿي، انهيءَ ڪري ڀلو منهنجي حجره جي دروازي تي (گوشت لاءِ) ٽپا ڏين ٿا. دوست ڏاڍو خوش ٿيا ۽ چوڻ لڳا ته اي اميرالمومنين اسان کي به ان خداوندي ذڪرجي تلقين ڪر.ابوبڪر رضه دوستن کي"هو"جي ڪلمي جي تلقين فرمائي، حضور ﷺ جن انهن چئن ڪلمن جي تلقين پنهنجن چئن وڏن يارن کي فرمائي آهي. تفاوت جي ترتيب سان آهي جيئن **لااله الاالله** جو ڪلمو اميرالمومنين حضرت علي رضه کي تلقين ڪيائون ۽ **الاالله** جو ڪلمو اميرالمومنين عثمان رضه کي تلقين ڪيائون ۽ الله جو ڪلمو اميرالمومنين عمر رضه کي تلقين ڪيائون ۽"هو" جو ڪلمو اميرالمومنين ابوبڪر صديق رضه کي تلقين ڪيائون. اهو نقل اهل الله جي ڪتابن ۾ گهڻين جاين تي لکيل آهي، عالمن منجهان اهل عبادت ۽ اهل صورت وٽ "هو"جو ڪلمون ضمير آهي، ۽ اهل معنيٰ ۽ حقيقت جي عالمن وٽ اسم ذات پاڪ خداوند جل وعليٰ جو آهي. **بيت:**

اسم ذات اولا همين 'هو' بود
'لا' تعريف اختصاص فزود

ترجمو: اول اسم ذات اهو"هو" آهي پر خاص تعريف 'لا'ان کي وڌائي ٿي.

محققن وٽ اسم اعظم پڻ اهو آهي. "گهڻا اولياءَالله معرفت وارا به ان تقرير ڏانهن ويا آهن ۽ ان ڏانهن اشارو ڪيو اٿن ته اسم اعظم ۾ به حرف آهن ۽ ڀنهي تي نقطو نه آهي ۽ يقين سان "هو" جو لفظ اسم اعظم آهي، ۽ اسم"هو"جي حقيقت سيني تي محيط آهي، ۽ ڪوبه ننڍو يا وڏو ان کان ٻاهر نه آهي. **الا انه بکل شيءِ محيط**، ۾ ان ڳالهه ڏانهن اشارو آهي.

يعني خبردار! الله جو هر شيءِ تي گهيرو آهي. اهو گهيرو علم ۽ قدرت سان اٿس ۽ ان جي راز ۾ زمين ۽ آسمان محو ۽ معدوم آهن، ڪا بہ شيءِ نہ آهي جنهن کي وجود هجي.

تڏهن تہ محققن چيو آهي.

ڪان الله ولم يکن معه شيئا الآن کما ڪان

ترجمو: الله هو ۽ ان سان گڏ ڪا شيءِ نہ هئي هينئر بہ ايئن آهي جيئن اڳ هيو. ۾ ان ڏانهن اشارو آهي. **فرد**

هو دريا محيط عالم گشتہ
هم ذات صفات جن آدم گشتہ
يک ذره از ذات ندان بيرون است
سريست بذات آن ڪہ محرم گشتہ

ترجمو: "هو" جي دريا سڄي جهان کي گهيرو ڪيو آهي، جنن ۽ انسانن سيني ۾ اها صفت آهي. هڪڙو ذرو بہ ان جي ذات کان ٻاهر نہ ڄاڻ. اها ذات پاڻ راز آهي جيڪو سيني کان واقف آهي.

جڏهن الله جي عنايت سان "هو"جو ذڪر ڪمال جي حد کي پهچندو ۽ بلوغت جو مرتبو لهندو، ان وقت ذاڪر ۾ پاڻهي جوش ۽ غلبو ٿيندو ۽ ان تي پاڻهي، روح خفي سر ۽ اخفا جا لطيفا ڪلندا ۽ جڏهن هي ذڪر روح تي پهچندو، ان وقت ذاڪر جون سيئي رڳون ذڪر ڪنديون. جڏهن اهو ذڪر لطيف خفي تي پهچندو، ان وقت ذاڪر جا سيئي وار ذڪر ڪندا ۽ جڏهن اهو ذڪر لطيفو اخفيٰ تي پهچندو، ان وقت ذاڪر جو وجود ذڪر ڪندو ۽ ان ۾ بہ "هو" جو ذڪر ٿيندو ۽ ذاڪر جو هر عضوو ننڍو ۽ وڏو ۽ باطني زبان [٥٩] بہ ذڪر سان ڪلندي ۽ ذاڪر معنوي ٻڌڻ سان ٻڌندو. ظاهري ۽ ٻاهرين ٻڌڻ وارو نمونو ڪونہ هوندو، ڇاڪاڻ تہ اها گفتار يا حال آهي، جيڪو وقتي ذاڪر کي ٿيندو آهي، دائمي ڪونہ هوندو آهي. پر جيڪڏهن دائمي هجي تہ ان وقت ذاڪر ان مقام ۾ مستغرق رهندو، جيڪو ان کان

هميشہ نہ ويندو.

اي عزيزا چاڻ تہ ماڻهوءَ جي زبان رات ڏينهن جي ساعتن مان هڪ ساعت ۾ هڪ سئو اسي دفعا لااله الاالله جو ڪلمو پوري چڪ ۽ معنيٰ جي خيال ۽ لفظن جي صحت سان ادا ڪري سگهي ٿي ۽ ان کان وڌيڪ نہ. اها عبادت رات ڏينهن جي ٻين عبادتن کان ڀلي آهي، جيتوڻيڪ ٻيون عبادتون بہ خدا جي يادگيري لاءِ آهن، پر هن عبادت جو اجر ۽ ثواب سٺ سالن جي عبادت کان الله وٽ وڌيڪ آهي ۽ هن جي معنيٰ جو ذڪر ۽ ثواب ستر سالن جي عبادت کان بهتر آهي.

قال عليه السلام تفكر ساعۃ خير من عبادة سبعين سنۃ.

ترجمو: فرمايو پاڻ سڳورن ﷺ تہ فڪر جي هڪ گهڙي ستر سالن جي عبادت کان وڌيڪ ڀلي آهي.

جيڪڏهن رات ڏينهن ۾ هڪ سئو هڪ دفعا صبح نماز کان پوءِ سئو دفعا ۽ ظهر کان پوءِ سئو دفعا پڙهي ۽ شروع ۾ مد چڪي ۽ ٻيو لفظ پنهنجي حال مطابق چوي ۽ عدد مقرر کان پوءِ محمد رسول الله تي ختم ڪري، تہ ايترو ئي ثواب لهندو.*پر جيڪڏهن پهرين لفظ تي مد چڪي ۽ ٻين لفظن تي بہ مد چڪي ۽ هڪڙو لفظ ڊگهي مد سان چوي، تہ ان سان چارهزار گناهہ ڪبيرا معاف ٿين ٿا.

قال عليه الصلواة والسلام قال لااله الاالله مع المد غفراالله له اربعۃ آلاف ذنب من الكبائر.

ترجمو: فرمايو پان سڳورن تہ جنهن لا اله الا الله کي مد سان چڪي چيو تہ الله تعاليٰ ان جا چارهزار ڪبيرا گناهہ معاف ڪندو.

ائين الاالله جو ڪلمو هڪ گهڙيءَ ۾ ٽي سئو سٺ دفعا چوي، ڇاڪاڻ تہ هڪڙي ساعت ۾ ٽي سئو سٺ پساهہ آهن ۽ جيڪڏهن هر ساهہ ۾ اهو ڪلمو چوندو تہ تعداد ايترو ٿيندو ۽ ان کان وڌيڪ نفس ۾ استعداد نہ آهي. الله جو ڪلمو ان مدت ۾ هڪ ساعت ۾ ٻيڻو ٿيندو، اهو ست سئو اسي ٿيندو وري "هو" جو ڪلمو روح جو ذڪر آهي، جيڪو ان مدت ۾ ٽي سئو

اسي دفعا ٿيندو، چاڪاڻ تہ اهو ڪلمو انسان جون رڳون پاڙهي چونديون جن جو تعداد ٽي سئو اسي آهي. تاهم هر هڪ ۾ حبس نفس (ساهہ ڪي روڪڻ) چند دفعا ٿيندو ۽ جڏهن اهو روحي ذڪر لطيفي سرڪي پهچندو، ان وقت ان مدت ۾ ست سئو ويهہ دفعا تي پوندو، چاڪاڻ تہ ان وقت هڏا رڳن سان گڏ اسم جي ورد ۾ شريڪ ٿيندا ۽ اهي بہ ٽي سئو اسي دفعا چوندا. جڏهن اهو ذڪر لطيفہ خفي تي پهچندو ان وقت نو ڪروڙ ست سئو ويهہ دفعا ورد بنجي پوندو. هن لاءِ تہ ان وقت وار بہ ان سان گڏ ذڪر ڪرڻ ۾ شريڪ هوندا ان ڪي ڪروڙ شمار ڪيو اٿن ۽ جڏهن اهو ذڪر لطيفہ اخفيٰ ڪي پهچندو ان وقت قياس جي حد ۽ عدد ڪان ٻاهر هوندو [٦٠] ۽ جيڪڏهن ان ۾ عقل هلائيندو تہ **لايعلم تاويله الا الله** جو لقاءُ ڏسندو. ان وقت ماڻهوءَ جو سڄو وجود اهوئي پيو چوندو،جيئن ڪنهن حال جي صاحب اشارو ڪيو آهي. **بيت:**

شوق است بکلي همه ذرات وجودم

يک ذره زمن نيست کہ در ياد خدا نيست

ترجمو: منهنجي وجود جي سيني ذرن ۾ شوق سمايو آهي، منهنجي وجود جو ڪو ذرو نہ آهي، جيڪو خدا جي ياد ۾ نہ هجي.

ان ڪي سلطاني ذڪر چوندا آهن. ياد ڪرڻ جو مقام ۽ ياد ٿيڻ جو مقام جدا آهي جنهن جو بيان اڳتي ايندو، **انشاءالله تعاليٰ.**

جڏهن سالڪ سلوڪ ۾ هن جاءِ تي پهچي ٿو، ان وقت خدا جي وحدت جي درياءَ جي تار ۾ ترڻ لڳي ٿو، جتي اونهان ڪن آهن ۽ مٿيان ذڪر ڪيل لطيفا ماڻهوءَ جي وجود ۾ آهن، جنهن ۾ ڪوبہ شڪ ۽ شبهو نہ آهي، پر عيني ۽ بياني نہ آهن، ۽ الله پاڪ جي صفت سان موصوف آهن. انهيءَ ڪري انهن جي حقيقت ماڻهوءَ تي ڪليل نہ آهي، ۽ صورت ڪان محجوب (پردي ۾) ۽ محروم آهي، ۽ هيٺين حديث پڻ انهن جي وجود تي شاهد آهي.

قال الله تعاليٰ في جسد ابن آدم مضغته وفي المضغته فواد وفي الفواد قلب وفي القلب روح وفي الروح سر وفي السر خفي وفي الخفي اخفيٰ.

ترجمو: قول خداوندي آهي ته انسان جي جسم ۾ گوشت جو ٽڪرو آهي. جنهن ۾ دل آهي ۽ ان ۾ وري قلب آهي ۽ قلب ۾ وري روح آهي، ۽ روح ۾ سر آهي ۽ سر ۾ خفي آهي ۽ خفي ۾ اخفي آهي. **فرد**

نهان اندر نهان بيند جمالش

بگوش دل كند فهم كمالش

ترجمو: (سالڪ) ان جي جمال کي ڳجهه اندر ڳجهه ۾ ڏسي ٿو، دل جي ڪنن سان ان جي ڪمال کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

اي عزيز! ڄاڻ ته هڪڙي ڏينهن جي مينا بازار سڄي سال کان بهتر آهي، ڇاڪاڻ ته سڄي سال جو مقصد ان هڪڙي ڏينهن ۾ حاصل ٿئي ٿو. ائين هيون دنياوي شيون به پاڻ ۾ فرق رکنديون آهن، جيئن ڪو وکر وڌيڪ ملهه وارو ۽ هيو ان کان ٿورو گهٽ قيمت وارو آهي جيئن تيل کان وڌيڪ مٽائي آهي، ۽ مٽائي کان وڌيڪ ٽامو آهي ۽ ٽامي کان وڌيڪ چاندي آهي، ۽ چانديءَ کان وڌيڪ سون آهي ۽ سون کان وڌيڪ گلنگ آ هي ۽ گلنگ کان وڌيڪ بي بها موتي آهي. اهڙي طرح هيون عبادتون اناج وانگر آهن.جيئن نماز، روزو وغيره، لساني ۽ زباني ذڪر گيهه وانگر آهي، ڇاڪاڻ ته اهي سڀ عبادتون الله جي ذڪر لاءِ آهن پر ذڪر خود عبادت آهي، نفي جو ذڪر مٽائيءَ وانگر آهي، ۽ قلبي ذڪر ٽامي وانگر آهي، ۽ روحي ذڪر چاندي وانگر آهي، سري ذڪر سون وانگر آهي خفي ذڪر گلنگ وانگر آهي ۽ ذڪر اخفيٰ بي بها موتيءَ وانگر آهي. هر هڪ ذڪر پنهنجي تفاوت سان آهي. **عليٰ تفاوت درجاتهم.** هيو مثال هي آهي ته عبادت مٽ وانگر آهي، زباني ذڪر لوٽي وانگر آهي ۽ نفي جو ذڪر حوض وانگر آهي ۽ قلبي ذڪر کوهه وانگر آهي، ۽ روحي ذڪر ڍنڍ وانگر آهي ۽ سري ذڪر واهه وانگر آهي ۽

خفي ذڪر مثي درياء وانگر آهي ۽ ذڪر اخفيٰ ڪاري سمنڊ وانگر آهي. اهڙي طرح مقامن ۽ حالتن جو فرق آهي. **عليٰ تفاوت درجاتهم.** ذڪر ۾ مشغول رهڻ حق جي طالبن تي فرض عين آهي ۽ ذڪر کان غافل ٿيڻ طلب جي خلاف ۽ طالب لاءِ ٻنهي جهانن جو نقصان آهي، جيئن الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ فرمايو آهي ته:

ياايهاالذين آمنوا لاتلهڪم اموالڪم ولا[٦١] اولادڪم عن ذڪرالله ومن يفعل ذالڪ فاولئڪ هم الخاسرون. (٦٣:٩)

ترجمو: الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته اي ايمان وارو! اوهان کي نڪي اوهان جا مال ۽ نڪي اوهان جا اولاد الله جي ياد کان ويسلو ڪن ۽ جيڪي ائين ڪندا سي ئي نقصان وارا آهن.

ٻي جاءِ تي الله تعاليٰ فرمايو:

ومن يعش عن ذڪرالرحمان نقيض له شيطانا فهو له قرين. (٤٣:٣٦)

ترجمو: جيڪو اسان جي وحي ۽ قرآن کان منهن موڙيندو اسين ان تي شيطان کي مسلط ڪندا آهيون، جيڪو ان جو ساٿي هوندو آهي.

پوءِ شيطان ان کي الله جي عبادت ۽ حضور ﷺ جن جي اطاعت کان روڪيندو آهي.

ٻيءِ جاءِ تي الله تعاليٰ فريايو ته:

ومن اعرض عن ذڪري فان له معيشته ضنڪا ونحشره يوم القيامته اعميٰ قال رب لم حشرتني اعميٰ وقد ڪنت بصيرا. قال ڪذالڪ اتتڪ آياتنا فنسيتها وڪذالڪ اليوم تنسيٰ. (٢٠:١٢٤، ١٢٥، ١٢٦)

ترجمو: الله تعاليٰ فرمايو ته جيڪو منهنجي يادگيريءَ کان منهن موڙيندو تنهن لاءِ بيشڪ حياتي ڏکي ٿيندي ۽ قيامت جي ڏينهن ڪيس انڌوڪري اٿارينداسون. ان وقت چوندو ته اي منهنجا پالڻهار مون کي انڌو ڪري اٿارئي ۽ بيشڪ اڳي آئون سڄو هئس. الله تعاليٰ فرمائيندو ته ائين آهي جو تو وٽ اسان جون آيتون آيون پوءِ تو انهن کي وساريو ۽ اهڙي طرح اڄ تون اسان وٽ وساريو ويو آهين.

ٻي جاءِ تي الله تعاليٰ فرمايو تہ:

ومن يعرض عن ذکر ربه يسلکه عذابا صعدا. (٧٢:٧١)

ترجمو: ۽ جيڪو پنهنجي پالڻهار جي ياد کان منهن موڙيندو تنهن کي الله سخت عذاب ۾ ڦاسائيندو.

ٻي جاءِ تي الله تعاليٰ فرمايو تہ:

فويل للقاسيۃ قلوبهم من ذکرالله اولئک في ضلال مبين. (٣٩:٢٢)

ترجمو: پوءِ ويل آهي انهن لاءِ جن جون دليون سخت آهن ياد الله جي ياد کان، اهي گمراهي پڌريءَ ۾ آهن.

وري ٻي جاءِ تي الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ:

الذين آمنوا وتطمئن قلوبهم بذکرالله الا بذکرالله تطمئن القلوب.(١٣:٢٨)

ترجمو: اهي اهي آهن جن ايمان آندو ۽ سندن دليون الله جي ذکر سان آرامي ٿينديون آهن. خبردار، الله جي ذکر سان ئي دليون قرار وٺنديون آهن.

اي عزيز! ڄاڻ تہ شريعت جو علم وزير وانگر آهي، ۽ الله تعاليٰ جو ذکر بادشاهہ وانگر آهي، جيستائين اهي ٻئي نہ گڏبا تيستائين بادشاهي صحيح نہ هلندي. اهڙي طرح انهن ٻنهي اصولن جي رفاقت کان سواءِ موليٰ جي معرفت حاصل نہ ٿيندي، پر جيئن امير ۽ وزير بادشاهہ جي ٻين ڪمن کي ٺاهڻ لاءِ هوندا آهن، اهڙي طرح علم ۽ عبادت خدا جي ذکر جي تاڪيد لاءِ آهن. جيئن الله تعاليٰ فرمايو آهي تہ:

ان الصلواة تنهیٰ عن الفحشاء والمنکر ولذکرالله اکبر. (٢٩:٤٥)

ترجمو: بيشڪ نماز بي حيائي ۽ بري ڪم ڪرڻ کان روڪيندي آهي، ۽ بيشڪ الله جو ذکر سڀ کان وڏو آهي. [٦٢]

قرآن پڙهڻ افضل عبادت آهي، ڇاڪاڻ تہ الله جي زبان آهي ۽ جيڪي ان ۾ آهي سو خدا جو ذکر آهي. روزي مان مقصد شهوت جو دفع

ڪرڻ آهي، ڇاڪاڻ ته جيستائين دل شهوت کان پاڪ نه ٿيندي، ذڪر الله جي قرارگاهه ۽ هنڌ نه ٿيندي. پوءِ روزو به ذڪر لاءِ ٿيو ۽ ڪعبته الله جي زيارت مان به مقصد الله جو ذڪر آهي. ڇاڪاڻ ته جڏهن ڪعبي کي ڏسندو، خدا ياد ايندس ۽ اصل مسلماني ڪلمه طيبه آهي، ۽ اهو عين ذڪر آهي، جيڪو ٻين ذڪرن ۽ عبادتن کان اِفضل آهي،جيتوڻيڪ سڀ ڪجهه الله پاڪ لاءِ ۽ ذات خداوندي جي توجهه لاءِ آهي. ذڪر جو ثمر فلاح ۽ ڪاميابي آهي ته ٻانهو الله جي ذڪر ۾ هجي. حضور ﷺ جن پنهنجي دوستن کي فرمايو ته توهان کي بهترين عمل کان واقف ڪريان جيڪو الله وٽ قبوليت وارو ۽ بهترين درجي وارو آهي، اهو خدا جي رستي ۾ سون چاندي خرچ ڪرڻ ۽ ڪافرن سان جهاد ڪرڻ کان وڌيڪ آهي. دوستن پڇيو ته اي الله جا رسول ﷺ اهو ڪهڙو عمل آهي؟ پاڻ فرمايائون ته خدا جو ذڪر. حضور ﷺ جن فرمايو ته خدا جا ذاڪر غافلن جي وچ ۾ ائين آهن، جيئن زنده مردن جي وچ ۾ هوندا آهن، يا جيئن سڪل وڻ ساون جي وچ ۾ هوندا آهن، يا جيئن غازي ڀڳلن جي وچ ۾ بيٺل هوندا آهن. معاذ بن جبل رضه فرمايو ته بهشت وارا ڪنهن شيءِ جي به حسرت نه ڪندا پر اها ساعت جيڪا دنيا ۾ خدا جي ذڪرکان سواءِ گذري هوندي. حضورﷺ جن فرمايو ته جيڪو ذڪر ڪري ٿو، ان جي حياتيءَ ۾ روشني ٿئي ٿي ۽ قبر ۾ ان کي ڪيئان ڪونه کائيندا ۽ قيامت جي ڏينهن ان جي وات مان نور ٻاهر نڪرندو ۽ پلطراط تان وچ وانگر گذرندو ۽ بهشت ۾ بلند درجا لهندو. حضورﷺ کان صحابين پڇيو ته:

اى الاعمال افضل من عندالله قال ذكر الله تعالىٰ.

الله وٽ ڪهڙو عمل افضل آهي، فرمايائون ته الله جو ذڪر.

صحابين پڇيو ته اي الله جا رسول ﷺ نماز جي باري ۾ ڇا ٿا فرمايو؟ پاڻ فرمايائون ته نماز به الله جي ذڪرُ لاءِ آهي، وري صحابين پڇيو ته روزي جي باري ۾ ڇا ٿا چئو، اي الله جا رسول ﷺ؟ حضورﷺ جن فرمايو ته روزو به خدا جي ذڪر لاءِ آهي. وري صحابين پڇيو ته اي الله جا

رسول ﷺ، حج جي باري ۾ چا تا چئو. پاڻ ﷺ فرمايائون ته حج به خدا جي ذڪر ۽ يادگيريءَ لاءِ آهي. ۽ پاڻ ﷺ فرمايائون ته هزار رڪعت نفل نمازڪان ذڪر ۾ حاضر ٿيڻ بهتر آهي، ۽ هزار جنازن تي حاضر ٿيڻ کان ذڪر بهتر آهي ۽ هزار بيمارن جي بيمارپرسي کان ذڪر ڪرڻ بهتر آهي.حضورﷺ جن فرمايو ته جيڪو فجر نماز کان پوءِ،ان جماعت سان گڏ وهي ٿو. جيڪا خدا جي ياد ۾ مشغول آهي، جيستائين سج اڀري ۽ وچين نماز کان پوءِ سج لهڻ تائين خدا جي ياد ۾ مشغول آهي. حضرت اسماعيل جي اولاد مان اٺن غلامن کي آزاد ڪرڻ کان ان مجلس ۾ ويهڻ بهتر آهي [٦٣]، حضور ﷺ جن فرمايو ته الله جا ملائڪ آهن، جيڪي گهٽين ۾ گهمن ٿا، جڏهن ڪا جماعت الله جي ذڪرواري لهن ٿا ته اتي حاضر ٿين ٿا ۽ زمين کان وٺي عرش تائين حلقو ڪن ٿا، جڏهن مجلس ختم ٿئي ٿي، ملائڪ آسمان ڏانهن وڃن ٿا، الله جي حضور ۾ حاضر ٿين ٿا. الله تعاليٰ فرمائيندو آهي ڪٿي هئا، ملائڪ جواب ڏيندا آهن ته تون بهتر ڄاڻين ٿو ته اسين اهڙي قوم وٽ ويا هئاسون جنهن توکي ياد ۽ تنهنجو ذڪر پئي ڪيو. الله تعاليٰ فرمائيندو ته ڪهڙو مقصد هون. ملائڪ چوندا ته دوزخ کان ڊڄي رهيا هئا. الله تعاليٰ فرمائيندو ته مون دوزخ جي باهه انهن تي حرام ڪئي. ملائڪ عرض ڪندا ته اي الله اهي بهشت گهري رهيا هئا. الله تعاليٰ فرمائيندو ته بهشت انهن تي حلال ڪيم. ملائڪ چوندا ته فلاڻو شخص ذڪر ۾ شامل ڪونه هو، الله جو حڪم ٿيندو ته اها اهڙي قوم آهي جيڪو انهن سان گڏ وهندو سو محروم نه ٿيندو. مطلب ته اهو به بخشجي ويندو. فرد

سگ اصحاب ڪهف روزي چند
پئي نيڪان گرفت مردم شد.

ترجمو: اصحاب ڪهف جو ڪتو چند ڏينهن نيڪن جي پٺيان هليو ته (قيامت ۾) ماڻهن مان تي اٿندو.

اي عزيزا! توکي معلوم هجي ته ياد ڪرڻ جو اهو مرتبو اسم آهي،

مسميٰ نہ آهي، مسميٰ ٻي شيءِ آهي، ۽ اها زبان ۾ ڳالهہ نہ ٿي اچي. مسميٰ کي ياد ڪرڻ جو مطلب هي آهي تہ جڏهن سيئي ڪلما ۽ ذڪر جا نمونا پورا ٿي وڃن ۽ ڪوبہ حرف ۽ آواز ذڪر جو باقي نہ رهي، پر شوق ۽ محبت، آرزو ۽ اشتياق خداوند پاڪ جي ذات جو باقي هجي، ان کي سالڪ ذڪر حقيقي ۽ معنوي چون ٿا، پر اهي اذڪار جن ۾ حرف ۽ آواز آهن ۽ ذاڪر انهن کي سعي ۽ ڪوشش سان ورد ڪري ٿو، تہ اها چڻ ضروري مشق آهي جنهن سان اصل جي تحصيل ٿئي ٿي. **بيت**

چون شد از لوح دلت حرف تمام است

مي دان ڪہ شدي محرم اسرار معاني

ترجمو:جڏهن تنهنجي دل جي پٽيءَ تان سيئي حرف پورا ٿيا، پوءِ ڄاڻ تہ معنائن جي رازن جو تون محرم ٿيو آهين.

طالبن جو حقيقي ۽ معنوي ذڪر مقصود ڪونہ هوندو آهي، پر اهو منزلون طئي ڪرڻ ۽ قرب ۽ عرفان جا مقام حاصل ڪرڻ لاءِ آهي. طالبن جو مقصد ۽ مطلب حق جو قرب آهي، جيڪا ٻي شيءِ آهي. ان کي سير ڪامل ۽ ذات جي ڪنه جو سير چوندا آهن. اهي ڄاڻن ٿا تہ طالبن جو مقصد ذڪر مان ذات باري جو قرب ۽ عرفان آهي. جڏهن طالب ذاڪر جي وجود ۾ ذڪر جاري ٿيو، يا طالب قرب ۽ عرفان جو مرتبو لڌو تہ ائين سمجهڻ تہ طالب مطلب کي پهچي ويو سراسر غلط ۽ خطا آهي. ڇو تہ قرب ۽ عرفان ۽ طالبن جي مطلب جي وچ ۾ چند منزلون آهن، ان سيرسلوڪ جي پهرين منزل وقوف ذاتيه پيش ايندي آهي. ان کان پوءِ ڪمالات ذاتيه جي منزل ايندي آهي. جڏهن سالڪ سلوڪ قبول ڪري ان جاءِ تي پهچندو آهي، ان وقت ماسويٰ جي دائري کي قطع ڪري ڇڏيندو آهي.اهوئي مطلب آهي سير الي الله جو ۽ اهو اسم ظاهر جو سير آهي، جنهن جو ڪو دنگ نہ آهي ۽ اهو سير جنهن جي انتها نہ آهي، اجا باقي آهي جنهن کي سير في الله چون

ٿا. ۽ اهو باطني اسم ۾ هوندو آهي. هن سير جي شروعات ۾ مطلوب ۽ طالب [٦٤] جي وچ ۾ چند منزلون آهن. سالڪ جڏهن سلوڪ طئي ڪري هن جاءِ تي پهچي ٿو، ان وقت، درياءَ وحدت جي ڪناري تي پهچي ٿو، اهو سير سلوڪ ابدالاباد،دائم المدام ۽ سدائين رهڻ وارو آهي جنهن جو ڪو دنگ نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو سلوڪ ڪنه الاهي جي رازن جو آهي، جنهن جي عمق ۽ اونهائي ڪي ڪوبہ نٿو پهچي سگهي، چاهي مقرب ملائڪ هجي چاهي نبي ۽ رسول هجي. مخلوق جو عقل ان سير بابت ڪيترو بہ سوچ ويچار ڪري غلط ۽ خطا آهي. **والله تعالیٰ منزه عن ذالك علوا كبيرا.**

بيت:

اي جهان جان همه حيران تو
صد هزاران عقل سرگردان تو

ترجمو: اي جان جا جهان، سڀ تنهنجا شيدائي آهن. سئو هزار عقل بہ تنهنجي لاءِ سرگردان آهن.

سلوڪ نالو آهي دل جي حقيقي سير ۽ ان جي مسافت طئہ ڪرڻ جو، جيڪا ذڪر جي وچ ۾ آهي، اسم ۽ ان جي ڪمال جي ڪنه ۽ مسميٰ جي وچ ۾ آهي ۽ انهن ٻنهي مسافتن جي وچ ۾ بي حد ۽ بي عدد منزلون ۽ مقام آهن، جيڪي ڪوبہ قطع ۽ طئہ نٿو ڪري سگهي.

الا ماشاء الله سبحانه وتعالیٰ.

هن سير سلوڪ جا سالڪ ڪي ڪٿي پهچن ٿا ۽ ڪي ڪنهن جاءِ تي رسن ٿا. پر ڪي ٻي جاءِ تي پنهنجي استعداد ۽ صلاحيت جي تفاوت مطابق هوندا آهن. **بيت:**

مسافر باش دائم ره ميرو
قدم را هوش دار از چاه و از کو

ترجمو: هميشه مسافر هج ۽ ان سلوڪ جي رستي تي پيو هل. قدم هوش سان رک کوهہ ۽ ڪڏ کان بچ.

چو راهہ دور است منزل بي نهايت
يقين را توشہ کن راهبر عنايت

ترجمو: جڏهن تہ رستو ڊگهو ۽ منزل بي انتها آهي، رهبر جي عنايت ۽ مهربانيءَ سان يقين جو سامان ڪڻ.

ز صورت پائي بيرون نہ روان شو
رہ حق پيش گير و پس دوان شو

ترجمو: ظاهري صورت کي ڇڏي ٻاهر قدم رکي اڳتي وڌ حق جي راهہ سڄاڻي پوءِ روانو ٿيءُ.

هر آن منزل کہ اندر پيش آيد
اقامت کردن اندر وي کشايد

ترجمو: جيڪا منزل اڳيان ايندي، ان منزل ۾ اقامت ڪرڻ ۽ رهڻ منزل کي کوليندو.

بهر ملکي عجائبها بہ بيند
بهر عالم غرائبها بہ چيند

ترجمو: هر ملڪ جا عجائب توکي ڏسڻ ۾ ايندا ۽ هر نئين جهان جون نيون شيون بہ تون سفر ۾ چونڊيندين.

سفر اندر دل خود بايدش کرد
نہ در دنيا رهي پيمايدش کرد

ترجمو: پنهنجي دل جي اندر سفر ڪرڻ گهرجي، خالي جهان جي رہ پيمائي نہ ڪرڻ گهرجي.

ز هر نزديڪ دوري از دو پائي

اگر يڪتا شوي مرد خدائي

ترجمو: پنهي پيرن کان بہ وڏيڪ ويجهو، پري واري شيءِ توکي ڏسڻ ۾ ايندي جيڪڏهن زماني جو يڪتا ۽ خدا جو مرد ٿئين.

پير ڪامل جي ارشاد يا مرشد ڪامل کان سواءِ سلوڪ حاصل نہ ٿيندو. انهيءَ ڪري طالب کي گهرجي تہ پهريان مرشد هٿ ڪري ان کان پوءِ طلب ڪري. پوءِ جڏهن مرشد مريد کي ارشاد ڏي، ان وقت پهريان ان حقيقت ۾ مشغول ٿئي، ان کان پوءِ خدا جي ذڪر ۽ فڪر ۾ مشغول ٿئي. ڪجهہ اهڙا ماڻهو آهن جيڪي "هَو" جو ذڪر ڪن ٿا ۽ ان کي خير قرار ڏين ٿا. حالانڪ حقيقت ۾ "هو"الله جي ذات پاڪ جو نالو آهي. انهيءَ ڪري هي فقير (لطف الله قادري) ان ۾ مبالغو ڪري ٿو، جيڪي ڪجهہ هن کان اڳ ۾ چيو ويو آهي. اهو سلوڪ جي شاهراه آهي ۽ جيڪڏهن ڪو پنهنجي نقص ۽ خامي جي ڪري ان سلوڪ مان ڪجهہ نہ سمجهي ۽ انهن حقيقتن ۽ رازن تي اطلاع نہ لهي ۽ جاهل رهجي وڃي. ان وقت مرشد کي گهرجي تہ ان کي ٻيو طريقو نفي ۽ اثبات جو تلقين فرمائي. اهو طريقو هن طرح آهي تہ جنهن وقت پساهہ ٻاهر اچي **لااله** چوي ۽ جڏهن ساهہ اندر نئي **الاالله** چوي ۽ دل ۾ ان جي معنيٰ جو فڪر ڪري. جڏهن **لااله** چوي، ان وقت دل ۾ خيال ڪري تہ منهنجو ڪوبہ مقصد نہ آهي، ۽ جڏهن **الاالله** چوي [٦٥] ان وقت دل ۾ خيال آڻي الله کان سواءِ ٻيو ڪوبہ مقصد نہ آهي. **بيت**

ماسويٰ را باد کن ڪہ تو تيغ لااله

خود جهان صافي شود باقي نماند جزاله

ترجمو: الله کانسواءِ ٻي هر شيءِ کي قتو ڪر جو تون لااله جي تلوار آهين پاڻهي جهان صاف ٿيندو الله کان سواءِ ڪجهہ ڪونہ رهندو.

جيڪڏهن طالب ان تعليم ملڻ سان خوش ۽ محظوظ ٿئي ته اها تعليم بس ۽ ڪافي آهي، ۽ مرشد به ان تعليم تي اڪتفا ڪري. ٻي صورت ۾ اسم ذاتي جي تلقين ڪري، اها هي آهي ته جڏهن ساهه ٻاهر اچي، الله چوي ۽ جڏهن ساهه اندر وڃي، 'هو' چوي ۽ ان ڏانهن دل متوجه ڪري.

فرد

ترا يک پند بس در هر دو عالم
برنيايد زجانت بي خدا دم

ترجمو: ٻنهي جهانن ۾ تنهنجي لاءِ بس هڪڙي نصيحت ڪافي آهي، اها هيءَ ته خدا تعاليٰ جي ياد کانسواءِ هڪڙو ساهه به نه کڻ.

اگر تو پاس داري پاس انفاس
بسلطاني رساندت ازان پاس

ترجمو:جيڪڏهن تون خيال ڪرين ته 'پاس انفاس' جو ذڪر توکي اهو طريقو بادشاهي تي رسائيندو.

حقيقت ۾اسم ذات اهو "هوَ" آهي. الف لام ان تي تعريف لاءِ آڻين ٿا پوءِ اسم الله ٿئي ٿو ورنه حقيقت ۾ اهو ذاتي، اسم"هوَ" آهي ۽ اسم اعظم اهو آهي، ان ڳالهه تي گهڻن اوليائن جو اتفاق آهي. ڪلمي "هو" جي تعريف ۾ سنڌي بيت:

'هوءِ' سين حل ٿيا، روح ۾ تين رساڻ
اوءِ نه ڪنهن ماڳ نه تڪيي، نه ڪنهن رهن ٺاڻ
سي نڪنجان نڪنج ٿيا، پاتارون پرياڻ
اتي منجهئو وڃي پاڻ، عقل عاقلين علم عالمين

باب پندرهون

سالڪن جي احوال، غلبي، شوق ۽ محبت جي بيان ۾

اي عزيز! ڄاڻ ته حال جو مطلب آهي دل جو ڪوڻڻ. ته جيئن باري تعاليٰ جو شوق ۽ محبت ٿئي. نفس ۽ شيطان جي خيالن ڪوڻڻ جو نالو حال نه آهي. دل جي ڪنهن گوشي تي باري تعاليٰ جي صفت جو ظهور ٿيو ته اهو پاڻ ان جو مظهر ٿيندو. حال گذرڻ ڪان پوءِ به ان صفت جو ڪجهه اثر باقي هوندو ۽ جڏهن سالڪ الله تعاليٰ جي عنايت سان پير ڪامل تام الارشاد جي توجه سان يا مرشد ڪامل جي توجه سان سلوڪ طئي ڪندو يا ذڪر جي منزلن مان گذرندو. ان وقت ان ڪي اهي منزلون ۽ احوال پيش ايندا ۽ پهرين منزل ۾ سالڪن جي احوال مان باري تعاليٰ جي ڪبريائي واري صفت جو اثر سندس دل تي ظاهر ٿيندو. ان وقت سالڪ پاڻ ڪي وڏي شيءِ ۽ نيڪ سمجهندو. جڏهن سالڪ ان منزل ڪان اڳتي گذرندو ۽ ڪجهه وقت سلوڪ طئي ڪندو. ٻي منزل پيش ايندي جيڪا ان ڪان مٿي آهي، ان منزل ۾ خفضيت (عاجزي) جو اثر دل تي ٿيندو. ان وقت سالڪ پاڻ ڪي سڀ مخلوقات ڪان گهٽ سمجهندو ۽ پاڻ ڪي ڪائنڻ ڪمزور ڄاڻندو. جڏهن سالڪ ان منزل ڪان اڳتي عروج ڪندو ۽ ڪجهه وقت سلوڪ طئي ڪندو. ٻي منزل پيش ايندي، جيڪا اڳين منزل ڪان مٿي آهي. ان منزل تي خبريت جو اثر سندس دل تي ظاهر ٿيندو. ان وقت سالڪ پنهنجي وجود جي سمنڊ مان راز لهندو. جن جي شان جو بيان زبان هرگز نٿي ڪري سگهي ۽ نه عاقلن جي عقل ۾ اچي سگهي ٿو. **بيت:**

آنچ ايشان را در ين ره رخ نمود
ڪي تواند شرح [٦٦] آن پاسخ نمود

ترجمو: انهن هن رستي ۾ جيڪي ڏٺو آهي، ان جي سمجهاڻي لاءِ

وڏيڪ ڇا ٿو چئي سگهجي؟

جڏهن سالڪ ان منزل تان لنگهندو آهي ۽ ڪجهه وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي تہ ٻي منزل پيش ايندي آهي، جيڪا ان ڪان مٿانهين هوندي آهي، ان منزل ۾ صفت عزيزيت جو اثر هوندو آهي، جيڪا دل تي ظاهر ٿيندي آهي. ان وقت سالڪ ڪابہ شيءِ تسلي واري پنهنجي دل ۾ ڪونہ لهندو آهي. جڏهن سالڪ ان منزل ڪان لنگهندو آهي، ۽ ڪجهه وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي تہ ٻي منزل پيش ايندي آهي. جيڪا ان ڪان مٿانهين منزل آهي، ان منزل ۾ صفت واسعيت جو اثر دل تي ظاهر ٿيندو آهي، ان وقت سالڪ تمام وسيع ۽ روشن روشن ڏسندو آهي، جو سڄي جهان جون علوي ۽ سفلي شيون ان ۾ جلوو ڪنديون آهن.

سنريهم آياتنا فی الافاق وفی انفسهم.(٤١ : ٥٣)

۾ ان ڏانهن اشارو آهي، يعني الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ. اسين انهن کي جهان جون نشانيون ڏيکاريندا سون ۽ جيڪي انهن جي نفسن ۾ آهي، اهي بہ ڏيکاريندا سون. **بيت**

دل گم گشته را رهي بنما
مردمي ديده را رهي بکشا

ترجمو: گم ٿيل دل کي رستو ڏيکار، اک واري مرد لاءِ رستو کول.

جڏهن سالڪ ان منزل کي عبور ڪندو آهي، ۽ ڪجهه وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي تہ ٻي منزل پيش ايندي آهي، جيڪا ان ڪان مٿانهين آهي، ان منزل ۾ سالڪ جي دل تي صفت قابضيت جو اثر ظاهر ٿيندو آهي. ان وقت سالڪ جو وجود تنگ ۽ تاريڪ ٿي ويندو آهي، جو پاڻ ۾ ڪا شيءِ ڪونہ ڏسندو آهي، ان حال جو صاحب چوي ٿو تہ: **بيت**

گهي بر طارم اعليٰ نشينم
گهي بر پشت پائي خود نہ بينم

ترجمو: ڪڏهن آسمان جي بلندين تي پرواز ڪريان ٿو، ڪڏهن وري

پنهنجي پير جي پٺ کي بہ نتو ڏسان.

اگر درويش بر يک حال بماندي
سر دست از دو عالم برفشاندي

ترجمو: جيڪڏهن درويش هڪڙي حال تي هجي تہ پنهي جهانن کان پنهنجا هٿ چنڊي ها.

جڏهن سالڪ ان منزل کان اڳتي لنگهندو آهي ۽ ڪجهہ وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت ہي منزل پيش ايندي آهي. جيڪا ان کان مٿان هوندي آهي، ان منزل ۾ سالڪ تي اصميت جو اثر ظاهر ٿيندو آهي. ان وقت سالڪ سمجهندو آهي تہ الله جي رحمت جو درياءُ گناهن جي ڪکن پنن کي لوڙهي ڇڏيندو. **بيت:**

گر گناهي اولين و آخرين
بيش باشد ز آسمان و از زمين

ترجمو: توڙي جو اڳيان پويان گناهہ هجن ۽ اهي زمين آسمان کان وڌيڪ هجن.

برحواشي بساطش آن گناهہ
محو گردد جملہ بر يک جائگاه

ترجمو: ڪشادي ڪناري تي اهي سڀ گناهہ محو ۽ مٽجي هڪ جاءِ تي ختم ٿي ويندا.

قطره چند از گنه گر شد پديد
در چنان دريا کجا آمد پديد

ترجمو: جيڪڏهن گناهن جو قطرو ظاهر بہ ٿيو، اهو اهڙي درياءَ ۾ ڪٿي ڏسڻ ۾ ايندو.

جڏهن سالڪ اها منزل پار ڪندو آهي ۽ ڪجهہ وقت سلوڪ طئي

ڪندو آهي، تہ ہي منزل پيش ايندي آهي، جيڪا ان منزل کان مٿي آهي. ان منزل ۾ سالڪ تي صفت قهريت جو اثر ظاهر ٿيندو آهي، ان وقت سالڪ باري تعاليٰ جي هيبت کان ڊڄندو آهي ۽ سڄي جهان کي خون ۾ ورتل ڏسندو آهي!!! جڏهن سالڪ ان منزل تان گذرندو آهي، ۽ ڪجھ وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، تہ ہي منزل پيش اِيندي آهي. جيڪا ان کان مٿان آهي، ان منزل ۾ سالڪ جي دل تي قويت واري صفت ظاهر ٿيندي آهي. ان وقت سالڪ پاڻ کي صحراءَ جي شڪل ۾ ڏسندو آهي. **بيت:**

هرکه صاحب همت آمد مرد شد

همچو خورشيد از بلندي فرد شد

ترجمو: جيڪو همت وارو ٿيو اهو مرد ٿيو اهو سج وانگر بلندي کان نروار ٿيو.

جڏهن سالڪ ان منزل کان گذرندو آهي ۽ ڪجھ وقت سلوڪ طئي [٦٧] ڪندو آهي تہ ہي منزل ايندي آهي جيڪا ان کان مٿانهين هوندي آهي، ۽ هن منزل ۾ سالڪ جي دل تي منعيت جو اثر ظاهر ٿيندو آهي، ان وقت سالڪ حيران ۽ تعجب ۾ هوندو آهي. ۽ ڪجھ ڪونہ سمجهندو آهي. جيئن ان حال جو واقف چوي ٿو تہ:

نہ هر جائي مرکب توان تاختن

کہ جا ها سپر بايد انداختن

ترجمو: هر جاءِ سواري ڊوڙائڻ جو ميدان ڪونہ هوندي آهي ۽ نہ هر جاءِ پهلواني ڏيکارڻ واري هوندي آهي.

جڏهن سالڪ ان منزل تان لنگهي ٿو ۽ ڪجھ وقت سلوڪ طئي ڪري ٿو، تہ ہي منزل پيش اچي ٿي.جيڪا ان کان مٿانهين آهي. ان منزل ۾ دل تي صفت وهبيت جو اثر ظاهر ٿئي ٿو. ان وقت سالڪ خوشحال، خوش روءِ ۽ ڪشاده دل وارو ٿيندو آهي. جڏهن سالڪ ان منزل تان گذري ٿو ۽

ڪجھ وقت سلوڪ طئي ڪري ٿو تہ ٻي منزل پيش اچي ٿي، جيڪا ان کان مٿانهين آهي. ۽ ان منزل ۾ دل تي صفت خروبه جو اثر ظاهر ٿيندو آهي، ان وقت سالڪ خاموشي ۽ تنهائي ۾ رهندو آهي. جڏهن سالڪ ان منزل کان اڳتي گذرندو آهي ۽ ڪجھ وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي تہ ٻي منزل پيش ايندي آهي، جيڪا ان کان مٿانهين آهي. ان منزل ۾ سالڪ جي دل تي صفت رفعيت جو اثر ظاهر ٿيندو آهي. ان وقت سالڪ پاڻ کي سڀّ کان مٿي ڏسندو آهي. جڏهن سالڪ ان منزل کان عروج ڪندو آهي ۽ ڪجھ وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي تہ ٻي منزل پيش ايندي آهي، جيڪا ان کان مٿانهين آهي، ان منزل ۾ صفت طهوريت جو اثر سالڪ جي دل تي ظاهر ٿيندو آهي. ان وقت سالڪ پاڻ کي ۽ هيٺ مٿي جي سيني شين کي ڏسندو آهي، ۽ پنهنجي نفس کي عبوديت تي مطيع لهندو آهي. **فرد:**

از این کافر که مارا در نهاده است

مسلمان در جهان کمتر فتاده است

ترجمو: اهو ڪافر (نفس) جيڪو اسان جي اندر ۾ آهي، مسلمان جهان ۾ ٿورا آهن.

جڏهن سالڪ ان منزل کان اڳتي لنگهندو آهي ۽ ڪجھ وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي تہ ٻي منزل پيش ايندي آهي، جيڪا ان کان مٿي آهي، ان منزل ۾ سالڪ جي دل تي صفت حميت جو اثر ظاهر ٿيندو آهي، ان وقت سالڪ عزلت (گوشه نشين)۽ رياضت اختيار ڪندو آهي ۽ تڪليف برداشت ڪندو آهي. جڏهن سالڪ اها منزل عبور ڪندو آهي، ان وقت ٻي منزل پيش ايندي آهي. جيڪا ان کان مٿان آهي، ان منزل ۾ سالڪ جي دل تي صفت رشديت جو اثر ظاهر ٿيندو آهي. ان وقت سالڪ عشرت ۽ دعوت قبول ڪندو آهي. جڏهن سالڪ ان منزل کي طئي ڪندو آهي تہ ٻي منزل پيش ايندي آهي، جيڪا ان کان مٿانهين آهي. ان منزل ۾ سالڪ جي دل تي صفت جمعيت جو اثر ظاهر ٿيندو آهي. ان وقت سالڪ خاص ماڻهن جي

صحبت طلب ڪندو آهي، ۽ انهن کان نفعو وٺندو آهي ۽ زياده علم ۽ عقل وارو ٿيندو آهي. **بيت:**

هرچه درين عالم است از اثر صحبت است

ورنہ کجا باخت است بيد بهائي بنات

ترجمو: جيڪي جهان ۾ آهي، صحبت جو اثر آهي. ان ۾ ستارن جو ڪهڙو اثر آهي!

جڏهن سالڪ ان منزل کان اڳتي عروج ڪندو آهي، ۽ ڪجهه سلوڪ طئي ڪندو آهي تہ ان وقت ٻي منزل پيش ايندي آهي، جيڪا ان کان مٿانهين آهي، ان منزل ۾ سالڪ جي دل تي صفت احديت جو اثر ظاهر ٿيندو آهي، ان وقت سالڪ خلوت ۽ رياضت[٦٨] ڏانهن لاڙو ڪندو آهي ۽ ماڻهن جي صحبت مان نقصان کان سواءِ ڪجهه ڪونہ لهندو آهي. **بيت:**

خلوت گزيده را بتماشا چہ حاجت است

چون کوئي دوست هست بصحرا چہ حاجت است

ترجمو: خلوت کي پسند ڪندڙ لاءِ سير تماشي جي ڪهڙي ضرورت آهي جڏهن دوست جي گهٽي ملي آهي، تہ پوءِ صحرا ۾ ڪهڙو ڪم.

جڏهن سالڪ ان منزل کان لنگهندو آهي ۽ چند ڏينهن سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت ٻي منزل پيش ايندي آهي،جيڪا ان کان مٿانهين آهي. ان منزل تي سالڪ جي دل تي صفت لطيفيت جو اثر ظاهر ٿيندو آهي. ان وقت سالڪ سيني شين کي حق سان واصل ڏسندو آهي. جڏهن ان منزل کان اڳتي لنگهندو آهي ۽ ڪجهه ڏينهن سلوڪ طئي ڪندو آهي تہ ٻي منزل ايندي آهي، جيڪا ان کان مٿان آهي، ان منزل ۾ سالڪ جي دل تي صفت اعاديت جو اثر ظاهر ٿيندو آهي. ان وقت سالڪ پاڻ کي سيني شين کان غافل ۽ محجوب سمجهندو آهي. جڏهن سالڪ ان منزل کان اڳتي گذرندو آهي ۽ ڪجهه وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي تہ ٻي منزل پيش ايندي آهي،

جيڪا ان ڪان مٿانهين آهي، ان منزل ۾ سالڪ جي دل تي صفت هدايت جو اثر ظاهر ٿيندو آهي، ان وقت سالڪ جيڪو طلب ڪندو آهي پنهنجي دل ۾ لهندو آهي ۽ ٻين طالبن جي صفائي ڪندو آهي. جڏهن سالڪ اها منزل عبور ڪندو آهي ۽ ڪجهه وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي تہ ٻي منزل ايندي آهي،جيڪا ان ڪان مٿانهين هوندي آهي، ان منزل ۾ طالب جي دل تي صفت باطنيت جو اثر ظاهر ٿيندو آهي، ان وقت طالب جي دل تي سيئي شيون پوشيده ٿي وينديون آهن. ان ڪان پوءِ جڏهن سالڪ اها منزل عبور ڪندو آهي تہ ٻي منزل ايندي آهي جيڪا ان ڪان مٿانهين منزل آهي، ان منزل ۾ سالڪ جي دل تي جباريت جو اثر ظاهر ٿيندو آهي. ان منزل ۾ سالڪ فڪر جي سمنڊ ۾ غرق ٿيندو آهي، ۽ ڪون ومڪان ڪان لنگهي ويندو آهي. **فرد:**

غرق دريائي تفڪر آمديم

پائي تا سر عين سيَر آمديم

ترجمو: فڪر جي درياءَ ۾ غرق ٿياسون، ائين سراپا سير ڪندڙ ٿيا آهيون.

جڏهن سالڪ اها منزل طئي ڪندو آهي ۽ ڪجهه وقت سلوڪ ۾ لڳل رهندو آهي تہ ٻي منزل ايندي آهي، جيڪا ان ڪان مٿانهين آهي، ان منزل ۾ سالڪ جي دل تي صفت واحديت جو اثر ظاهر ٿيندو آهي، ان وقت سالڪ استغراق ۽ فڪر جي سمنڊ مان ٻاهر ايندو آهي. علم ۽ هوش وارو ٿيندو آهي. جڏهن سالڪ ان منزل ڪي عروج ڪندو آهي، ۽ ڪجهه وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي تہ ٻي منزل ايندي آهي، جيڪا ان ڪان مٿانهين آهي، ان منزل ۾ سالڪ جي دل تي شڪوريت جو اثر ظاهر ٿيندو آهي، ان وقت سالڪ حق جي تعجب ۽ بحر جي فڪر ۾ هوندو آهي ۽ بدن مخلوق ۾ گڏ هوندو اٿس. مٿيون حال سالڪن جي ٻي هرحال ڪان بلند بالا آهي. **فرد:**

درهمه اوقات حال وجمله کار

تن با خلق باشد دل جانب يار

ترجمو: حال جي سيني وقتن ۾ جملي ڪمن ۾ بدن مخلوق سان هجي ۽ دل يار ڏانهن هجي.

صفاتي اسم هي آهن. **ياڪبير، يا حافظ، يا خبير، يا عزيز يا واسع، يا قابض، يا رحيم، يا قهار، يا قوى، يا مانع، يا وهاب يا ضار، يا رفيع يا ظاهر، يا حليم، يا رشيد، يا جامع يا احد، يا لطيف، يا معيد، يا هادى، يا باطن [٦٩] يا جبار، يا واحد، يا شڪور.** باقي صفتون ۾ انهن جا فروع اڳتي وحدت جي باب ۾ ايندا **انشاءَالله تعاليٰ. والله اعلم.** سالڪن جي تعريف ۾ سنڌي بيت:

تان ڪو ڏيو پهيڙا، سنيهڙو سندون

ڪئن پانديئڙا پند ۾، ڪنهن پر اهيڇاٽون

ڪنهن پر هلن حق ڏونهن، ڪنهن پر وصالون

ڪئن فنا ٿيا في الله ۾، ڪنهن پر مشاهدون

ڪهڙو حال حقيقت ان جي، ڪيهو پند پرون

"**لايعلم تاويله الاالله**" اونهون انت سندون

ڪونه ڄاڻي منجهون، اوءِ ٻجهڻان ٻاهر ٿيا

باب سورهون

راه حقيقت جي مقامن ۽ سلوڪ جي بيان ۾

نظم

مقام چند زين راه بگويم
دران گفتن زحق توفيق جويم

ترجمو: هن رستي جا چند مقام ٻڌايان ٿو. ان ٻڌائڻ ۾ الله جي توفيق گھوليان ٿو.

سلوڪ مختصر موزون جامع
بنظم ازو بگويم باش سامع

ترجمو: سلوڪ مختصر موزون ۽ جامع هجي، اهو نظم آئون چوان ٿو، تون ٻڌ.

اي عزيز! ڄاڻ تہ پهريون مقام هن رستي جو "يقظ" آهي. "يقظ" هن ڪي چئبو آهي تہ دل غفلت کان ۽ الله جي يادگيريءَ کان سجاڳ ٿئي. جڏهن سالڪ سلوڪ قبول ڪندو آهي، ۽ هن جاءِ تي پهچندو آهي، ان وقت سندس دل ۾ خدا جو ذڪر مضبوط ٿيندو آهي، ان کي ياد جو مقام چوندا آهن. جڏهن سالڪ ان جاءِ تي پهچندو آهي، ان وقت حقيقي ۽ معنوي ذڪر جي مرتبي تي رسندو آهي. **بيت:**

از درون شو آشنا و از برون بيگانہ وش
اين چنين زيبا روش ڪم مي بود اندر جهان

ترجمو: پنهنجي اندر کان واقف ٿيءُ ۽ ٻاهر کان بيگانو هج. اهڙي قسم جي سونهن واري روش جهان ۾ گهٽ هوندي آهي.

ٻيو مقام: ”انابت“ آهي. انابت هن کي چئبو آهي تہ ٻين شين بجاءِ الله تعاليٰ سان لئون لڳائجي،جڏهن سالڪ، سلوڪ ۾ هن جاءِ تي ايندو آهي، ان وقت دل جون اکيون الله تعاليٰ ڏانهن ٿينديون آهن، مشڪل حالات هجن يا آسان پر سندس حقيقي ۽ معنوي توجہ الله ڏانهن هوندو آهي، سندس دل ۾ غير خدا ڏانهن ذري جيترو توجهہ بہ ڪونہ هوندو آهي.

ٽيون مقام: ”محاسبہ“ آهي. ”محاسبي“جو مطلب نفس جي ڪردار ۽ نفس جي خواهش سان جنگ ڪرڻ آهي، جڏهن سالڪ جو سلوڪ هن جاءِ تي پهچندو آهي، ان وقت نفس جون خواهشون گهٽبيون آهن ۽ الله جي رحمت جا آثار وڌندا آهن.

چوٿون مقام: ”خوف“ آهي،”خوف“ جو مطلب دل جو خدا کان ڊڄڻ آهي ناجائز ۽ منع ڪيل شين، پوءِ اهي قولي هجن يا فعلي يا اعتقادي هجن، انهن کان پري رهڻ آهي. جڏهن سالڪ هن جاءِ تي پهچندو آهي، ان وقت نفس اماره، مطمئنہ بڻجي ويندو آهي، ۽ الله جو فرمان قبول ڪندو آهي.

مقام پنجون: ”ورع“ آهي.”ورع“جو مطلب آهي تہ الله تعاليٰ کان سواءِ غير سان انس ۽ انهن کان دل کي روڪڻ. جڏهن سالڪ سلوڪ ۾ هن جاءِ تي پهچندو آهي، ان وقت الله سان انس ۽ الفت ڪندو آهي ۽ هن خطاب جو حقدار ٿيندو آهي.

المتوحش عن غيرالله والمتأنس بالله.

يعني الله تعاليٰ فرمائيندو آهي تہ ٻين کان ٿهندڙ پر مون سان الفت وارو ٿيءُ.

مقام ڇهون: ”رياضت“ آهي [٧٠]. ”رياضت“جو مطلب آهي نفس کي تڪليف ڏيڻ. ۽ نفس جي خواهشن تي رضاءِ الاهي حاصل ڪرڻ آهي. جڏهن سالڪ سلوڪ ۾ هن جاءِ تي پهچندو آهي، ان وقت اسم فنا حاصل ڪندو آهي ۽ الله جي رضا واري دولت جي خزاني مان مشرف ٿيندو آهي. ان الله جي رضا جا ٽي مرتبا آهن، پهريون ايمان آڻڻ آهي. ڪفر ۽ ڪافري

ڪان بيزار ٿيڻ آهي، ٻيو پنهنجي نفس سان جنگ ڪرڻ آهي، ۽ ٽيون خواهشن ڪان پاڻ کي روڪي، الله تعاليٰ جو فرمانبردار ٿيڻ آهي. ٽيون تہ پنهنجي قول ۽ فعل کي خالص الله تعاليٰ لاءِ ڪرڻ آهي. پهريون مرتبو اسلام تي ٻڌل آهي. ٻيو ۽ ٽيون سلوڪ تي مبني آهن، جيڪو الله سان وصال جو رستو آهي. جڏهن ڪنهن ايمان آندو تہ پهريون مرتبو حاصل ڪيائين. جيستائين مومن سالڪ نہ ٿيندو، تيستائين ٻہ ٻيا مرتبا حاصل نہ ڪري سگهندو. جڏهن سالڪ سلوڪ ۾ هن جاءِ تي ايندو آهي، الله تعاليٰ جي رضا جو ڪمال لهندو آهي ۽ دل ۽ جان جي ڪنن سان هي خطاب ٻڌندو آهي تہ:

ارجعی الیٰ ربك راضية مرضية. (۲۸:۸۹)

يعني الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ موٽ پنهنجي رب ڏانهن هن حالت ۾ جو راضي ٿيندڙ ۽ راضي ٿيل هجين. آيت ڪريمہ.

الاتخافوا ولاتحزنوا. (۳۰:٤۱) ۾ پڻ انهن جي صفت آهي يعني الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ ڊپ نہ ڪريو ۽ دلگير نہ ٿيو.

مقام ستون: "صفا" آهي. "صفا" جو مطلب آهي تہ دل کي ظاهري ۽ باطني حواسن جي عيبن ڪان پاڪ ڪرڻ. بشري صفتون ۽ خراب طبيعتن ڪان پالهو ڪرڻ. ظاهري حواس هي آهن، ٻڌڻ، ڏسڻ، سنگهڻ، چکڻ ۽ ڇهڻ. سمع يعني ٻڌڻ اها قوت جيڪا انسان جي ڪنن ۾ رکيل رڳن ۽ سوراخن سان جنهن جو احساس ٿئي ٿو. بصر يعني ڏسڻ جي طاقت الله پاڪ اکين ۾ رکي آهي، جيڪي ٻہ نسون آهن دماغ مان اچي ٻنهي اکين ڏانهن جدا ٿين ٿيون، جنهن سان ماڻهو ڏسي ٿو. سنگهڻ اها قوت ڪنن وٽان اکين ڏانهن اچي ٿي. ذائقہ اهڙي قوت آهي، جنهن سان زبان مٺي ۽ ڪاري شيءِ ٻنائي ٿي. لمس (ڇهڻ) اها اهڙي قوت آهي، جنهن سان سردي گرمي سخت ۽ نرم جو پتو پوندو آهي. انهن حواسن مان، هر هڪ جو دل تي پردو ظاهر ٿيندو آهي. باطني حواس هي آهن: حسِ مشترڪ، خيال، وهم، حافظ، ۽ متفرق. حس مشترڪ اها قوت آهي، جيڪا صورت ۽ محسوس

ڪمن کي ظاهري حواسن جي ذريعي دماغ تائين پهچائي ٿي. خيال اها قوت آهي، جنهن ۾ ڏٺل صورتون گڏ ٿين ٿيون ۽ باقي رهن ٿيون. خيال ۾ اهي صورتون حس مشترڪ مان گم ٿيڻ بعد ايندیون آهن.وهم اها قوت آهي جنهن ۾ جزوي معنائون ڏٺل شيون جي صورت ۾ موجود هونديون آهن، [٧١] اهي معنائون قوت جي وسيلي پهتل هونديون آهن. حافظ اها قوت آهي، جيڪا ڏٺل شين ۽ صورتن کي ياد ڪندي آهي. متفرقه اها قوت آهي جيڪا تفصيل ۽ ترڪيب ڏيڪاريندي آهي، انهن صورتن جي وچ ۾ جيڪي حسِ مشترڪ مان اخذ ڪيل هونديون آهن ۽ اهي معنائون جيڪي قوت، وهم ۽ متفرقہ ۾ هونديون آهن. انهن جي ڪري دل ۾ جيڪو زنگ ۽ ڪٽ لڳندو آهي اهو الله جل جلاله جي ذڪر سان صاف ٿي ويندو آهي، جيئن حضور ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ:

ان لكل شيء مصقلة وصقالة القلب ذكر الله.

يعني هر شيءِ جو ڪٽ لاهڻ وارو (روات) آهي، ۽ دلين جي ڪٽ لاهڻ لاءِ الله جو ذڪر آهي. **بيت:**

روشني دل ز ڪثرت ذڪر است
ليڪ ذڪري ڪ از رو فڪر است

ترجمو: گهڻو ذڪر دل جي روشني آهي، پر ذڪر اهو جنهن ۾ فڪر هجي.

جڏهن سالڪ سلوڪ ۾ هن جاءِ تي ايندو آهي، ان وقت سندس دل غفلت ۽ اونداهيءَ کان ٻاهر ايندي آهي ۽ الله جي ذڪر سان منور ٿيندي آهي، ۽ لدني علم حاصل ٿيندو اٿس، ۽ جهالت جي مرض مان ڇوٽڪارو ملندو اٿس. دل جي صفائي ۽ صيقل جا ٽي قسم آهن.

مقام اٺون: ڪشف آهي، ڪشف جو مطلب آهي تہ اخبار ۽ اسرار (خبرون ۽ راز) حقيقتون ۽ عالم صغير جا احوال ان تي کلي پوندا آهن. ۽ عالم صغير جا ڇهہ قسم آهن:قلب، روح، سر، خفي، اخفيٰ، عالم وحدت

باري تعالي، عالم قدس ۽ عالم ذات پاڪ جل شانه. جڏهن عالم نفس توتي ڪلندو ان وقت عالم ناسوت جي جلون جو عڪس توتي پوندو. جڏهن عالم قلب ڪلندو، ان وقت عالم ملڪوت جا عڪس تو ۾ روشن ٿيندا. جڏهن عالم روح توتي ڪلندو، اِن وقت عالم جبروت جا عڪس تو ۾ تجلي ڪندا. جڏهن عالم سر توتي ڪلندو، ان وقت عالم لاهوت جا عڪس توتي واضح ٿيندا. جڏهن عالم خفي توتي ڪلندو ان وقت عالم هاهوت جا عڪس تو ۾ ظاهر ٿيندا. جڏهن عالم اخفيٰ توتي ڪلندو، ان وقت عالم وحدت جا عڪس تو ۾ جلوه گر ٿيندا. جڏهن عالم وحدت توتي ڪلندو، ان وقت جيڪي ڪجهه عالم قدس ۾ آهي، ان جو عڪس تو ۾ جلوه گر ٿيندو. جڏهن اندر جا پڪي بالغ ٿيندا، تڏهن خود پنهنجي جهان ۾ سير ڪندا. جڏهن سالڪ جو سلوڪ هن جاءِ تي پهچندو آهي، ان وقت سالڪ، بصيرت ۽ حقيقت جو صاحب ٿيندو آهي، ۽ اشارن ۽ رمزن جو ڄاڻندڙ ٿيندو آهي، ۽ جهان باطن الباطن ۾ سير ڪندو آهي؛ ۽ الاهي اسرارن تي واقف ٿيندو آهي. باطن جو مطلب هي آهي ته، اهي شيون ظاهر ۾ ڏسڻ ۾ نه اچن ۽ باطن الباطن اهو آهي، جڏهن اوليائن جي دلين تي خدائي اسرار ۽ حقيقتون ڪلنديون آهن ۽ جيڪو اهي اسرار ڄاڻندو آهي، ان کي صاحب سرالاسرار چوندا آهن. **رباعي:**

صاحب خبران ڪه عالم دل دارند
در نکته غيب محرم اسرارند

ترجمو: وڏي علم جا صاحب جيڪي ڄاڻندڙ دل رکندڙ آهن.غيب جي نڪتن ۽ اسرارن جا واقف آهن.

هر آئينه صفاءِ شان زنگي نيست
زان روئي ز نقش دون حق بيزارند

ترجمو: انهن جي صاف آئيني تي ڪو ڪٽ ۽ زنگ نه آهي، انهيءَ

ڪري حق تعاليٰ ڪانسواءِ ٻي هر شيءِ ڪان بيزار آهن.

مقام نائون: ڪرامت آهي، ڪرامت جو مطلب قدرت جي زيادتي ۽ خارق عادت جو نالو ڪرامت آهي. جڏهن سالڪ سلوڪ طئي ڪندو آهي ۽ هن جاءِ تي پهچندو آهي، ان وقت باطني تصرفن جو صاحب ٿيندو [٧٢] آهي. هن مقام تي سالڪ، جيڪڏهن زبان مان ڪا شيءِ ڪڍندو آهي، يا پنهنجي نظر ڪيميا اثر ڪنهن تي وجهندو آهي، يا ان وقت پنهنجي دل ۾ ڪو خيال آڻيندو آهي، ته اهو پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪم لهندو آهي، اهڙي طرح باطني تصرف ظاهر ۾ ڏسندو آهي.

مقام ڏهون: "انبساط" آهي. "انبساط" جو مطلب آهي ته سالڪ پنهنجي باطن ۾ عالم ڪبير جو مشاهدو ڪندو آهي. عالم ڪبير جا ڇهه قسم آهن: ناسوت، ملڪوت، جبروت، لاهوت، هاهوت، ۽ عالم وجوب. عالم ناسوت جي حد زمين ڪان پهرين آسمان تائين آهي ۽ ان کي عالم ملڪ به چوندا آهن. ان جهان ۾ ماڻهو ۽ پريون پکي ۽ جناور، بر بحر ۽ جبل آهن.اهو عالم ملڪ، عالم ملڪوت سان ڪا نسبت نٿو رکي ۽ عالم الملڪوت انتهائي لطيف آهي. ايترو لطيف وري عالم ملڪ نه آهي. ڇاڪاڻ ته عالم ملڪ، عالم ملڪوت جو سايو ۽ پاڇو آهي. ڪوبه ذرو اهڙو نه آهي جيڪو عالم ملڪ ۾ هجي ۽ عالم ملڪوت ۾ نه هجي. مطلب ته ملڪوت واري سڀ شيءِ عالم ملڪ ۾ آهي ۽ عالم ملڪوت جي حد پهرين آسمان ڪان ستين آسمان تائين آهي. ان جهان ۾، ملائڪ، معقولات ۽ معنائون آهن. عالم ملڪوت، عالم جبروت سان لطافت جي لحاظ سان ڪابه نسبت نٿو رکي ڇوته عالم جبروت تمام لطيف آهي، ڇاڪاڻ ته عالم ملڪوت، عالم جبروت جو سايو ۽ پاڇو آهي. ڪوبه ذرو عالم ملڪوت ۾ اهڙو نه آهي، جيڪو عالم جبروت ۾ نه هجي ۽ ان تي محيط ۽ گهيرو ڪندڙ نه هجي. عالم جبروت جي حد ستين آسمان ڪان عرش عظيم تائين آهي. ان جهان ۾ موجودات بالقوة آهن ۽ عالم جبروت جي لطافت جي لحاظ سان، عالم لاهوت سان ڪابه نسبت نه آهي. ڇاڪاڻ ته عالم لاهوت

تمام لطيف آهي، ايترو عالم جبروت لطيف نہ آهي. چوٿو عالم جبروت عالم لاهوت جو سايو ۽ پاڇو آهي ۽ ڪوبہ ذرو عالم جبروت ۾ اهڙو نہ آهي جيڪو لاهوت ۾ نہ هجي، ۽ ان تي محيط ۽ گهيرو ڪندڙ نہ هجي. هن پهرين جهان ۾ هڪ درياءَ آهي، جنهن کي آب حياة چوندا آهن. ان مٿان ٻيو درياءَ آهي جنهن کي بحرالمقام چوندا آهن، جنهن کان مٿان ملائڪن جي جماعت آهي، جنهن کي "ڪروبي ملائڪ" چوندا آهن. انهن مان ڪي ملائڪ قيام ۾ ۽ ڪي رڪوع ۾ ۽ ڪي سجده ۾ ۽ ڪي قعده ۾ ويٺل آهن. اهي ملائڪ، قيامت جي ڏينهن تائين خدا جي عبادت ۾ مشغول هوندا. قيام وارا ملائڪ قيام جي حالت ۾ هيءَ تسبيح پڙهن ٿا.

سبحانك ماعبدناك حق عبادتك.

ان کان مٿي ٻيو سمنڊ آهي، جنهن کي "بحر رضا" چوندا آهن.

ان کان مٿان "منشور" آهي، جنهن جو ٻيو نالو لوح محفوظ آهي. لوح محفوظ سائي زمرد جي پٽي آهي، جنهن تي اڇي نور سان اکر لکيل آهن، ان جي پهرين سٽ ۾ نقطو آهي، ٻي سٽ الف آهي، ۽ ٽين سٽ تي "هو"جو لفظ آهي، ۽ چوٿين سٽ ۾ ڪلمون "الله" ۽ پنجين سٽ ۾ **"الاالله"** جو اکر ۽ ڇهين سٽ ۾ ڪلمو **لااله الاالله** ۽ ستين سٽ ۾، [٧٣] **لا اله الا الله محمد رسول الله،** ۽ اٺين سٽ ۾، **بسم الله الرحمٰن الرحيم** ۽ نائين سٽ ۾ سوره الفاتحه ۽ ڏهين سٽ ۾ سوره الاخلاص لکيل آهي. ان کان پوءِ خدا ٻيو علم ان ۾ لکايو آهي. ان کان مٿي وري ٻيو سمنڊ آهي، جنهن کي بحر المسجورچونداآهن. ان کان مٿي ٻيو سمنڊ آهي، جنهن جو نالو بحرالمشهور آهي، ان کان پوءِ مٿي سدرة المنتهيٰ آهي. سدرة المنتهيٰ هڪ وڻ جو نالو آهي، جنهن جون ٽاريون سائي زمرد جون آهن. هاٿيءَ جي ڪن جيڏا ان جا پن آهن، مٽ جيترا ان جا ميوه آهن. نور جي اڇي ان ۾ تجلي هوندي آهي. اهو وڻ عقل کان مٿي آهي، ان کان مٿي ڪرسي آهي. ان ڪرسي کان مٿان عرش آهي. ڪرسي عرش سان پيوسته آهي ۽ عرش نور جو آهي، جيڪو گول صورت ۾ آهي، جنهن جو مٿيون پاسو ڪشادو ۽ هيٺيون پاسو تنگ

آهي. هيٺين پاسي عرش کي ٽي سئو سٺ پاوا آهن. هر هڪ پائي جي مسافت ايتري آهي جو اسي هزار سال پکي تيز پرواز وارو، تڏهن مس پهچندو. ان عرش کي ڪٽندڙ حاملان، انهن جي، عجيب خلقت آهي، جو انهن جي ٻنهي اکين جي ڀرون جو فاصلو، ٽي سئو سالن جي مسافت جيترو آهي، ۽ ڪلهن جي وچ جو فاصلو پنج سئو سال آهي، ۽ مٿي ٻنهي جو سترهزار سال جي مسافت جيترو آهي، ۽ پيرن جي ڏگهائي، ستر هزار سالن جيتري آهي، عرش جا ڪٽندڙ چار ملائڪ آهن ۽ هر هڪڙي جا چار منهن آهن ۽ چئني پاسي ڏسن ٿا ۽ ڪرسي ۾ چار پير آهن. هر هڪ پايو ستن آسمانن ۽ زمين کان وڏو آهي. حاملان عرش ۽ ڪرسي جي وچ ۾ اونداهي جا ستر هزار حجاب ۽ پردا آهن ۽ ستر هزار هوا ۽ ستر هزار برف ۽ ستر هزار نور جا پردا آهن ۽ هڪڙي پردي کان ٻئي پردي تائين پنج سئو سالن جو پنڌ آهي. جيڪڏهن وچ ۾ اهو حجاب حائل نه هجي ته خدا جو نور، حاملان عرش ۽ ڪرسي کي ساڙي ڇڏي!!!جيڪو عرش کان هيٺ آهي، ان کي عالم مڪاني ۽ عالم خلق چون ٿا ۽ جيڪي عرش کان مٿي آهي ان جو نالو عالم لامڪاني ۽ عالم امر آهي ۽ عالم لاهوت جي حد عرش عظيم کان ٽي سئو ڇهه هزار سال مٿي آهي. هن عالم ۾ چنڊ آهي، ۽ اهو عالم لاهوت لطافت جي جي لحاظ سان عالم هاسوت سان ڪا نسبت نٿو رکي، عالم لاهوت کان عالم هاهوت وڌيڪ لطيف آهي، ڇاڪاڻ ته عالم لاهوت عالم هاهوت جو پاڇو ۽ سايو آهي ۽ عالم لاهوت ۾ ڪا اهڙي شيءِ نه آهي جو عالم هاهوت ان سان نسبت نه رکي ۽ ان کي محيط نه هجي ۽ هن عالم اول ۾ ستر هزار جو هرجا حجاب آهن ۽ ان کان مٿان مقام قلب آهي جيڪو پنج سئو سالن جو پنڌ آهي، ۽ ان مٿان ستر هزار نور جا حجاب آهن ان کان مٿان روح جو مقام آهي، جنهن جي مسافت ڏهه سئو سال آهي، جنهن مٿان ستر هزار چنڊ جي نور جا پردا آهن. جنهن کان مٿان مقام خفي آهي، جنهن جي مسافت ٽيهه سئو سال آهي، جنهن مٿان ستر هزار سج جي نور جا پردا آهن، جنهن مٿان اخفيٰ جو مقام آهي، جنهن جي ڊيگهه چاليهه سئو سال آهي،

عالم هاهوت جي حد عالم لاهوت جي حد کان ستر هزار سال مٿي آهي، ۽ هن عالم ۾ ڪليات آهن ۽ هي عالم هاهوت لطافت ۾ عالم وحدت سان ڪا نسبت نٿو رکي ڇوته هي عالم هاهوت کان انتهائي لطيف آهي، ڇاڪاڻ ته عالم هاهوت عالم وحدت جو سايو ۽ پاڇو آهي، ۽ عالم هاهوت ۾ ڪو اهڙو ذرو نه آهي، جنهن سان عالم وحدت جي نسبت هجي. ڇاڪاڻ ته ان ڪي محيط نه آهي ۽ هن جهان ۾ ستر هزار حجاب جا ڪڪر آهن ۽ انهن ستر هزار حجابن ۽ پردن مٿان وچ آهي ۽ ان مٿان ستر هزار درياهه آهن ۽ انهن مٿان ستر هزار چشما ۽ انهن مٿان ستر هزار صحرا آهن ۽ هر هڪ صحرا جدا آهي، جنهن جو رنگ به جدا آهي. جنهن مٿان ستر هزار جهنگ آهن ۽ ان مٿان ستر هزار جبل آهن، جيڪي ڪوهه قاف جهڙا آهن ۽ ان مٿان ستر هزار ملائڪن جون صفون آهن، ۽ هر هڪ صف جي وچ ۾ پنج سئو سالن جو فاصلو آهي ۽ انهن سيني ملائڪن جي تسبيح توحيد آهي، پيدائش کان وٺي قيامت جي ڏينهن تائين.ان توحيد واري ذڪر **لااله الاالله** ۾ مشغول آهن ۽ هميشه ان ۾ مشغول رهندا ۽ عالم وحدت جي حد، عالم هاهوت جي انتها کان آهي، جنهن جي انتها خدا کان سواءِ ڪوبه نٿو ڄاڻي ۽ اهو عالم، عالم اسرار الاسرار ۽ باطن الباطن ۽ غيب الغيب آهي. هن عالم ۾ ضلال، اسماءَ، صفات فرعيه ۽ اصوليه. نور ۽ تجليون، شيون، اعتبارات ۽ اسرار ذاتيه جون حقيقتون آهن.جن جو انشاءَالله تعاليٰ بيان ڪنداسون. ان کان مٿان عالم قدس آهي، جنهن جي غايت ۽ انتها نه آهي. اهو عالم عين ذات پاڪ جل شانه جو آهي، ان ۾ ڪو نور، تجلي، صفت، شان ۽ ٻيا ڪي اعتبار ٻڌائڻ کان انسان قاصر آهي، ڇاڪاڻ ته اها ذات پاڪ آهي، ۽ لطيفن کان وڌيڪ لطيف تر آهي،

وهواللطيف الخبير.(٦:١٠٣)

خدا وند تعاليٰ وتقدس جي صفت آهي اها ذات لطيف مطلق آهي،

۽ جيڪو لطيف مطلق آهي اهو ئي مطلق ڪي محيط آهي.

الا انه بکل شی محيط. (٤١:٥٤)

ان ڳالهہ تي ناطق آهي. جاڻ تہ اهل بصيرت ۽ علماءِ حقيقت ۽ بلغاءِ معرفت ۽ ڪاملان وقوف چون ٿا تہ ملڪ تون آهين، ملڪوت ۽ جبروت ۽ لاهوت ۽ هاهوت توسان آهي. الله جل شانه جي محبت بہ توسان آهي.

وهو معكم اينما كنتم (٤:٥٧) ۽ هي آيت

ونحن اقرب اليه من حبل الوريد. (١٦:٥٠)

ان ڳالهہ تي روشن شاهد آهن. **بيت:**

تو ڪہ گوهري داري دو جهاني
چہ ڪنم قدر خود نمي داني

ترجمو: تون ئي تہ ٻنهي جهانن جو گوهر آهين، ڇا ڪريان جو پنهنجو قدر نٿو ڄاڻين.

جڏهن سالڪ سلوڪ ۾ هن جاءِ تي ايندو آهي، ان وقت هو ڳجهن اسرارن ۽ دقيق ونادر ۽ ناياب رازن ۽ اونهين ۽ ڏکين حقيقتن کان واقف ٿيندو آهي.

مقام يارهون: "الهمات"آهي [٧٥]. "الهميات"جو مطلب آهي تہ اهي ڳجهيون معنائون، جيڪي ذات ۾ لڪل آهن، جيڪي ڪتاب الله ۽ سنت رسول الله ﷺ جي موافق هجن، چاهي انهن ڏانهن توجه ڏي يا بنا توجه جي انهن تي واقف ٿئي. جڏهن سالڪ سلوڪ ۾ هن جاءِ تي ايندو آهي، ان وقت قرآن جون باطني معنائون، خبرون ۽ سبحاني راز ۽ صوفي طالبن جا دقيق سلطاني ڳجهہ، رباني عارفن جا ڪلما پاڻ ۾ لهندو آهي، تضيفن جو صاحب، صحيح ۽ فصيح اجتهاد وارو ٿيندو آهي، ڀلي ڪٿي ٿورو پڙهيل هجي.

ذالك فضل الله يوتيه من يشاء. (٢١:٥٧)

اهو خدا جو فضل آهي جنهن کي چاهيندو آهي، ان کي ڏيندو آهي.

هن مقام تي سالڪ جي دل پٽيءَ وانگر ٿيندي آهي ۽ الله تعاليٰ راز ۽ حقيقتن جو علم پنهنجي قدرت جي قلم سان ان جي دل تي لکائيندو آهي،

۽ سالڪ اھو پڙھندو آھي، پوءِ رباني عالم ٿيندو آھي. **بيت:**

در پس آئينه طوطي صفتم داشتند

هرچه استاد ازل گفت بگومي گويم

ترجمو: آئون طوطي وانگر آرسيءَ جي پٺيان ويھاريل آھيان. ازل ڪان استاد جيڪي چوي ٿو تہ چئو. آئون اھو چوان ٿو.

مقام ٻارھون: ”رغبت“ آھي. ”رغبت“ جو مطلب آھي تہ سيني ننڍين وڏين شين کان دل جو لاڙو ھٽي خدا ڏانھن تي وڃي. ظاھري ۽ باطني ھر حال ۾ خدا ڏانھن خيال ھجي. جڏھن سالڪ سلوڪ ۾ ھن جاءِ تي پھچندو آھي، ان وقت دوستن طالبن جي زمري ۾ داخل ٿيندو آھي.

مقام تيرھون: ”شوق“ آھي. ”شوق“ جو مطلب آھي تہ دل جي ڪمال، آرزو ۽ محبت جو نالو شوق آھي، جنھن کي عشق چوندا آھن. اھو آتش ۽ محبت جي تپش آھي. دل نفس ۽ جان بي قرار ٿيندي آھي، جڏھن سالڪ سلوڪ ۾ ھن جاءِ تي پھچندو آھي، ان وقت عاشقن جي ٽولي ۾ داخل ٿيندو آھي، ۽ وحدت واري سلوڪ جي لائق ٿيندو آھي. **بيت:**

تشنه او باش گر تو زنده

خاک اندر باش گر تو بنده

ترجمو: جيڪڏھن تون زنده آھين تہ ھن لاءِ اڃايل آھين. ان جي در جي خاڪ تي جيڪڏھن ان جو ٻانھون آھين.

مقام چوڏھون: ”ذوق“ آھي. مطلب ھي آھي تہ الله تعاليٰ جي محبت جي لذت چکڻ ۽ عشق جي باھ جو مزو وٺڻ. جڏھن سالڪ سلوڪ ۾ ھن جاءِ تي ايندو آھي، ان وقت پاڻ ۾ عاشقن ۽ محبن جي حال جي لذت لھندو آھي ۽ انھن جي حقيقت تي واقف ٿيندو آھي.

ذوق اين مئي نشناسي بخدا تانچشي

ھن شراب جو نشو تون نہ سڃاڻي سگھندين. خدا جو قسم

جيستائين تو نہ چکيو آهي.

مقام پندرهون: "همت" آهي. "همت" جو مطلب هي آهي تہ الله جي راهہ جو ارادو ڪرڻ ۽ ان کي سچائڻ ۽ نفس جي رعايتن کي ڇڏڻ ۽ نفعي ۽ نقصان کان بي پرواهہ ٿيڻ. جڏهن سالڪ، سلوڪ ۾ هن جاءِ تي ايندو آهي، ان وقت همت ۽ محبت وارن مردن جي حلقي ۾ داخل ٿيندو آهي.

مقام سورهون: "جذبو" آهي."جذبي" جو مطلب آهي تہ باري تعالىٰ جي ڪشش ۽ ڇڪ، جاڻ تہ ٻانهون پاڻ کي قرب ۽ معرفت جي مقام تي ڇڪي ٿو ۽ بقا ۽ فنا جي، مرتبي ڏانهن وڃي ٿو ۽ جيڪو همت ۽ محبت الاهي جو ڪمند پنهنجي ڪنڌ ۾ وجهي ٿو، ان کي تيستائين ڪابہ خبر ڪونہ پوندي آهي، جيستائين ان مقام کان ٻاهر نہ نڪري،

قال المشائخ رحمهم الله تعالىٰ الجذبة من جذبة الرحمان خير من عبادة الثقلين.

يعني خدا جي طرفان هڪڙي ڇڪ ٻنهي جهانن جي عبادتن کان وڌيڪ بهتر آهي. **بيت:**

گرترا روئي درين ميدان ڪشند

آن رقم بيني ڪہ بر مردان ڪشند

ترجمو: جيڪڏهن توکي ان ميدان ۾ وٺي وڃن تہ اها لکت ڏسي سگهين جيڪا مڙسن جو مرڪ آهي.

جڏهن سالڪ، [٧٦] الله تعالىٰ جي عنايت سان سلوڪ ۾ هن جاءِ تي پهچي ٿو، ان وقت سالڪ،مجذوب ۽ صاحب نظر ٿيندو آهي ۽ پنهنجو نصيب ٻنهي جهانن ۾ لهندو آهي. سلوڪ ۾ سڀ جذبو هن جي ارشاد سان حاصل ٿيندو آهي، ۽ هن جي توجہ سان اندر ۾ خدا جي ڪشش منهن ڪيندي آهي.

مقام سترهون: "تجريد" آهي."تجريد" جو مطلب آهي تہ مخلوق کان جدا ۽ مخلوق جي لاڳاپن کان پري ٿيڻ. اهو خدا جي رضا لاءِ ائين ڪندو آهي. سيئي اسم ۽ رسم ڇڏڻ جو نالو تجريد آهي، جڏهن سالڪ، سلوڪ ۾ اتي

پهچندو آهي، ان وقت خدا جي درگاهہ مان طالب جي دل تي فيض ۽ مهربانيون جام ٿينديون آهن. **بيت:**

درين ره مرد تجريد تفريد
بيايد تا کشايد کار توحيد

ترجمو: تجريد ۽ تفريد جي مردن جيِ رستي ۾ اچ، تہ جيئن توحيد جو ڪم توتي ڪشادو ٿئي.

مقام ارڙهون: "تفريد" آهي. "تفريد"جو مطلب آهي تہ يگانو ٿيڻ ۽ يگانو هجڻ. ۽ پنهنجي نفس کي وساري ڇڏڻ آهي، الله لاءِ ۽ الله سان يگانو ٿيڻ آهي، ۽ الله جي رستي ۾ ڪوشش ڪرڻ جو نالو تفريد آهي. جڏهن سالڪ، سلوڪ ۾ هن جاءِ تي پهچي ٿو، ان وقت طالب جي خودي ختم ٿي وڃي ٿي ۽ وڏائي ختم ٿي ويندي آهي، ۽ ڪثرت کان وحدت تي پهچندو آهي. **بيت**

تا تو با خويشي عدد بيني همه
چون شوي فاني احد بيني همه

ترجمو: جيستائين "تنهنجي پاڻ تي نظر آهي تہ گهڻائي پسندين پر جڏهن پاڻ کي فاني ڪندين تڏهن سڀ هڪ ڏسندين.

مقام اوڻيهون: "ثقه" آهي. "ثقه" جو مطلب آهي تہ هر حال ۽ هر وقت ۾ سيني ديني ۽ دنوي ضرورتن ۾ پنهنجو اعتماد، الله تعاليٰ تي رکڻ. سالڪ، سلوڪ ۾ جڏهن ان مقام تي پهچندو آهي، ان وقت توفيق ۽ توڪل جو صاحب ٿيندو آهي، ۽ سندس دل جو منهن الله تعاليٰ ڏانهن ٿيندو آهي، ۽ ننڍيون ۽ وڏيون سڀ شيون ڇڏي ڏيندو آهي، ۽ الله تعاليٰ ان جماعت جي تعريف ڪئي آهي.

يا احمد ليس شيء افضل عندى من التوكل على الرضا بما قسمت لهم.

يعني اي احمد! مون وٽ توڪل کان بهتر ڪا شيءِ نہ آهي ۽ جيڪي

مون انهن جي قسمت ۾ لکيو آهي، ان تي راضي رهڻ کان وڌيڪ افضل، مون وٽ ڪا شيءِ نہ آهي. **مثنوي**

هيچ کس در جهان از بحر و بر

از قناعت نيست ملکي بيشتر

ترجمو: دنيا جي بر توڙي بحر ۾ ڪوبہ قناعت کان وڏو ملڪ نہ آهي.

چون ترا ناني و خلقاني بود

هر سر موئي تو سلطاني بود

ترجمو: جڏهن توکي کائڻ لاءِ ماني جو ٽڪر ۽ ڍڪڻ لاءِ گودڙي ملي وڃي تہ پوءِ تنهنجي هر وارکي بادشاهي آهي.

نفس قانع گر گدائي مي کند

درحقيقت بادشاهي مي کند

ترجمو: قناعت ڪندڙ نفس، جيڪڏهن گدائي ڪري ٿو تہ حقيقت ۾ بادشاهي ڪري ٿو.

هر کہ او از دار دنيا پاک شد

نور مطلق گشت گرچہ خاک شد

ترجمو: جيڪو دنيا مان پاڪ ٿيو، نور مطلق ٿيو، جيتوڻيڪ خاڪ ٿيو.

مقام ويهون: "جمع" آهي. "جمع" جو مطلب، سيئي شين نندين ۽ وڏين ظاهر ۽ باطن ۾ خدا جي معيت ۽ همراهي هجي. جڏهن سالڪ سلوڪ ۾ هن جاءِ تي پهچندو آهي، ان وقت ڪوبہ ذرو الله تعاليٰ جي رفاقت کان سواءِ، ڪونہ ڏسندو آهي، ۽ هن مقام تي سالڪ جي دل تي،

وهو معکم اين ما کنتم. (٥٧: ٤)

جي حقيقت جلوه گر ٿيندي آهي. يعني الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ، آئون

توهان سان بطريق رازگڏ آهيان،

جتي بہ توهان هجو. جڏهن سالڪ، سلوڪ ۾ هن جاءِ تي ايندو آهي، ان وقت ولايت واري نالي سان مشرف ٿيندو آهي. **رباعي**

اي آنکہ هميشہ درجهان مي پوئي
اين سعي تراچہ سود دارد گوئي

ترجمو: تون هميشه جهان ۾ ڪنهن کي ڳولين ٿو، انهيءَ ڪوشش مان توکي ڪهڙو نفعو مليو، ٻڌاءِ تہ سهي.

چيزي ڪہ تو جويان نشاني اوئي
باتو است همين تو جائي ديگر جوئي

ترجمو: تون جنهن شيءِ کي ڳولين ٿو، اها تہ توسان گڏ آهي، تون ٻي جاءِ تي ڳولين ٿو.

مقام ايڪيهون: "جمع الجمع" آهي. "جمع الجمع" جو مطلب آهي تہ خيال ۾ [٧٧] هڪ ٿيڻ ۽ ٻنهي وجودن جي حرڪات ۽ سڪنات کي هڪ ڄاڻڻ. جڏهن سالڪ سلوڪ ۾ هن جاءِ تي پهچندو آهي، ان وقت پاڻ ۽ خدا کي هڪ ڄاڻندو آهي ۽ اڻ وڻندڙ نصيحت تي ڪن لاٿار ڪندو آهي، ۽ هلندڙ هوا تي ڀروسو ڪندو آهي. **فرد**

هرڪہ او دعويٰ هستي مي ڪند
آشڪارا بت پرستي مي ڪند

ترجمو: جيڪو هستي جي دعويٰ ڪري ٿو، اهو ظاهر ظهور بت پرستي ڪري ٿو.

مقام ٻاويهون: "توحيد" آهي. "توحيد" جو مطلب آهي تہ اها اڪيلي ذات واجب الوجود جل شانه جي آهي. جڏهن سالڪ،سلوڪ ۾ هن جاءِ تي پهچندو آهي، ان وقت سڄو جهان هڪ وڻ وانگر ڏسندو آهي، ۽ سڀ شيون

محسوس ۽ غير محسوس ان جي پنن ۽ ٽارين وانگر سمجهندو آهي. هن مقام تي جيڪي ڪجهه آهي، اهو هڪ وجود ۽ هڪ ذات آهي، حجاب ۽ شڪ کان سواءِ، اها ڳالهه چوندو آهي، جيئن شمس تبريز چيو هو: **فرد:**

دوئي را چون بدر کردم دو عالم را يکي ديدم

يکي بينم يکي دانم يکي گويم يکي خوانم

ترجمو: جڏهن دل مان ٻيائي ڪڍيم، ان وقت ٻنهي جهانن کي هڪ ڏٺم: هڪ ڏٺم، هڪ ڄاتم، هڪ چيم ۽ هڪ پڙهيم.

مقام ٽيويهون: نفس جي "فنا" جو آهي. "فنا" جو مطلب هي آهي ته ماڻهوءَ جي وجود ۾ جيڪي حرڪات ۽ سڪنات آهن انهن کان ڇوٽڪارو لهڻ. اهي حرڪتون قولي هجن يا فعلي هجن، الله تعاليٰ کان سواءِ ظاهري، ۽ باطني مقصدن کان باز رهڻ ۽ الله جي رضا لاءِ ٻنهي جهانن کي وسارڻ نندي وڏي ريا کان پري ٿيڻ ۽ دل جي کوٽ کان پاڪ ٿيڻ. الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن ڳالهه عوض ۽ غرض جي مقصد سان نه ڏسڻ جو نالو فنا آهي، جڏهن الله جي عنايت سان سالڪ سلوڪ ۾ هن جاءِ تي پهچندو آهي، ان وقت طالب خالص مخلص ۽ پوري اخلاص وارو ٿيندو آهي.

مقام چوويهون: "فناءِ قلب" آهي. "فناءِ قلب" جو مطلب آهي ته ماسوي الله بابت هر وقت ۽ هر حال، آسان ۽ مشڪل، هلڪا ۽ ڳرا سڀ خيال ختم ٿي وڃن. جڏهن سالڪ، سلوڪ ۾ هن جاءِ تي پهچندو آهي، ان وقت پنهنجي دل ۾ غير خدا جو خيال ڪونه لهندو آهي، جيتوڻيڪ ارادي طور مخلوق جي استعمال ۽ بدن جي گذاري لاءِ هن کي ڪجهه ڪ ڻو پوي ٿو. ان مقام ۾ سالڪ جي دل عرش جو مرتبو لهندي آهي ۽ ڪعبه شريف کان به افضل ٿيندي آهي.

حسبي ربي جل الله. يعني منهنجي لاءِ منهنجو رب ڪافي آهي.

جو لباس پائيندي آهي. يعني منهنجي لاءِ منهنجو پروردگار وڏو رب آهي.

جائي کہ سلطان خيمہ زد غوغا نماند عام
چو آفتاب برآيد ستاره را چہ وجود

ترجمو: جتي بادشاھ جو تنبو ھڻندا آھن،اتي عام گوڙ شور نہ ٿيندو آھي. جڏھن سج اڀرندو آھي، ستارن جو وجود ڪٿي رھندو آھي.

اذا تجلی اللہ خضع له کل شیء.

يعني: جڏھن خدا جو نور ظاھر ٿيندو آھي،ان وقت ھر شيءِ ان لاءِ جھڪندي آھي.

اي عزيز! ڪي فناءِ قلب کان اڳ، فناءِ نفس چون ٿا،حالانڪ انسان جي دل جي ڪوھ جي پاڙيءَ ۾ نفس پليت جو مٿل ڪوئو پيو آھي ۽ جيستائين اھو ٻاھر نہ نڪرندو، انسان جي دل جو ڪوھ ھرگز پاڪ نہ ٿيندو.

مقام پنجويھون: ھن ۾ شين جي وجود جو فنا ٿيڻ آھي. ھن جو مطلب آھي تہ، ننڍي وڏي، ظاھر باطن، سڀ مخلوق عدم آھي. **جڏھن** سالڪ سلوڪ ۾ ھن جاءِ تي پھچندو آھي، ان وقت جھان ۾ ڪا بہ شيءِ نہ ڏسندو آھي ۽ ان مقام ۾ سالڪ، **کل شیء ھالك الا وجھه.** (۲۸:۸۸) جي حقيقت پسندو آھي. يعني ھر شيءِ نابود آھي، پر خدا پاڪ جي ذات رھڻ واري آھي. ۽، **اينما تولو افثم وجه الله.** (۲:۱۱۵) جي خلعت پائيندو آھي، يعني جيڏانھن بہ منھن ڪندو، ان پاسي خدا جي ذات آھي، الله پاڪ کان سواءِ ان کي ڪجھ بہ ڏسڻ ۾ نہ ايندو آھي.

مقام چوويھون: پنھنجي وجود جي صفتن جو فنا ٿيڻ آھي. ھن جو مطلب آھي تہ بشري تقاضائون ۽ صفتون، سالڪ جي وجود ۾ پيدا نہ ٿين. جڏھن سالڪ، سلوڪ ۾ ھن جاءِ تي پھچندو آھي، ان وقت پنھنجي شين جو علم ۽ پنھنجيون صفتون، سالڪ مُنجھان ھليون وينديون آھن، پر انھن جو اثر باقي ھوندو آھي.ان فنا جي مدت مقرر نہ آھي،چاھي ٿوري ھجي يا گھڻي، جيئن مردي لاءِ ھڪ ساعت بہ سال برابر آھي، ڇاڪاڻ تہ اھا ھڪ حالت آھي. ڪن کي ٿورو ۽ ڪن کي گھڻو وقت ھلندي آھي. اھا صفتن جي

فنا آهي. باقي ذاتي فنا ئي آهي، جنهن کي سالڪ محو چوندا آهن، ۽ محو المحو بہ آهي جنهن جو بيان ايندو. انشاءَالله تعاليٰ. ان صفاتي فنا جا بہ مرتبا آهن، هڪ فنا آهي ۽ ٻيو فناءَ الفناء چوندا آهن. جڏهن سالڪ سڀني مرادن، مقصدن ۽ نفس جي لذتن کي ڇڏي ڏيندو آهي، ان کي تمس بہ چوندا آهن. فناءَ الفناءَ جو مطلب آهي تہ، پنهنجي وجود ۽ شين جو علم. سڀئي سالڪ مان بلڪل ختم ٿي وينديون آهن، ۽ انهن شين جو اثر بہ باقي ڪونہ رهندو آهي، سالڪ اُن کي تمس التمس چوندا آهن.

مقام ستاويهون: "لقاءُ" آهي. "لقاءُ" جو مطلب آهي تہ صفتن کي الله جي صفتن سان لهڻ ۽ انهن کان واقف ٿيڻ. سالڪ سلوڪ ۾ جڏهن ان جاءِ تي پهچندو آهي، ان وقت بصيرت جو صاحب ۽ حقيقت جي علم وارو ٿيندو آهي، ۽ **من عرف الله لايخفىٰ عليه شى،** يعني جنهن خدا کي سڃاتو ان لاءِ ڪا شيءِ مخفي نہ رهندي آهي. جو خطاب لهندو آهي، يعني جنهن، خدا کي سڃاتو.ان تي ڪابہ شيءِ پوشيده نہ رهندي. هن وقت سالڪ جي اها ڪيفيت هوندي آهي، جيڪا مريض جي هوندي آهي، مرض جي حالت ۾ صحت ۽ گناهہ واريون ٻئي شيون نڪري وينديون آهن.

مقام اٺاويهون: "بقاءَالبقا" آهي. هن جو مطلب آهي تہ الله جي صفتن سان باقي ٿيڻ ۽ الوهيت جي جهان کان واقف ٿيڻ. جڏهن سالڪ، سلوڪ ۾ هن جاءِ تي ايندو آهي، ان وقت خدائي صفتن کان موصوف ٿيندو آهي ۽ الله جي رازن ۽ حقيقتن جي خلعت پائيندو آهي، الله جي اخلاقن جهڙا اخلاق بنائيندو آهي، ۽ سالڪ هن مقام ۾، **الانسان سرى وانا سره،** يعني انسان منهنجو راز آهي ۽ آءٌ هن جو راز آهيان وارو ٿيندو آهي، ۽ **ڪن فيڪون** جو نصيب پاڻ ۾ لهندو آهي، ۽ حاڪم بحڪمِ الاهي ٿيندو آهي، ان سالڪ کي باقي بالله چوندا آهن. **بيت:**

مردان خدا خدا نباشند
ليڪن ز خدا جدا نباشند

ترجمو: مولا جا مرد خدا نہ آهن، پر خدا کان جدا بہ نہ آهن.

مقام اوڻٽيهون: "محويت" آهي. "محويت" جو مطلب آهي تہ خدا کي دوست رکڻ. پنهنجيون اميدون ۽ خدمتون بنا واسطي جي مالڪ جي حوالي ڪرڻ آهي. جڏهن سالڪ سلوڪ ۾ هن جاءِ تي پهچندو آهي، ان وقت جيڪي گهرندو آهي، بنا طلب جي الله پاڪ ان کي عنايت ڪندو آهي، مطلب تہ ان کي طلب ڪرڻ ۽ گهرڻ جي ضرورت ڪونہ رهندي آهي. [٧٩]

مقام ٽيهون: "عبوديت" آهي. "عبوديت" جو مطلب بندگي ڪرڻ ۽ ٻانهون ٿيڻ آهي. جڏهن سالڪ سلوڪ ۾ هن جاءِ پهچندو آهي، ان وقت سندس ٻڌڻ ۽ ڏسڻ ۽ ڳالهائڻ الله سان هوندو آهي. **بي يسمع. بي يبصر ۽ بي ينطق** ان مقام جي سالڪ جي صفت آهي. هي مقام سالڪ جي گهڻن مقامن کان مٿي آهي، جڏهن سالڪ هتي پهچندو آهي، تڏهن سالڪ چوندا آهن تہ هن قوس يعني ڪمان جو اڌ دائرو قطع ڪيو. جيڪا ماسوئ جي ڪمال آهي. جنهن جو نمونو هن طرح آهن.

سالڪان راهہ جي مقامن جي تعريف ۾ سنڌي بيت:

جنهن پنڌ نهايت ناهہ ڪا،نہ ڪو انت نہ ڇيهہ
سو ڪوڙين ڏسي ڪنبئا، ڏوران ڏاڍو ڏيهہ
ات هلڻ حيرت ۾ ٿيو، ڇتان تون ڇليهہ
اوري ڪر م آسرو، ورچي تون مَ ويهہ
ثابت ٿيءُ سبحان سين، منجهہ حقيقت پيهہ
تہ سوئي پسين ڏيهہ، جنهن کي سڪي سيڪو.

باب سترهون

الله جي وحدت جي آثارن ۽ سلوڪ جي حقيقت جي بيان ۾

اي عزيز ڄاڻ تہ جڏهن سالڪ الله جي عنايت يا پير ڪامل جي توجہ سان يا تام الاشاد مرشد جي نظر سان وحدت جو سلوڪ طئي ڪندو آهي، تڏهن ان کي پهرين ولايت صغريٰ جو دائرو پيش ايندو آهي، جيڪو ملائڪن جي لاءِ آهي ۽ اندر جو پکي اتي سير ڪندو آهي، جيڪو حقيقي دل ۽ ان جي مثل آهي. اهڙي طرح باطني لطيفا انبياءِ عليهم السلام ۽ اوليائن جي جماعت جا پنهنجي دائري ولايت ۾ سير ڪن ٿا. ۽ ان ولايت جي دائري ۾ صحو ۽ سڪر ٻئي برابر آهن، ۽ ان ولايت جي دائري جا طبقا آهن. هڪ عام ملائڪن لاءِ ٻيو خاص ملائڪن لاءِ جن کي مقرب ملائڪ چئبو آهي ۽ اها ولايت قرب نوافل واري پڻ سڏبي آهي، يعني نفلن وارو مرتبو رکندي آهي ۽ ان جو قرب اسماءَ صفات فرعيہ سان پڻ آهي.

جڏهن سالڪ سلوڪ ۾ هن جاءِ تي ايندو آهي، ان وقت انهن ٻنهي طبقن جي ولايت جو سير ڪندو آهي، ڪجهہ وقت اتي رهڻ کان پوءِ جڏهن مٿي عروج ڪندو آهي، ان وقت پهريان صفاتي اسمن جا پاڇا تواتر ۽ لڳو لڳ ان کي پيش ايندا آهن. سالڪ اتي رهي ڪجهہ سلوڪ طئي ڪري اڳتي لنگهندو آهي، تڏهن اسماءِ صفاتي ان تي جلوه گر ٿيندا آهن، جڏهن اتان عروج ڪندو آهي ۽ ڪجهہ ان مقام تي رهي سلوڪ طئي ڪندو آهي، تڏهن صفاتي اسمن جون صورتون نوراني طريقي سان رنگا رنگي پردن مان چهرو ڏيکارينديون آهن، جڏهن سالڪ اتان لنگهندو آهي ۽ ڪجهہ وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، تڏهن ان وقت خود اسماءَ صفاتي ظاهر ٿيندا آهن، جڏهن سالڪ اتان کان اڳتي لنگهندو آهي ۽ ڪجهہ وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت انهن اسمن جون حقيقتون تجلي ڪنديون آهن. جڏهن

سالڪ اتان عبور ڪندو آهي، ۽ ڪجھ وقت سلوڪ ۾ اتي رهندو آهي، ان وقت سندس اجتهاد جو دائرو ولايت وسطي ۾ هوندو آهي، اهو ولايت جو دائرو [۸۰] ڪامل اوليائن لاءِ آهي، پوءِ اهي اولياءَ بشريعني انسان هجن يا جن هجن. ان ولايت جي دائري ۾ سڪر غالب ۽ صحو مغلوب هوندي آهي. انهيءَ ڪري اولياءَ هن ولايت وقت پنهنجي زبان مان سڪر وارا لفظ چوندا آهن جيئن شيخ حسين منصور رحمتہ الله عليه سلوڪ ۾ جڏهن انهيءَ جاءِ تي پهتو، ان وقت "**اناالحق**" جو نعرو هنيائين، ۽ شيخ بايزيد بسطامي رحہ سلوڪ ۾ جڏهن هن جاءِ تي پهتو، تڏهن "**سبحانی ما اعظم شانی**"چيائين، ۽ جڏهن شيخ جنيد بغدادي رحمتہ الله عليه سلوڪ ۾ هن جاءِ تي پهتو تڏهن،

"**ليس فی جبتی سوی الله،**"

چيائين. سيني اوليائن ولايت جي دائري ۾ اهڙا لفظ چيا آهن. ڇاڪاڻ تہ اهو سڪر جو مقام آهي، جڏهن سالڪ الله جي عنايت سان يا پير ڪامل جي مڪمل توجه سان، هن ولايت جي دائري مان پنهنجو پير ٻاهر ڪيندو آهي، ان وقت سالڪ کان سلوڪ جي هن دائره ولايت ۾ جيڪي ظاهر ٿيندو آهي،ان ۾جيڪڏهن ڪا ڳالھ عقل ۽ شريعت جي خلاف هجي تہ ان کان توبه ۽ استغفار ڪرڻ گهرجي. ان وقت طالب تي عتاب نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ سڪر عذر آهي ۽ سڪر وارو معذور آهي، ۽ سڪر جي حالت ۾ جيڪو ان کان ظاهر ٿئي، چاهي قولي هجي، يا فعلي اهو تڪليف جي ڪري ظاهر ٿئي تو، پر اهو ڪلام ٻين جي لاءِ حجت نہ آهي، ۽ ڪنهن جي تقليد جي لائق بہ نہ آهي، ۽ نہ وري مباح آهي. مثنوي:

چون زند ديوانہ زين شيوه لاف
تو زسر ڪوري مڪن با او مصاف

ترجمو: جڏهن مٿي ڦريل چريو ان طريقي سان ٻٽاڪ هڻي تہ توکي انڌو ٿي اهڙي چريئي واريون وصفون اختيار نہ ڪرڻ گهرجن.

تو زبان از شيوه او دور دار
عاشق ديوانہ را معذور دار

ترجمو: تون انهن جي ذائقي کان زبان کي پري رک، ديواني عاشق تي ميارنہ رک.

عاقلان را شرع تکليف آمده است
بي دلان را عشق تشريف آمده است

ترجمو: عاقلن تي شريعت جو حساب لاڳو آهي بي دلين وٽ عشق جو سامان آيل آهي.

لاجرم ديوانہ را گرچہ خطا است
هرچہ مي گويد بگستاخي رواست

ترجمو: يقينا ديوانو جيتوڻيڪ خطا وارو آهي، گستاخي ۽ بي ادبي سان جيڪي چوي، ان کي اهو جائز آهي.

اولياءَ جي هن جماعت کي "عزلت" چوندا آهن ۽ اهي ڪمال جي مقام جا صاحب آهن، صاحب مقام تڪميل نہ آهن ۽ اهي سنت کي ويجها آهن، انهيءَ ڪري کين "قرب السنت" چيو ويندو آهي، يعني سنت جو مرتبو ڄاڻن ٿا، اهو قرب فرعي صفتن سان آهي.

جڏهن سالڪ ان کان مٿي عروج ڪندو آهي ۽ ڪجهہ وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، تڏهن پهريان ان کي صفات فرعيہ جا پاڇا لڳولڳ ايندا آهن، ان کي "صفات زوائد" چوندا آهن. جڏهن سالڪ ان کان لنگهندو آهي، ۽ ڪجهہ وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي،ان وقت اهي صفتون پنهنجي چهري تان پردو هٽائينديون آهن، جڏهن سالڪ اتان کان گذرندو آهي، ۽ ڪجهہ وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي. ان وقت صفتن جو نور منهن ڏيکاريندو آهي. وري جڏهن سالڪ اتان کان عبور ڪندو آهي ۽ ڪجهہ وقت سلوڪ طئي

ڪندو آهي، ان وقت اهي فرعي صفتون جلوه گر ٿينديون آهن. جڏهن سالڪ اتان ڪان لنگهندو آهي، ۽ ڪجھ وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت انهن صفتن جون حقيقتون روشن ٿينديون آهن. وري جڏهن سالڪ ان ڪان عروج ڪندو آهي ۽ ڪجھ وقت اهو سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت ”ولايت ڪبريٰ“جودائرو ايندو آهي، اهو اڪمل اوليائن لاءِ آهي ۽ انهيءَ ولايت جي دائري ۾ سڪر مغلوب ۽ صحو غالب آهي [٨١]. ۽ جيڪي ڪجھ سلوڪ جي دائري ۾ هتي سالڪ ڪان ظاهر ٿيندو آهي، چاهي اهو قولي هجي يا فعلي هجي، اهو نيڪ ۽ صحيح آهي. ان ۾ ڪابہ غلطي ۽ خطا نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ اهي ”صديق“ جي مقام ڪي ويجها آهن. ۽ صديق جو مقام انبيائن جو قرب رکي ٿو ۽ جڏهن سالڪ سلوڪ طئي ڪري ٿو ۽ ان جاءِ تي پهچي ٿو، ان وقت خدا جي حفاظت ۾ محفوظ رهي ٿو. نفس ۽ شيطان جي مڪر ۽ شر ڪان محفوظ ۽ مامون رهندو آهي، ۽ هن مقام تي سالڪ جي دل درگاهہ الاهي جي فيوضات جو محل هوندو آهي. هن مقام تي سالڪ جي دل ۾ جيڪي ايندو آهي، اهو رحماني هوندو آهي، شيطاني ڪونہ هوندو آهي ۽ شيطان ڪي ان ٽولي ڏانهن وڃڻ جو رستو نہ آهي. **بيت**

دل يکي منظر يست رباني

خانہ ديو را چہ دل خواني

ترجمو: دل هڪ رباني منظر آهي، ديو جي گهر جي ڪهڙي دل پڙهندين.

هن ٽولي جي اوليائن ڪي اولياءَ عشرت چيو ويندو آهي ۽ هو تڪميل جي مقام جا صاحب هوندا آهن. ۽ تڪميل جي مقام جا پنج درجا آهن. هڪڙو درجو اولياءَ مڪمل لاءِ آهي، ٻيہ انبياءَ غير مرسلن لاءِ آهي، ٽيون انبياءَ مرسلن لاءِ آهي، چوٿون اولو العزم نبين لاءِ ۽ پنجون خاتم النبيين لاءِ آهي. هر هڪ مرتبي ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق آهي. وري هر هڪ مرتبي جا ٽي درجا آهن، پهريون درجو مريدن جو آهي، ٻيو درجو قرار وارن جو آهي،

ٽيون درجو اغنياءَ جو آهي، ۽ ان مرتبي کي قرب چوندا آهن، ۽ قرب الواجبات بہ چوندا آهن. يعني واجب جو مرتبو رکي ٿو ۽ هي قرب اصولي صفاتي اسمائن سان آهي، صفاتي اسماءَ هي آهن:

مکون، متکلم، بصير، سميع، مريد، قادر، عالم، حي.

نبي ان کي چوندا آهن جيڪو هاتف (غيبي آواز) جي خواب سان يا الهام جي حڪم سان ڪم ڪري ۽ صاحب ڪتاب شريعت جو نہ هجي، پر ٻي شريعت ۽ ڪتاب واري پيغمبر جي پيروي ڪري ۽ رسول ان کي چوندا آهن جيڪو صاحب ڪتاب ۽ جدا شريعت جو صاحب هجي ۽ اولو العزم ان کي چوندا آهن. جيڪو وحي جو صاحب، شريعت ۽ ڪتاب جو صاحب ۽ قتال جي حڪم وارو هجي. خاتم النبي ان کي چوندا آهن. جنهن کان پوءِ ڪو نبي مبعوث نہ ٿئي ۽ ان جو ڪتاب حقيقتن ۽ رازن رمزن ۽ لطيفن ۽ ٻين سيني پيغمبرن جي شريعت ۽ پيغمبرن جي شريعت جي رازن جو جامع هجي، ۽ سيني پيغمبرن جي مرتبن کان اهو نبي جامع هجي. اهڙا ڇهہ نبي اولوالعزم آهن. (1) حضرت آدم عليه السلام (2) حضرت نوح عليه السلام (3) حضرت ابراهيم عليه السلام (4) حضرت موسيٰ عليه السلام (5) حضرت عيسيٰ عليه السلام (6) حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ. ٽي سئو تيرهن رسول هئا، هڪڙو خاتم الانبياءَ ۽ ٻيا پيغمبر هئا. جڏهن سالڪ ولايت جي هن دائري مان لنگهندو آهي ۽ ڪجهہ وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي،ان وقت پهريان ان کي اسماءَ صفات اصولي جا پاڇا سامهون ٿيندا آهن. جڏهن سالڪ اتان کان لنگهندو آهي، ۽ ڪجهہ وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت [٨٢] انهن صفتن جا آثار ان تي جلوو ڪندا آهن. جڏهن سالڪ اتان کان عروج ڪندو آهي، ۽ ڪجهہ وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت اسماءَ صفات جون صورتون پنهنجي مُنهن تان پردو لاهينديون آهن، ۽ جڏهن سالڪ اتان کان عبور ڪندو آهي ۽ چند ڏينهن سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت اسماءَ صفات نظر اينديون آهن. جڏهن سالڪ اتان کان لنگهندو آهي، ۽ ڪجهہ وقت سلوڪ طئي ڪندو

آهي، ان وقت صفاتي اسماءَ ظاهر ٿيندا آهن. پوءِ جڏهن سالڪ ان جاءِ تان عروج ڪندو آهي، ۽ ڪجهه وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت انهن صفاتي اسمن جون حقيقتون تجلي ڪنديون آهن. جڏهن سالڪ اتان ڪان عبور ڪندو آهي ۽ ڪجهه وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت سالڪ کي دائره ڪمالات ولايتہ الاولياءَ عليهم السلام پيش ايندو آهي، ۽ ان دائري جا ٻہ قسم آهن. پهريون اولياءَ مڪمل لاءِ آهي، ۽ ٻيو اولياءَ اڪمل لاءِ آهي. ۽ جڏهن سالڪ الله جي عنايت سان سلوڪ ۾ هن جاءِ تي پهچي ٿو، ان وقت ٻنهي قسمن جي اوليائن جي ڪمالات ولايت جو سير ڪري ٿو. جڏهن سالڪ سلوڪ ۾ ان منزل ڪان لنگهي ٿو ۽ ڪجهه وقت سلوڪ طئي ڪري ٿو، ان وقت سالڪ اجتهاد ۽ سلوڪ جو پير صحابہ جي مقام ۾ رکندو آهي، ۽ ان جا چند درجا آهن. جنهن جو پنهنجو پنهنجو درجو آهي. صديق اڪبر جو درجو اعليٰ ۽ اعظم (سڀ ڪان وڏو آهي) سيني صحابن جي درجي ڪان مٿي آهي، ڇاڪاڻ تہ صديق نبي ڪان پوءِ سيني اوليائن، عالمن ۽ صحابين ڪان مٿي آهي، ۽ صديق ڪان پوءِ عمر فاروق آهي، ان ڪان پوءِ عثمان بن عفان آهي، ان ڪان پوءِ علي ابن ابي طالب رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين ۽ مقام صحابہ انبياءَ عليهم السلام کي ويجهو آهي، ۽ صحابي ولايت اولياءَ ۽ انبياءَ ۾ مشترڪ آهن، ٻنهي جي ولايت مان حصو وٺن ٿا، چاهي ولايت ڪبريٰ هجي يا عليا هجي. جڏهن سالڪ اتان ڪان عروج ڪندو آهي، ۽ ڪجهه وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت سالڪ کي ولايت عليا جو دائرو پيش ايندو آهي، ۽ اهو دائرو ولايت انبياءَ عليهم السلام جي علوم ۽ عفو سان ڀريل آهي، هن ڪمال جي دائري ۾ صحو جو خالص شراب آهي، جنهن ۾ سڪر جي بوءِ بہ نہ آهي، بلڪ سڪر هتي محو ۽ معدوم آهي، ۽ هن ولايت جي دائري جا چار طبقا آهن. پهريون طبقو انبياءَ غير مرسل جو آهي، ٻيو طبقو انبياءَ مرسل جو آهي، ٽيون طبقو [٨٣] انبياءَ اولو العزم جو آهي، چوٿون طبقو خاص خاتم الانبياءَ لاءِ آهي. جڏهن سالڪ سلوڪ ۾ هن جاءِ تي ايندو آهي، ان وقت انبياءَ عليهم

السلام جي چئني طبقن جي ولايت جو سير ڪندو آهي ۽ قرب جي اُن مرتبي جو نالو، "قرب الفرائض وقتي" آهي اهو اصولي صفات جو قرب آهي، انهن طبقن جي شڪل هن طرح آهن.

ان ڪان پوءِ جڏهن سالڪ عروج ڪندو آهي ۽ ڪجهه ڏينهن سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت دائره ڪمالات نبوة انبياءَ ڪيس ڏسڻ ۾ ايندو آهي ۽ ان جا چار قسم آهن. پهريون قسم انبياءَ غير مرسل لاءِ آهي، ٻيو قسم انبياءَ مرسل آهي، ٽيون قسم انبياءَ اولو العزم لاءِ آهي، چوٿون قسم خاص محمد مصطفيٰ ﷺ جن لاءِ آهي جنهن بي شڪل هن طرح آهي:

جڏهن سالڪ الله جي عنايت سان، هن جاءِ تي پهچندو آهي، ان وقت ڪمالات انبياءِ عليهم السلام جي چئني قسمن جو سير ڪندو آهي، اولياءَ الله جو وصل مطلق هوندو آهي، پر انبياءَ عليهم السلام جو وصل عرياني هوندو آهي، علىٰ تفاوت درجاتهم. ۽ ڪن تابعن ڪي بہ وصل عرياني مان ڪا شيءِ نصيب ٿيندي آهي. والله اعلم.

آثار باري تعاليٰ جي وحدت ۾ سنڌي بيت:

آثارين اله جي، اندر ڪيو اُهاءُ
اُپٽيا اهج عنايت جي، سنڌي تنهن شعاع
تين ڪهيا ڪارونيار ڏي، متي وه وهيا
سندا تن تڪيا، وجي ڪُنتُ ڪَنزُ تيا

باب ارڙهون

الله تعاليٰ جي اصولي صفتن جي بيان ۾

اي عزيز! ڄاڻ ته باري تعاليٰ جون اصولي صفات اٺ آهن ۽ هر هڪ جا پنج فروع آهن. جڏهن سالڪ الله جي عنايت سان سلوڪ طئي ڪندو آهي ۽ الله تعاليٰ جي وحدت وارين منزلن تان گذرندو آهي، ان وقت خدا جي اصولي صفات جون منزلون منهن ڪيديون آهن. پهرين منزل ۾ سالڪ کي صفت تڪوين جو دائرو پيش ايندو آهي،ان کان جڏهن عروج ڪندو آهي، ۽ ڪجهه وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت صفت تڪوين جو پاڇو ايندو آهي، ان کان پوءِ سالڪ جڏهن اڳتي لنگهندو آهي، ۽ ڪجهه وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت ان صفت جو اثر منهن ڪيندو آهي. جڏهن سالڪ ان منزل تان لنگهندو آهي، ۽ ڪجهه وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت ان صفت جو نور پنهنجي چهري کان پردو هٽائيندو آهي، جڏهن سالڪ ان کان لنگهندو آهي، ۽ ڪجهه وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت خود صفت تڪوين ظاهر ٿيندي آهي.

جڏهن سالڪ اها منزل عبور ڪندو آهي ۽ ڪجهه وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت صفت جي حقيقت جلوه گر ٿيندي آهي. ان کان پوءِ سالڪ کي صفت ڪلام جو دائرو پيش ايندو آهي، ۽ جڏهن سالڪ ان کان عروج ڪندو آهي ۽ ڪجهه وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت ان صفت جو پاڇو ايندو آهي. جڏهن سالڪ ان منزل کان اڳتي لنگهندو آهي، ۽ ڪجهه فضا سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت ان صفت جو پاڇو ايندو آهي. جڏهن سالڪ ان منزل کان اڳتي لنگهندو آهي، ۽ ڪجهه فضا سلوڪ جي طئي ڪندو آهي، ان وقت ان صفت جو اثر ٻاهر ايندو آهي. جڏهن سالڪ اها منزل عبور ڪندو آهي، ۽ ڪجهه وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت ان صفت جو نور پنهنجي چهري تان پردو هٽائيندو آهي. ان کان پوءِ جڏهن سالڪ اها منزل عروج ڪندو آهي، ۽ ڪجهه وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي،

ان وقت خود صفت ڪلام ظاهر ٿيندي آهي، ان کان پوءِ جڏهن سالڪ اها منزل لنگهندو آهي ۽ ڪجهه وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت ان صفت جي حقيقت جلوه گر ٿيندي آهي، ان کان پوءِ سالڪ کي صفت بصيرت جو دائرو پيش ايندو آهي.

جڏهن سالڪ اها منزل عروج ڪندو [٨٤] آهي ۽ ڪجهه وقت ان منزل ۾ سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت اها صفت منهن ڏيکاريندي آهي. ان کان پوءِ سالڪ جڏهن ان منزل کان لنگهندو آهي، ۽ ڪجهه وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت ان صفت جو اثر جلوو ڪندو آهي. جڏهن سالڪ ان منزل کان عروج ڪندو آهي، ان وقت ان صفت جو نور منهن ڏيکاريندو آهي، ان کان پوءِ جڏهن سالڪ اها منزل عبور ڪندو آهي، ۽ ڪجهه وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت خود اها صفت بصر پنهنجي منهن تان پردو هٽائيندو آهي، ان کان پوءِ جڏهن سالڪ ان جاءِ تان لنگهندو آهي، ۽ ڪجهه وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت ان صفت جي حقيقت ان تي جلوو ڪندي آهي.

ان کان پوءِ سالڪ کي "صفت سمع" جو دائرو پيش ايندو آهي. جڏهن سالڪ ان منزل کان عروج ڪندو آهي، ۽ ڪجهه وقت ان منزل ۾ سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت ان صفت جو پاڇو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. ان کان پوءِ جڏهن سالڪ ان منزل تان لنگهندو آهي، ۽ ڪجهه وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت ان صفت جو اثر منهن ڏيکاريندو آهي. جڏهن سالڪ ان منزل تان لنگهندو آهي، ۽ ڪجهه وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت ان صفت جو نور پنهنجي منهن تان پردو لاهيندو آهي. ان کان پوءِ جڏهن سالڪ اتان کان عروج ڪندو آهي، ۽ ڪجهه وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت خود اها "صفت سمع" جلوه گر ٿيندي آهي.

ان کان پوءِ جڏهن سالڪ ان منزل کان عروج ڪندو آهي، ۽ ڪجهه وقت ان منزل ۾ سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت ان صفت جي حقيقت منهن ڪڍندي آهي. ان کان پوءِ سالڪ کي "صفت اراده"جو دائرو پيش ايندو

آهي، جڏهن سالڪ ان منزل کان عروج ڪندو آهي، ۽ ڪجهه وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت ان صفت جو پاڇو سامهون ايندو آهي. جڏهن سالڪ ان منزل تان گذرندو آهي، ۽ ڪجهه وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت ان صفت جو اثر پنهنجي چهري تان پردو هٽائيندو آهي. ان کان پوءِ جڏهن سالڪ ان منزل کان عروج ڪندو آهي ۽ ڪجهه وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت ان صفت جو نور جلوه گر ٿيندو آهي. ان کان پوءِ جڏهن سالڪ اها منزل عروج ڪندو آهي، ۽ ڪجهه وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، تڏهن خود اها صفت اراده ٻاهر ايندي آهي. ان کان پوءِ سالڪ جڏهن ان منزل تان گذرندو آهي، ۽ ڪجهه وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت ان صفت جي حقيقت جلوه گر ٿيندي آهي. ان کان پوءِ سالڪ کي "صفت قدرت" جو دائرو پيش ايندو آهي. جڏهن سالڪ اها منزل عبور ڪندو آهي، ۽ ڪجهه وقت ان منزل ۾ سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت ان صفت جو پاڇو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. پوءِ جڏهن سالڪ ان منزل تان لنگهندو آهي، ۽ ڪجهه وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت ان صفت جو اثر جلوه گر ٿيندو آهي.

ان کان پوءِ جڏهن سالڪ اها منزل عروج ڪندو آهي، ان وقت خود اها صفت قدرت ظاهر ٿيندي آهي، پوءِ جڏهن سالڪ اتان کان عروج ڪندو آهي ۽ ڪجهه وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت ان صفت جي حقيقت پنهنجي چهري تان پردو هٽائيندي آهي. ان کان پوءِ سالڪ کي صفت علم جو دائرو پيش ايندو آهي [٨٥]. جڏهن سالڪ ان منزل کان عروج ڪندو آهي، ۽ ڪجهه وقت ان منزل ۾ سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت ان صفت جو پاڇو ٻاهر ايندو آهي، پوءِ جڏهن سالڪ اتان کان اڳتي گذرندو آهي ۽ چند ڏينهن سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت ان صفت جو اثر جلوه گر ٿيندو آهي. پوءِ جڏهن سالڪ اتان کان عبور ڪندو آهي، ۽ ڪجهه وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت ان صفت جو نور سالڪ تي تجلي ڪندو آهي. پوءِ جڏهن سالڪ ان منزل کان عبور ڪندو آهي ۽ ڪجهه وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت خود اها صفت جلوه گر ٿيندي آهي. پوءِ جڏهن سالڪ

ان منزل کان اڳتي لگھندو آھي، ۽ ڪجھ وقت سلوڪ طئي ڪندو آھي، ان وقت ان صفت جي حقيقت سالڪ تي تجلي ڪندي آھي.

ان کان پوءِ "صفت حيات" جو دائرو ايندو آھي. جڏھن سالڪ اھا منزل عبور ڪندو آھي، ۽ ڪجھ وقت سلوڪ طئي ڪندو آھي. ان وقت ان صفت جو پاڇو منھن ڪڍندو آھي. پوءِ جڏھن سالڪ اھا منزل عبور ڪندو آھي، ۽ ڪجھ ڏينھن سلوڪ طئي ڪندو آھي، ان وقت ان صفت جو اثر جلوه گر ٿيندو آھي. پوءِ جڏھن سالڪ ان منزل کان لنگھندو آھي، ۽ چند ڏينھن سلوڪ طئي ڪندو آھي، ان وقت ان صفت جو نور جلوه گر ٿيندو آھي. ان کان پوءِ جڏھن سالڪ ان منزل کان لنگھندو آھي ۽ ڪجھ ڏينھن سلوڪ طئي ڪندو آھي، ان وقت خود اھا "صفت حيات" ٻاھر ايندي آھي. پوءِ جڏھن سالڪ اھا منزل عبور ڪندو آھي، ۽ ڪجھ وقت سلوڪ طئي ڪندو آھي، ان وقت ان صفت جي حقيقت ظاھر ٿيندي آھي.

انبياءَ عليھم السلام کي اصولي صفات جي حقيقت نصيب آھي. چاھي اھو مرتبو نبوت جي دولت وارو ھجي يا ولايت جي دولت وارو ھجي. **عليٰ تفاوت درجاتھم.** انھن جي روحن جو ظھور انھن اصولي صفتن جي نورن مان آھي، ۽ انبياءَ غير مرسل جو نصيب صفت تڪوين ۽ صفت ڪلام ۽ صفت بصر مان آھي، ۽ انھن جا روح انھن صفتن جي نورن مان آھن. انبياءَ مرسل جو حصو صفت سمع ۽ ارادن مان آھي، ۽ انھن جا روح انھن صفتن جي نورن مان آھن، ۽ انبياءَ اولوالعزم جو نصيب صفت قدرت ۽ صفت علم مان آھي، ۽ انھن جا روح انھن صفتن جي نورن مان آھن، ۽ محمد مصطفيٰ ﷺ جو نصيب خاص صفت حيات مان آھي، ۽ ھن افضل البشر جو روح پڻ ھن صفت حيات جي نور مان آھي، ۽ اولياءَ ۽ امت جا علماءَ انھن جو نصيب صفات زوائد فروعيہ مان آھي، ۽ پنھنجي منصب مطابق آھي، ۽ انھن جا روح پڻ انھن صفتن جي نورن مان آھن، ۽ ڪن جو اصولي صفات مان بہ حصو آھي، جيئن اوبارو ھوندو آھي، اھو ڪمال تابعداريءَ جي ڪري انھن کي نصيب ٿيو آھي، ۽ انھن جي ارواحن جو

ظهور انهن اصولي صفتن جي پاڇي مان آهي، ۽ ٻي مخلوق جو فروعي صفات جي پاڇي مان حصو آهي. **على الاستعداد.** ۽ انهن جا روح انهن صفتن جي نورن مان آهن. جانورن ۽ پکين کان هي بهتر آهن. ۽ هر هڪ ٽوليءَ کي پنهنجي اصل مطابق علم ۽ عقل ڏنو ويو آهي، سڄي جهان کي ان تي قياس ڪريو. [٨٦]

جڏهن سالڪ، الله جي توفيق سان سلوڪ طئي ڪري، هن جاءِ تي پهچندو آهي، ان وقت ڄڻ تہ وحدت جي درياءَ جي ڪناري تي بيٺل آهي، ۽ درياءَ جي گهرائي ۽ ڇوليون اڳتي آهن. والله اعلم. باري تعاليٰ جي اصولي صفات تعريف ۾ سنڌي بيت:

اصولي صفاتين "الله" جي' سٽجا گهٽا پار
نہ اوءِ عين ذات سي، نہ سي ذاتيان ڌار
قديم قادر سين او، آهين اهي پار
هي جي نرتا نور نبار، پيئاسي پاڪ پَرمَل ۾

باب اٺويهون

باري تعاليٰ جي وحدت ۽ سلوڪ جي اشارن بابت

اي عزيز! ڄاڻ تہ جڏهن سالڪ الله تعاليٰ جي عنايت سان يا پير ڪامل ۽ مڪمل جي توجه سان يا مرشد تام الرشاد جي رهنمائي ۾ وحدت باري تعاليٰ جو سلوڪ طئي ڪندو آهي، ۽ هن بي نهايت جهان ۾ اجتهاد جو پير رکندو آهي، ان وقت سالڪ کي پهريان نور ذاتيءَ جو مشاهدو ٿيندو آهي. پوءِ جڏهن ان منزل کان اڳتي لنگهندو آهي ۽ ڪجهہ وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت ذات باري جي اعتبارات ۽ شيون جو مشاهدو ان تي ظهور ڪندو آهي. پوءِ جڏهن سالڪ اها منزل عروج ڪندو آهي، ۽ ڪجهہ وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت تجليات ذاتيه جو مشاهدو پنهنجي چهري تان پردو هٽائيندو آهي. جڏهن سالڪ ان منزل تان لنگهندو آهي، ۽ ڪجهہ وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت ذات پاڪ بي چون، بي چون طريقي سان ٻاهر ايندي آهي. پوءِ جڏهن سالڪ اها منزل عروج ڪندو ۽ ڪجهہ ڏينهن سلوڪ طئي ڪندو، ان وقت اهو ٻانهو خدا جو ذاتي قرب حاصل ڪندو، جنهن کي هن رستي جا سالڪ "قرب الفرض دائمي" چون ٿا. يعني هميشه دائمي فرض جو درجو رکي ٿو ۽ اهو قرب عين ذات خداوند پاڪ جو آهي، ۽ خاص محمد مصطفيٰ ﷺ کي حاصل آهي، ۽ قرب جي ان قسم کي قرب اعظم ۽ ڪمال وصال چوندا آهن. ٻين انبيائن ۽ اوليائن کي اهو قرب نصيب نہ آهي، جيڪڏهن ڪو مثال سان سمجهڻ چاهي تہ تابعداري سبب ۽ قولي فعلي ۽ اعتقادي مطابقت جي ڪري ڪنهن کي اوبارو نصيب ٿئي تہ وڏي ڳالهہ آهي. **مثنوي:**

هرڪہ در راهہ محمد رہ نيافت
تا ابد گردي ازين درگہ نيافت

ترجمو: جنهن محمد ﷺ جو رستو نہ ڏٺو، قيامت تائين پيو رلندو پر
ان گهٽيءَ جو درنہ لهندو.

دولت دنيا و دين درگاهہ اوسہ
انبياءَ را قبله خلوت گاه اوست

ترجمو: دين ۽ دنيا جي دولت اها درگاه آهي، انبيائن جي قبلي جي
خلوت گاه اها آهي.

دولت آن جا جوي و دين آن جا طلب
مرجع اهل يقين آن جا طلب

ترجمو: دولت ان جاءِ تي ۽ دين ان جاءِ تي طلب ڪر، يقين وارن جي
مرجع بہ اتي طلب ڪر.

پوءِ جڏهن سالڪ ان ڪان اڳتي گذرندو آهي ۽ ڪجهہ وقت سلوڪ
طئي ڪندو آهي، ان وقت سالڪ کي ذاتي عرفان حاصل ٿيندو آهي، جنهن
جا چند مرتبا آهن، هر هڪ ٽولو پنهنجي مرتبي مطابق گهرندو آهي، جڏهن
سالڪ سلوڪ ۾ هن مقام تي پهچندو آهي، ان وقت عارف تام المعرفت
ٿيندو آهي. **فرد:**

عقل بي کحل آشنائي او
بي خبر بود از خدائي او

ترجمو: اهڙو عقل جيڪو ان جي سڃاڻپ واري سرمي سان پريل
ناهي، اهو سندس خدائيءَ کان بہ بي خبر ٿي رهندو.

پوءِ جڏهن سالڪ هتان کان عروج ڪندو آهي ۽ ڪجهہ وقت سلوڪ
طئي ڪندو آهي، ان وقت وقوف ذاتي ان تي ظاهر ٿيندو آهي. پوءِ جڏهن
ان کان عبور ڪندو آهي، ۽ ڪجهہ وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت
[٨٧] ذاتي ڪمال پنهنجي چهري تان پردو هٽائيندا آهن. جڏهن سڪ الله
جي توفيق سان هتي پهچندو آهي، ان وقت ماسويٰ دائري کان سواءِ سيئي

گھٽيون قطع ڪري سير الي الله ڪي نهايت تي پهچائيندو آهي. اهو سير اسم ظاهر جو هو، باقي اسم باطن جو سير رهيل آهي، ان ڪان پوءِ سالڪ کي فقر حقيقي سامهون ٿيندو آهي. هن جا ٻه مرتبا آهن، هڪڙي مرتبي ۾ جيڪا صورتحال آهي، ان ۾ سالڪ محو ۽ معدوم ٿي ويندو. خدا کان سواءِ ٻي خبر ڪونه هوندي اٿس، الله جي ذات ۾ توجه ڪان سواءِ ٻيا خيال ختم ٿي ويندا آهن. ڪاڏي ۽ پيتي وارو انس به باري تعاليٰ سان هوندو اٿس ۽ هم .شه ان جي صحبت ۾ هوندو. **ابيت عند ربى يطعمنى ويسقينى** ۾ ان ڏانهن اشارو آهي ۽ ٻيو مرتبو آهي، الله سان هڪ وجود ٿيڻ، **كل قول قول الله وكل فعل فعل الله**. يعني جڏهن هر قول الله جو قول هجي ۽ هر فعل الله جو فعل ٿئي.

اذا قال قال الله واذا ذكر ذكرالله واذا اسكت سكت الله. يعني جڏهن هن جو ڳالهائڻ الله جو ڳالهائڻ هجي، جڏهن هن جو ذڪر الله جو ذڪر هجي ۽ هن جي خاموشي الله جي خاموشي هجي.

انهن جي صفت آهي،

اذاتم الفقرفهوالله، يعني جڏهن فقر مڪمل ٿيو ته پوءِ الله جي ذات باقي آهي.

انهن جو حال آهي.

فقر جو مقام عالي ۽ اعليٰ آهي، ٻين مقامن مان ڪو اهڙو مقام نه آهي، جيڪو هن سان ڪا نسبت رکندو هجي. ڇاڪاڻ ته ٻيا ڪي گهٽ ته ڪي وڌيڪ آهن. **نظم:**

مقام فقر بس عالي مقام است
مني وما دران منزل حرام است

ترجمو: فقر جو بس عالي مقام آهي، مون ۽ اسان انهيءَ منزل ۾ حرام آهي.

بجز صادق نيايد ره بدان سوئي
بجز عاشق نگنجد کس دران کوئي

ترجمو: عاشق صادق کان سواءِ کو هن پاسي کونہ ايندو آهي، عاشق کان سواءِ کو هن گهٽيءَ ۾ کونہ گهڙندو آهي.

طريقت فقر را راهي هست مشکل
بيابد توشہ آن راهہ در دل

ترجمو: فقر جي طريقت وارو رستو مشکل آهي، ان رستي جو سامان دل ۾ سانڍيو پوي ٿو.

در آن وادي بسي گمراهہ گشتند
يقين دان توشہ آن راه نبردند

ترجمو: گهڻا ان واديءَ ۾ گمراهہ ٿيا. ٿين ڄاڻ تہ ان رستي جو سامان نہ کنيو هيائون.

بجان بايد برفت آن ره نہ از پائي
آنجا بار نيست جان ده تو آن جائي

ترجمو: پيرن سان نہ پر جان سان هلڻ جو اهو رستو آهي، اتي کو بار ناهي ۽ هي جاز قربان کري ڇڏ.

شکم پرور چہ داند اين سخن را
مگر آن کس کہ بازد جان تن را

ترجمو: پيٽ پرور هن ڳالهہ کي ڇا ڄاڻي، پر اهو جيکو جان ۽ بدن سان بازي کيڏي.

ميان کفر ايمان راهہ فقر است
کہ آن ره سخت دور و پُرخطر است

ترجمو: کفر ۽ ايمان جي وچ ۾ اها فقر جي راهہ آهي، اها راهہ سخت

پري آهي ۽ خوف خطرن سان ڀريل آهي.

جڏهن سالڪ ان کان عبور ڪندو آهي، ۽ ڪجهه وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت سالڪ فڪر ۽ رب تعاليٰ جي ڪمال جو منهن ڏسندو آهي.

قال النبی ﷺ تفکر ساعة خير من عبادة سنة.

۾ ان فڪر ڏانهن اشارو آهي يعني حضور ﷺ جن ارشاد فرمايو ته هڪڙي گهڙي فڪر ڪرڻ هزار سال جي عبادت کان بهتر آهي.

جڏهن سالڪ جو سلوڪ هن جاءِ تي پهچندو آهي، ان وقت "سير في الله" جي گهٽيءَ ۾ داخل ٿيندو آهي، ۽ اهو سير اسم باطن جي سير جو نالو آهي. ان وقت سالڪ کي فقط باري تعاليٰ جو سلوڪ پيش ايندو آهي، جنهن ۾ ڪو به اسم، صفت، نور، شان، ۽ اعتبار ۽ تجلي ڪمال ڪونه هوندو آهي، ان کي وجود مطلق چوندا آهن ۽ خدا وند پاڪ جي ذات جي صفت رحماني، رحيمي، غفوري، شڪوري ۽ حليمي هن جاءِ تي نه آهي، اتي سڀ صفتون هڪ آهن ۽ هڪ ذات ٿيون آهن. [۸۸] فرد:

ذات حق بصد صفات بخوان
لیک ذات صفات را یک دان

ترجمو: ذات حق جون سئو صفتون چئو، پر ذات صفتن واري هڪ ڄاڻ.

مغز سر بود در این پنهان
نہ بیان دارد نہ نام و نشان

ترجمو: راز جو مغز ان ۾ لڪل آهي، جيڪو نه بيان ۾ اچي ٿو ۽ نه نالو ۽ نشان اٿس.

راز جو اهو نڪتو مخفي آهي، جيڪو ڪو به نٿو ڄاڻي ۽ سمجهي، **الاماشاء الله سبحانه وتعاليٰ.**

جڏهن سالڪ اتان ڪان لنگھندو آهي ۽ ڪجھ وقت سلوڪ طئي ڪندو آهي، ان وقت سالڪ تي حقيقي حيرت جلوه گر ٿيندي آهي، جنهن جو مرتبو سلوڪ جي گھٽڻ طريقن ڪان مٿانهون آهي، ۽ حيرت جا ٻه قسم آهن، هڪ اها حيرت سير ۾ پيش ايندي آهي، جنهن کي فقط حيرت چوندا آهن، ۽ ان جو رستو توجيه ۽ تعبير آهي، ٻي حيرت اها آهي، جيڪا سالڪ کي باري تعاليٰ جي رستي ۾ منهن ڏيکاريندي آهي، جنهن کي حقيقي حيرت چوندا آهن، ۽ ان رستي ۾ تعبير ۽ توجيه نه آهي. **فرد**

هرکه را درپيش اين مشکل بود

چون تواند کرد گر صد دل بود

ترجمو: جنهن کي اها مشڪل پئي هجي، جڏهن ڪري سگھي ته سئو دليون گھرجن.

ان کان پوءِ نادانستگي آهي، جيڪا سيني علمن ۽ عقلن جي انتها آهي. اها منهن ڏيکاريندي آهي، ان جو گھٽڻ سالڪن وٽ وڏو مرتبو آهي.

لکيلا يعلم من بعد علم شيئا.

۾ ان ڏانهن اشارو آهي، يعني الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته ڄاڻڻ کان پوءِ ڪجھ نٿا ڄاڻن، انهيءَ ڪري واقفيت وارا چون ٿا ته **علم العلم هوالجهل من العلم.** يعني علم جو علم آهي ته علم کان اڻڄاڻ ٿئي. **بيت:**

ٻُجھي تيئن اٻوجھ، ڄاڻ وڃائي پاهنجو

هونئين جي سٻوجھ، ته ٻُجھ ۾ ٻڙيءَ جيترو.

بيت

علم ايشان زير ناداني بود

گنج آري هم بويراني بود

ترجمو: ناداني هيٺان علم هوندو آهي، گنج ۽ خزانو ويراني ۾ هوندو آهي.

ان کان پوءِ سالڪ کي محو منهن ڏيکاريندو آهي، ۽ محو جا ٻه قسم آهن، هڪ محو ۽ ٻيو محو المحو. محو جو مطلب آهي ته سالڪ جي ذات جو نور خدا جي نور ۾ محو ٿي وڃي، پر ان جو ڪجهه اثر باقي هجي، جيئن لوڻ جو ذرو پاڻيءَ ۾ ڳري وڃي، پر ان جي ڪاراڻ باقي هوندي آهي، جنهن جو نالو سالڪ "فنا جي راهه" رکن ٿا. پر مڪمل فنا نه آهي، ۽ محو المحو جو مطلب آهي ته سالڪ جي ذات جو نور خدا جي ذات جي نور ۾ اهڙو محو ٿي وڃي جو ان جو ڪوبه اثر باقي نه رهي، جيئن لوڻ جو مزو ۽ ذائقو پاڻيءَ ۾ نه رهي. هن کي پوري فنا ۽ محو ڪمال چوندا آهن.

وفنا ذاتك في الذات. يعني تون پنهنجي ذات کي ذات (خداوندي) ۾ فنا ڪر.

انهن جو حال آهي جو انهن جا پير اتي پهتا آهن. ان کي ذاتي فنا چوندا آهن، ۽ هن محويت ۾ مثال کان سواءِ ٻيو بيان نه آهي، انهيءَ ڪري هي فقير (لطف الله قادري) مثال بيان ڪري ٿو. **فرد**

محو باید بود در هر دو سرائي
پائي از سر ناپديد و سر ز پائي

ترجمو: اتي ٻئي جهان محو ٿي وڃن ٿا، مٿو پيرن کان ۽ پير مٿي کان گم ٿي وڃن ٿا.

ان کان پوءِ سالڪ حقيقي بقا جي رستي تي پهچي ٿو جنهن کي سالڪ بقا جي باغ جو رستو پڻ چون ٿا. اها خاص طالبن جي جنت آهي. جڏهن سالڪ سلوڪ طئي ڪندي، هن جاءِ تي پهچندو آهي، ان وقت سالڪ الله جو وجود لهندو آهي، ۽ ابدي حياتيءَ سان زنده ٿيندو آهي، ۽ هن خطاب هيٺ ايندو آهي.

الا ان اولياء الله لايموتون. يعني خبردار بيشڪ الله جا دوست نٿا مرن.

اتي سالڪ جي ذات قابليت جي مرتبي کي پهچندي آهي. جڏهن سالڪ سلوڪ طئي ڪري هن جاءِ تي پهچندو آهي، ان وقت ذات باري

تعاليٰ جي رازن ۽ حقيقتن جي دروازي تي پهچندو آهي. ان کان پوءِ جيڪڏهن سالڪ کي دائمي مسافت پيش اچي، جنهن جي نهايت ۽ انتها نہ آهي، اهو سلوڪ درياءَ فقر جو آهي. جيڪو ذات پاڪ باري تعاليٰ جي ڪنه جي ڪن ڏانهن وڃي ٿو. ۽ سالڪ جو اهو سلوڪ ائين تيز هوندو آهي، جيئن تير ڪمان مان نڪرندو آهي، ۽ جڏهن سالڪ سلوڪ طئي ڪري هن ذات جي ڪن تي پهچندو آهي، تڏهن پنهنجو پاڻ کي ان ڪن جي پيٽ ۾ سمجهندو آهي، ۽ ائين هوندو آهي. جيئن مڇي پاڻيءَ جي پيٽ ۾ هوندي آهي ۽ سير ڪندي رهندي آهي، ۽ سالڪ ائين هوندو آهي. جيئن سپ سمنڊ جي تري ۾ هوندي آهي، ۽ حقيقي موتي ٿيندي آهي، پر پنهنجي قدر ۽ قيمت جي خبر ڪونہ هوندي اٿس. هن مقام جي سالڪ کي ڪنه جو عارف چوندا آهن، باقي واقف ہي شيءِ آهي. ان کان پوءِ جڏهن سالڪ اتان کان لنگهندو آهي ۽ ڪجهہ وقت ان باطني درياءَ جي ڪن جي پيٽ ۾ سلوڪ طئي ڪندو آهي، تڏهن ڪيس الله تعاليٰ جي ذات جي ڪنه جي واقفيت حاصل ٿيندي آهي، جنهن جو بيان ۽ نشان نٿو ٻڌائي سگهجي. جڏهن سالڪ سلوڪ طئي ڪندو آهي ۽ هن جاءِ تي پهچندو آهي، ان وقت الاهي اسرارن جي ڳجهہ جو محرم ٻڌبو آهي، ۽ جيڪي ڪجهہ هوندو آهي، اهو ڄاڻندو آهي، جيئن ڪنهن سالڪ هن مقام طرف اشارو ڪيو آهي. **فرد:**

مراحرفي است اندر دل اگر گويم زبان سوزد

وگر دم در ڪشم ترسم ڪہ مغز استخوان سوزد

ترجمو: منهنجي دل ۾ اهڙو راز آهي، جيڪڏهن چوان ٿو تہ زبان سڙي ٿي ۽ جيڪڏهن اندر نيان ٿو تہ ڊپ ٿئيم ٿو، تہ مغز ۽ هڏا ساڙي ڇڏيندو.

سالڪ کي هن مقام تي ڪنه جو واقف چوندا آهن ۽ ڪنه جي رازن جي واقفيت ہي شيءِ آهي، ان کان پوءِ سالڪ جيڪو سلوڪ طئي ڪندو آهي، ۽ ان سير ۾ جيڪي شيون ڏسڻ ۾ اينديون آهن. انهن جي [٨٩]

ٻڌائڻ کان زبان گونگي ۽ عقل خيره ۽ علم بند آهي. ڪاٻه اهڙي زبان نہ آهي جيڪا ان کي بيان ڪري سگهي، ۽ ڪوبہ اهڙو علم ۽ عقل نہ آهي، جيڪو ان کي ظاهر ڪري، پر حيرت ۾ حيرت ۽ جهل ۾ جهل ۽ سڪوت درسڪوت آهي، ان جاءِ تي رمز ۽ اشارن جو ڪو سراغ نہ آهي.

لايعلم تاويله الاالله. (۳:۷)

۾ ان ڏانهن اشارو آهي. يعني ان جي تاويل الله کان سواءِ ڪو نٿو ڄاڻي. **فرد:**

از هر طرف ڪہ رفتم جز حيرتم نيفزود

زنهار زين بيابان واين راه بي نهايت

ترجمو: هر طرف جيڏانهن وڃان ٿو نئين حيرت ۾ اضافو ٿئي ٿو. ان بيابان جي ڪا پڄاڻي ڪونهي ۽ نہ رستي جي ڪا انتها آهي.

ان کي عالم الوهيت ۽ ربوبيت جو سير چوندا آهن ۽ جيڪڏهن سالڪ ان سلوڪ ۾ ابدالاباد ۽ دائم المدام سدائين هلندو تہ بہ ان جو دنگ نہ لهندو ۽ اهو مرتبو ذات باري تعاليٰ جي سيني مرتبن کان مٿانهون آهي، ۽ جڏهن سالڪ سلوڪ طئي ڪري هن جاءِ تي پهچندو آهي، ان وقت ڪنه جي رازن جو واقف ٿيندو آهي، پر ڪنه جي رازن جي ڪمال ۽ گهرائپ کي نٿو پهچي. **بيت:**

درين ورطہ ڪشتي فروشد هزار

ڪہ پيدا نہ شد تختہ برڪنار

ترجمو: ان ڪن ۾ ڪيترين ٻيڙين ٻڏي ويون جن جو تختو بہ ٻاهر ڪونہ نڪتو.

ان سير سلوڪ جا چار قسم آهن، هڪ قدمي، اهو پير رکڻ وانگر آهي. ٻيو عروجي اهو پرن سان اڏامڻ وانگر آهي، ٽيون [۹۰] نظري اهو اکين سان ڏسڻ وانگر آهي، چوٿون تاملي اهو دل جي خيال وانگر آهي. سير الي

الله قدمي ۽ عروجي هوندو آهي ۽ سير في الله نظري ۽ تاملي هوندو آهي، ۽ سير الي الله صفات فرعيه ۽ اصوليہ ۾ هوندو آهي، جنهن کي صفات زوائد ۽ حقيقت چوندا آهن، هن جي نهايت ۽ منزلن بابت سالڪن ۾ اتفاق آهي، ۽ سير في الله حقيقت ۾ ذات پاڪ باري تعاليٰ جي اسرارن ۽ ڪنه جي رمزن جي ڳالهہ آهي، جنهن جي ڪا نهايت نہ آهي، جنهن کان ڪابہ مخلوق واقف نہ آهي، چاهي ملائڪ مقرب هجي چاهي نبي ۽ رسول هجن، جنهن بہ ان بيابان ۾ سلوڪ ۽ اجتهاد جو پير رکيو، اهو ابدالاباد ۽ هميشه پيو هلندو جنهن جي انتها آهي ئي ڪونہ. انهيءَ ڪري مشائخ قدس الله اسرارهم فرمائين ٿا تہ، **منازل السالکين لا ينقطع ابدالابدين.** يعني سالڪن جون منزلون ابد جي ابد تائين ختم ٿيڻون ناهن. **بيت:**

اين راهہ را نهايت صورت کي توان يافت

کش صد هزار منزل پيش است دربدايت

ترجمو: ان رستي جي صورت جي انتها ڪنهن ڪونہ ڏٺي آهي، سئو هزار منزلون ختم ٿين تہ بہ اڃا ان جي شروعات پري آهي.

هن سير سلوڪ جا اٺ قسم آهن. پهرين کي سالڪ ڪامل چوندا آهن ۽ ان ۾ بہ دفعا عروج ۽ نزول جو اطلاع مقام ۽ منزلن جي رستي جو ٿيندو آهي، ٻئي کي سالڪ ناقص چوندا آهن، جنهن جو عروج ٿيندو آهي، ۽ نزول ڪونہ ٿيندو آهي. **فرد:**

اگر سالکي محرم راز گشت

نہ بندند بروي دري بازگشت

ترجمو: جيڪڏهن سالڪ راز جو محرم ٿيو تہ ان تي وري هيڪر ڪليل دروازو بند نٿو ٿئي.

پر منزلن ۽ مقامن جي وچ جو رستو لهندو آهي.

ٽين ٽولي جو نالو مجذوب ڪامل آهي ۽ اهو ٻنهي منزلن ۽ مقامن

تي ڪوبہ اطلاع ۽ واقفيت نہ رکندو آهي، چاهي عروج جو مرتبو هجي چاهي نزول جو هجي.چوٿين ٽولي وارا ناقص مجذوب آهن. هنن جو عروج ٿيندو آهي، پر نزول نہ ٿيندو آهي ۽ مقامن ۽ منزلن تي وڃڻ ۾ ڪوبہ اطلاع ڪونہ لهندو آهي. پنجين ٽولي ڪي سالڪ مجذوب چوندا آهن. هنن ڪي عروج جي خبر پوندي آهي ۽ نزول جي نہ پوندي آهي. ڇهين ٽولي ڪي مجذوب سالڪ چوندا آهن، هنن جو عروج اطلاع کان سواءِ هوندو آهي ۽ نزول بہ اطلاع کان سواءِ هوندو آهي. ستين ٽولي ڪي مريد چوندا آهن. هنن کي ڪن منزلن ۽ مقامن جي اچڻ وڃڻ جو پتو پوندو آهي پر مقامن ۽ منزلن جي خبر نہ پوندي آهي.اٺين ٽولي ڪي مراد چوندا آهن ۽ اهي واسطي کان سواءِ سلوڪ طئي ڪندا آهن ۽ پنهنجي مقام ۽ منزل جو پتو رکندا آهن. چاهي عروج ۾ هجي چاهي نزول ۾. هنن کي سالڪ اتم يعني پورو سالڪ چوندا آهن. ۽ هنن جي دعوت سيني لاءِ هوندي آهي، ۽ قيامت تائين رهندي آهي، ڇاڪاڻ تہ اهي مظهر محمدي آهن، **عليه الصلواة والسلام**. **بيت:**

آنها ڪ رهنمائي سلطان شدند
مهتر اندر جهان ايشان شدند

ترجمو: اهي جيڪي رهنمائي جي رستي جا بادشاه ٿيا هن سڄي جهان کان اهي اڳلارا ٿيا آهن.

اهي چارئي ٽولا صاحب دعوت ۽ عشرت آهن. هڪڙا پورا سالڪ، جن جو عروج ۽ نزول ٻئي ٿيندا آهن، ٻيو سالڪ مجذوب جن جو پهريان سلوڪ پوءِ جذبو هوندو آهي، ٽيون مريد جن کي ڪن [٩١] منزلن جو اطلاع ٿيندو آهي، ۽ ڪن جو ڪونہ ٿيندو آهي، ۽ اهي ٽئي ٽولا برائي کان سواءِ منزل تي پهچندا آهن. انهن جي سلوڪ ۽ تربيت جي لاءِ پير ڪامل ۽ مڪمل يا پورو مرشد گهرجي، ۽ انهن ٽنهي ٽولن جي دعوت ڪن لاءِ هوندي آهي، ۽ اها بہ معين ۽ مقرر وقت تائين.ان کان پوءِ منسوخ ٿي ويندي آهي، ڇاڪاڻ تہ اهي حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن کان سواءِ ٻين رسولن

جا مظهر آهن.

چوٿون ٽولو 'مراد' آهي جيڪي واسطي ڪان سواءِ الله تعاليٰ تائين پهچندا آهن، ۽ سيني منزلن ۽ مقامن جو اطلاع لهندا آهن. پوءِ چاهي، عروج جي مرتبي ۾ هجن چاهي نزول جي مرتبي ۾ هجن. ٻئي مرتبا انهن لاءِ برابر آهن. اهي چارئي ٽولا صاحب عزلت آهن، هڪڙو سالڪ ناقص ٻيو ڪامل مجذوب ٽيون ناقص مجذوب، چوٿون مجذوب سالڪ هنن جي برڪت سان مخلوق جا ڪم آسان ٿين ٿا. هنن تي ڪلي سڪر ۽ حال جو غلبو ٿيندو آهي ۽ وچولي ولايت نصيب هوندي اٿن. **فرد:**

هرچہ از مستانہ آيد در وجود

عفو فرمايند زان مستانہ زود

ترجمو: جيڪي ڪجھ مستانو ڪري ٿو ان مستانگيءَ جي ڪري ڪيس جلد معاف بہ ڪيو ويندو آهي.

عاقلان را شرع تڪليف آمده

بي دلان را عشق تشريف آمده

ترجمو: عقل وارن لاءِ شريعت جي تڪليف آهي، بي دلين وٽ عشق جو مرتبو ۽ شرف آيو آهي.

اي عزيز! ڄاڻ تہ سڪر، حال جي غلبي ۽ مستيءَ جو نالو، ۽ صحو علم ۽ عقل جي طاقت جو نالو آهي. جڏهن ڪنهن تي سڪر جو حال غالب ايندو آهي، ان جو علم ۽ عقل باقي هوندو آهي، پر ان جي طاقت گهٽجي ويندي آهي، ۽ انهيءَ ڪري طريقي جا مشائخ ان کي معذور چون ٿا. پوءِ پهلي سيئي دليل ۽ شاهد ان جي غلبي جي حال جي ڪهڙي بہ خبر ڏين. ڪتابن لکيو آهي تہ حال جو مثال گرم ۽ ٿڌي بخار وانگر آهي، جنهن ۾ ڪائڻ پيئڻ ۽ ڳالهائڻ باقي هوندو آهي، سڪر واري جو حال اهو آهي.

مريدن جي ٽولي جا بہ قسم آهن، هڪڙا گهٽ مقامن ۽ منزلن جي

خبر رکندا آهن، پر ٿورن جي خبر ڪونہ پوندي اٿن. انهن کي صاحب علم چوندا آهن ۽ اهي پنهنجي سير کان واقف هوندا آهن. پر جڏهن اهو ٽولو سير الي الله جو عروج پورو ڪندو آهي، پوءِ ذات پاڪ جي قرب ۽ عرفان جي سير تي واقف ٿي سير في الله ڪندا آهن. پوءِ انهن جو نزول ڪيو ويندو آهي، ۽ سڀني مقامن ۽ منزلن جو اطلاع لهندا آهن ۽ ان سير کي عن الله ۽ بالله چوندا آهن. يعني اهو سير جنهن ۾ سالڪ جو منهن خدا کان مخلوق ڏانهن ٿيندو آهي، ائين عشرت ۽ دعوت لاءِ ٿيندو آهي، پوءِ انهن جي بدن جي ظاهري صورت، ۽ منهن مخلوق ڏانهن هوندو آهي. سير في الاشياءَ اهي حقيقتن ۽ رازن جي اندازي جو پاڻ سير ڪندا آهن. تڏهن انهن جي حقيقي ۽ معنوي دل جو باطني منهن الله تعاليٰ ڏانهن هوندو آهي، ۽ ذات پاڪ جي اسرارن ۽ حقيقتن جو سير ڪندو آهي، ان سير جو نالو سير في الله آهي، جيڪو انهن جي باطن ۾ سير هوندو آهي، ان جو علم ۽ حقيقت انهن کي معلوم ٿيندي آهي، ۽ اهڙي سالڪ کي مقام تڪميل تي پهتل سالڪ چوندا آهن، ۽ ان کي صاحب عشرت، دعوت ۽ ارشاد خلق جو صاحب پڻ چوندا آهن پوءِ اهڙو سالڪ صحو ۽ حال جي غلبي وارو هوندو آهي، ۽ وڏي ولايت جو صاحب ۽ صحابہ جي مقام ۾ داخل ۽ نبين جي مقام کي ويجهو هوندو آهي، ۽ اهو ٽولو نبوت جي [۹۲] نور مان شعلو وٺندو آهي پر اهڙا جهان ۾ تمام ٿورا هوندا آهن.

ٻيا طريقت جي پهرين ٿورين منزلن جو اطلاع لهندا آهن، پر گهڻين منزلن جي خبر نہ هوندي اٿن. انهن کي صاحب جهل چوندا آهن. انهن جي سلوڪ جي خبر انهن جو مرشد انهن کي ڏيندو آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪي سالڪ ان حد جي منزل ۾ گهڻي مدت تائين هوندا آهن، ۽ ڪي ٿورو وقت هوندا آهن، جيڪي گهڻي مدت تائين هوندا آهن انهن کي منزل ۽ مقامن جي خبر پوندي آهي، انهن کان خبرون ۽ راز ظاهر ٿيندا آهن، ۽ ڪي منزل جي حد ۾ ٿورو وقت رهندا آهن، انهن کي منزل ۽ مقام جي رستي جو اطلاع ڪونہ ٿيندو آهي. جيتوڻيڪ ان منزل ۾ گهڻو عرصو گذري وڃين پر سلوڪ ڪُهڻ

طئي ڪندا آهن. انهن ڪان سلوڪ جي مقامن ۽ منزلن جي ڪا خبر ظاهر ڪونهي ٿيندي آهي، اهي ڏري سير وارا آهن، ۽ اهي رستي جا ڏرا ۽ سست آهن، اهي سچ وانگر هلن ٿا جو مهيني ۾ هڪڙو برج طئي ڪن ٿا. هن مريدن جي ٽولي جو سير سلوڪ ۾ مقام معين ۽ مقرر آهي، ۽ هي پنهنجو اصلي مقام خود گهرندا آهن ۽ اڳتي وڌڻ جي خواهش هرگز نہ ڪندا آهن ۽ انهن جي استعداد ئي انهن مقامن تائين هوندي آهي، جيترو مربي انهن جي تربيت ڪندو. ڪي سالڪ ان جاءِ تي پهچندا آهن ۽ ڪي انهن مان سلوڪ جا ڪجهہ احوال ڏسندا آهن ۽ ڪن مقامن جو سير ڪندا آهن، ۽ ڪي انهن مقامن کان اڳتي بہ ويندا آهن.

عليٰ تفاوت درجاتهم.

جيڪي سلوڪ جي هن رستي ۾ گهڙن ٿا انهن لاءِ.

اميد آهي تہ اڳتي وڌندا ۽ جيڪڏهن اڳتي نہ وڌيا تہ ذڪر اذڪار کان خالي نہ ٿيندا: انشاءَ الله تعاليٰ. هيءَ آيت ڪريمه.

والذين جاهدوا فينا لنهدينهم سبلنا. (٢٩: ٦٩)

ان ڳالهہ تي گواهہ ۽ شاهد آهي. يعني الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ جنهن بہ اسان جي رستي ۾ ڪوشش ڪئي،اسين ان کي ضرور رستو ڏيکاريندا سون.

حديث شريف ۾ آهي تہ، **من طلب شيئا جدوجد.** يعني جنهن بہ ڪنهن شيءِ جي طلب ۾ ڪوشش ڪئي تہ ان کي لڌائين. **بيت:**

مردمي بايد نہ سر او را نہ پائي

جملہ او گم گشتہ در راهہ خدائي

ترجمو: مرد اهو آهي جنهن جو مٿو ۽ پير بلڪ جملي عضوا خدا جي رستي ۾ گم ٿيل هجن.

جڏهن سالڪن جو هي ٽولو سلوڪ طئي ڪري اصلي مقام تي پهچندو آهي، جنهن جي تربيت ورتي اٿس، ان وقت ان جاءِ جو طواف ڪندو

آهي، ۽ انهن کي وصال، عرفان ۽ خدا جو قرب پڻ ان جاءِ تي حاصل ٿيندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن کي حياتيءَ ۾ قرب نصيب نہ ٿيو ۽ ان رستي ۾ مري ويو تہ الله تعاليٰ هر سال جي مدت ۾ ان کي قرب جو نئون مقام نصيب ڪندو آهي، جيئن حاجين جي حج جو ثواب لکايو ويندو آهي. جيڪي حج جي رستي ۾ مرندا آهن.

ومن يخرج من بيته مهاجرا الى الله ورسوله ثم يدركه الموت فقد وقع اجره على الله وكان الله غفورا رحيما. (٤: ١٠٠)

انهن جي حق ۾ آهي، يعني الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ جنهن پنهنجي گهر مان الله ۽ سندس رسول واسطي هجرت ڪئي ۽ ان کي موت اچي پهتو، تنهن جو اجر الله تي لازم ٿيو ۽ الله گهڻو معاف ڪندڙ نهايت رحم وارو آهي.

هجرت جا ٻہ قسم آهن، هڪ هجرت ظاهري ٻي هجرت باطني. [٩٣] ظاهري هجرت حج ڪرڻ ۽ ڪعبي جو ديدار ڪرڻ ۽ ظاهر پيغمبر ﷺ جن جي تابعداري ڪرڻ آهي. باطني هجرت ۾ باطن ۾ وڃي حقيقي ۽ معنوي ڪعبي جي زيارت ڪرڻ ۽ باطن ۾ پيغمبر ﷺ جي تابعداري ڪرڻ آهي. هجرت جي ٻنهي قسمن ۾ مربي گهرجي ۽ سلوڪ جي هر رستي ۾ مربي حق جو مظهر ۽ وحدت جو آئينو آهي، ۽ الله جون سيئي وصفون ان ۾ ظهور ۽ جلوه نما ٿينديون آهن. پر مربي جا ٻہ قسم آهن، هڪ اصلي ٻيو فرعي، اصلي مربي مرشد اهو آهي، جيڪو پهريان رستو ڏيکاريندو آهي ۽ الله جي عرفان جي تربيت ڪندو آهي. مربي فرعي اهو آهي جيڪو اصلي تربيت کان سواءِ سلوڪ جا مقام ڏيکاري ٿو. مربي فرعي منزل تي نہ پهچائيندو ۽ اصلي ۽ فرعي جي وچ ۾ سلوڪ هرگز طئي نہ ڪري سگهبو. اهو ٽولو آخرت ۾ هڪ جسم هوندو ۽ انهن جو مثال هيٺين نموني هوندو جو انهن جي سڪونت معين مقام ۾ هوندي ۽ وقتي مقام ۽ سير بہ انهن جي اندازي مطابق هوندو. مرد ان کي چوندا آهن جيڪو واسطي کان سواءِ سلوڪ طئي ڪري ۽ مقامن ۽ منزلن جو اطلاع لهي ۽ سلوڪ طئي ڪرڻ ۾

سريع السير ۽ تکو هجي ۽ سلوڪ ۾ چنڊ وانگر جلد هلي، جيئن چنڊ هر برج ۾ اڍائي ڏينهن رهندو آهي، ائين هي بہ جلد منزل طئي ڪري ۽ هن ٽولي جو سلوڪ مقام معين نہ آهي، ۽ خدا جي راهہ ۾ ابدالاباد دائم المدام ۽ هميشہ پيا هلندا آهن، ۽ انهن جو مربي خود خدا هوندو آهي ۽ اها تربيت خود ان وٽان لهندا آهن. اهڙي قسم جي اوليائن جو وجود عقل جي جهان ۾ تمام گهٽ آهي. ۽ جيڪڏهن سالڪن جي قطار ۾ هڪڙو هوندو خبر نہ آهي تہ قيامت ۾ ڪيترا هوندا. ڇاڪاڻ تہ هي آخري وقت آهي ۽ اهڙا تمام گهٽ آهن، ۽ سالڪن جو اهو ٽولو حياتيءَ واري حالت ۾ دين مان لڏي ويو، تہ مرڻ کان پوءِ ابدالاباد ۽ دائم المدام هميشه انهن جو سير جاري رهندو. انهن سالڪن کي علم حال ۽ حقيقي مزي مان وڏو حصو مليو آهي، پر اهي بہ انتها جي ڪنه ۽ گهرائپ تائين نٿا پهچي سگهن.

لاتدركه الابصار وهويدرك الابصار. (٦:١٠٣)

۾ انهن ڏانهن اشارو آهي، يعني الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ دنيا ۾ اکيون کيس ڏسي نہ سگهنديون ۽ هو اکين کي ڏسندو آهي. **بيت:**

دل وعقل از جلال او خيره است

تن جان از کمال رو خيره است

ترجمو: دل ۽ عقل ان جي جلال سبب وائڙا آهن جان ۽ بدن ان جي ڪمال سبب حيران پريشان آهن.

هن ٽولي جو آخرت بابت علم ٻن قسمن جو آهي؛ اصلي ۽ مثالي. اصلي جو مقام مقرر ۽ وقتي ملاقات ۽ سير اندازي سان هوندو آهي، ۽ مثالي جو معين مقام نہ آهي، ۽ اهي لامڪاني جي صفت سان موصوف آهن، ۽ انهن جو لقاءُ دائمي ۽ سير بي انداز هوندو آهي، پر علم ۽ سير جي لذت سان واصل ٿيندا آهن. **بيت:**

مارا نہ غمي دوزخ نہ غرضِ بهشت است

بردار ز رخ پرده ڪہ مشتاق لقائيم [٩٤]

ترجمو: اسان کي نکو دوزخ جو ڊپ آهي، ۽ نہ بهشت سان مطلب آهي، ڇهري تان پردو هٽاءِ ڇو تہ اسين ملاقات جا مشتاق آهيون.

هن ٽولي لاءِ جنت ٻي آهي ڪڏهن ان جنت ۾ هوندا ۽ ڪڏهن هن جنت ۾ جتي حورو قصور نہ آهي، فقط باري تعاليٰ جو لقاءُ آهي. حديث قدسي،

أن الله جنة ليس فيها حور ولا قصور ولا عسل ولا لبن يتجلىٰ فيها ربنا ضاحكا.

يعني الله تعاليٰ جي جنت آهي، جنهن ۾ نہ حورون آهن، ۽ نہ محل آهن، جنهن ۾ نہ ماکي آهي ۽ نہ کير، جنهن ۾ رڳو اسان جي پروردگار جو لقاءُ ۽ ديدار آهي. ان حديث ۾ ان جنت ڏانهن اشارو آهي، اها جنت خدا جي طالبن ۽ دوستن لاءِ آهي. چون ٿا تہ: **بيت:**

ما را بجز اين جهان جهاني دگر است

جز دوزخ و فردوس مکاني دگر است

ترجمو: اسان لاءِ هن جهان کان سواءِ ٻيو جهان آهي. دوزخ ۽ بهشت کان سواءِ اسان لاءِ ٻيو مکان آهي.

اي عزيز! ڄاڻ تہ اهو سلوڪ الله تعاليٰ جي عنايت يا پير ڪامل ۽ مرشد جي توجه کان سواءِ حاصل نٿو ڪري سگهجي، اهو توجه ٻن شين تي موقوف آهي، هڪ تہ انهن جا آداب بجا آڻي ٻيو تہ جاني ۽ مالي انهن جي خدمت ڪري، پر اهو سير سلوڪ حقيقت ۾ دل کي حاصل ٿيندو آهي. صورت کي حاصل ڪونہ ٿيندو آهي، ڇوتہ اها گوشت جو ٽڪرو آهي، جيڪو سيني جي وچ ۾ آهي، پر اهو ٽڪرو پيچري ۾ آهي ۽ اهو حقيقي پکي جو آشيانو ۽ آکيرو آهي. جيڪو سلوڪ جي رستي ۾ هلي ٿو تہ اهو لطيفو لايزالي صفتن سان موصوف آهي. اولياءَالله جي حال جو نمونو اهوئي آهي، جيڪي پڻ روحاني وجود رکندا آهن، ۽ اهي باطني حقيقي قدسي لطيفن ۾ ٿورو وقت سير ڪندا آهن. جنهن ۾ ڪون ومکان کان لنگهي عالم

لامڪان ۾ پنهنجا جولان ڏيکاريندا آهن، ۽ عالم قدس ۾ ذات باري تعاليٰ جو سير ڪندي ڏسبا آهن، اتي جيڪي ڪجهه ڏسن ٿا اهوئي ڏسن ٿا. والله اعلم.

باري تعالي جي وصف ۾ سنڌي بيت:

عقل ات اوچون ٿيو، نڪو فڪر پنڌ
اجتهاد جو مجتهدن جو، تنهن نہ لڌو هنڌ
عاجز ان علوم ڪئا، ويو فائقن فند
اي حڪمائين حاذقين، ٿيوسين بند
ويو سڀ ڪو رند، ري رب ناهہ ڪين

باب ويهون

طريقت جي منزلن ۽ سلوڪ جي حقيقت جي بيان ۾

اي عزيز! ڄاڻ تہ هي فقر جو طريقو هڪ سئو چوراسي منزلن تي مشتمل آهي، جن مان نو منزلون ذڪر جون آهن. پهرين منزل زباني ذڪر جي آهي. ٻي منزل نفسي ذڪر جي آهي. ٽين منزل قلبي مراقبي جي آهي. چوٿين منزل روحي مراقبي جي آهي. پنجين منزل اسم (الله) جي مبالغي جي آهي. ڇهين منزل سرّي ذڪر جي آهي. ستين منزل خفي ذڪر جي آهي. اٺين منزل ذڪر اخفيٰ جي آهي. نائين منزل مسميٰ جي ياد ڪرڻ جي آهي. پنجويهہ منزلون احوالن جون آهن:

پهرين منزل الله جي صفت حال جي آهي. ٻي منزل صفت حفظيت جي آهي. ٽين منزل صفت خبريت جي حال جي آهي. چوٿين منزل عزيزيت جي صفت حال جي آهي. پنجين منزل صفت واسعيت جي حال جي آهي. ڇهين منزل [٩٥] قابضيت جي صفت جي حال جي آهي. ستين منزل رحيميت جي صفت جي حال جي آهي. اٺين منزل صفت قهريت جي حال جي آهي. نائين منزل صفت قويت جي حال جي آهي. ڏهين منزل صفت منعيت جي حال جي آهي. يارهين منزل صفت موهبت جي حال جي آهي. ٻارهين منزل صفت جزويت جي حال جي آهي. تيرهين منزل صفت رفعيت جي حال جي آهي. چوڏهين منزل صفت ظهوريت جي حال جي آهي. پندرهين منزل حلميت جي حال جي صفت جي آهي. سورهين منزل صفت رشديت جي حال جي آهي. سترهين منزل صفت جميعت جي حال جي آهي. ارڙهين منزل صفت احديت جي حال جي آهي. اوڻهين منزل صفت لطيفيت جي حال جي آهي. ويهين منزل صفت اعاديت جي حال جي آهي.

ايڪيهين منزل صفت هدايت جي حال جي آهي. ٻاويهين منزل صفت باطنيت جي حال جي آهي. ٽيويهين منزل صفيت جباريت جي حال جي آهي. چوويهين منزل صفيت واحديت جي حال جي آهي. پنجويهين منزل

شڪوريت جي صفت حال جي آهي.اٺاويھہ منزلون انھن مان مقامن جون آهن: پهرين منزل مقام يقظ آهي، ٻي منزل مقام أنا بت. ٽين منزل مقام محاسبہ. چوٿين منزل مقام خوف.پنجين منزل، مقام ورع. ڇهين منزل مقام رياضت. ستين منزل مقام صفات. اٺين منزل مقام ڪشف. نائين منزل مقام ڪرامت. ڏهين منزل مقام انبساط. يارهين منزل مقام الهام. ٻارهين منزل مقام رغبت. تيرهين منزل مقام شوق. چوڏهين منزل مقام ذوق. پندرهين منزل مقام همت آهي. سورهين منزل مقام جذبہ.سترهين منزل مقام تجريد.ارڙهين منزل مقام تفريد. اوڻيهين منزل مقام ثقه. ويهين منزل مقام جمع آهي. ايڪيهين منزل مقام توحيد. ٻاويهين منزل مقام فنا نفس.ٽيويهين منزل مقام فنا قلب. چوويهين منزل مقام فنا وجود. پنجويهين منزل پنهنجي ذات جي وجود جو مقام فنا ٿيڻ. ڇويهين منزل مقام بقا. ستاويهين منزل مقام بقاءِ البقاءِ. اٺاويهين منزل ماسويٰ جو دائرو.

انھن منزلن مان ڇٽيھہ منزلون وحدت جي آثارن جون آهن: پهرين منزل صفاتي نالن جو پاڇو ۽ سايو. ٻي منزل صفاتي نالن جا آثار. ٽين منزل صفاتي نالن جو نور.چوٿين منزل انھن صفاتي نالن جي نورن جو نور. پنجين منزل خود اهي صفاتي نالا. ڇهين منزل انھن صفاتي نالن جي حقيقت. ستين منزل ولايت اصغر جو دائرو. اٺين منزل ان دائري جو پهريون طبقو. نائين منزل ان دائري جو ٻيو طبقو. ڏهين منزل وچولي (وسطيٰ) ولايت جو دائرو. يارهين منزل ولايت ڪبريٰ جو دائرو. ٻارهين منزل اسماءِ صفات اصولي جا پاڇا. تيرهين منزل اسماءِ صفاتي جا آثار. چوڏهين منزل صفاتي اسمن جون صورتون. پندرهين منزل صفاتي اسمن جا نور. سورهين منزل خود اهي صفاتي اسم. سترهين منزل انھن صفاتي اسمن جون حقيقتون. ارڙهين منزل اوليائن جي ڪمالات جو دائرو. [٩٦] اوڻيهين منزل ڪمالن جو پهريون قسم.

ويهين منزل ڪمالن جو ٻيو قسم. ايڪيهين منزل فرعي صفتن جا

ٻاڇا. ٻاويهين منزل انهن صفتن جا آثار ٽيويهين منزل صفتن جا انوار ۽ روشنيون. چوويهين منزل خود اهي صفتون. پنجويهين منزل انهن صفتن جي حقيقت چوويهين منزل مقام صحابہ رضوان الله تعاليٰ. ستاويهين منزل ولايت علبا جو دائرو. اٺاويهين منزل ان ولايت جي دائري جو پهريون طبقو. اوڻٽيهين منزل ان ولايت جي دائري جو ٻيو طبقو. ٽيهين منزل ان ولايت جي دائري جو ٽيون طبقو. ايڪٽيهين منزل ان ولايت جي دائري جو چوٿون طبقو. ٻٽيهين منزل دائره ڪمالات نبوت ٽيٽيهين منزل، انهن ڪمالن جو پهريون قسم. چوٽيهين منزل انهن ڪمالن جو ٻيو قسم. پنجٽيهين منزل انهن ڪمالن جو ٽيون قسم. ڇٽيهين منزل انهن ڪمالن جو چوٿون قسم.ائيتاليهہ منزلون انهن مان اصولي صفتن جون آهن: پهرين منزل صفت تڪوين جو دائرو آهي. ٻي منزل ان صفت جو ڇاڇو آهي. ٽين منزل ان صفت جو اثر آهي. چوٿين منزل ان صفت جو نور آهي. پنجين منزل خود اها صفت ان جي آهي. ڇهين منزل ان صفت جي حقيقت. ستين منزل صفت ارادت جو دائرو.اٺين منزل ان صفت جو ڇاڇو. نائين منزل ان صفت جو اثر. ڏهين منزل، ان صفت جو نور. يارهين منزل خود اها صفت. ٻارهين منزل ان صفت جي حقيقت. تيرهين منزل، صفت ڪلام جو دائرو.

چوڏهين منزل ان صفت جو ڇاڇو. پندرهين منزل ان صفت جو اثر. سورهين منزل ان صفت جو نور. سترهين منزل خود اها صفت. ارڙهين منزل ان صفت جي حقيقت. اوڻويهين منزل، صفت بصر جو دائرو. ويهين منزل ان صفت جو ڇاڇو. ايڪيهين منزل ان صفت جو اثر. ٻاويهين منزل ان صفت جو نور. ٽيويهين منزل خود اها صفت. چوويهين منزل ان صفت جي حقيقت. پنجويهين منزل دائره سمع، چوويهين منزل ان صفت جو ڇاڇو. ستاويهين منزل، ان صفت جو اثر. اٺاويهين منزل ان صفت جو نور. اوڻٽيهين منزل خود اها صفت. ٽيهين منزل ان صفت جي حقيقت. ايڪٽيهين منزل صفت قدرت جو دائرو. ٻٽيهين منزل ان صفت جو ڇاڇو. ٽيٽيهين منزل ان صفت جو اثر. چوٽيهين منزل ان صفت جو نور. پنجٽيهين منزل خود اها صفت. ڇٽيهين

منزل، ان صفت جي حقيقت. ستٽيهين منزل صفت علم جو دائرو. اٺٽيهين منزل ان صفت جو پاڇو. اوڻيتاليهين منزل ان صفت جو اثر. چاليهين منزل ان صفت جو نور. ايڪيتاليهين منزل، خود اها صفت. ٻائيتاليهين منزل ان صفت جي حقيقت. ٽيتاليهين منزل صفت حيات جو دائرو. چوئيتاليهين منزل ان صفت جو پاڇو. پنجيتاليهين منزل ان صفت جو اثر. ڇائيتاليهين منزل ان صفت جو نور. ستيتاليهين منزل خود اها صفت. اٺيتاليهين منزل ان صفت جي حقيقت.

ارڙهن منزلون وحدت جي سلوڪ جون آهن. پهرين منزل ذاتي نور جي مشاهدن جي آهي. ٻي منزل شيون ۾ اعتبارات ذاتيه جي آهي. ٽين منزل مشاهدي تجليات ذاتيه. چوٿين منزل ذات پاڪ جو مشاهدو. پنجين منزل ان ذات جو قرب. ڇهين منزل ذاتي عرفان. ستين منزل وقوف ذات. اٺين منزل ڪمالات ذاتيه. نائين منزل حقيقي فقر. ڏهين منزل [٩٧] ذڪر ڪنه ۾ ڪمال رب تعاليٰ. يارهين منزل سلوڪ، حرف ذات. ٻارهين منزل حيرت حقيقي. تيرهين منزل اڻ ڄاڻائي جيڪا سيني عقلي علمن جو بنياد آهي. چوڏهين منزل محو آهي. پندرهين منزل محوالمحو. سورهين منزل بقا حقيقي. سترهين منزل مسافت دائمي جو سير. ارڙهين منزل، وقوف سير ڪنه ذاتي.

جڏهن سالڪ سلوڪ طئي ڪري هن جاءِ تي ايندو آهي. ان وقت سالڪ درياءِ وحدت جي پاٽيءَ ۾ سلوڪ طئي ڪندو آهي، ۽ درياءَ وحدت ۾ سير ڪندو آهي ۽ اجتهاد جا پير دائمي مسافت ۾ رکندو آهي. ان سير جا ٻه ٽي ط... آهن. پهريون وسيلو خدا تعاليٰ وارو رستو. اهو مريدن ۽ پيرن لاءِ آهي، ۽ ٻيو پير ڪامل ۽ مڪمل جي وسيلي سان آهي. اهو مريد لاءِ آهي، ۽ ٽيون وسيلو مرشد تام آهي. اهو مريدي وٺڻ وارن لاءِ آهي هر هڪ طريقت جي مشائخن جي منزلن جا ڪجهه طريقا آهن، ۽ هن فقير (لطف الله قادري) جو طريقو هڪ سئو سٺ منزلن تي مشتمل آهي، ۽ هر هڪ منزل ۾ هزار درجا آهن، ۽ هر هڪ درجي ۾ هڪ سال جو رستو آهي. جڏهن سالڪ الله تعاليٰ

جي عنايت ۽ مهربانيءَ سان يا پير ڪامل مڪمل جي توجہ سان. سلوڪ جي هڪ منزل طئي ڪندو آهي ۽ ٻي منزل تي پهچندو آهي، سمجهو تہ ان هزار سال مسافت قطع ڪئي آهي، ۽ جيڪڏهن الله تعاليٰ ڪنهن جو هادي ۽ راضي ٿئي تہ اها هزار سالن جي مسافت ٿوري مدت ۾ ميسر ٿي ويندي،

يفعل الله ما يشاءُ ويحكم مايريد.

يعني جيڪي الله چاهي سو ڪري ۽ جنهن جو ارادو ڪندو آهي، ان تي حڪم هلائيندو آهي. **فرد:**

مورمسڪين هوسي داشت ڪہ در ڪعبہ رسد
دست در پائي ڪبوتر زد و ناگاه رسيد

ترجمو: مسڪين ماڪوڙيءَ شوق رکيو تہ بيت الله پهچي، ڪبوتر جي پير ۾ هٿ وڌائين تہ ڪعبتہ الله پهچي وئي.

ڪبوتر مان مراد الله تعاليٰ جل شانه جي خواهش آهي، جنهن کي ان جو فضل عنايت ۽ ڪرم مليو، ان جو اصلي مقصد حاصل ٿي ويو. اي عزيز! ڄاڻ تہ هن فقير (لطف الله قادري) جيڪو هن رسالي ۾ لکيو آهي،اهي نالا هن طريقي جي منزلن جا آهن، انهن جي حقيقتن جو تفصيل مصلحت جي ڪري هن رسالي ۾ نہ لکيو اٿم، جيڪو مد لحت جي موافق هو اهو ڪتاب تحفتہ السالڪين ۾ لکيو اٿم، ڇاڪاڻ تہ اهو ڪم (فقيري) مصلحت وارو آهي. فقير الله تعاليٰ جي توفيق سان انهن جي حقيقتن کان محروم نہ آهن. فقير تہ ذات باري تعاليٰ جي رازن جا واقف ۽ محرم آهن، پر شريعت جو ادب ۽ رعايت ڪن ٿا، ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ انهن کي قرب ۽ عرفان ۽ پنهنجي ذات جي واقفيت تي پاڻ پهچايو آهي، جيڪڏهن اهي هزارين دفعا ڳولين ۽ چاهي تہ بہ ڪجهہ نٿا لهي سگهن ۽ جيڪڏهن رڳو ان جي خوشبوءِ لهن تہ ان جي مقابلي ۾ آخرت ۽ دنيا ٻئي وڪڻي ڇڏين. ان جو جيڪو مزو آهي، اهي سمجهن جن کي خبر آهي، جنهن جي تقرير کان زبان گونگي ۽ عقل خيره ۽ علم بند ۽ حيران آهي، ۽ ان جاءِ تي سلوڪ ۽ صفائي

وارا پڻ عاجز آهن. هين جي ڪهڙي رسائي آهي، اهي حقيقتون ۽ راز خاص طالبن ۽ محبن تي ظاهر ٿينديون آهن، ظاهر بين ۽ صورت پرست انهن کان محروم آهن، ۽ هرگز ان جاءِ تي نٿا پهچي سگهن [٩٨] ۽ اهي ڄاڻڻ کان بي خبر ۽ ان جي معرفت کان انڌا ۽ ان جي حقيقت جي خبر نٿا رکن پر ان جي ادراڪ رچ وانگر پريشان آهن، ڇاڪاڻ ته انهن جو عقل معيشت وارو آهي ۽ معيشت واري عقل جي دام ۾ باري تعاليٰ جا اسرار ۽ حقيقتون نٿا اچي سگهن، اهو خاصو انبيائن اوليائن ۽ راسخ علمائن جي دل جو آهي. جيڪي پيغمبرن جا وارث آهن. انهن تي الاهي اسرار ۽ حقيقتون منڪشف آهن، اها ڳالهه گفتگو سان صحيح نه سمجهائي سگهبي، ۽ مطالعي وارو حرف ۽ عبارتون ان کي حل نه ڪري سگهندا ۽ ان جاءِ تي حافظ ۽ ناقل ۽ راوي به حيران آهن ۽ فڪر ۾ آهن. قياس ۽ تميز وارن جو به ان ۾ دخل نه آهي. اهي راز الله تعاليٰ جي عطا سان ملن ٿا ڪوشش ۽ ڪمائي سان حاصل نٿا ٿين، فاعل ۽ مفعول ماضي ۽ مضارع حل ڪرڻ سان نٿا ملن.

بيت:

اين همه علم جسم مختصر است
علم رفتن براه حق دگر است

ترجمو: اهي سڀ جسم جا علم مختصر آهن مولا جي رستي ڏانهن وڃڻ وارو ٻيو علم آهي.

حرف کو کاغذي سياه کند
کي دل تير را چو ماه کند

ترجمو: اگر ته پاڻ ڪاغذ کي ڪارو ڪن، ٿا اهي اونداهي دل کي ڪٿي روشن ڪندا!

اسرار الاهي جي علم جو سير ٿورن ڪيو هوندو جو ڪين مطلق نفس کي ڇڏڻو پوندو آهي ۽ پنهنجي خواهشن ۽ سيني مرادن کان فارغ ٿيڻو

پوندو آهي، ۽ پنهنجي دل مولا جي محبت لاءِ وقف ڪرڻي پوندي آهي. ماسويٰ الله جا سيئي تعلق ختم ڪري خالص مڪمل طور تي الله ڏانهن هر حال ۾ هميشه متوجه ۽ منتظر رهڻو پوندو آهي ۽ **"يريدون وجه الله."** جي صفت سان موصوف ٿيڻو آهي. نفس جي قيد ۽ شيطان جي ڏوڪن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻو ۽ امن امان جي واديءَ ۾ پهچڻو ۽ خطاب **"اوليائي تحت قبائي"** هيٺ اچڻو پوندو آهي. انهن کان جيڪي ظاهر ٿيندو رحماني هوندو شيطاني ڪونه هوندو. شيطان کي ان ٽولي جي دل تي طاقت ڪونه ٿيندي ۽ شيطان جي فريب ۽ ڏوڪي جو هٿ انهن تائين نه پهچندو آهي. اهي الله جي حفاظت ۾ محفوظ آهن. **ان عبادي ليس لک عليهم سلطان.** **(١٥:٤٢)** انهن جي حق ۾ آهي يعني الله فرمايو آهي ته منهنجي ٻانهن تي تنهنجو وس ڪونه هلندو. ان ٽولي جو سير بي نهايت ۽ انهن جي ڳالهه بي غايت آهي ۽ جڏهن ڪوتاهه نظر انهن جون ڳالهيون ٻڌندو ته حيران ۽ فڪر وارو ٿيندو ۽ جڏهن انهن سان گفتگو ڪندو، نڏهن چوندو ته اهي ڇا ٿا چون ۽ ان مان ڪهڙو نفعو آهي، ۽ ڪي ته انهن جي حق ۾ طعني جي زبان کوليندا ۽ انهن جي ڳالهين جا منڪر ٿي ويندا آهن، ۽ چوندا آهن ته اها ڳالهه نه قرآن ۾ آهي ۽ نه حديث ۾ آهي، ۽ نه وري مجتهدن جي ڪلام ۾ آهي. اها ڳالهه انهن جي بلڪل غلط آهي، ڇاڪاڻ ته جيڪي ڪجهه آهي، اهو قرآن جو مضمون آهي، چاهي صريح ۽ واضح هجي چاهي اشارتا هجي، قال الله تعاليٰ:

مافرطنا في الكتاب من شيءٍ. (٦:٣٨)

يعني الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته اسان قرآن ۾ سڀ ڪجهه بيان ڪيو آهي،

ٻي جاءِ تي الله تعاليٰ فرمايو آهي ته:

لارطب ولا يابس الا في ڪتاب مبين. (٦:٥٩)

يعني سڪل ۽ آلي شيءِ ڪا اهڙي نه آهي جيڪا اسان بيان نه ڪئي هجي، [٩٩]

۽ ٻي جاءِ تي الله تعاليٰ فرمايو ته:

وڪل شيءٍ احصيناه في امام مبين. (٣٦:١٢)

يعني اسان هر شيءِ کي پڌري ڪتاب ۾ ڳنڍيو آهي، جيڪو صريح ۽ ظاهر آهي، ان کي ظاهر علم جا علماءَ ڄاڻن ٿا پر جيڪي ڪجهه اشارن ۾ بيان ٿيل آهي، ان کي باطني علماءَ ڄاڻن ٿا، جن کي علماءَ راسخ چون ٿا. اهي اولياءَ الله ڪامل پيغمبر جا وارث آهن، ۽ پنهنجو حصو پنهنجي پاسن کان بلڪ پنهنجي جنسن ۽ پئسن مان رکن ٿا ۽ جيڪو پنهنجي مان حصو نه وٺي اهو اهڙي ڊور وانگر آهن. پنهنجي وارو اهو ستارو علم ظاهري ۽ باطني ڏانهن آهي ۽ اهو محققن جو قول آهي. ظاهري علم شريعت جي ظاهري حڪمن کي چئبو آهي، جنهن کي شريعت به چوندا آهن ۽ باطني علم شريعت جي باطني رازن جو نالو آهي، جنهن کي حقيقت به چوندا آهن. انهن پنهنجي جي وچ ۾ جيڪا مسافت آهي ان کي طريقت چوندا آهن. انهن ٽنهي اصولن جي خلاصي کي معرفت چوندا آهن. **مثنوي:**

ظاهر شرع را شريعت دان

باطن شرع را حقيقت خوان

ترجمو: شريعت جي ظاهر کي شريعت ڄاڻ. شريعت جي باطن کي حقيقت سمجهه.

آنچ اندر ميان هردو هداست

گر طريقت کنيم نام رواست

ترجمو: انهن ٻنهي ۾ جيڪا هدايت آهي جيڪڏهن ان کي اسين طريقت چئون ته جائز آهي.

آنکه محض شريعتش کيش است،

از حقيقت فقير دلريش است

ترجمو: هڪ جو طريقو خالي شريعت آهي. ليڪن حقيقت وارو دل ڦٽيل درويش آهي.

او نه بر مغز شرع کار کند

پاره پوست را شعار کند

ترجمو: جيڪو شريعت جي مغز تي ڪم نه ڪري، اهو خالي گوشت جي ٽڪري وانگر ڪم ڪري ٿو.

آنکه محض حقيقتش کيش است

از شريعت فقير دلريش است

ترجمو: جيڪو ورڻ رڳو حقيقت وارو آهي، اهو شريعت ۾ ڦتيل فقير آهي.

اوست زنديق و دشمن اسلام

بروي آمد دخولِ خلد حرام

ترجمو: اهو زنديق ۽ اسلام جو دشمن آهي، ان تي جنت ۾ داخل ٿيڻ حرام آهي.

حضور ڪريم ﷺ جون حديثون اٺ لک آهن، جن مان ڪيتريون سڪڻ سان دين تي ويون اهي ظاهر ۽ ماڻهن ۾ مشهور ٿيون. ليڪن ٻيون اسرار الاهي جي حقيقتن بابت هيون ۽ مخفي رهيون، پر مضمون ۽ ان جي حقيقت اولياءَ الله جي دل تي کلي پئي، انهيءَ ڪري اسي انهن کان آگاهه خبردار آهن. بيت:

اهل دل را ذوق وفهم ديگر است

کان ز فهم هر دو عالم برتر است

ترجمو: اهل دل جو فهم ۽ ذوق ٻيو آهي، انهن جي سمجھه ٻنهي جهانن کان مٿي آهي.

هرکه را آن فهم درکار افگند

خويش را در دريائي اسرار افگند

ترجمو: جيڪو اها سمجهه حاصل ڪرڻ گهري ان کي رازن جي درياءَ ۾ پاڻ کي اڇلائڻ گهرجي.

پر ظاهر بين ۽ صورت پرست ان حقيقت کان واقف نه آهن. چاڪاڻ ته انهن جي دل تنگ ۽ طبيعت بند آهي، ۽ عرفان مان انهن کي ڪجهه نصيب نه آهي، انهيءَ ڪري انهن جو مثال انڌن وانگر آهي. جيڪڏهن نابين کي سامان سان ڀريل گهر ۾ آڻيندا ته جيستائين گهر جون شيون ان جي هٿ کي نه لڳنديون، تيستائين اهو سمجهندو ته گهر خالي آهي، هن ۾ ڪابه شيءِ نه آهي.

اي منهنجا عزيزا سج روشن آهي جنهن کي اک نه آهي، اهو ڪيئن ڏسندو. ڏسڻ ۽ سڃاڻڻ لاءِ بصيرت هجڻ گهرجي، نه صرف بصر، صاحب بصر ان کان محروم ۽ محجوب آهن، جيئن چمڙو سج جي ڏسڻ کان محجوب ۽ محروم آهي. **قطعه:**

طالب حق مثل خورشيد است
ديده عام کي تواند ديد
ديده عام چشم خفاش است
پيش خفاش نيست نور پديد
هرکه خواهد که جلوه اش بيند
پرده پيش ديده تا نبريد

ترجمو: حق جي طالب جو مثال سج جهڙو آهي عام جو ڏسڻ ان جي ڏسڻ جهڙو ڪيئن ٿيندو. عام جو ڏسڻ چمڙي جي اک وانگر آهي، چمڙي جي اکيان ڏسڻ لاءِ ظاهر ڪوبه نور نه آهي ايستائين ان جو جلوو ڏسي نه سگهندو جيستائين پنهنجي اکيان ڏنل پردو نه هٽائيندو.

اهو پردو پاڻ کي وڏو سمجهڻ ۽ حسب نسب وارو آهي، جيستائين ان پردي مان ٻاهر نه نڪرندو [١٠٠] تيستائين مولا جي مردن جي رازن کان

آگاه نہ ٿيندو ۽ صورت پرستي جي دائره، طمع ۽ عيوض ۽ ريا مان ڇوٽڪارو نہ لهندو. دولت جي خزاني ۽ گنج مان ڪجهہ ڪونہ ملندس حال ۽ حقيقت تي ڪوبہ اطلاع ڪونہ لهندو ۽ اندروني رازسان ڪابہ مناسبت نہ لهندو. **قطعہ:**

ازسر مردان خدا صورت پرستان بي خبر
و از لذت مردان دين حق ڪہ حيران بي خبر
آنها ڪہ ازين اسرار حق آگہ نيند حيوان وشند
آنها ڪہ عارف نيستند از راه عرفان بي خبر
خواهي ڪہ آموزي زبان گو يمر ترا اي جان جان
آنڪہ سليمان را نہ ديد از نطق مرغان بي خبر

ترجمو: مردان خدا جي رازڪان صورت پرست بي خبر آهن. دين حق جي مردن جي لذت ڪان حيران ۽ بي خبر آهن. جيڪي حق جي اسرارن ڪان بي خبر آهن، حيوان آهن. جيڪي عارف نہ آهن اهي عرفان جي رستي ڪان بي خبر آهن. جيڪڏهن زبان سکڻ چاهين تہ توکي چوان، اي منهنجي جان جا سائين، جنهن حضرت سليمان ع کي نہ ڏٺو ان کي پکين جي ڳالهائڻ جي ڪهڙي خبر.

خدا سان جيڪو انهن جو راز آهي، ان جي حقيقت ۽ ڪنہ ڪان جبرائيل، ميڪائيل، اسرافيل ۽ عزرائيل بہ واقف نہ آهن، ۽ اهي ملائڪ جيڪي موکل ۽ خبر رکندڙ آهن، ۽ انهن جو هر قول ۽ فعل لکن ٿا، پر انهن کي بہ خبر ۽ اطلاع نہ هوندو آهي ۽ اهو راز خاص الخاص خدائي ڪمال جي رازن مان آهي. ان راز تي جنهن کي الله چاهي تہ واقف ڪري ۽ اطلاع ڏي اها مالڪ جي مرضي آهي. **ماشاءالله ڪان ومالم يشاء لم يکن** يعني جيڪي الله گهريو سو ٿيو ۽ جيڪي نہ گهريو سو نہ ٿيو. ۽ ان ڳالهہ ڏانهن اشارو آهي. **فرد:**

طفل در مهد پيغمبر كند

از همه پيرانش بالغ تر كند

ترجمو: ٻار کي پينگهي ۾ پيغمبر ڪري، سيني پوڙهن کان وڌيڪ عاقل ڪري ته مرضي وارو آهي.

اهو الاهي اسرار پنهنجي خاص حبيب تي کوليائين ۽ ڪن رازوارن کي ٿوري خبر حاصل ٿي آهي ۽ شيخ اويس قرني عليه الرحمته پڻ انهن مان آهي، انهيءَ ڪري بغير تربيت خدا کان معرفت حاصل ڪيائين، ۽ اويس جو مرتبو لڌائون ۽ خاص الله جي مراد ٿي پيو ته انهن رازن جا اولياءالله مظهر آهن انهن کي هر شيءِ خدائي رازن مان حاصل ٿيل آهن. جيئن هرڻ جي ڌن ۾ مشڪ لڪل هوندي آهي، انهيءَ سبب جي ڪري اويسي جو مرتبو لڌائون ۽ الله تعاليٰ انهن کي رندانه خلعت پارائي آهي، ۽ ذات پاڪ باري تعاليٰ جا خاص طالب آهن، ۽ سيئي مقصد ۽ مرادون ڇڏي ذات باري تعاليٰ کي پسند ڪيائون، انهيءَ ڪري انهن جو ڪو بيان ۽ نشان نه آهي، اها مردان خدا جي همت آهي. **رباعي:**

لقمه كه در دهان نگنجد بطلب

وآن سر كه درو نشان نگنجد

بطلب سريست ميان دل درويش و خدا

جبرئيل امين دران نگنجد بطلب

ترجمو: جيڪو گراه وات ۾ نه ماپي اهو طلب، اهو راز جنهن جو نشان نه ملي سو طلب.

ترجمو: خدا ۽ درويش جي وچ ۾ هڪڙو راز اهڙو آهي جو جبرئيل امين به اتي طلب سان نٿو پهچي.

اهي خدا جا طالب اويسي صفت رکن ٿا ۽ مراد الله جي زمري ۾ آهن ۽ مست رندن جي مرتبي کي پهتا آهن ۽ ذات پاڪ باري تعاليٰ جي رازن

ڪان واقف آهن ۽ ان جي اسرارن ۽ رازن جا محرم آهن. هنن فنا في الله ۽ بقا بالله جي ڳهڻيءَ ۾ ڪوشش ۽ اجتهاد جو پير رکيائون. خدا جي ذات پاڪ ڪان سواءِ جيڪي ڪجهه آهي ان کي ڇڏي ڏنائون. اها مست رندن جي جماعت حصول قرب الاهي تي بس نٿي ڪري، ۽ حقيقت ۽ معرفت جي اطلاع مان محضوظ نٿي ٿئي. پر فرياد وارو نعرو **"هل من مزيد"** (   ) جو لڳائي ٿي. مقام ۽ مرتبي تي هرگز نٿا بيهن، [۱۰۱] ڪشف ۽ ڪرامتون اختيار نٿا ڪن ۽ عيوض تي هرگز نظر نٿا ڪن ۽ عزت تي مغرور نٿا ٿين، ۽ ورد وظيفن جي قبول ڪان الڳ رهن ٿا. دنيا ۽ آخرت کي پنيان اڇلائن ٿا ۽ پنهنجي نفس کي مولا جي محبت ۾ فراموش ڪن ٿا. پيشوائي ۽ مقتدائي قبول نٿا ڪن، پيري ۽ مريدي جي قيد ۾ نٿا پون ۽ دشمن جو ڏوڪو نٿا ڪائن. انهن طالبان حق جي جماعت کي "رند مست" چوندا آهن.

نظم:

بگير دامن آن رند مست مي خواره
ڪ از مريدي پيري گذشت يڪباره

ترجمو: اهڙي رندمست مئي خوار جو دامن پڪڙ، جيڪو پيري مريدي ڪان هڪڙو دفعو لنگهي ويو هجي

ز پيري وز مريدي چه جائي آن دارد
ڪ زهد تقويٰ اين جاچه دخل مي دارد

ترجمو: پيري ۽ مريدي اتي ڪهڙي جاءِ رکي ٿي، زهد ۽ تقويٰ ان جاءِ تي ڪهڙو دخل رکي ٿو.

هر آنڪ دربي پيري مريدي بست به بند
بعقل دانش اوصد هزار بار بخند

ترجمو: جنهن پيري مريدي جو بندوبست ڪيو ان جي عقل ۽ دانش

تي سئو هزار دفعا کلڻ گهرجي.

يقين بدان ڪ ورا از خدا خبر نبود

ڪسي ڪ يافت خبر ازوي آن اثر نبود

ترجمو: يقين ڄاڻ ت سواءِ خدا جي ٻي خبر نٿا رکن، جيڪڏهن خبر پڌن ٿا ت ان جو اثر نٿا وٺن.

جماعتي ڪ همچو حق اند از دل وجان

گذشت اند بجز ذات حق زهي ايمان

ترجمو:جيڪي دل ۽ جان سان حق جي جماعت آهن انهن سڀ ڪجهہ ڇڏي ڏنو آهي حق جي ذات کان سواءِ ٻي ڳالهہ ن ٿا ڪن، واه جو ايمان اٿن.

همه بذات خدا باقي انا خوش حال اند

زحال ماضي مستقبل آن نمي داند

ترجمو: اهي سڀ خدا جي ذات سان باقي ۽ خوش آهن حال، ماضي ۽ مستقبل جي زماني کي اهي نٿا ڄاڻن.

هيءَ مولا جي مردن جي جماعت "ما سوي الله" کان ذار ۽ خدا سان پيوست آهي، ۽ هميش اسرار الاهي جي درياءَ ۾ غرق رهندي آهي، ۽ هميشه ان جو ارادو ان مالڪ ڏانهن متوجه ۽ منتظر رهندو آهي، جيڪو حقيقي ڪعبو ۽ معنوي قبلو سڄي ڪائنات جو آهي. بيت:

اين قبل برون ا: اين جهان است

آن ڪعب ورائي ڪائنات است

ترجمو: هي قبلو هن جهان کان ٻاهر آهي، ۽ اهو ڪعبو ڪائنات کان ٻاهر آهي.

ٻڌو! سرور ڪائنات ﷺ ان رستي تان متي ويو، جيتوڻيڪ چيائين ته الله مون سان گڏ آهي. "لي مع الله" ۽ "وجه الله" انهن جي صفت آهي ۽ اها رمز رندان مست الاهي جي آهي، جيڪي ڪون ومڪان کي ڇڏي ويا آهن ۽ عالم امر، ۽ وجوب ۽ وحدت ۽ عالم قدس ۾ بي انتها تي پهتا آهن ۽ باري تعاليٰ جي ذات جي اسرارن جا واقف ۽ محرم ٿيا آهن. اهل الله جي هن ٽولي جي ڳالهه زبان هرگز نٿي ڪري سگهي ۽ نه عاقلن جي عقل ۾ اچي سگهي ٿي ۽ اهو خدا جي ڳجهي رازن مان آهي، جنهن کي سمجهڻ ڏکيو آهي. هن جماعت جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي، جنهن جو دنگ نه آهي ۽ هنن جو سير اهڙو آهي، جنهن جي انتها نه آهي، جنهن جو ڪو اندازو نه آهي، ڪير سمجهي ته ڪٿي پهتل آهن، ٻيو ته انهن جي ڪمال درجي واري مناسبت مشڪ وانگر آهي (جيڪا هرڻ جي دن ۾ هوندي) پنهنجي خوشبوءِ پاڻ لهن ٿا. ان مناسبت جي ڪري ٻي ڪنهن شيءِ مان اصل حصو نٿا وٺن. ع شينده ڪي بود مانند ديده. ٻڌل ڏٺل جهڙو ڪيئن ٿي سگهي ٿو.

اي عزيز! ڄاڻ ته ڪن ڏينهن ۾ هن فقير (لطف الله قادري) جي باطن جو ٻڪي هڪ گهڙيءَ ۾ عالم صغير ۽ ڪبير جو سير ٿو ڪري، ۽ ظاهري پيرن سان اهڙو سير هزار سالن ۾ به ميسر نه ٿئي. پر ڪنهن وقت ايترو تيز ٿيندو آهي، جو هڪ لحظي ۾ ڪون ومڪان کان اڳتي ويندو آهي ۽ عالم لامڪان ۾ جولانيون ڏيکاريندو آهي ۽ مسافت، "دنا فتدليٰ" جي طئي، ڪري عالم معراج ۾ پهچندو آهي ۽ 'قاب قوسين' جي گهٽيءَ ۾ پهچندو آهي ۽ اتي جي نظارن ۾ جيڪي ڏسندو آهي، سو ڏسندو آهي. [١٠٢]

بيت:

هر ڪه را بوي رسد از سوئي او
هر دو عالم چيست خاڪ ڪوئي او

ترجمو: جنهن کي هن وٽان ڪا خوشبوءِ پهتي، ان جي لاءِ ٻئي جهان سندس پيرن جي خاڪ آهن.

پوءِ اتي رندن جي جماعت سان ملاقي ٿئي ٿو. جيڪي قاب قوسين کان اڳتي نڪري ويا هوندا آهن ۽ رازن جا هم نشين ٿيا آهن. ان جماعت کان رب تعاليٰ جي ڪنه جي رازن جون خبرون ٻڌن ٿا. جيڪي ڪنهن اهل صفا ۽ اهل عرفان کونه ٻڌيون هونديون. پوءِ ان جاءِ تي عالم ۽ عاقل ڪئين پهچندا. اهو اولياءُالله جو معراج آهي. **بيت:**

مصلحت نيست که از پرده برون افتد راز

ورنه در مجلس رندان خبري نيست که نيست

ترجمو: پردي کان ٻاهر راز ڪڍڻ ۾ مصلحت نه آهي. ورنه رندن جي مجلس ۾ اهڙي ڪا خبر نه آهي جنهن جي ڪين خبر نه هجي.

پر جيڪڏهن ڪنهن انهن رازن مان ڪا شيءِ ظاهر ڪئي ته ان کي ماريو ويندو آهي. جيئن ابوهريره رضہ وڏن صحابين مان هو. خود رسول الله ﷺ هن بزرگ جي تعريف ڪئي آهي. ان کان منقول آهي. نه مون کي پيغمبر ﷺ جن اهڙيون ڳالهيون ٻڌايون آهن. جيڪڏهن انهن مان ڪا هڪ ٻڌايان ته منهنجي نڙي وڍي ويندي ۽ اهي ڳالهيون رب تعاليٰ جي ڪنه جا اسرار ۽ حقيقتون آهن. جيڪي قرآن شريف ۽ مشهور حديثن ۾ صريح ۽ واضح نه آهن. پر اشاري سان آهن. جيڪي مست رندن کي ميسر آهن چاڪاڻ ته جڏهن حضور ﷺ جن معراج تي ويا ان وقت حضور ﷺ جن سان گڏ دل وارا پکي ۽ انهن اجا امثال نوڪرن ۽ خادمن وانگر هئا. ملاقات ۽ سرورڪائنات ﷺ جي حضور وقت هنن ان جاءِ جو طواف تي ڪيو. جيئن ڏينيو ۽ ڪاروپونر گلن ۾ محو ۽ فنا هوندو آهي. دل جا باطني پکي انهن وانگر اتي سير ڪن ٿا ۽ ان واديءَ جوطواف ڪن ٿا ۽ خاص ٻانهن جا لطيفا به ان جاءِ تي. وڃن ٿا ۽ درگاه رب العزت جو طواف ڪن ٿا ۽ ڏسن ٿا. پر جيڪي ڏسن ۽ ڄاڻن ٿا انهن جي تقرير ۽ بيان کان زبان گونگي عقل خيره ۽ حيران ۽ بند آهي. **مثنوي:**

در چنين جائي عقل بند اي جان
واقفان سر اين کم است بدان

ترجمو: اهڙي طرح اتي عقل بند آهي اي پيارا. ان راز کان واقف گهٽ آهن تون ڄاڻ.

هر ڪہ دانست راز اين معنيٰ
گنگ گرشد ز راز اين معنيٰ

ترجمو: جنهن هن راز جي معنيٰ کي ڄاتو اهو ان رازکي ڄاڻڻ کان پوءِ گونگو ٿي ويو.

آنکہ دانست سر کساني را
در تحير بداده جاني را

ترجمو: جنهن تي اهو راز کليو، اهو پنهنجي جان کي حيرت جي حوالي ڪري ٿو.

اي عزيز! ڄاڻ تہ باطني سير سالڪ جي باطني لطيفي تي جلوه گر ٿيندو آهي، جنهن کي قلب ۽ روح ۽ روحاني وجود جو سرور ۽ خوشي ۽ مثالي وجہ چوندا آهن ۽ انهن لطيفن سان قرب ۽ عرفان ۽ ذاتي مشاهدي جو مرتبو پڻ ملندو آهي، جيڪو انهن لطيفن سان حاصل ٿيندو آهي. صفاتي نورن جا مشاهدا ۽ ذاتي تجليون انهن جي دل تي ظاهر ٿينديون آهن، ۽ ڪڏهن جسم بہ ان ۾ شريڪ هوندا آهن ۽ روئيت ذات پاڪ لطيفہ روح تي جلوه گر ٿيندي آهي. عرفان ۽ ذاتي قرب جو وجہ مثالي ميسر ٿيندو آهي، جيڪو روحاني وجود مان ظاهر ٿيندو آهي. عالم صغير ۽ ڪبير [١٠٣] جي ڪيترن قسمن کان سواءِ، عالم امر، وجوب، وحدت ۽ عالم قدس ۾ بہ سير ٿيندو آهي ۽ هر هڪ جهان ٻئي جهان کان جدا آهي ۽ ان جو پنهنجو مرتبو آهي. عالم لاهوت ۾ عالم اشاره هڪ قسم آهي، جڏهن اهي باطني پڪي ڪامل ٿيندا آهن، ان وقت ڪجهہ دير سيني جهانن ۾ سير ڪندا آهن، ۽ هيءَ آيت سڳوري:

تعرج الملائكة والروح اليه في يوم كان مقداره خمسين الف سنة.(٧٠:٤)

ان سير تي شاهد آهي، يعني الله تعاليٰ فرمائي ٿو ملائڪ ۽ روح مٿي چڙهن ٿا انهيءَ ڏانهن، هڪ ڏينهن ۾، جنهن جو اندازو دنيا جا پنجاهه سال آهي.

اي عزيز! ڄاڻ ته جڏهن ملائڪن کي اهو سير ميسر ٿئي ٿو اهڙي طرح اولياءَالله جي باطن جا پکي پڻ ذات باري تعاليٰ جو سير ڪن ٿا ۽ اهي به ان جاءِ تي وڃن ٿا، جتي ملائڪ پهچن ٿا، جيڪي ڏسن ٿا سو ڏسن ٿا بلڪ ان جاءِ تي پهچن ٿا جتي ملائڪ حيران ۽ فڪر ۾ آهن، ۽ اهي اتي نٿا پهچي سگهن. هن فقير (لطف الله قادري) کي اهو سير فقيرن وانگر حاصل ٿيو. هڪ پنڌ واري فقير وانگر بادشاهه جي سڄي لشڪر کي ڏٺم جنهن تي اهو راز کلي ٿو اهو پنهنجي جان کي حيرت جي حوالي ڪري ٿو. عام ۽ خاص جو سير ڪيم، پيادي ۽ سوار، امير ۽ وزير جو فرق معلوم ڪيم ۽ هر هڪ جي بزرگي ۽ عظمت جدا جدا ڏٺم. هر ڪنهن درويش جو طور طريقو جيڪو آهي، سو سڃاتم ۽ هر ڪنهن کان پنهنجي حال مطابق گدائي ڪيم. ايستائين جو هر بادشاهه جو رسم ۽ رواج ڏٺم ۽ سڃاتم ۽ ان جي حقيقت کان واقف ٿيس ۽ انهن کان ان نيت سان گدائي ڪيم جيئن فقير بادشاهه جي لشڪر ۾ ويندو آهي ۽ بادشاهه جي سڄي لشڪر کي ڏسندو آهي ۽ سڃاڻندو آهي، انهن کان گدائي ڪندو آهي ۽ هر ڪنهن جو مرتبو ڏسندو آهي ۽ عام خاص جي حقيقت کان آگاهه ٿيندو آهي، آخر ۾ بادشاهه تائين پهچندو آهي ۽ ان جو مرتبو ۽ عزت ڏسندو آهي. بادشاهه کان به گدائي ڪندو آهي ۽ اها گدائي ڪري فقير واپس موٽندو آهي. جيڪڏهن اهو پنڌ وارو فقير بادشاهه جي سڄي لشڪر جي حقيقت بيان ڪري ۽ ماڻهن کي چوي ته هو بادشاهه جو لشڪر نه ڏسي سگهيو آهي ته ان ۾ ڪو وڏاءُ ۽ عجب نه آهي، ڇاڪاڻ ته هاڻي هو واقف آهي ۽ هر هڪ جو مرتبو ڄاڻي ٿو ۽ سيني جي مقامن ۽ مرتبن کان واقف آهي جنهن ۾ عام ۽ خاص سير شامل آهن، پر پاڻ اهو ئي گدا آهي، حاڪم امير ۽ وزير نه آهي. والله اعلم.

باب ايڪيهون

حقيقت جي دائري جي بيان ۾ جيڪو اولياءَالله جي سڃاڻ لاءِ آهي

اي عزيز! ڄاڻ ته مراد ان دائري مان ماسوالله جو دائرو آهي ۽ ان جو قلب زماني جو غوث ۽ ان جو روح وجود شريف محمد ﷺ آهي، جيڪو ذات باري جو سر ۽ راز آهي. نوراني ۽ روحاني وجد سان پيغمبر خدائي نور جو طواف ڪن ٿا ۽ ان ڪان سڌي تربيت وٺن ٿا، جيئن حضور ﷺ جن فرمايو ته توهان مان مون جهڙو ڪير آهي ڇاڪاڻ ته آئون پنهنجي پروردگار جو پاڻ تقرب [١٠٤] حاصل ڪريان ٿو. کاڌو پيتو اتان کاوان ٿو. غوث مثالي وجد سان طواف ڪن ٿا، پيغمبر ڪان تربيت لهن ٿا. ان ڪانپوءِ چار قطب آهن جيڪي وقت جي غوث جو طواف ڪن ٿا، جنهن ڪان هو تربيت پڻ حاصل ڪن ٿا، اهي گويا جهان جي جسم جا هٿ ۽ پير آهن. پر وقت جي غوث آڏو وزير آهن ۽ ٻيا اوليا مڙني عضون وانگر آهن.

اهي سڀ زماني جي غوث جو لشڪر آهن، ۽ قطبن سان گڏ طواف ڪندا آهن ۽ ان ڪان تربيت لهندا آهن. جملي اوليائن جا ستاويهه ٽولا آهن، هڪڙا غوث آهن، جيڪي فرياد ٻڌندا آهن هر جاءِ تي ۽ هر ڪنهن جا فرياد رس آهن، ڇاڪاڻ ته الله تعاليٰ پنهنجي قديم قدرت سان انهن کي، فوق العرش ڪان تحت الثريٰ تائين طاقت بخشي آهي. هنن لاءِ سڄو جهان برابر آهي. ٻئي ٽولي کي قطب چوندا آهن ۽ اهي چار آهن. انهن مان ٻه انفسي ۽ آفاقي رستي جو ارشاد ڪندا آهن، جن کي قطب ارشاد چوندا آهن. مشرق ۽ مغرب جا سيئي سالڪ انهن جي پاڇي هيٺ آهن ۽ هنن جي برڪت سان آفاقي ۽ انفسي سلوڪ طئي ڪن ٿا، جيتوڻيڪ هو ظاهر ۾ ڪنهن ٻئي جي تربيت هيٺ هوندا آهن. باقي انفسي رستي وارو سلوڪ طئي ڪرڻ لاءِ ظاهري علم ۽ باطني شريعت ۽ باري تعاليٰ جي ذڪر و فڪر ۾ مشغول ٿيندا آهن.آفاقي سلوڪ جو مطلب الله جي عبادت ۽ نفس جي رياضت آهي. انفسي رستو الله کي آفاقي ڪان وڌيڪ ويجهو آهي.

وفي انفسكم افلا تبصرون. (٢١:٥١) معنيٰ توهان جي اندر ۾ (نشانيون) آهن، پوءِ ڇو نہ ٿا سوچيو؟

۾ ان ڏانهن اشارو آهي.

ٻہ قطب عالم علوي ۽ سفلي جا ڪم ڪار ڪن ٿا ۽ مخلوق جا ڪم انهن جي برڪت سان ٿين ٿا.جيڪي پاڻ جدوجهد ڪن تہ اُن ڪي قطب مدار چوندا آهن. ٽين ٽولي ڪي مرادات چوندا آهن، هنن ڪي الله تعاليٰ پنهنجي ڪرم سان پاڻ ڏٺيو آهي، سبب ۽ وسيلي جو ان ۾ ڪوبہ عمل دخل نہ آهي، قرب ۽ وصال توڙي شرف ۽ عرفان مان حصو نصيب اٿن. پنهنجي ذات جي واقفيت الله تعاليٰ انهن لاءِ آسان فرمائي آهي، هنن ڪي اويس بہ چوندا آهن. يعني وسيلي ڪان سواءِ الله تعاليٰ ڪي پهچن ٿا. ڪي انهن مان "صاحب عشرت" ٿيندا آهن. جيئن شيخ حسن بصري رحمتہ الله عليه ۽ ان جهڙا ٻيا ۽ انهن ڪي مشائخ طريق الاهي ۽ پيشوا ۽ سالڪان بہ چوندا آهن ۽ ڪي انهن مان عزلت جا صاحب بہ ٿيندا آهن جيئن شيخ اويس قرني رحمتہ الله عليہ ۽ ان جهڙا ٻيا ۽ انهن ڪي واقف ذات ۽ اسرار جو محرم بہ چوندا آهن. اهي اسرار ذات جي حقيقت بابت اطلاع لهندا آهن. چوٿين ٽولي ڪي مرشدون چوندا آهن، هي خدا جي طالبن ڪي ارشاد ڪندا آهن، ۽ سڌو رستو ڏيکاريندا آهن ۽ طالبن ڪي فنا ۽ بقا جي مرتبي ڏانهن وٺي ويندا آهن. پنجين ٽولي ڪي مريدون چوندا آهن. هي ارادو ڪندا آهن سالڪ ۽ طالب ڪي رستي تي وٺي حقيقي ۽ معنوي مطلوب سان ملائيندا آهن.ڇهين ٽولي ڪي مسترشدون [١٠٥] چوندا آهن هي ارشاد جا طالب آهن، ۽ استادن ڪان سلوڪ جو رستو ڳوليندا آهن. ستين ٽولي ني ذاڪرون چوندا آهن، هي هميشه باري تعاليٰ جي ذڪر جي درياءَ ۾ غرق هوندا آهن. ڪوبہ وقت ذڪر ڪان غافل ڪونہ ٿيندا آهن. اٺين ٽولي ڪي فاڪرون چوندا آهن هي فڪر جي درياءَ ۾ ٽٻيون هڻندا ڙ آهن، ۽ هميشہ اسرار الاهي جي درياءَ ۾ ٽٻيون پيا هڻن ۽ حقيقي موتي پيا ٻاهر ڪڍن. نائين ٽولي ڪي فانون چوندا آهن. يعني الله تعاليٰ جي ذات پاڪ جي نور ۾ فنا ٿيل آهن، ۽ انهن جي ذات نور

آهي ۽ انهيءَ ڪري ذات حق جي نور ۾ محو ۽ گم ٿيل آهن. ڏهين ٽولي ڪي واجدون چوندا آهن هي رياضت ۾ مست آهن. محبت الاهي جي غلبي ۽ شوق جي ڪري نچندا آهن. انهن جا جسم هتي نچن ٿا نه وري انهن جا روح ۽ دليون عرش تي نچن ٿيون. ۽ عالم لامڪان ۾ جولانيون ڏيکارين ٿا. يارهين ٽولي ڪي واصلون چوندا آهن. هي الله تعاليٰ جي قرب ۾ حق جي وصال ڪي پهتل آهن. ۽ عالم حضور ۾ سير ڪن ٿا ۽ ان عالم جا اسرار ۽ خبرون هن جهان ۾ آڻيندا آهن. ۽ طالبن ڪي انهن جو بيان ٻڌائيندا آهن. ٻارهين ٽولي ڪي زاهدون چوندا آهن. دنياوي تعلقن کان انهن جي دل ٽٽل آهي. جيڪي ٿيو اهو اسم ۽ رسم سڀ ڇڏيائون. تيرهين ٽولي ڪي عابدون چوندا آهن. اهي پنهنجي پروردگار جي عبادت ۾ هميشه مشغول رهندا آهن. ۽ اخروي درجا ۽ مرتبا حاصل ڪندا آهن. چوڏهين ٽولي ڪي عمدات چوندا آهن. اهي جهان جا ٿنڀ آهن. دنيا جو جهان انهن جي برڪت سان بيٺو آهي. لڏڻ ۽ چرڻ کان حفاظت ۽ امن ۾ آهي. پندرهين ٽولي ڪي سالڪون چوندا آهن. اهي الله تعاليٰ جي رستي جو سلوڪ طئي ڪندا آهن ۽ الله جي رستي جي مسافت طئي ڪندا آهن ۽ اتين الله جي راه ۾ پيا ويندا آهن.

سورهين ٽولي ڪي مجذوبون چوندا آهن. انهن جي ڪمال محبت ۽ شوق جي ڪري الله تعاليٰ انهن ڪي پاڻ ڏانهن ڇڪيندو آهي ۽ اهي منزلن ۽ مقامن طئي ڪرڻ ۾ ڪوبه اطلاع ڪونه لهندا آهن. جيستائين حق تعاليٰ جي قرب سان مشرف نه ٿين. سترهين ٽولي ڪي عاشقون چوندا آهن.هي هميشه محبت جي باهه ۽ شوق الاهي ۾ سڙن ٿا. ۽ سڄو جهان الله کان سواءِ پنهنجي دل تان وساري ڇڏين ٿا. ارڙهين ٽولي ڪي واقفون چون ٿا. اهي ذات پاڪ باري تعاليٰ جي رازن ۽ حقيقتن کان واقف آهن. ۽ هميشه ان بحر ۾ غرق هوندا آهن. اوڻيهين ٽولي ڪي عارفون چوندا آهن. اهي الله تعاليٰ جي ذات ۽ ان جي صفتن کان آشنا آهن. ۽ ان ڪي اجمال ۽ تفصيل سان سڃاڻن ٿا.[١٠٦] ۽ ان جي حقيقتن ۽ رازن بابت واقفيت لهن ٿا.

ويهين ٽولي کي موحدون چوندا آهن. هنن ٻيائي جا اسباب پنهنجي وجود مان ڪڍي ڇڏيا آهن، ۽ سڄي جهان ۾ حقيقي موجود هڪ ذات کي، ڄاڻن ٿا ۽ پنهنجي همت واري نظر سڄي جهان ۾ هڪ ڪري گهمائن ٿا. ايڪيهين ٽولي کي متحيرون چون ٿا جيڪي هميشه حيرت جي سمنڊ ۾ غرق آهن، پنهنجي ۽ ٻنهي جهانن جي خبر ڇڏي ڏني اٿن. مڪمل طور تي، منتظر آهن. ٻاويهين ٽولي کي رقبا چوندا آهن. هي، پنهنجي نگاهه آسماني علامتن ڏانهن رکندا آهن، جيڪي، الله تعاليٰ جي طرفان ٻانهن تي نازل ٿينديون آهن، جيئن بيماريون ۽ مصيبتون وغيره. ٽيويهين ٽولي کي نقبا چوندا آهن، هي پنهنجي نگاهه ڪوهه قاف جي دروازي تي رکندا آهن ته جيئن جن ۽ ديو ان مان ٻاهر نه نڪرن ۽ انسانن کي هلاڪ ۽ پريشان نه ڪن. چوويهين ٽولي کي نجباءَ چوندا آهن، هنن جي نگاه سَدِ سڪندري (سڪندر جي ديوار) تي هوندي آهي ته جيئن ياجوج ماجوج ٻاهر نه نڪرن ۽ مقرر وقت کان اڳي نڪري خدا جي مخلوق کي نه ايذائين. پنجويهين ٽولي کي اخيار چوندا آهن هنن جي نگاهه دجال ۽ ان جي لشڪر تي هوندي آهي، شيطان جن ۽ ڪافر دجال جو لشڪر آهن. ڇويهين ٽولي کي ابدال چوندا آهن، هي هوا ۽ مينهن جا سنڀاليندڙ آهن، اهي ٻئي هنن جي برڪت جي ڪري اچن ٿا، شروع ۽ بند ڪرڻ جو حڪم انهن جي هٿ ۾ آهي. جڏهن خدا کان گهرندا آهن ته ٻئي ٿيندا آهن، ۽ جيڪڏهن نه ته ڪجهه ڪونه ٿيندو آهي. ستاويهين ٽولي کي اوتاد چوندا آهن. الله کان سواءِ هي جهان لاءِ ڪلن وانگر آهن. آسمان ۽ زمين عرش ۽ ڪرسي انهن جي برڪت سبب بيٺل آهن، ۽ الاهي رحمت آسمان مان انهن جي برڪت سبب اچي ٿي ۽ زمين به انهن جي برڪت سبب بار سهي ٿي. انهن مان هر هڪ ٽولو پنهنجي ڪم ۾ مشغول آهي، ۽ وڏي ڪوشش ۾ لڳو پيو آهي، ڇاڪاڻ ته جهان جو مدار انهن تي آهي، ۽ جيڪڏهن ڪو انهن مان هڪڙو مري ٿو ته ان جي جاءِ تي ٻيو اچي ٿو، قيامت تائين جهان جو نظام ائين هلندو. پر انهن مان هر هڪ ٽولي جو مقام معين آهي، ۽ ان موافق ان جو نالو رکيل

آهي. والله اعلم. سنڌي بيت اولياءَالله جي تعريف ۾ بيت:

اولياءَ تيئن عالم ۾ جيئن ستون منجهه گهرن
تنهن گهر کي هيڪڙي، لڏي سڀ وڄن
هوءِ جوڳو جنين جي، هجي ساڪن سدا تن
مڃي سڀ وڄن، مٿي ماڳ ڏٺين کي

بيت

عالم اُپِيَکَ جن جي، هون سلامت سي
قادر ڪمال قدرت سين عطا ان ڏي
هوءِ محل ماند معونت، قرار قوت تن کي
[گهوٽيا تنهن] گهر ئي، پر حت حهاپا جائيون (۱۰۷)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

ضميمو الف:

الهاماتِ غوث

’غوثيہ‘ يا ’الهامات غوث‘ شيخ عبدالقادري جيلانيءَ ڏانهن منسوب مختصر رسالو آهي جيڪو سنڌ هند ۾ نهايت مقبول رهيو آهي. چشتي سلسلي جي مشهور بزرگ سيد محمد حسيني گيسودراز (وفات 825/1422) اٺين صدي هجريءَ ڌاري ان جي فارسيءَ ۾ شرح ’جواهر العشاق‘ نالي سان لکي، جيڪا ڇپيل آهي.

هتي اسان جيڪو عربي متن ڏئي رهيا آهيون اهو مصر مان سال ١٣٠٣ھ ۾ ڇپيل ’الفيوضات الربانيہ‘ في المآثر ولا وراد القادريہ“ تان ورتل آهي.

هتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي تہ ڪن ڪتابن ۾ هن رسالي جو انتساب شيخ اڪبر ابن عربي ڏانهن پڻ مليو ٿو. سال ١٣٦٧ ۾ ايران مان ڇپيل ده رسائل ’ابن عربي مترجم ۾ محقق نجيب مايل هروي ’رسالتہ الغوثيہ‘ کي ابن عربيءَ جو ثابت ڪري ٿو، جنهن جو ثبوت اهو فارسي ترجمو آهي جيڪو حسن گيلاني نالي ڪنهن بزرگ ڪيو آهي ۽ اهو پاڻ نائين صديءَ ۾ ٿي گذريو آهي.

جيئن تہ حسيني گيسودراز جو غوثيہ جو فارسي ترجمو حسن گيلانيءَ واري ترجمي کان لڳ ڀڳ هڪ صدي اڳ جو آهي، تنهن ڪري ان جو انتساب وڌيڪ مستند آهي ان ڳالهہ جي تائيد ابن عربيءَ جي جديد محققن عثمان يحيٰ، پلاسيوس ۽ محسن جهانگيريءَ جي راءِ مان پڻ ٿئي ٿي.

لطف الله ’منهاج المعرفت‘ ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنج سڌاسنوان اقتباس ’غوثيہ‘ مان ڏنا آهن ۽ ان ڪانسواءِ سندس فڪر تي ان جو واضح اثر

محسوس ٿئي ٿو. اتان معلوم ٿئي ٿو ته 'غوثيه' کي سنڌ جي قادري صوفين وٽ غيرمعمولي مقبوليت حاصل رهي آهي. انهيءَ ڪري اساز هتي غوثيه جو پورو عربي متن سنڌي ترجمي سوڌو ڏيئي رهيا آهيون ۽ منهاج ۾ آندل اقتباس کي هيٺان لڪير ذريعي واضح ڪيو ويو آهي.

[الفيوضات الربانيه، مصر ١٣٠٣هه رساله غوث اعظم يعني جواهر العشاق، سيد حسين گيسودراز، لاهور ٢٠٠٠ع

ده رسالئه مترجم ابن عربي، نجيب مائل هروي، تهران ١٣٦٧]

الحمدلله الكاشف الغمة والصلواه عليٰ خير البرية

ترجمو: سڀ تعريفون الله جي لاءِ آهن جيڪو ڏکن ڏولاون کي درو ڪرڻ وارو آهي. صلاتون ۽ سلام ڀلاري ۾ ڀلاري مخلوق. (محمد صلي الله عليه وسلم تي).

قال الله تعاليٰ: ياغوث الاعظم المتوحش عن غيرالله والمستانس بالله الله تعاليٰ فرمايو: اي غوث اعظم، تون غيرالله کان پري ڀڄندڙ آهين ۽ الله سان انس رکندڙ آهين.

قال الله تعاليٰ يا غوث الاعظم. قلت، لبيڪ يا رب الغوث.

(2) قال: ڪل طور بين الناس وائملڪوت فهي شريعت وڪل طور بين الملڪوت والجبروت فهي طريقت وڪل طور بين الجبروت والاهوت فهي حقيقة

ترجمو: جيڪو طور طريقو ناسوت ۽ ملڪوت جي وچ ۾ آهي اهو شريعت آهي، جيڪو طور طريقو ملڪوت ۽ جبروت جي وچ ۾ آهي اهو طريقت آهي ۽ جيڪو طريقو جبروت ۽ لاهوت جي وچ ۾ آهي اهو حقيت آهي.

(3) قال الله تعاليٰ: ياغوث الاعظم ما ظهرت في شيءِ ڪظهوري في الائسان.

ترجمو: اي غوث اعظم مان ڪنهن شيءِ ۾ ائين ظاهر نہ ٿيو آهيان، جهڙي طرح انسان ۾ منهنجو ظهور آهي.

(4) ثم سألت:يارب هل لڪ مڪان؟

مون سوال ڪيو! اي منهنجا رب، ڇا تنهنجو ڪو مڪان آهي؟

قال لي: يا غوث الاعظم انا مڪون المڪان وليس لي مڪان.

ترجمو: مون کي چيو ويو: اي غوث اعظم مان تہ مڪانن کي پيدا ڪرڻ وارو آهيان ۽ منهنجو مڪان نہ آهي.

(5) ثم سألت يارب هل لڪ اڪل وشرب؟ قال لي ياغوث الاعظم، اڪل الفقير اڪلي وشربه وشربي.

ترجمو: وري مون پڇيو، اي رب ڇا تنهنجي لاءِ کاڌو پيتو آهي؟

مون کي چيو ويو! اي غوث اعظم، فقير جو کاڌو منهنجو کاڌو آهي ۽

ان جو پيئڻ منهنجو پيئڻ آهي.

(6) ثم سألت، يا رب، من اى شيء خلقت الملائكة. قال لى يا غوث الاعظم خلقت الملائكة من نور الانسان وخلقت الانسان من نورى.

ترجمو: وري مون پڇيو اي پروردگار تو فرشتن کي ڪهڙي شيءِ مان پيدا ڪيو. چيو ويو. مون ملائڪن کي انسان جي نور مان پيدا ڪيو ۽ انسان کي پنهنجي نور مان پيدا ڪيو.

(7) ثم قال لى يا غوث الاعظم. جعلت الانسان مطيئتى وجعلت سائر الاكوان مطيئة له.

ترجمو: وري مون کي ٻڌايو ويو ته اي غوث اعظم، مون انسان کي پنهنجي سواري ٺاهيو ۽ پوري ڪائنات کي سندس سواري ٺاهيو آهي.

(8) ثم قال لي ياغوث الاعظم، نعم الطالب انا ونعم المطلوب الانسان ونعم الراكب الانسان ونعم المركوب له الاكوان.

وري چيو ويو اي غوث اعظم، مان بهترين طالب آهيان ۽ بهترين مطلوب انسان آهي. سٺو سوار انسان آهي ۽ سموري ڪائنات هن لاءِ سٺي سواري آهي.

(9) ثم قال ياغوث الاعظم، الانسان سري وانا سره لوعلم الانسان منزلته عندي لقال في كل نفس من الانفاس لمن الملك اليوم.

ترجمو: وري ارشاد ٿيو اي غوث اعظم، انسان منهنجو راز آهي ۽ آءٌ هن جو راز آهيان. جيڪڏهن انسان کي پتو پوي ته مون وٽ سندس ڪيڏو مرتبو آهي ته جيڪر هرپل ۽ هر گهڙي چئي وهي ته اڄ مون کان سواءِ ٻي ڪنهن جي بادشاهي آهي؟

(10) ثم قال لي يا غوث الاعظم، ما اكل الانسان شيئا وما شرب وما قام وما قعد وما نطق وما صمت وما فعل وما توجه لشيءِ وما غاب عن شيءِ الا وانا فيه ساكنه ومتحركه.

ترجمو: وري ارشاد ٿيو اي غوث اعظم، انسان ڪا شيءِ نٿو کائي، نٿو پيئي، نٿو بيهي، نٿو ويهي، نٿو ڳالهائي، نٿو خاموش رهي، نٿو ڪوئي

ڪم ڪري، نہ ڪنهن شيءِ ڏانهن متوجه ٿئي، نہ ڪنهن شيءِ کان پري ٿئي، مگر هر صورت ۾ اتي آءُ هوندو آهيان. مان ئي هن کي بيهاريندو آهيان. مان ئي ڪيس چرپر ۾ آڻيندو آهيان.

(11) ثم قال لي يا غوث اعظم، جسم الانسان ونفسه وقلبه وروحه وسمعه وبصره ويده ورجله ولسانه وڪل ذالڪ ظهرت له نفس بنفس لاهو الا انا ولا انا غيره.

ترجمو: وري ارشاد ٿيو! اي غوث اعظم، انسان جو جسم، هن جو نفس، هن جي دل، هن جو روح، هن جا ڪن، هن جون اکيون. هن جا هٿ، هن جا پير، ۽ هن جي زبان کي مون ظاهر ڪيو آهي، پنهنجي ذات مان ذات خاطر. هو ڪونهي مگر آءُ ئي آهيان ۽ آئون هن جو غير ناهيان.

(12) ثم قال لي يا غوث الاعظم، اذا رايت المحترق بنار الفقر والمنكسر بڪثرة الفاقة فتقرب اليه لانه لا حجاب بيني وبينه.

ترجمو: وري چيو ويو اي غوث اعظم، جڏهن تون ڪنهن فقير کي ان حالت ۾ ڏسين جو هو فقر جي باهه ۾ پڪل هجي ۽ بکن جي ڪثرت سبب هيٺو هجي تہ پوءِ سندس ويجهو ٿيءُ ڇوتہ منهنجي ۽ هن جي وچ ۾ ڪو پردو نہ آهي.

(13) ثم قال لي ياغوث الاعظم، لاتاڪل طعاما ولا تشرب شرابا ولا تنم نوما الا عند قلب حاضر وعين ناظر.

ترجمو: وري ارشاد ٿيو ياغوث اعظم، تون ڪاڏو نہ کاءُ، نہ پاڻي پيءُ، نڪي ننڊ ڪر، بلڪ مون وٽ (کاءُ پيءُ ۽ سمهہ) پنهنجي حاضر قلب ۽ ڏسندڙ اکين سان.

(14) ثم قال لي ياغوث الاعظم، من حرم عن سفري في الباطن ابتُلي سفرالظاهر ولم يزدد مني الابعدا في سفرالظاهر.

ترجمو: وري چيو ويو اي غوث اعظم، جيڪو پنهنجي باطن ۾ مون ڏانهن سفر ڪرڻ کان محروم رهيو، ان کي ظاهري سفر ۾ مبتلا ڪيو آهي، ۽ ان کي منهنجي طرفان ڪجهہ نہ ملندو آهي بلڪ هو ظاهري سفر ۾

وڏيڪ پري پئجي ويندو آهي

(15) ثم قال لي ياغوث الاعظم. الاتحاد حال لا يعبر بلسان المقال فمن آمن به قبل وجود الحال فقد كفر ومن اراد العبادة بعدا لو صول فقد اشرك بالله العظيم.

ترجمو: ارشاد ٿيو اي غوث اعظم. ميلاپ اهڙو حال آهي جنهن جي سمجهاڻي زبان سان نٿي ڏئي سگهجي. پوءِ جنهن حال کي وجود ۾ اچڻ کان اڳ اقرار ڪيو تنهن ڄڻ ڪفر ڪيو. پر جنهن وري وصول کان پوءِ عبادت جو ارادو ڪيو تنهن ڄڻ خدا سان وڏو شرڪ ڪيو.

(16) ثم قال لى يا غوث الاعظم من سعد بالسعادة الازلية طوبىٰ له لم يكن مخذولا ابدا ومن شقى بالشقاوة الازلية فويل له لم يكن مقبولا بعد ذالك قط.

ترجمو: وري چيو ويو ته اي غوث اعظم جيڪو ازلي سعادت سبب نيڪ بخت ٿيو ان لاءِ مبارڪ باد آهي ڇوته اهو ان کان پوءِ خوار نه ٿيندو. پر جيڪو ازل ۾ بدبختيءَ ڪري بدبخت بڻجي ويو ان جي لاءِ ويل آهي، ڇو ته اهو هن کان پوءِ ڪڏهن به مقبول ٿانهو نه ٿي سگهندو.

(17) ثم قال يا غوث الاعظم جعلت الفقر الفاقه مطيئة الانسان فمن ركبها فقد بلغ للمنزل قبل ان يقطع الفاوز والبوادى .

ترجمو: ارشاد ٿيو ته اي غوث اعظم مون انسان لاءِ به سواريون فقر ۽ فاقو بنايون آهن. جيڪو انهن تي سوار ٿيو ته اهو منزل تي رسندو، ان کان اڳ جو رندڪون ۽ جهنگل ڪيس طي ڪرڻا پون.

(18) ثم قال لى يا غوث الاعظم لو علم الانسان ماكان بعد الموت ما تمنى الحياة فى الدنيا وبقول بين يدى كل لحظة ولمحة يا رب امتنى

ترجمو: ارشاد ٿيو ته اي غوث اعظم جيڪڏهن انسان کي اها خبر پئجي وڃي ته موت کان پوءِ ڪيس ڇا ملڻو آهي ته هو هرگز هن دنيا جي حياتيءَ جي تمنا نه ڪري. بلڪ خدا تعاليٰ کان هر پل ۽ هر گهڙي گهرندو رهي ته يارب مون کي مرت ڏي.

(19) ثم قال لي يا غوث الاعظم حجت الخلائق عندي يوم القيامت

الصم والبكم والعمي ثم التحسروالبكاء وفي القبركذالك.

ترجمو: ارشاد ٿيو تہ اي غوث اعظم قيامت جي ڏينهن مون وٽ مخلوق جي حجت سندس گونگو، ٻوڙو ۽ انڌو هجڻ آهي. پوءِ ائين قبر ۾ بہ حسرت ۽ روئڻ ئي آهي.

(20) ثم قال لي ياغوث الاعظم المحبت حجاب بيني وبين المحب والمحبوب اذا فني المحب عن المحبه وصل بالمحبوب.

ترجمو: ارشاد ٿيو تہ اي غوث اعظم محبت محبوب ۽ محب يعني محبت ڪندڙ جي وچ ۾ پردو آهي. پوءِ جڏهن محبت ڪندڙ محبت ۾ فنا ٿي ويندو آهي تہ ڪيس محبوب جو وصال حاصل ٿيندو آهي.

(21) ثم قال لي ياغوث الاعظم رايت الارواح يتربصون في قالبهم بعد قوله الست بربكم الیٰ يوم القيامه.

ترجمو: ارشاد ٿيو تہ اي غوث اعظم، مون سڀني ارواحن کي ڏٺو تہ اهي پنهنجي قالب ۾ قيامت تائين منتظر آهن جڏهن کان هنن الست بربڪم جو قول ٻڌو آهي.

(22) ثم قال الغوث رايت رب تعالیٰ وقال لي ياغوث الاعظم من ساءلني عن الرويت بعدالعلم فهو محجوب بعلم الرويت فمن ظن ان الرويت بغيرالعلم فهو معرور برويت الله تعالیٰ.

ترجمو: پوءِ فرمايو غوث تہ مون ڏٺو رب تعاليٰ کي ۽ مون کي ارشاد ٿيو. اي غوث اعظم جيڪو علم کان پوءِ منهنجي ديدار بابت سوال ڪري تہ اهو علم رويت جي ڪري حجاب ۾ رهندو. پر جيڪو بغير علم رويت جو گمان ڪري تہ اهو الله تعاليٰ جي رويت جي باري ۾ دوکي ۾ آهي.

(23) ثم قال لي ياغوث الاعظم من رآني استغني عن السوال في كل حال ومن لم يرني فلا ينفعه السوال وهو محجوب بالمقال.

ترجمو: ارشاد ٿيو تہ اي غوث اعظم، جنهن مون کي ڏٺو اهو سوال ڪرڻ کان بي نياز ٿي ويو. پر جنهن مون کي نہ ڏٺو ان کي سوال ڪرڻ مان ڪو فائدو ڪونهي. اهو پنهنجي گفتار سبب حجاب ۾ آهي.

(24) ثم قال لي ياغوث الاعظم ليس الفقير عندي من ليس له شيءُ بل الفقير الذي له امر في كل شيءٍ اذا قال لشيءٍ كن فيكون. ثم قال لي لا الفت ولانعمتہ في الجنان بعد ظهوري فيها ولا وحشت ولا حرقت في النار بعد خطابي لاهلها.

ترجمو: ارشاد ٿيو تہ اي غوث اعظم. مون وٽ اهو فقير ناهي جنهن وٽ ڪا شيءِ نہ هجي. بلڪ فقير اهو آهي جنهن جو هر شيءِ ۾ حڪم هلي ٿو. جڏهن هو ڪنهن شيءِ لاءِ چوي ٿو تہ ٿيءُ تہ ٿي پوي ٿي. وري مون کي چيو ويو تہ منهنجي ظهور کان بعد جنت ۾ ڪا ڪشش يا نعمت نہ رهندي، ائين دوزخ ۾ پڻ منهنجي خطاب کان بعد اها وحشت ۽ باهہ جي جَرَ نہ رهندي.

(25) ثم قال يا غوث الاعظم انا اكرم من كل كريم وانا ارحم من كل رحيم.

ترجمو: ارشاد ٿيو اي غوث اعظم مان سيني مهرباني ڪندڙن ۾ وڏيڪ مهربان آهيان ۽ سيني رحم ڪندڙن ۾ وڏيڪ رحم ڪندڙ آهيان.

(26) ثم قال لي يا غوث الاعظم نم عندي لا كنوم العوام ترني. فقلت يا رب كيف انام عند لك. قال بخمود الجسم عن اللذات وخمودالنفس عن الشهوات وخمودالقلب عن الخطرات وخمودالروح عن اللحظات في فناءِ ذاتہ في الذات.

ترجمو: ارشاد ٿيو تہ اي غوث اعظم تون مون وٽ سمهي رهہ. پر عام ماڻهن جيان ننڊ نہ ڪجانءِ تہ پوءِ مون کي ڏسندين. مون سوال ڪيو اي منهنجا رب مان تو وٽ ڪيئن ننڊ ڪري سگهان ٿو. ارشاد ٿيو تہ پنهنجي جسم کي لذتن کان پري ڪر، پنهنجي نفس کي شهوت کان بچاءِ، پنهنجي دل کي خيالن کان هٽاءِ ۽ روح کي چڪرن کان جڏاءِ. ائين پنهنجي ذات کي منهنجي ذات ۾ فنا ڪر.

(27) ثم قال يا غوب الاعظم قل لاصحابك واحبا بك من اراد منكم جنابي فعليه فاختيارالفقر. ثم فقرالفقر فاذا تم الفقر فلا ثم الا انا.

ترجمو: ارشاد ٿيو تہ اي غوث اعظم پنهنجي دوستن ۽ سڄڻن کي ٻڌاءِ تہ جيڪو انهن مان منهنجي پاڙي ۾ اچڻ گهري، هن کي کپي تہ پهرين فقر اختيار ڪري، پوءِ فقر جو فقر ۽ پوءِ جڏهن فقر تمام يعني مڪمل ٿيندو تہ پوءِ ڪجهہ باقي نہ رهندو سواءِ منهنجي!

(28) ثم قال لي ياغوث الاعظم طوبيٰ لک ان کنت رئوف عليٰ بريتي وطوبيٰ لک ان کنت غفورا لبريتي.

ترجمو: ارشاد ٿيو تہ اي غوث اعظم، ڀلائي آهي تو لاءِ جيڪڏهن تون منهنجي مخلوق تي مهربان آهين، ۽ مبارڪباد آهي تو لاءِ جيڪڏهن تون منهنجي خلق لاءِ بخشش ڪندڙ آهين.

(29) ثم قال لي ياغوث الاعظم قل لاحبابک واصحابک اغتنمو دعوة الفقراءِ انهم عندي وانا عندهم.

ترجمو: ارشاد ٿيو تہ اي غوث اعظم تون پنهنجي ساٿين سنگتين کي ٻڌاءِ تہ فقيرن جي سڏ تي وڃن. ڇوتہ اهي مون وٽ آهن ۽ آءُ هنن وٽ آهيان.

(30) ثم قال لي ياغوث الاعظم انا ماويٰ کل شيءِ ومسکنه ومنظره والي المصير.

ترجمو: ارشاد ٿيو تہ اي غوث اعظم آءُ هر شيءِ لاءِ پناهہ جي جڳهہ آهيان. مان ان جي رهڻ لاءِ آهيان، مان ئي ان جو منظر آهيان ۽ مون ڏانهن هر شيءِ موٽڻ واري آهي.

(31) ثم قال يا غوث الاعظم لاتنظر الى الجنت وما فيها ترانى بلا واسطة ولاتنظر الى النار وما فيها ترانى بلا واسطة.

ترجمو: ارشاد ٿيو تہ اي غوث اعظم جنت ۽ ان ۾ جيڪي ڪجهہ آهي ان ڏانهن نگاهہ نہ ڪر، تہ ائين تون مون کي بغير واسطي ڏسندين. ساڳي ريت دوزخ ۽ ان ۾ جيڪي ڪجهہ آهي، ان ڏانهن نظر نہ ڪر تہ پوءِ مون کي بغير رنڊڪ ڏسندين.

(32) ثم قال يا غوث الاعظم اهل الجنت مشغولون بالجنت واهل النار مشغولون بي.

ترجمو: مون کي ارشاد ٿيو تہ اي غوث اعظم جنت جا جيڪي اهل آهن اهي پنهنجي جنت ۾ مشغول آهن. پر باهہ جا اهل وري مون سان مشغول آهن.

(33) ثمر قال لي ياغوث الاعظم بعض اهل الجنت يتعوذون من النعيم کاهل الناريتعوذون من الجحيم.

ترجمو: ارشاد ٿيو تہ اي غوث اعظم ڪي اهل جنت ان جي نعمتن کان ائين پناهہ گهرن ٿا. جيئن ڪي دوزخي ان جي باهہ کان پناهہ گهرن ٿا.

(34) ثمر قال لي ياغوث الاعظم من شغل بسوائي کان لصاحبہ زنارا يوم القيامت.

ترجمو: ارشاد ٿيو تہ اي غوث اعظم جيڪو مون کان سواءِ ٻي ڪنهن شيءِ سان مشغول ٿيو ان لاءِ قيامت جي ڏينهن حٽيو سندس مرڪ هوندو.

(35) ثمر قال لي ياغوث الاعظم اهل القربت يسغيثون من القربت کما ان اهل البعد يستغيثون من البعد.

ترجمو: مون کي ارشاد ٿيو تہ اي غوث اعظم اهي جيڪي اهل قرب آهن اهي بہ قرب کان ائين فرياد ڪن ٿا جيئن پري ۽دور وارا دوريءَ جون دانهون ڪن ٿا.

(36) ثمر قال لي ياغوث الاعظم ان لي عبادا سوي الانبياءِ والمرسلين لايطلع عليٰ احوالهم احد من اهل الدنيا ولا احد من اهل الاخره ولا احد من اهل الجنت ولا احد من اهل النار ولا مالک ولا رضوان ولا جعلتهم للجنت ولا للنار ولا للثواب وللعقاب ولا للحور ولا للقصور ولا للغلمان فطوبيٰ لمن آمن بهم وان لمر يعرفهم.

ترجمو: ارشاد ٿيو تہ اي غوث اعظم نبين ۽ رسولن کان سواءِ منهنجا ڪي اهڙا ٻانها آهن جن جي احوالن بابت ڪنهن هڪڙي کي خبر ناهي. انهن جو تعلق دنيا وارن سان هجي يا آخرت سان اهي جنت وارن مان هجن يا جهنم وارن مان ڪنهن کي خبر ناهي. ائين نہ ڪنهن ملک رضوان

کي ڪا خبر آهي. انهن کي مون جنت ۽ دوزخ، ثواب ۽ عذاب، حور ۽ قصور ۽ غلمان لاءِ نہ خلقيو آهي، پوءِ خوش بخت آهن اهي جيڪي انهن کي سڃاڻن ٿا توڙي جو ڪين خبر نہ پوي.

(37) ثم قال يا غوث الاعظم وانت منهم ومن علاماتهم في الدنيا اجسامهم محترقت من قلت الطعام والشراب ونفوسهم محترقت عن الشهوات وقلوبهم محترقت عن الخطرات وارواحهم محترقت عن الحظات وهم اصحاب البقاءِ المحترقين بنورللقاءِ.

ترجمو: ارشاد ٿيو تہ اي غوث اعظم تون انهن منجهان آهين ۽ انهن جي دنياوي نشانين ۾ آهي تہ سندن ڏيل بک ۽ اڃ جي ڪري ڏٻرا هوندا آهن. انهن جا نفس خواهشن جو خاتمو هوندا سندن دليون خيالن کان خام هونديون آهن. هنن جا ارواح سوچ کي ساڙي ڇڏيندا آهن. اهي بقا جا صاحب آهن ۽ ديدار جي اگ ۾ پچندا رهن ٿا.

(38) ثم قال يا غوث الاعظم اذا جاءك عطشان في يوم شديدالحر وانت صاحب الماءِ البارد وليس لک حاجت بالماءِ فلو كنت تمنعه فانت ابخل الباخلين. فكيف امنعهم من رحمتي وانا سجلت عليٰ نفسي باني ارحم الراحمين.

ترجمو: ارشاد ٿيو تہ اي غوث اعظم جڏهن سخت گرمي ۽ ڪاڙهي جو ڏينهن هجي ۽ تو وٽ ڪيترا اڃايل انسان اچي پهچن ۽ تو وٽ ٿڌو پاڻي موجود هجي ۽ توکي ان پاڻيءَ جي ضرورت بہ نہ هجي، ان صورت ۾ جيڪڏهن تون انهن کان اهو پاڻي روڪيو تہ پوءِ توکان وڌيڪ بخيل ٻيو ڪير ٿي سگهي ٿو. لهاذا آئون رحمت کي انهن کان ڪيئن ٿو روڪي سگهان جڏهن مان پنهنجي ذات لاءِ شاهدي ڏني آهي تہ آئون سڀني کان زياده رحم ڪرڻ وارو آهيان.

(39) ثم قال لي ياغوث الاعظم ما بعد عني احد من اهل المعاصي وما قرب احد مني اهل الطاعت.

ترجمو: ارشاد ٿيو تہ اي غوث اعظم ڪوبہ گنهگار مون کان گناهن

جي ڪري پري ناهي نہ ڪو وري فرمانبردار انهيءَ ڪري مون سان ويجهو آهي.

(40) ثم قال لي ياغوث الاعظم لو قرب مني احد لكان من اهل المعاصي لانهم اصحاب العجز والندم.

ترجمو: ارشاد ٿيو تہ اي غوث اعظم مون کي جيڪڏهن ڪو ويجهو آهي تہ اهي گنهگار بندا ئي آهن ڇوتہ هو عاجزي ۽ پيشمانيءَ وارا آهن.

(41) ثم قال لي ياغوث الاعظم العجز منبع الانوار والعجب منبع الظلمت.

ترجمو: ارشاد ٿيو تہ اي غوث اعظم عاجزي يا نوڙت ۽ نماڻائي انوار جو سرچشمو آهي پر هٺ ۽ وڏائي اونده ۽ انڌيري جو مرڪز آهن.

(42) ثم قال يا غوث الاعظم اهل المعاصي محجوبون بالمعاصي واهل الطاعات محجوبون بالطاعات ولي وراءٔ هم قوم آخرون ليس لهم غم المعاصي ولاهم الطاعات.

ترجمو: ارشاد ٿيو تہ اي غوث اعظم گنهگار پنهنجي گناهن جي ڪري حجاب ۾ ورتل آهن ائين اطاعت گذار بہ پنهنجي اطاعت سبب حجاب ۾ پيل آهن. ليڪن انهن ٻنهي کان علاوه منهنجو هڪ اهڙو ٽولو بہ آهي جن کي نہ گناهہ جو غم آهي نہ طاعت جو ڳڻتي ۽ فڪر.

(43) ثم قال لي ياغوث الاعظم بشرالمذنبين بالفضل والكرم وبشر المعجبين بالعدل والنقم.

ترجمو: ارشاد ٿيو تہ اي غوث اعظم گنهگارن کي فضل ۽ ڪرم جي خوشخبري ڏي پر هٺيلن ۽ وڏائي ڪندڙن کي عدل ۽ انتقام جي خبر ٻڌاءِ.

(44) ثم قال لي يا غوث الاعظم اهل الطاعت يذكرون النعيم واهل العصيان يذكرون الرحيم.

ترجمو: ارشاد ٿيو تہ اي غوث اعظم اطاعت ڪندڙ نعمتن کي ياد ڪن ٿا پر گنهگار ۽ خطاڪار رحمت کي پڪارين ٿا.

(45) ثم قال لي يا غوث الاعظم انا قريب الي المعاصي بعد ما يفرغ من العصيان وانا بعيد من المطيع اذا فرغ من الطاعات.

ترجمو: ارشاد ٿيو تہ اي غوث اعظم مان گنهگار کي ويجهو آهيان جڏهن هو گناهہ کان فارغ آهي ۽ ان فرمانبردار کان پري آهيان جڏهن هو اطاعت کان فارغ آهي.

(46) ثم قال لي ياغوث الاعظم خلقت العوام فلم يطيقواانوار ربهم فجعلت بيني وبينهم حجاب الظلمتہ وخلقت الخواص فلم يطيقوا مجاورتي فجعلت الانوار بيني وبينهم حجابا.

ترجمو: ارشاد ٿيو تہ غوث اعظم مون عوام کي پيدا ڪيو پر اهي پالڻهار جي نور جي برداشت نٿا رکن، ان ڪري مون پنهنجي ۽ هنن جي وچ ۾ اوندهہ جو پردو رکيو آهي. مون خواص کي پيدا ڪيو پر اهي وري منهنجي نزديڪي جي طاقت نٿا رکن. ان ڪري مون هنن ۽ پنهنجي وچ ۾ انوار جو پردو قائم ڪري رکيو آهي.

(47) ثم قال يا غوث الاعظم قل لا صحابک من اراد منهم ان يصل الي فعليه بالخروج عن کل شيءِ سوائي.

ترجمو: مون کي ارشاد ٿيو تہ اي غوث اعظم پنهنجي ساٿين کي ٻڌاءِ تہ جيڪو منهنجو وصال چاهي ٿو ان کي گهرجي تہ هر شيءِ کي ڇڏي نڪري وڃي سواءِ منهنجي ذات جي.

(48) ثم قال لي ياغوث الاعظم اخرج عن عقبت الدنيا تصل بالاخرت واخرج عن عقبه الاخرت تصل الي.

ترجمو: ارشاد ٿيو تہ اي غوث اعظم هن دنيا جي چاڙهين مان اڪري آخرت ۾ داخل ٿي. وري آخرت جي چاڙهين مان نڪر تہ مون وٽ پهچين.

(49) ثم قال لی ياغوث الاعظم اخرج عن الاجسام والنفوس ثم اخرج عن القلوب والارواح ثم اخرج من الحکم والامر تصل الی فقلت يا رب ای صلات اقرب اليك قال الصلات التی ليس فيها سوائی والمصلی عنها غائب ثم قلت ای صوم افضل عندك قال الصوم الذی ليس سوائی والصائم عنه غائب. ثم قلت ای عمل افضل عندك قال العلم الذی ليس فيه سوائی من الجنة والنار وصاحبه عنه غائب. ثم قلت ای بُکاء افضل عندك قال بکاء الضاحکين ثم قلت

اى ضحك عندك افضل قال ضحك الباكين. ثم قلت اى توبة افضل عندك قال توبة المعصومين. ثم قلت اى عصمت فضل عندك قال عصمت التائبين.

ترجمو: ارشاد ٿيو تہ اي غوث اعظم پنهنجي جسمن ۽ نفسن کان ٻاهر نڪرو پوءِ قلب ۽ روح کان ٻاهر نڪرو. پوءِ حڪم ۽ امر کان ٻاهر نڪرو تہ جيئن مون وٽ پهچو. مون عرض ڪيو منهنجا رب، تو وٽ ڪهڙي نماز پسنديده آهي. ارشاد ٿيو اها نماز جنهن ۾ مون کان سواءِ ٻيو ڪوئي ناهي ۽ نماز پڙهندڙ غائب، آهي. وري مون عرض ڪيو تو وٽ ڪهڙو روزو افضل آهي. جواب آيو اهو روزو جنهن ۾ مون کان سواءِ ٻيو ڪونهي ۽ روزي دار پاڻ غائب آهي. وري مون عرض ڪيو تہ ڪهڙو عمل تو وٽ وڌيڪ بهتر آهي. جواب آيو تہ اهو جنهن ۾ مون کان سواءِ ٻيو ڪوبہ ناهي نہ جنت نہ دوزخ ۽ اهو عمل وارو پاڻ غائب آهي. وري مون عرض ڪيو تہ پلا تو وٽ ڪهڙو روئڻ افضل آهي جواب مليو تہ کلندڙن جو روئڻ. وري مون عرض ڪيو تہ تو وٽ ڪهڙو کلڻ بهتر آهي. جواب مليو تہ روئندڙن جو کلڻ. وري مون عرض ڪيو تہ تو وٽ ڪهڙي توبہ افضل آهي. جواب آيو تہ بيگناهن جي توبہ بهتر آهي. وري مون عرض ڪيو تہ ڪهڙي بيگناهي تو وٽ افضل آهي. جواب مليو تہ توبہ ڪندڙن جي بينگاهي.

(50) ثم قال لي ياغوث الاعظم ليس لصاحب العلم عندي سبيل الا بعد انكاره لانه لو ترك العلم عنده صار شيطانا. قال الغوث رائيت عز سلطانه فسالته يا رب ما معني العشق قال العشق حجاب بين العاشق والمعشوق.

ترجمو: ارشاد ٿيو تہ اي غوث اعظم علم واري لاءِ مون وٽ ڪا واٽ ناهي، سواءِ ان جي تہ علم جو انڪار ڪري .اهو ان ڪري جو جيڪڏهن هو علم کي پاڻ وٽ ڇڏي ٿو تہ شيطان بڻجي وڃي ٿو.

غوث اعظم چيو مون پنهنجي ر ب العزت کي ڏٺو تہ مون سوال ڪيو، اي منهنجا رب عشق جي معنيٰ ڇا آهي؟ جواب مليو عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾ پردو!

(51) ثم قال لی یا غوث الاعظم اذا اردت التوبة فعلیك باخراج هم الذنب عن النفس ثم باخراج الخطرات عن القلب تصل الی والا فانت من المستهزئین.

ترجمو: ارشاد ٿيو ته اي غوث اعظم جڏهن تون توبه جو ارادو ڪرين ته پوءِ توتي لازم آهي ته نفس جي وسوسن کان ٻاهر نڪرين. ان کان پوءِ دل جي خوف خطرن کان ٻاهر نڪر ته جيئن مون وٽ پهچين ورنه تنهنجو شمار ٺٺولي ڪرڻ وارن ۾ ٿيندو.

(52) ثم قال لي غوث الاعظم اذا اردت ان تدخل حرمي فلا تلتفت بالملك والملكوت ولا بالجبروت لان الملك شيطان العالم والملكوت شيطان العارف والجبروت شيطان الواقف فمن رضي بواحد منها فهو عندي من المطرودين.

ترجمو:ارشاد ٿيو ته اي غوث اعظم جڏهن تون ارادو ڪرين ته منهنجي حرم ۾ داخل ٿئين ته پوءِ هن جهان سان لنو نه لاءِ نه وري ملڪوت ۽ جبروت ڏي ڏس. ڇوته هي جهان شيطان جو عالم آهي، ملڪوت وري عارف لاءِ شيطان آهي ۽ جبروت اتي بيهندڙ لاءِ شيطان آهي. پوءِ جيڪو انهن مان ڪنهن هڪ تي راضي ٿيو ته اهو مون وٽان تڙيل آهي.

(53) ثم قال لي یاغوث الاعظم المجاهدة بحر من المشاهده وحیتانه الواقفون فمن أرادالدخول في بحرالمشاهدة. فعلیه باختیار لامجاهده لان المجاهدت بذرالمشاهدة.

ترجمو: ارشاد ٿيو ته اي غوث اعظم مجاهدو مشاهدي جي بحرن مان هڪ آهي ۽ واقفن لاءِ ماڳ آهي، پوءِ جيڪو مشاهدي جي بحر ۾ داخل ٿيڻ گهري، ان تي لازم آهي ته مجاهدو اختيار ڪري ڇو ته مجاهدو مشاهدي جو تخم آهي.

(54) ثم قال لي یاغوث الاعظم لابد للطالبین من المجاهدة کما لابد لهم مني.

ترجمو: ارشاد ٿيو ته اي غوث اعظم طالبن لاءِ مجاهدو ائين اڻ ٽر

آهي جيئن آءُ انهن لاءِ ضروري آهيان.

(55) ثم قال يا غوث الاعظم ان احب العباد الي عبدي الذي كان له والدو ولد وقلبه فارغ منها بحيث لو ماته الوالد فلا يكون له حزن بموت الوالد ولوماته الولد فلا يكون له هم الولد فاذا بلغ العبد هذه المنزلت فهو عندي بلاوالد ولا ولد. ولم يكن له كفوا احد.

ترجمو: ارشاد ٿيو اي غوث اعظم مون کي اهي ٻانهو وڌيڪ پيارو آهي جنهن جو پيءُ هجي ۽ اولاد وارو هجي. مگر انهيءَ ٻانهي جي دل انهن کان خالي هجي. ايتري قدر جو جيڪڏهن جو پيءُ مري وڃي ته مٿس غم جو نشان نه هجي، پر جيڪڏهن پٽ مري وڃي ته جهوريءَ ۾ نه هجي. پوءِ جڏهن ٻانهو انهيءَ منزل تي پهچي ٿو ته هو مون وٽ بغير پيءُ ۽ پٽ جي آهي ۽ سندس برابر ڪوئي ڪونهي.

(56) ثم قال لي ياغوث الاعظم من يذق فناءالوالد بمجتي وفناء الولد بمودتي لم يجد لذة الوحدانيت والفرد انيت

ترجمو: ارشاد ٿيو ته اي غوث اعظم جيڪو ماڻهو منهنجي محبت ۾ پنهنجي پيءُ جي فنا ٿيڻ جو مزو نه چکي ۽ جيڪو منهنجي مودت ۾ پٽ جي فنا کي محسوس نه ڪري، اهو وحدانيت ۽ فردانيت جي لذت کي نه ڄاڻي سگهندو.

(57) ثم قال يا غوث الاعظم اذا اردت أن تنظر الي في محل فاختر قلبا فارغا عن سوائي. فقلت يارب وما علم العلم. قال <u>علم العلم هوالجهل عن العلم</u>.

ترجمو: ارشاد ٿيو ته اي غوث اعظم جڏهن تون ارادو ڪرين ته مون کي ڪنهن هنڌ ڏسين ته پنهنجي قلب کي مون کان سواءِ فارغ يا خالي رک. پوءِ مون عرض ڪيو اي رب، علم جو علم ڇا آهي؟ جواب آيو علم جو علم جهل يعني علم کان اڻڄاڻائي، ۽ اڻڄاڻائي آهي.

(58) ثم قال لي ياغوث الاعظم طوبيٰ لعبد مال قلبه الي المجاهدة وويل للعبد مال قلبه الي الشهوات. قال الغوث سالت الرب

تعاليٰ عن المعراج قال هو العروج عن كل شيءِ وكمال المعراج مازاغ البصر وما طغيٰ.

ترجمو: ارشاد ٿيو تہ اي غوث اعظم خوشخبري آهي انهيءَ ٻانهي لاءِ جنهن جو قلب مجاهدي کي رسيو. پر انهيءَ ٻانهي لاءِ ويل آهي جنهن جو قلب خواهش ۾ قاسي ويو .غوث اعظم فرمايو تہ مون رب تعاليٰ کان معراج بابت سوال ڪيو. جواب مليو تہ اهو ٻي هر شيءِ کي ڇڏي مون ڏانهن عروج ڪرڻ آهي. انهيءَ عروج جو ڪمال اهو آهي تہ نہ اک، ڇنبي ۽ نہ غلط ڏسي.

(59) ثم قال لي ياغوث الاعظم لاصلاة لمن لا معراج له عندي.

ترجمو: ارشاد ٿيو تہ اي غوث اعظم ان جي نماز ئي نٿي ٿئي جنهن جو مون وٽ معراج نٿو ٿئي.

(60) ثم قال لي ياغوث الاعظم المحروم عن الصلاة هوالمحروم عن المعراج عندي.

ترجمو: ارشاد ٿيو تہ اي غوث أعظم جيڪو نماز کان محروم آهي اهو مون وٽ معراج کان بہ محروم آهي.

ختم شد

بسم الله الرحمن الرحيم

ضميمو ب.

قصيدهٔ قادريه

قادري سلسلي جي باني، شيخ عبدالقادر جيلاني ڏانهن منسوب هن قصيدي بابت ڪيترين روايتون ملن ٿيون. سڀ کان پهرين ته ان مان سندس قطب جي درجي تي فائز هجڻ جو اظهار ٿئي ٿو. بيو ته ان جي انداز بيان مان هڪ اعليٰ ۽ پر جوش روحاني شخصيت جي پالوت نظر اچي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو ان جو اظهار 'خمريه' انداز ۾ ڪيو ويو آهي. هن قصيدي کي روحاني فيض ۽ برڪت حاصل ڪرڻ لاءِ پڙهيو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح هڪ بيو منظوميه چهل ڪاف آهي جيڪو پڻ شيخ عبدالقادر جيلاني ڏانهن منسوب آهي.

غوث، قطب ۽ ابدال جو نظريو غوث اعظم جي تحريرن ۾ خاص طور 'فتوح الغيب' ۽ 'فتح الرباني' ۾ چڱي تفصيل سان ملي ٿو ۽ ان جي هڪ شاعرانه جهلڪ هن قصيدي ۾ موجود آهي

سنڌ ۾ تيرهين صدي اندر قادري سلسلي سان منسلڪ فقير قادر بخش بيدل قصيدهٔ قاريه جي فارسي بيتن ۾ عمدي شرح لکي آهي.

هتي اسان قصيدهٔ قادريه جو متن مع رمان شايع ٿيل فيوضات ربانيه وارو ڏئي رهيا آهيون. قصيدهٔ قادريه شيخ عبدالقادر جيلانيءَ جي فڪر کي سمجهڻ لاءِ وڏي اهميت وارو آهي ۽ ان لحاظ سان ان جو هتي ترجمو پيش ڪيو ويو آهي

سقاني الحب كاسات الوصال

فقلت لخمرتي نحوي تعالي

ترجمو: عشق ۽ محبت مون کي وصل جا پيالا پياريا پوءِ مون پنهنجي شراب (محبت) کي چيو تہ مون ڏانهن واپس اچ.

سعت و مشت لنحوي في كؤس

فهمت بسكرتي بين الموالي

ترجمو: پيالن ۾ پريل شراب (محبت) مون ڏانهن ڊوڙي هلي آيو تڏهن آءُ پنهنجي سائين وچ ۾ مخمور ۽ مست ٿي ويس.

فقلت لسائرالاقطاب لمّوا

بحالي وادخلوا انتم رجالي

ترجمو: تڏهن مون سيني اقطابن کي چيو تہ توهان بہ ارادو ڪريو ۽ منهنجي حال ۾ شامل ٿيو ڇوتہ توهان بہ منهنجا ساٿي آهيو.

وهمّوا واشربوا انتم جنودي

فساقي القوم بالوافي ملالي

ترجمو: همت ڪريو ۽ پيالا پيو. توهان منهنجا سپاهي آهيو ڇوتہ انسانن جي ساقي (پيارينڌڙ) منهنجي لاءِ جام ڀري ڇڏيا آهن.

شربتم فضلتي بعد سكري

ولا نلتم علوّي واتصالي

ترجمو: توهان منهنجي مخمور ٿيڻ کان پوءِ منهنجا بچايل پيالا تہ پي ويا. پر توهان مون واري بلندي ۽ وصل تائين نہ پهتا.

مقامکم العليٰ جمعا ولکن

مقامي فوقکم مَا زال عالي

ترجمو: جيتوڻيڪ توهان سڀني جو مقام بہ مٿانهون آهي، پر منهنجو مقام اڃا مٿي آهي ۽ اهو مٿي ئي رهندو.

انا في حضرت التَقريب وحدي

يصرّفني وحسبي ذوالجلالي

ترجمو: آئون (الله تعاليٰ) جي حضور ۾ ويجهو ۽ اڪيلو آهيان اهوئي منهنجو (حال) بدلائي ٿو ۽ اها ذات ذوالجلال مون لاءِ ڪافي آهي.

اناالبازيَ اشهب کلَ شيخ

ومن ذا في الرّجال اعطي مثالي

ترجمو: مان ڀين ڀيرن ۽ مشائخن جي وچ ۾ ڄڻ ميٽائين رنگ وارو باز آهيان، ٻڌايو تہ ڀوءِ اُنهن ماڻهن ۾ مون جهڙو مرتبو ڪنهن کي مليو آهي؟

درست العلم حتيٰ سرت قطبا

ونلت السعد من مولي الموالي

ترجمو: مون علم حاصل ڪيو تانجو آئون قطب جي درجي تي پهتس، مون مولا جي مدد سان اها سعادت حاصل ڪئي.

کساني خلعت بطراز عزم

وتوّجني بتيجان الکمالي

ترجمو: الله نعاليٰ مون کي عزم واري پوشاڪ پهرائي آهي ۽ ڪماليت جي تاج سان سينگاريو آهي.

واطلعني علىٰ سرَّ قديم
وقلدني واعطاني سوالي

ترجمو: الله تعالىٰ مون کي اصلي رازکان واقف ڪيو آهي، مون کي فرمانبردار بنايو آهي ۽ جيڪو گهريو سو عطا ڪيو آهي.

طبولي في السماءً والارض دقت
وشاوَس السعادت قد بدالي

ترجمو: منهنجا نغارا زمين ۽ آسمان ۾ وڄي رهيا آهن ۽ منهنجي نيڪ بختي جا نگهبان جتي ڪٿي ظاهرٿي رهيا آهن.

اناالحسني والمخدع مقامي
واقدامي علىٰ عنقِ الرجالي

ترجمو: مان حسني (حضرت امام حسن عليه السلام) جي اولاد مان آهيان منهنجو خاص مقام آهي. منهنجو قدم سڀني (ولين) جي گردن تي آهي.

وولاني علي الاقطاب جمعا
فحڪمني نافذ في ڪل حال

ترجمو: مون کي سڀني قطبن جو والي بنايو ويو آهي، ان ڪري منهنجو حڪم هرحال ۾ نافذ ٿئي ٿو.

نظرت الىٰ بلادالله جمعا
ڪحرد له علىٰ حڪم اتصالي

ترجمو: مون الله تعالىٰ جي سڀني ملڪن تي جڏهن نظر وڌي ته اهي هٿ جي ترِيءَ تي سرنهن جي داڻي وانگر معلوم ٿيا.

فلو القيت سري فوق نار

لخمدمت وانطفت في سرّ حالي

ترجمو: جيڪڏهن آئون پنهنجي راز کي باهه جي مٿان اڇليان ته جيڪر اها به منهنجي راز جي حال سبب اجهامي وڃي.

ولو القيت سرّي فوق ميت

لقام بقدرة المولیٰ تعالي

ترجمو: جيڪڏهن آئون پنهنجو راز ڪنهن مئل تي وجهان ته جيڪر اهو به موليٰ جي قدرت سان اٿي ويهي رهي.

ولو القيت سري في جبال

لدَڪت واختفت بين الرمالي

ترجمو: جيڪڏهن آءُ پنهنجو راز جبلن تي ظاهر ڪريان ته جيڪر اهي ڏري پرن ۽ خوف ۾ واري بڻجي پون.

ولو القيت سري في بحار

لصارالڪل غورا في الزوالِ

ترجمو: جيڪڏهن آئون پنهنجو راز سمنڊن تي کوليان ته جيڪر اهي به سڪي نوٽ ٿي وڃن.

وما منها شهور او دهور

تمُرّ وتنقضي الا اتالي

ترجمو: زماني جون جيڪي به گهڙيون ۽ مهينا گذرن ٿا يا گهٽجن ٿا، انهن جي مون کي پهرين خبر ملي ٿي.

وتخبرني بما ياتي ويجري
وتعلمني فاقصر عن جدالي

ترجمو: مون کي خبر ملي ٿي ان بابت جيڪي اچڻ وارو آهي يا ٿيڻ وارو آهي. مون کي اهو سڀ سيکاريو وڃي ٿو، پوءِ تون، مون سان پنهنجو جهڳڙو گهٽاءِ.

بلاد الله ملکي تحت حکمي
ووقتي قبل قلبي قد صفالي

ترجمو: الله تعاليٰ جا ملڪ منهنجا ملڪ آهن ۽ منهنجي هٿ هيٺ آهن. منهنجو وقت ۽ حال هتي اچڻ کان اڳ صاف ٿيل آهي.

مريدي لا تخف واش فاني
عزوم قاتل عندالقتال

ترجمو: اي منهنجا مريد دشمن کان نہ ڊڄ. آئون جنگ وجدل ۾ اگهاڙي ترار آهيان.

مريدي لاتخف الله ربي
عطاني رفعت نلت المنالي

ترجمو: اي منهنجا مريد ڊڄ نہ. الله اسان جو رب آهي. انهيءَ مون کي بلندي بخشي آهي، ۽ بلندين تي رسايو آهي.

مريدي هم و طب و اشطح و غن
و افعل ماتشاءُ فالاسم عالي

ترجمو: اي منهنجا مريد محبت ۾ مست ٿيءُ ٻول ۽ ڳاءِ جيڪي توکي وڻي سو ڪر، ڇوته منهنجو نالو مٿي پهتل آهي.

وڪل ولي له قدمٍ و اني

عليٰ قدم النبي بدرالڪمال

ترجمو: هر ولي جو پنهنجو درجو ۽ مقام آهي. پر آئون نبي پاڪ جي قدمن تي هلي رهيو آهيان جيڪو چوڏهين جو چنڊ آهي.

انا الجيلي محي الدين اسمي

واعلامي علي روئوس الجبال،

ترجمو: مان جيلاني آهيان ۽ منهنجو نالو محي الدين آهي. منهنجا جهندا جبلن جي چوٽين تي ڦڙڪندڙ آهن.

وعبدالقادر المشهور اسمي

و جدّي صاحب العين ڪمال

ترجمو: عبدالقادر منهنجو مشهور نالو آهي ۽ منهنجو وڏو (محمد ﷺ) انتهائي ڪمال جو صاحب آهي.

ضميمو - ت

مرغوب القلوب

”منهاج المعرفت“ ۾ فارسيءَ جي مشهور صوفي شاعر فريد الدين عطار جا شعر گهڻي ۾ گهڻا حوالي طور آندل آهن جن مان اڪثر شيخ شرف الدين احمد يحيٰ منيري. جي مڪتوبات دو صديءَ ۾ ملن ٿا. ان ڪانپوءِ گهڻا شعر ”مرغوب القلوب“ مان ورتل آهن. اهو هڪ ننڍو رسالو آهي جيڪو شمس تبريز نالي بزرگ جي تصنيف آهي. هو هندستان ۾ شطاري سلسلي جي مشهور شيخ محمد غوث (وفات 1522 /940) جو مريد ۽ خليفو هو.

اسان کي هي مختصر رسالو سيد حسام الدين راشديءَ جي اسلام آباد يونيورسٽيءَ کي ڏنل مخطوطات ۾ نظر آيو هو، جتان ان جي فوٽو ڪاپي حاصل ڪئي وئي هئي. دراصل اهو پنجن رسالن جي ننڍي مجموعي ۾ شامل آهي. ٻين رسالن ۾ هڪ رسالو بهاءَ الدين ذڪريا ڏانهن منسوب آهي جيڪو نثر ۾ آهي. هڪ ٻيو رسالو نظم ۾ عثمان صوفي شاعر جو تاليف آهي جنهن ۾ گهڻي ڀاڱي مثنوي روميءَ جا شعر ۽ انهن جو شرح آهي. ٻيا رسالا نامعلوم آهن.

”مرغوب القلوب“ ۾ ڪل هڪ سو پنجاهه بيت آهن جنهن جو اظهار مولف پاڻ آخر ۾ هڪ شعر ۾ ڪيو آهي. رسالي جي ترتيب ۾ تصوف بابت قرآن شريف جي آيت يا حديث يا ڪو قول آهي ۽ ان ڪانپوءِ فارسي بيتن ۾ ان جي تشريح يا سمجهاڻي آهي. جيئن ته اهو هڪ مختصر رسالو آهي جيڪو اسان جي خيال ۾ منهاج المعرفت جي تصنيف وقت لطف الله جي آڏو هيو، ان ڪري اسان اهو هتي مڪمل طور ڏئي رهيا آهيون. انهن بيتن جي نشاندهي پڻ ڪئي وئي آهي جيڪي منهاج المعرفت ۾ آيل آهن.

”مرغوب القلوب“ جو هي نسخو ٺٽي جي ڪاتب غلام نبيءَ جو سال

1226ھ جو لکيل آهي جيئن ترقيمتي مان ظاهر ٿئي ٿو. اها ڳالھ ان جو ثبوت آهي تہ اهو رسالو سنڌ ۾ چاتل هو ۽ غالبا لطف الله جي وقت ۾ سنڌ جي صوفين وٽ مقبول هيو.

'مرغوب القلوب' جو هڪ ٻيو بهتر نسخو قومي عجائب گھر ڪراچي جي ملڪيت آهي، جنهن مان پڻ استفادو ڪيو ويو.

[آثار الاولياءَ، سيد اڪرام، علي هجويري ص]

بسم الله الرحمن الرحيم

الحمد لله رب العالمين والعاقبة للمتقين والصلواة والسلام علي رسوله محمد وآله واصحابه اجمعين.

ابن كتاب "مرغوب القلوب" از گفتار شيخ المشائخ قطب المحققين وامام السالكين بدر آسمان طريقت شه سوار ميدان حقيقت، شمس سماء الدنيا والدين شمس تبريز قدس الله سره العزيز تصنيف كرد از بر اي مريدان تا خدا تعالي جل جلاله وعم نواله راشنا سند وبه نستعين.

تفصيل توحيد تبارك وتعالي

بگويم حمد رب العالمين را
عطا كو كرد برمن عقل ودين را

حديث: كل تقي ونقي فهو آله

حديث: كل امر ذيبال لم يبدأ بحمد الله فهو اقطع

درود مصطفي بعد از ثنايش
فرستم از دل وجان با دعايش

من صلي عليه مرة صلي الله عليه سبعين مرة

مقام چند ز سالک بگويم منهاج ص- ۳۱
دران گفتن ز حق توفيق جويم

وما توفيقي الا بالله حديث: خير الكلام ما قل ودل

سلوكي مختصر موزون جامع منهاج ص- 58
به نظم آنرا بگويم باش سامع

حديث: كن عالما او متعلما او مستمعا ولا تكن رابعا. منهاج ص- 24

حديث: الشريعة كا السفينة والطريقة كالبحر والحقيقه كالروح والشريعت كاالارض والطريقة كالشجر والحقيقة كالثمر فمن اراد الثمر ركب الشجر فمن اراد الدر ركب السفينه ثم شرع في البحر ثم وصل الي

الدّر ومن ترک هذاه الاشياءِ يعني هذا الترتيب لم يصل الي الله.

شريعت را مقدم دار اکنون منهاج، ص– 55
شريعت از طريقت نيست بيرون
کسي کو در شريعت راسخ آيد منهاج، ص– 55
حقيقت راه بروي خود کشايد
ز راه تربيت پيران بصارت
بداده چار منزل با عبارت

قوله تعاليٰ: وما يعلم تاويله الا الله والراسخون في العلم

حديث: الشريعته اقوالي والطريقه افعالي والحقيقت حالي والمعرفت روحي

يکي منزل کہ آن ناسوت نام ست
دران اوصاف حيواني تمام ست
ازان منزل گر خود بگذرد کس
رسد در دوم منزل با فلک بس
دران عالم چو او معروف گردد
ملايک ز آسمان مکشوف گردد
چو بر گيرد قدم را او ز ملکوت
رسد در سيم منزل او بجبروت

حديث: انا غيور والله اغير مني

مقام روح بر من حيرت آمد
نشان ازوي بگفتن غيرت آمد

قوله تعاليٰ: قل الروح من امر ربي

دران منزل بود کشف وکرامات
ولي بايد گذشتن زان مقامات

حديث: من أحب شيئا اكثر ذكره

اگر دنیا وعقبیٰ پیش آید
نظر کردن دران هرگز نشاید

حدیث: من اراد الدنيا له الدنيا ومن اراد الاخرة فله العقبیٰ ومن اراد المولیٰ فله المولیٰ. طالب الدنيا مونث وطالب العقبیٰ مخنث وطالب المولیٰ مذکر.

بنور ذکر باید در گذشتن
بآب توبه باید دل بشستن

حديث: قلب المومن حاضرت من ذكر الخفي

چو گردد جان ودل از غیر حق پاک
رسد در عالم لا هوت بي باک

قوله تعالي: وهو معكم اينما كُنتم

دران منزل چهارم جست جو ئي
نباشد باخدا جز گفت گوئي

قوله تعالیٰ : فاذكروني اذكركم وشكرولي ولا تكفرون

مقام مقرب منزل بي نشان ست
بجز کون ومکان دیگر جهان ست

حديث: الانسان سري وانا سره

بہ عون حق رسد آنجا چو سالک
شود بر هریکي اشیاءً مالک

فصل اول در بیان توبه

بریزم اشکها چون در مکنون
کنم توبه ز سر آغاز اکنون

حدیث: قلت یا رب اي بکاءً احسن عندک قال بکاءً الضاحک قال علیه السلام اکثر الضحک یمیت القلب وقال الایمان بین الخوف والرجاءِ.

بهردم توبه باید کرد عادت
نخستین توبه باید پس عبادت

قوله تعالیٰ: یا ایها الذین آمنوا اذکرو الله ذکرا کثیرا وسبحوه بکرة واصیلا

کہ بي توبه چون بیند شورآ بست
رود تشنہ چون بیند شور آ بست

من نزهد بغیر علم فقد جن في آخر عمره اومات کافرا. منهاج ص-٧٠

بهریک فرض آمد توبه کردن
بهر دم توبه کن تاوقت مردن

قوله تعالیٰ: واذکر ربک اذا نسیت

بکافر فرض آمد تا ز کفران
برون آید ز کفر ش سوي ایمان

الایمان الانقیاد وامر الله تعالیٰ

بعاصي فرض آمد تا ز عصیان
کند توبه همیشه چون مطیعان

قوله تعالیٰ یاایتهاالنفس المطمئنه ارجعي الا ربک راضیتہ مرضیه فادخلي في عبادي وادخلي جنتي

بخاصان توبه کردن ز مقامات
بهردم فرض آمد از کرامات

من اراد العبادت بعد الوصول فقد اشرک بالله صاحب الورد ملعون وتارک الورد ملعون

زدون حق بباید توبه کردن
بحق باید زین ره جان سپرد دن

مامن شغلک عن الله فهو صنمک

فصل دوم در بیان ترک وجود

چنان گفتند بالا دقیقت
شریعت هم طریقت هم حقیقت
وجود آدمي ازهر سہ مجموع
بکرده حق تعالیٰ جملہ مصنوع

ان في جسد ابن آدم لمضغۃ وفي المضغۃ قلب وفي القلب فواد وفي الفواد روح وفي الروح سر و في السر نور وفي النور انا.

یکي نفس ویکي روح ویکي دل
ولي در حرف هر یک هست مشکل

وجعلت في النفس طریق الزاهدین وجعلت في القلب طریق العارفین وجعلت في الروح طریق الراغبین

شریعت راه تن آمد بطاعت
طریقت راه دل شد با قناعت

قوله تعالیٰ: ونهي النفس عن الهویٰ فان الجنۃ هي الماویٰ.

حدیث القناعت کنزٌ لایفني ابدا

حقیقت راه جان سر نها نست
درون جان و بیرون جهانست
اگر طالب بود صادق درین راه
زجان او بر نخیزد از سر جاه

الصدیق ینجي والکذب یهلک

اگر بوئي ازین خواهي کہ یابي
زهستي پا بیرون نه در خرابي

حدیث: کن في الدنیا کانک غریب اوکعابر السبیل وعد نفسک من اصحاب القبور.

قلم اندر بصورت خویش در زن
حصار نفس را از بیخ برکن
بتقوي شهر دل آباد گردان
بهمت جان و دل را شاد گردان

قوله تعالیٰ: فان خیر الزاد التقویٰ

دو دل رانیست ره آنجا یکي شو
دوئي بگذار آنجا و یکي رو

حدیث: الایمان اقرار با الالسان وتصدیق بالقلب

بده مرنفس خود را گوشمالي
که دشمن ره نیابد هیچ خالي

حدیث: ترک الدنیا راس کل عبادة حب الدنیا راس کل خطیئته

صفات نفس را بگذار اکنون
صفات دل بچوگان هست میمون

حدیث: قلب المؤمن عرش الله تعالیٰ

صفات روح جمله عشق شوقست
گهي در ناز گهي در عین ذوقست

قوله تعالیٰ ویسئلونک عن الروح قل الروح من امر ربي

چو دل هریک صفات روح گیرد
شود مقبول در دلها پذیرد

قوله تعالیٰ: وفي انفسکم افلا تبصرون

طلب اندر صفات ذات رحمان
بیابد هر یکي بر قدر امکان
صفات نفس شهوت ها بریدن
صفات روح دل طاعت گزیدن

فصل سیم دربیان وضو

چون این گوهر محمد مصطفي سفت
وضو را کو صلاح المومنیں گفت

الوضو سلاح المومنین

بباید بود دائم با طهارت
بظاهر هم بباطن با بصارت

الوضو مفتاح الصلوٰة والصلواة مفتاح الجنته

بود ظاهر طهارت از نجاست
طهارت باطن آمد از خباست

حدیث: لاصلواة الا بحضور القلب

چو وقت آید نماز وقت بگذار
فرائض با جماعت هوش میدار

حدیث: من صلي خمس اوقات في الجماعت عطا الله اجر الف شهيداً الذين قتلوا في سبيل الله الصابرين مقلبين غير مدبرين

ز وقت تا بوقتي منتظر باش منهاج ص - ٩٤
بذکر یا بفکر مختصر باش

من يشا الله فان يذكر بذكر الله وافضل الذكر لا اله الا الله

سخن با کس مگو الا ضرورت منهاج ص - ٩٤
خلا تا در نیفتد در حضورت
اگر یک ساعت بي ذکر باشي
بنزد عارفان در کفر باشي

قوله تعالیٰ: صم بکم عمي فهم لا يرجعون

بهرجائي که باشي ذکر میگو منهاج ص - ٢٧
بهرحالي خدا را شکر میگو
بهر جائي که باشي با خدا باش منهاج، ص - ٢٧
زخود واز جمله عالم جدا باش

مده در دون حق راجائي در دل منهاج، ص- ۲۷ء۹۶
درونت ره نیابد تاعزازل

ما شغلك عن الله فهو صنمك

حواس نفس را چون دزد در بند
چوباش دزد ایمن باش میخند
پس آنکه رخت طاعت را سلامت
ببر در حضرت حق با کرامت
اگر خواهي که باتو حق تعالي
سخن گوید ز قدرت بي مثالي
بخوان قرآن کلام الله بشنو
قدیمست آن زحق منزل نه این نو
ندامت را امام خویش گر دان
همیشه اقتدا کن بادل و جان

قوله تعالي: فاقروا ما تیسر من القرآن

اگر خواهي سخن باحق بگوئي
نماز خود حضور دل بجوئي

الصلواة معراج المومنین بعد الصلواة تلاوة القرآن ان الصوم حصن من النار وحصن الایمان.

چوروز آید ببابد بود صائم چوشب آید بباید بود قائم
شب و روز چوگردد باتو یکسان نماید کار مشکل بر تو آسان

ان المتقین مفازا وحدائق واعنابا وکواعب اترابا

ز دنیا ترک گیر بهر دین تو منهاج ص- ۲٦
توکل با خدا کن بریقین تو

الدنیا ساعة لیس فیها راحت

چو باید رفتن از دار دنیا منهاج ص- ٢٦
چرا بندي تو دل در کار دنیا

احزج عن الدنیا وعن الاخرة

نباید بست دل با زن و فرزند منهاج ص- ٢٦
بباید بود تنها با خداوند

قوله تعالي: انما اموالکم واولا کم عدولکم فاحذروهم

زهي غفلت کہ مارا کور کرده است منهاج، ص- ٣٨
کہ یاد مرگ از دل دور کرده است

الموجت لابد من دخول والقبر منزل لابد من نزول

بغفلت هاي دنیا خلق مغرور منهاج، ص- ٣٨
کہ یاد مرگ کردند از دل دور

حدیث: الموت جسریوصل الحبیب الي الحبیب

ز دنیا اهل آن چون تیر بگریز منهاج، ص- ٣٨
چو بگریزي بدرویشان بیامیز

حدیث: الدنیا جیفه وطالبها کلاب

علائقهاي دنیا قطع گردان منهاج، ص- ٣٨
همیشه باش دروي چون غریبان
اگر در دل جمیعت حاصل آید
عبادت گر کني آنگاه شاید

قلب المومن حاضره من ذکر الخفي فهو حي وقلب المسلم غافلته من ذکر الخفي

نباشد مبتدي را هیچ ره ازین کہ پیري را بجوید رهبري دین

من لا شیخ له لادین له

اگر خواهد کہ خلوت را گزیند پس آن بهترکہ پیش شیخ نشیند

الا ان اولیائي تحت قبائي لا یعرفهم غیري

ز نیکو بد برو تا باز گوید　زاسرار نهان راز گوید
مثالش را بگویم گوش دارید　برآن تمثیل هریک هوش دارید
اگر بي پیر کارپیش گیرد　هلاکت را از بهر خویش گیرد

من لیس له شیخ فشیخ له شیطان ومن لا دین له لاعرفان له

بکار خویشتن استاد باید　که تادر کارتو نقصان نیاید
هر آن کاري که بي استاد باشد　یقین مي دان که بي بنیاد باشد
چنان اندر جهاني دیده باني　بباید تادهدازره نشاني
اگر آن دیده بان دروي نبودي　بجز غرقش نبودي هیچ سودي

من یعرف الحقیقت والشریعت بلا امام فقد کفر

خطر در راه دین بسیار باشد
گل خوشبوي پر از خار باشد
چراغ از نور باطن شب بر افروز
بخلوت گاه بنشین شام تا روز

افضل الذکر الخفي النوم اخ الموت

بکم خوردن بکم خفتن بکم گفتن
بکن عادت تو کم با خلق بودن
اگر کس ذکر گوید صبح تا شام
رسد کارش بفضل حق باتمام

قوله تعالی: وابتغوا من فضل الله واذکرالله کثیرا لعلکم تفلحون

چنان حاصل شود درري صفایش　بیک لحظ کشاید کار ها یش
دو چشم خویش را بربند چون باز　درونت تادهد گم گشته آواز
عروس معرفت چون رخ نماید　ز حسن خویش عقل تورباید
بیک ساعت ترا هفتا د هنجار　نماید او بزیور هایهاي
دران حالت مقام نور باشد　زجائي آب وگل تا دورباشد

دران خلوت بعاشق عشق بازي ز دوري خلق او را سرفرازي
نخشين مرا در تجريد تفريد ببايد تا كشايد كارتوحيد

لو عرف الانسان منزلته عندي لقال في كل نفس من انفاسه لمن الملك الالي.

فصل پنجم درتجريد وتفريد

درين ره مرد را تجريد بايد زدون حق بدل تفريد بايد
بہ پيوند قناعت بايدش كرد بفقر وفاقہ بايد بودنش مرد
لباس فقر را در پوش برتن زخلعت حرص را از بيخ بركن
اگر چيزي بود در ملك درويش بمقدار درم يا كم ازان بيش
ز ملك خويش تا بيرون نيايد حجاب خويش هرگزكي كشايد
مقام فقر بس عالي مقام است مني وما دران منزل حرام است منهاج
ص-164
بجز صادق نيايد كس درين سوي بجزعاشق نگنجد كس درين كوي منهاج
ص-164
طريق فقر را راهي ست مشكل يقين بايد درين رہ توشۂ دل منهاج
ص-165
درين وادي بسي گمراه گشتند يقين را توشہ از خود درنبردند منهاج
ص-165
بجان بايد برفتن ره نہ از پائي ز جان بازست اين راسروپائي منهاج
ص-165

حديث: موتوا قبل ان تموتوا

شكم پرورچہ داند اين سخن را منهاج ص- 165
مگر آنكس كہ بازد جان وتن را

قوله تعالي: الا ان اولياء الله لا خوف عليهم ولا يحزنون

میان کفر وایمان راه ففر است منهاج ص– 165
درین وادي همیشه خوف کفر است

الایمان بین الخوف والرجا

نشاید خوف غالب بر رجا را
میان هر دو باید بود مارا

فصل ششم در معرفت

سخن در معرفت چون رفت اکنون
برون آرام ز دریا در مکنون
لباس زهد وتقوي تا نپوشي
شراب معرفت را کي بنوشي

ان مع العسر یسرا

کسي کو معرفت را کرد حاصل
مقام قرب حق را گشت واصل
بکي باید تفکر با خودم کرد
که از خاک محمد صورتم کرد

یجاهد عدو نفسه فکیف لغیر ربه والتفکر خیر من عبادت سبعین سنته .

زهي پاکي که از خاک بقدرت وجود آدمي را کرد صورت
بگوهر هامزین کرده آنرا به نفخ روح درتن کرد جان را
بصر را داد بینائي که بیند کمر را داد قوت تا نشیند
زبان راداد گویائي که گوید دلم را داد دانائي که جوید
ذکر دوست دیگر هردوپارا دوائي داد هریک جمله مارا

جسم الانسان نفسه وقلبه وروحه سمعه وبصره ولسانه ویده ورجله وکل ذالک له لنفسي لاحول الاانا ولا غیره الا انا

چو از نفس بدون نور آید هر آنچه نور نبود کار نه آید؟
چو از خاکیم آخر خاک گردیم بجان دادن چراغمناک گردیم

بدین گونہ چوبشناسي خدارا شوي عارف كني حاصل لقارا
بدان این عشق اندر دل قدیم ست جگر پر خون ازوهم دل دو نیم ست

قوله تعالی: الرحمن علي العرش استوي

فصل هفتم درعشق ومحبت

تنم باجان درین عالم نیاید کہ تنها ماندہ جان را مونس در آید
چو عاشق گشتہ بالاي ز اوي ندارد در جهان جز آرزوئي
اگر گردي تو در توحید فاني بحق یابي بقائي جاوداني

فصل هشتم درفنا وبقا

فنا درجملہ مي بینم فنا است بقا اندر دائم بقا است
فنا ترک هوارا نام کردند بقا جملہ صفاتش راشمردند
نباشد موت هرگز اولیا را ز هریک اصفیا واتقیا را
زداري تابداري نقل باشند ز شغل کار دنیا از عزل باشند
چواو با تست تو هم باش با او دل خود را ز دونش پاک تر شو
محبت در دل ست وعشق درجان تنم در تاب او چوز لف پیچان
محبت گر شود ظاهر بصورت همان صورت شود عاشق ضرورت
ندیدم چشم بر معشوق دیدن کلام گوش خواهد خود شنیدن

من احب لقاء الله احب الله لقائه

زسر تا قدم این جملہ مشتاق بسوي دوستا خود گردد چوعشاق

فصل نهم درياد معشوق

اگر عاشق شوي در یاد معشوق نباشد یاد اورا هیچ مخلوق
چو عاشق گشت والہ روئي معشوق ندارد دردها از روئي معشوق

اذا عرفت ظاهرا العشق فعلیک بالفناء عن العشق ان العشق حجاب بین العاشق والمعشوق

نهان اندر نهان بیند جمالش بگوش خود کند فهم کمالش منهاج
ص-۱۱۳

تو ئي عاشق بظاهر در طریقت توئي معشوق در باطن حقیقت

نها در خوبش بیند آشکارا　　شود عاشق بروئي خود نگارا

فصل دهم در بیان مسافرت

مسافر باش دائم راه میرو　　قدم راهوش دار از چاه وزکو　منهاج ص-۱۱۹

چو ره دورست منزل بي نهایت　　یقین را توشه که ره بر عنایت　منهاج ص-۱۱۹

هر آن منزل که آن درپیش آید　　اقامت کردن اندر هرگز نشاید　منهاج ص-۱۲۰

صورت پا برون نه پس روان شو　　ره حق پیش گیر آنکه وپس دوان شو　منهاج ص-۱۲۰

بهر ملکي عجائب ها ببیني　　بهر عالم غرائب ها بچیني　منهاج ص-۱۲۰

سفر ازخود بدل مي بایدت کرد　　نه از دنیا زمین پیمایدت کرد　منهاج ص-۱۲۱

زهر نزدیک دوري ازدوپاي　　گر یکتا شوي مردي خدائي

درین ره کار هرچه بود بر اصل　　که شمس الدین آورده بده فصل

مریدان را همین قدرست کافي　　مریض راه دین راهست شافي

زسي پاره قرآن تابه عم ست　　شده اتمام صدسي بیست نظم ست

تمام این مختصر منظوم شد خوب　　که آن مثل بخود او داشت مرغوب

شده اتمام این منظوم و موزون　　که "مرغوب القلوب است" نام اکنون

زهجرت نهصد وپنجاهه وهفت است　　حساب جانب تاریخ وقت است

تمت بالخیر والمظفر

بتاریخ هفدهم ماه ذي حج 1226 هـ

نوشته فقیر غلام نبي ساکن بلده تهتها.

حوالا

باب پهريون

ص – 6 پير جا آداب

تصوف جي سيني بنيادي ڪتابن ۾ هن موضوع تي مواد ملي ٿو، ليڪن هتي ڏنل مواد جي مناسبت گهڻي ڀاڱي شيخ عبدالقادر جيلانيءَ جي ڪتاب ’غنيتہ الطالبين‘ ۽ شيخ شهاب الدين سهرورديءَ جي مشهور تصنيف ’عوارف المعارف‘ سان آهي. وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو غنيه جو باب ايڪويهون ۽ عوارف جو باب ٻاونجاهون.

ص – 13 مريدي ۽ ان جي حقيقت

عوارف ۾ هن سلسلي ۾ هڪ الڳ باب، ٥١ موجود آهي ۽ ڪجهه ساڳيون ڳالهيون غنيہ جي باب ٢١ ۾ پڻ ملن ٿيون. تصوف جي اوائلي تصنيف ’رسالہ قشيريہ‘ جي آخري باب ’مريد کي وصيت‘ ۾ پڻ ڪجهه ساڳئي قسم جو مواد ملي ٿو. شيخ اڪبر ابن عربي پڻ هن سلسلي ۾ هڪ مختصر رسالو ’معين الطريقت‘ نالي سان لکيو آهي جنهن ۾ پڻ پيري مريديءَ جا آداب نهايت اختصار سان درج ٿيل آهن.

ص – 14

او دليل تو بس تو راه مجو
او زبان تو، بس تو ياوه مگو

[حديقتہ – ص ٢٠٤، مڪتوبات دوصدي – ص – ٦٥، ١١٧، ١٢٠، ٤٠٣.]

هيءُ بيت فارسي زبان جي اولين صوفي شاعر سنائي جي مشهور مثنوي حديقتہ الحقيقه مان ورتل آهي. ازانسواءِ هي بيت هندستان جي

وڏي صوفي بزرگ شيخ شرف الدين احمد يحيٰ منيري جي مکتوبات دو صديءَ ۾ پڻ ڪيترا پيرا آيل آهي. اسان جو خيال آهي تہ لطف الله جي آڏو مکتوبات دو صدي هيو. انهيءَ خيال کي هن حقيقت مان تقويت ملي ٿي جو ٻنهي ۾ لاتعداد ساڳيا فارسي بيت موضوع جي مناسبت سان حوالي طور آندا ويا آهن. انهيءَ ڪري هن ڪتاب ۾ آيل فارسي شعرن جي حوالي ۾ مکتوبات دو صديءَ جو پڻ ذڪر ڪندا سين.

ص – 16

چون نديدي تو دمي سليمان را
تو چہ داني زبان مرغان را

هي شعر سنائي جي مشهور مثنوي "سير العباد الي المعاد" مان ورتل آهي. شعر جي صحيح صورت اها آهي جيڪا هتي نقل ڪئي وئي آهي. البت قلمي نسخي ۾ ڪاتب "دمي" جي بجاءِ "مر" لکيو آهي جيڪو غلط آهي.

[سير العباد الي المعاد ص ٢٦١ – مکتوبات دو صدي ص – ٣٦.]

ص– 16 اوليائي تحت قبائي لا يعرفهم غيري

ترجمو: منهنجا دوست منهنجي چادر هيٺيان آهن، انهن کي مون کانسواءِ ٻيو ڪونہ ٿو سڃاڻي.

امام غزالي احياءَ العلوم ۾ ۽ هجويري ڪشف المحجوب ۾ هن کي حديث قدسي ڄاڻايو آهي. البت ڪشف المحجوب ۾ آخر ۾ 'الا اوليائي' جو اضافو آهي. يعني منهنجا دوست منهنجي چادر هيٺيان آهن ۽ انهن کي مون کانسواءِ ٻيو ڪو نٿو سڃاڻي مگر منهنجا دوست ئي انهن کي سڃاڻن ٿا. ڪن ڪتابن ۾ 'قبائي' جي بجاءِ 'قبابي' پڻ ملي ٿو جنهن جي معنيٰ قبا يا گنبد آهي.

[احياءَ العلوم جلد ٤، ڪشف المحجوب نسخئہ تهران ص ٥١

فرهنگ ماثورات ص١٦٦ .]

ص- 17 الشيخ في قومه كالنبي في امته ......

امام غزاليءَ موجب هيءَ حديث آهي. امام سيوطي جامع الصغير ۾ هن کي حديث ڄاڻائي ٿو.

[احياءَ العلوم جلد ٥ ص ٤٢١.]

ص - 19

محرم دولت نبود هرسري
بار مسيحا نکشد هر خري

[مکتوبات دو صدي ص ٩٥، ١٥٨]

ص - 19

خواجہ پندارد کہ دارد حاصلي
حاصل خواجہ جز پندار نيست

[مکتوبات دو صدي ص ٩٥]

اصل نسخي ۾ شعر صحيح لکيل ناهي. هتي اسان صحيح ڪري لکيو آهي.

ص- 20

بت است اين نفس وقبول خلق زنار
شريعت با حقيقت گفت يکبار

اصل نسخي ۾ 'قبول' جي بجاءِ 'قولي' لکيل آهي جيڪو صحيح ناهي.

[مکتوبات دو صدي ص ٨٩]

ص- 20 اطرق الله بعدد انفاس المخلوقات

مولانا جامي نقد النصوص ۾ هن کي حديث ڄاڻايو آهي.

[نقد النصوص ص،٣٧٩]

ص - 21 امام ابو حنيفہ

حنفي فقہ جي باني امام ابو حنيفہ جو اصل نالو نعمان بن ثابت آهي. هو عرب نہ پر عجمي نسل مان آهي. سندس ڏاڏو اصل ۾ ڪابل جو هو. هو سال ٨٠ هجريءَ ۾ ڪوفي ۾ ڄائو ۽ ١٥٠هجريءَ ۾ وفات ڪيائين. ان لحاظ کان هو تابعي آهي يعني جن ماڻهن صحابہ کي ڏٺو يا انهن جي صحبت مان فيض حاصل ڪيائون. امام صاحب جي حق گوئي ڪري وقت جي عباسي خليفن سان سندس اختلاف رهيو جن کيس قاضي القضاه بنائڻ تي گهريو. زندگيءَ جي آخري سالن ۾ کيس قيد ڪيو ويو، جتي کيس زهر ڏنو ويو ۽ اتي ئي انتقال ڪيائين.

اهو امام صاحب جو علمي ڪمال هو جو سندس وفات کان پوءِ حنفي فقہ جي ترويج ۽ تڪميل سندس شاگرد امام محمد جي هٿان ٿي ۽ اسلامي دنيا جي هڪ وڏي حصي ۾ ان کي مقبوليت حاصل ٿي.

امام ابوحنيفہ کي علي هجويري ڪشف المحجوب ۾ ۽ عطار تذڪره الاوليا ۾ هڪ وڏي صوفيءَ جي حيثيت ۾ ذڪر ڪيو آهي.

[تذڪره الاوليا فارسي، ص- ١٣٥ ڪشف المحجوب ص - ١٢١]

ص -21

در طريقت هرچہ پيش سالک آيد خير اوست
بر صراط مستقيم هيچ کس گمراه نيست

هي شعر ايران جي مشهور شاعر حافظ شيرازيءَ جو آهي. هو ٧٢٦ هجريءَ ۾ ڄائو ۽ ٨٠٣ هجريءَ ۾ وفات ڪيائين. سندس ديوان ۾ چار سئو کان مٿي غزل آهن. ديوان حافظ کي ايران توڙي ان کان ٻاهرين دنيا ۾ غير معمولي مقبوليت حاصل رهي آهي.

[ديوان حافظ قزويني ص ٥٠]

ص – 22 كن عالما او متعلما او مستمعا ولا تكن رابعا فتهلك

هن سان ملندڙ جلندڙ حضرت ابو هريره رضہ جي روايت سان ترمذي ۽ ابن ماجہ ۾ هڪ حديث هن ريت ملي ٿي.

الا ان الدنيا ملعونتہ وملعون ما فيها الا ذكر الله وما والاه وعالما ومتعلما.

ترجمو: ’يعني ڪن ڌئي ٻڌجو، هي دنيا ملعون آهي ۽ جيڪي ڪجھہ ان ۾ آهي اهو پڻ ملعون آهي، سواءِ الله جي ذڪر يا ان جهڙي ٻي شيءِ يا علم يعني علم سيکاريندڙ ۽ علم سکندڙ‘.

[مدارج سلوڪ اردو، ص ٤٨]

ص– 23

چوشمع از پي علم بايد گداخت
ڪہ بي علم نتوان خدا را شناخت

هيءَ شعر فارسيءَ جي مشهور شاعر مصلح الدين سعدي شيرازيءَ جو آهي جيڪو سندس مختصر مثنوي ’ڪريما‘ ۾ آهي. شيخ سعدي ٦٩١/ ١٢٩٢ ۾ وفات ڪئي سندس مزار شيراز ۾ آهي. هن زندگيءَ جو وڏو حصو سير سفر ۾ گذاريو هن سلسلي ۾ هو هندستان پڻ آيو. سندس مشهور تصنيفن ۾ ’گلستان‘ ۽ ’بوستان‘ شامل آهن. ان ڪان علاوه سندس غزلن جو ديوان ۽ ٻي ڪيتري شاعري موجود آهي.

[ڪريما سعدي ص ٥]

ص- 24

نيست از بهر آسمان ازل
نردبان پايہ بہ ز علم عمل

ڪاتب قلمي نسخي ۾ هي شعر صحيح نہ لکيو آهي. اسان ان کي صحيح ڪري لکيو آهي.

[حديقتہ الحقيقہ ص ٧٣، مڪتوبات دو صدي ص ١٥٤]

ص- 25 مريد کي نصيحت

طالب کي گهرجي تہ ان فقير جي صحبت اختيار ڪري جيڪو ظاهر ۽ باطن ۾ فقيري رکندو هجي.... هن کي گهرجي تہ ان جي اڳيان مردي وانگر هجي. اهو حاذق حبيب آهي، ان جو ڪلام دوا ۽ ان جي نظر ۾ شفا آهي.

فقيرن جون اهڙي قسم جون ڪيتريون خصلتون شيخ عبدالقادر جيلانيءَ فتح الربانيءَ ۾ بيان ڪيون آهن. 'مثلا هڪ هنڌ هو چوي ٿو صبر وارن فقيرن جي عزت ڪر ۽ انهن کان برڪت حاصل ڪر ملاقات ڪر. ۽ انهن جي صحبت ۾ ويهہ.جيئن رسول خدا فرمايو تہ صبر ڪندڙ فقير قيامت ڏينهن خدا سان گڏ ويٺل هوندا'.

[فتوح الغيب اردو ص- ٣٢٦، فتح الرباني، ص- ٥٥.]

ص-28

حال دنيا رابہ پر سيدم من از فرزانہ
گفت يا باديست يا خوابيست يا افسانہ
باز گفتم حال آنڪس گو ڪہ دلدروي بہ بست
گفت يا ديويست يا غوليست يا ديوانہ

هيءَ رباعي مڪتوبات دو صديءَ ۾ ڪيترا ڀيرا ورجايل آهي.

[مڪتوبات دو صدي ص ٢٥٥، ٣٤٥، ٢٥٤ ۽ ٣٥]

ص – 29 الدنيا جيفتہ وطالبها ڪلاب.

گهڻا صوفي هن ڪي حديث سمجهن ٿا.
هن جي روايت علي بن الحسين ڏانهن منسوب آهي.

[تحقيق فروزا نفر- احاديث مثنوي ص ٥٨٠]

ص- 29 حب الدنيا راس ڪل خطيئتہ

امام غزاليءَ موجب هيءَ حديث آهي. شيخ عبدالقادر جيلاني فتح الربانيءَ ۾ پڻ ان ڪي حديث ڪري ڄاڻايو آهي. 'جامع الصغير' ۾ پڻ هيءَ حديث ملي ٿي.

[احياءَ العلوم جلد٥ ص ٥٢٧، الفتح الرباني ص ٢٩٧،

مڪتوبات دو صدي، ص ٩٣ ۽٥٥]

ص – 29 الدنيا ملعونتہ وملعون وما فيها.

امام غزاليءَ موجب هيءَ حديث آهي. امام ترمذي ۽ ابن ماجہ ان ڪي حديث بيان ڪن ٿا، ليڪن ان جي عبارت هن ريت نقل ڪن ٿا.

الدنيا ملعون وملعون ما فيها الا بذڪر الله.

[احياءَ العلو ج٥، ص – ٥٢١، فهرست تحليلي هشتگانہ- ص ٢٧،

مڪتوبات دو صدي ص ٥٩.]

ص – 29 نجا المخففون وهلڪ المثقلون

هيءَ قول مالڪ بن دينار ڏانهن منسوب آهي. هن ڪان اهي الفاظ ان وقت نڪتا جڏهن بصري شهر ۾ باهہ لڳي ۽ ماڻهن ڪي ڀڄندي ڏٺائين. ڪشف المحجوب ۾ وري ان ڪي حسين بن ابي الحسن بصري جو قول ٻڌايو ويو آهي.

[تذڪره الاولياءَ استعلامي- ص ٥٤، ڪشف المحجوب. ص- ٣١٦]

ص - 29 الدنيا دار بلاءٌ ومنه وغرور

هي قول تہ نہ ملي سگهيو. البت حضرت عمر رضہ جي هڪ قول ۾ دنيا کي بلائون سڏيو ويو آهي. اهو قول آهي. دار اسست علي البلوئ بلا بلوئ محال. يعني دنيا جو بنياد بلائن تي رکيل آهي، ان جو بغير بلائن جي هجڻ محال آهي. مڪتوبات دو صديءَ ۾ هي قول هن صورت ۾ آهي **الدنيا دارالبلاءُ والفتنه.**

[ڪشف المحجوب اردو ص- ١٤٨، مڪتوبات دو صدي، ص- ١٣٧]

ص - 29

ترڪ دنيا گيرتا سلطان شوي
ورنہ گر چرخ تو سر گردان شوي

هيءَ شعر فريد الدين عطار جي تصنيف 'مصيبت نامہ' مان ورتل آهي. هو منگولن جي حملي ۾ ١٢٣٠ ۾ نيشاپور ۾ مارجي ويو.

عطار کي سنائي کانپوءِ فارسيءَ جو وڏو صوفي شاعر تسليم ڪيو ويو آهي سندس شعرن جو ڳاڻيٽو هڪ لک کان مٿي آهي. نثر ۾ سندس مشهور تصنيف 'تذڪره الاوليا' آهي. نظم ۾ 'منطق الطير'، اسرار نامہ، الاهي نامہ، مصيبت نامہ ۽ مختار نامہ آهن. سنڌ هنڌ ۾ وڌ ۾ وڌ مقبوليت سندس تذڪره الاوليا ۽ 'منطق الطير' کي حاصل رهي آهي.

فارسيءَ جو عظيم صوفي شاعر مولانا جلال الدين رومي سنائي ۽ عطار کي پنهنجي پيشروطور تسليم ڪيو آهي ۽ هن ريت عقيدت جو اظهار ڪيو آهي.

عطار روح بود و سنائي دوچشم ما
ما از پئي عطار و سنائي آمده ايم

معنيٰ: عطار روح وانگر آهي ۽ سنائي جهڙوڪ ٻہ اکيون. اسان عطار

۾ سنائي ڪان پوءِ انهن جي ڪڍ آيا آهيون.

لطف الله منهاج ۾ گهڻي ۾ گهڻا شعر مصيبت نامہ مان حوالي طور آندا آهن جيئن اڳتي هلي ظاهر ٿيندو. ليڪن اهي اڪثر مڪتوبات دو صدي شيخ شرف الدين يحيٰ منيريءَ ۾ موجود آهن جيئن هتي ڏنل اڪثر حوالن مان ظاهر ٿيندو.

[مڪتوبات دو صدي ص _ ٦٠، ٢٧٢. مصيبت نامہ ص، ١٤٢]

ص- 29

هرچہ آن با تو فرو ناید بخاک
آن همه دنیا بود نہ دین پاک

[مصيبت نامہ ص ١٤١، مڪتوبات دوصدي ص ٤٧٢،٦٠]

ص - 30 اويس قرني رضہ

هو يمن جو رهاڪو هو ۽ رسول الله ﷺ جي زماني ۾ ٿي گذريو. هو پاڻ هلي اچي زيارت سان مشرف نہ ٿيو، پر بغير ڏسڻ جي ايمان جي دولت سان منور ٿيو. سندس عقيدت جو اهو عالم هو جو پاڻ سڳورن هڪ دفعي فرمايو "مون کي يمن جي طرف کان رحمت جي هوا (نفس الرحمان) پئي اچي.

صوفين لاءِ اويس قرني اها مثالي هستي آهي جنهن بغير مرشد وٽڻ جي فيض پاتو ۽ معرفت حاصل ڪئي. انهيءَ ڪري اهڙا صوفي جيڪي ڪنهن سلسلي سان وابستگيءَ ڪانسواءِ فيض حاصل ڪن ٿا، اهي پاڻ کي اويسي سڏائن ٿا يا ان کي اويسي نسبت ڪوٺن ٿا.

لطف الله هتي حضرت اويس قرني بابت جيڪي ڪجھ لکيو آهي، ان جو ماخذ مڪتوبات دو صدي آهي.

[مڪتوبات دوصدي،ص ٦١ ۽ ١٣٢، فهرست تحليلي

ص-٣١مصيبت نامہ، ص- ١٣٠]

ص - 31 هڪڙي بزرگ جو قول تہ دنيا قبول ڪريا دوزخ

هي نقل جيئن جو تيئن مڪتوبات دو صديءَ ۾ آيل آهي.
[مڪتوبات دو صدي، ص - ٩٢]

ص - 31 حب الدنيا راس ڪل خطيئتہ

امام غزاليءَ احياءَ علوم الدين ۾ ۽ شيخ عبدالقادر جيلاني فتح الربانيءَ ۾ ان کي حديث ڪري نقل ڪيو آهي. بيهقي ۽ مشڪوات ۾ پڻ ان جي رويت ملي ٿي. اهڙيءَ طرح اها حديث مڪتوبات دو صديءَ ۾ پڻ ملي ٿي.

[فتح الرباني، ص ٢٩٧، احياءَ العلوم ص٥٢٣،مڪتوبات دو صدي، ص ٩٣]

ص- 32

جملہ در باز و فروکن پائي راست
گر کفن را هيچ نگذاري رواست

[مڪتوبات دو صدي ص، ٩٢- ٣٥٩، مصيبت نامہ ص، ٢١١]

ص- 32

فقر چيست از گمرهي ره کرد نست
در دو عالم دست کوتہ کردنست

[مڪتوبات دو صدي ص- ٤٥٣، ٤٥٧]

ص- 32 معراج الفقير ليلتہ الفاقه

هيءَ ڪنهن صوفيءَ جو قول آهي.

[مڪتوبات دو صدي ص ٢٥٨]

ص - 33 قارون

قارون جو تعلق بني اسرائيل يعني حضرت موسيٰ جي قوم سان هو. پر جڏهن حضرت موسيٰ کي نبوت ملي تہ هو هامان سان گڏ فرعون جو خاص ڪارندو يا وزير مشير هو. هو فرعون سان گڏ بني اسرائيل تي ظلم ۽ زيادتيون ڪرڻ ۾ شامل هو. قارون جي شهرت جو سبب سندس اٿاهہ دولت آهي جنهن جو ذڪر قرآن ۾ پڻ ٿيل آهي هو سمجهندو هو تہ انهيءَ دولت جو سبب سندس علم آهي. پر آخرڪار خدائي غضب جي صورت ۾ زمين ۾ ڌڪجي مري ويو. جديد تحقيق مان پڻ ان جي تصديق ٿئي ٿي.

[دائره معارف اسلاميہ، ج ١٦ –١ ص- ٢٦ ۽ ٢٧]

ص- 33

آن هوائي کہ پيش ازين باشد
رسم عادت بود نہ دين باشد

ص - 33 بلعمِ باعورۂ برصيصيا

هنن ٻنهي شخصيتن جو ذڪر عطار جي ’مصيبت نامہ‘ ۾ گڏ هن شعر ۾ ٿيل آهي.

از مقام بلعمي ڪلبت ڪنند
يا نہ چون بر صيصيا صلبت ڪنند

ترجمو: بلعم ان مقام تي ڪتي وانگر ٿيو. برصيصيا وري ڦاهي جو شڪار ٿيو.

اسرائيلي روايات موجب بلعم پهرين نهايت عبادت گذار شخص هو ليڪن پوءِ هو گمراهي ۽ بدڪاري ڦهلائڻ جو سبب بڻيو. قرآن شريف ۾ هن جو نالو ڪونهي. ليڪن سوره اعراف جي ٻن آيتن ۾ هڪ اهڙي شخص

ڏانهن اشارو آهي، جنهن کي ڪتي سان تشبيهه ڏني وئي آهي.

بر صيصيا عيسائي راهب هڪ نيم تاريخي شخصيت آهي. جنهن جو ذڪر پهريون تاريخ طبريءَ جي مصنف ڪيو آهي. هو پهريائين عابد زاهد هو پر پوءِ شيطان جي هٿان گمراهه ٿيو.

[دائره معارف اسلاميه، ص ٤١٠ ۽ ٧٩٧مصيبت نامه ، ص- ١١ ۽ ٣٩٧مڪتوبات دو صدي،ص - ٢٣٠]

ص - 33

گرچه چنداني سليمان ڪار داشت
ڪز زمين تا عرش گير ودار داشت
مسڪنت قدر چون نه شناخت او
قوت از زنبيل باقي ساخت او

[مڪتوبات دو صدي ص، ٦٢، ٢٩٨، ٤١٠، ٤١١، ٤٣١مصيبت نامه ص ١٢٣]

ص - 33

سگ چون مردار يافت جان شمرد
خر چو جو يافت زعفران شمرد

[مڪتوبات دو صدي ص ٣٨، ٤٣]

ص - 34

دنيا دون چون نهنگي سر ڪشيد
نيڪ وبد تا بگردن در ڪشيد
جمله را تا حشر بر پيچيد دست
هيچڪس از دام مڪر او نجست

[مڪتوبات دو صدي، ٢٥٥ مصيبت نامہ ص، ١٤٦]

ص - 34

خاک عالم جمع کن چون خاک بيز
بر سر دنياي مردم خوار ريز
زانکہ گر يک لقمہ نان بخشد ترا
صد بلاها بعد آن بخشد ترا

[مڪتوبات دو صدي ٢٥٥ مصيبت نامہ ص، ١٤٦]

هتي هيءَ ڳالهہ قابل توجہ آهي تہ اسان مٿيان اٺ ئي شعر مصيبت نامہ تان درست ڪري نقل ڪيا آهن، جڏهن تہ اصل قلمي نسخي ۾ انهن جي لکت صحيح نہ آهي. ٻي ڳالهہ تہ اهي اٺ ئي شعر انهيءَ ترتيب سان مڪتوبات دو صديءَ ۾ انهيءَ ريت گڏ لکيل آهن،حالانڪ مصيبت نامہ ۾ اهي شعر اڳتي پوئتي آهن. انهيءَ مان اهو گمان وڌيڪ پختو ٿئي ٿو تہ لطف الله مڪتوبات دو صديءَ مان وڌيڪ استفادو ڪيو آهي.

[مڪتوبات دو صدي ص٢٥٥ مصيبت نامہ ص، ١٤٤]

ص- 35

هيچ کس را در جهان از بحر و بر
از قناعت نيست ملکي بيش تر

[مڪتوبات دو صدي، ص ٤٨١،٤٧٣ مصيبت نامہ ص،- ٢٣٢]

ص- 35

نفس قانع گر گدائي مي کند
در حقيقت پادشاهي مي کند
چون ترا ناني وخلقاني بود
بر سر هر موئي سلطاني بود

[مصيبت نامہ، ص ٥٢ ۽ ٥٣ مڪتوبات دو صدي، ص ٦٤، ٤٣١، ٤٣٢، ٥٧٢، ٥٥٧]

ص – 35 هڪ درويش جو سڪرات جي وقت گودڙي اڇلائي ڦٽي ڪرڻ.

هيءَ نقل مڪتوبات دو صديءَ ۾ جيئن جو تيئن موجود آهي.

[مڪتوبات دو صدي، ص- ٩٣]

ص –35 حضرت آدم جو جنت کي ڪڻڪ جي داڻي تي وڪڻڻ بابت ذڪر ۾ مڪتوبات دو صدي ۾ هي شعر ملي ٿو.

جان آدم چون بسر فقر سوخت
هشت جنت را بيک گندم فروخت

[مڪتوبات دو صدي، ص- ٥١٤]

ص – 36

عمر روزي پنج شش مي بگذرد
خواه ناخوش خواه خوش مي بگذرد
چون چنين مي بگذرد عمري کہ هست
چيست جز باد از چنين عمري بدست

مصيبت نامہ ۾ هي چار ئي شعر گڏ آيل آهن جيئن منهاج المعرفت ۾ آهن. ليڪن مڪتوبات ۾ اهي جدا جدا بہ ملن ٿا تہ گڏ هڪ هنڌ بہ آيل آهن.

[مڪتوبات دو صدي ص ٢٥٩، ٢٩٦، ٥٣٥، ٥٣٠ مصيبت نامہ ص ٥٣]

ص – 36

هڪ عالم چار سئو صندوقون علم جون ڍاٽندو هو.

هي نقل مڪتوبات دو صديءَ ۾ موجود آهي.

[مکتوبات دو صدي، ص- ٢٥٠]

ص- 39 الدنيا مزرعتہ الاخره

امام غزالي موجب هيءَ حديث آهي.
شيخ عبدالقادر جيلاني فتوح الغيب ۾ پڻ ان جو حوالو آندو آهي.
[فتوح الغيب فارسي، ص- ١٥٥، احياءَ العلوم جلد ٥، ص- ٥٢١]

ص - 40 الفقراءَ جلساءَ الله تعاليٰ يوم القيامه

هيءُ حديث جو ڪجهہ حصو آهي. عوارف المعارف ۾ هن حديث جي پوري روايت موجود آهي ۽ پوري حديث هن ريت آهي:

لکل شيءٍ مفتاح ومفتاح الجنتہ حب المساکين والفقراءِ والصبر هم جلساءَ الله تعاليٰ يوم القيامتہ.

[عوارف المعارف عربي- ص ٣٧]

ص - 40 اکثر اهل الجنتہ الفقراءَ

هنن الفاظن سان ڪا حديث نٿي ملي. البت هڪ حديث ۾ 'الفقراءَ' جي بجاءِ 'بله' جو لفظ اچي ٿو. يعني اکثر جنت جا لائق سادا ۽ ابوجهہ آهن.

[تمهيدات ص- ١١١]

ص - 41 الفقير صابرا عندالله تعاليٰ اجرا کثيرا بغير حساب.

تحقيق مکمل نہ ٿي سگهي.

ص - 42 الفقير سيءَ في الدنيا وزين في الاخره.

تحقيق مکمل نہ ٿي سگهي.

ص - 42 افضل الفقراءَ علي الاغنياءَ فضلي عليٰ جميع خلق الله.

عوارف المعارف جي باب پنجين جنهن ۾ تصوف جي ماهيت تي بحث آهي، فقر بابت ڪيترا قول ملن ٿا. اتي هڪ حديث هنن الفاظن ۾ ڏنل آهي.

يدخل فقراءَ امتي الجنته قبل الاغنياءِ بنصف يوم، وهو خمس مائته عام يعني فرمايو رسول الله ﷺ منهنجي امت جا فقير جنت ۾ شاهوڪارن کان اڌ ڏينهن اڳ ۾ داخل ٿيندا ۽ اهو سڄو ڏينهن پنج سئو سالن جي برابر هوندو. ترمذيءَ ۽ بيهقي ۾ حضرت انس رضي الله عنه کان روايت ۾ هي الفاظ آهن: قال يدخلون الجنه قبل اغنيائهم باربعين خريفا. يعني چيائون انهيءَ ڪري جو اهي جنت ۾ اميرن کان چاليهه سال اڳ ۾ داخل ٿيندا.

[عوارف المعارف عربي، ص- ٣٨]

ص - 42 الفقر فخري وبدا فتخر

هي الفاظ شيخ عبدالقادر جيلاني ڏانهن منسوب تصنيف 'سر الاسرار في ما يحتاج اليه الابرار' ۾ ملن ٿا. صحيح عبارت هن ريت آهي: و **قال عليه الصلواه والسلام فقر فخري و انا افتخر به و ليس المراد بالفقر المعلوم ولڪن المراد بالفقر الافتقار الي الله.**

يعني فرمايو حضور ﷺ ته فقر منهنجو فخر آهي ۽ مون لاءِ ناز جو سبب آهي. ليڪن ان فقر مان مراد اهو عام فقر ناهي بلڪ اهو فقر حقيقي آهي، جيڪو الله ڏانهن افتقارکي ظاهر ڪري ٿو.

[سر الاسرار في ما يحتاج اليه الابرار- ص ١٢٢]

ص - 45 اللهم احييني مسڪينا وامتني مسڪينا واحشرني

في زمره المساكين.

هيءَ دعا رسول الله ﷺ ڏانهن منسوب آهي.
شيخ عبدالقادر جيلاني فتح الربانيءَ ۾ پڻ ان جو حوالو آندو آهي.
[فهرست كشف الاسرار- ص ٤٤٥ الفتح الرباني، ص- ٢٠٤ مسند عائشه اردو، ص- ١٩٨. مكتوبات دوصدي- ص ٥٧، ٢١٥، ٢٩٨]

ص - 45

هر کہ در سر محبت بنده شد
تا ابد هم محرم و زنده شد

[مكتوبات دو صدي، ص- ٢٠٧، ٢٤٠. مصيبت نامہ ص- ١٩٩]

ص- 46

هر کہ او از دار دنیا پاک شد
نور مطلق گشت گرچہ خاک شد

[مكتوبات دوصدي ص - ٥٦١ مصيبت نامہ ص- ١٤٥]

ص - 46 ياغوث الاعظم اذا رايت.... لاحجاب بيني وبنيه.

[الهامات غوث ۾ آهي ڏسو ضميمو. الف]

ص - 46 ثم سئلت هل اكل ...... شربي

[الهامات غوثيہ ۾ آهي ڏسو ضميمو الف]

ص - 47 يا غوث الاعظم ليس الفقر ...... كن فيكون

[الهامات غوث ۾ آهي. ڏسو ضميمو الف.]

ص – 47 فقر الفقر . هي الفاظ بہ الهامات غوث مان ورتل آهن.

ڏسو ضميمو الف.

ص – 47 تخلقو باخلاق الله.

امام غزالي موجب هي حديث جا الفاظ آهن.
[احياءِ العلوم جلد ٤ ص ٦١]

ص – 48 بايزيد بسطامي (وفات 875 – 261)

ايران جو مشهور صوفي جيڪو پهريون صاحب سڪر صوفي شمار ٿئي ٿو. سندس مشهور شطح آهي 'سبحاني ما اعظم شاني' شيخ عبدالقادر جيلاني فتوح الغيب ۾ حڪايت نقل ڪري ٿو تہ هڪ دفعي بايزيد بسطامي رب تعاليٰ کي خواب ۾ ڏٺو تہ عرض ڪيائين اي مالڪ، ڪهڙو رستو تو وٽ پهچائيندو؟ جواب مليس نفس کي ترڪ ڪر تہ پهچي سگهندين. بايزيد چئي ٿو تہ ان ڪانپوءِ مان پنهنجي نفس مان ائين ٻاهر نڪتو آهيان جيئن نانگ پنهنجي کل لاهي ٻاهر نڪرندو آهي.
[فتوح الغيب– ص– ١٣٨]

ص– 49 ڪي چون ٿا فقر هڪ مرتبو آهي جنهن ۾ نہ ڪشف آهي نہ يقين، نہ معرفت ۽ نہ دين. مطلب تہ فنا ۽ عدم جو نالو فقر آهي.
هنن الفاظن جي لاءِ مولانا جاميءَ جي لوائح مان هن رباعيءَ تي غور ڪريو. جيڪي ان جو ترجمو محسوس ٿين ٿا.

آن را ڪہ فنا شيوه وفقر آئين است
ني ڪشف ويقين نہ معرفت نہ دين است
رفت او ز ميان همين خدا ماند خدا
الفقر اذا تم هو الله اين است

ص - 49 الفقر سرّي لايطلع عليه ملڪ ولا مقرب ولا مرسل الا عبد محمد ﷺ.

صوفين وٽ نهايت مقبول حديث جا الفاظ هن ريت آهن: **لي مع الله وقت لا يسعني فيه ملڪ مقرب و لا نبي مرسل.**
[فيه ما فيه، ص– ١٢. معارف برهان الدين ترمذي، ص ١٥٢.]

ص - 49، من اراد ان يجلس مع الله فليجلس مع الفقراءِ

مولانا روميءَ جي ملفوظات فيه ما فيه ۾ هيءَ عبارت ملي ٿي جتي الفقراءِ جي بجاءِ اهل التصوف جا الفاظ آهن. مشهور محدث سيوطي ان کي موضوعات ۾ شمار ڪيو آهي.
[فيه ما فيه– ٣٢٠.]

ص- 52 معاذ بن جبل رضي الله تعاليٰ عنه

جليل القدر صحابيءِ جيڪو مديني جو رهاڻ وارو هو. ان کري انصارن ۾ سندس وڏو درجو آهي. ويهن سالن جي عمر ۾ جنگ بدر ۾ شامل ٿيو. هو قرآن جو مستند قاري ۽ عالم هو. پاڻ ڪريمن ﷺ جڏهن کيس يمن جو عامل مقرر فرمايو ته پڇيائونس ته ماڻهن ۾ ڪيئن فيصلا ڪندين، چيائين قرآن جي روشنيءَ ۾. چيائونس جيڪڏهن اتان رهنمائي نه ملي ته پوءِ ڇا ڪندين. وراڻيائين سنت يعني توهان جي عمل جي روشنيءَ ۾. پاڻ فرمايائون جيڪڏهن اتي به ڪو حل نه ملي ته يڪدم وراڻيائين پوءِ آءُ قياس يعني سمجهه مو[illegible] ڪندس. معاذ بن جبل جي انهيءَ راءِ کي اجتهاد ۾ قياس جو بنياد قرار ڏنو ويو آهي. حضور ﷺ جن کيس هڪ خاص دعا سيکاري جنهن جا الفاظ هن ريت آهن.

اللهم اعني عليٰ ذڪرڪ وشڪرڪ وحسن عبادتڪ

يعني: اي الله، مون کي توفيق ڏي ته تنهنجو ذڪر ۽ شڪر ادا ڪريان

۽ تنهنجي عبادت سهڻي نموني ۾ ڪريان.

[دائره معارف اسلاميه، ج ـ ۲۱ ص ـ ۲۷۸]

ص - 52 اسماع الملاهي معصيته والجلوس فيه فسق والتلذذ به ڪفر.

هن مقولي بابت تحقيق مڪمل نه ٿي سگهي.

ص 53 جيڪي ڏسي خدا ڪان ڏسي، جيڪي ڄاڻي خدا ڪان ڄاڻي، جيڪا نيڪي ۽ بدي، نفعو ۽ نقصان خدا ڪان سمجهي. حقيقي فاعل سڄي جهان ۾ هڪ الله کي ڄاڻي.

فتوح الغيب جي مقالي ٽئين ۾ هي الفاظ ملن ٿا.

”هو خدا جي حڪم کان سواءِ ٻيو ڪجهه نٿو ڏسي، پوءِ هو اوس يقين ڪرڻ وارن مان ٿئي ٿو ۽ هيڪڙائي کي مڃڻ وارو ٿئي ٿو. اتي هو سمجهي ٿو ته الله ڪانسواءِ موجودات ۾ ٻيو ڪوئي حقيقي حاڪم نه آهي. حرڪت ۽ سڪون، خير ۽ شر، نفعو ۽ نقصان سڀ ان وٽان آهي.

[فتوح الغيب عربي- اردو- ص۴۲]

ص- 54 ’هو‘ الله جي ذات پاڪ جو نالو آهي

عبدالڪريم جيلي انسان ڪامل جي ۲٦ باب ۾ ’هويت‘ تي وڏو بحث ڪيو آهي جتي هو چوي ٿو ته ’هو‘ اسم الله جو سر آهي. بلڪ چوي ٿو ته اسم ’هو‘ سيني اسما ۾ افضل آهي. ’هو‘ جو اشارو حاضر ڪانسواءِ ٻي ڪنهن ڏانهن نٿو ٿي سگهي.

[انسان ڪامل اردو، ص- ۱۹۴]

ص - 54 ماشاءَالله ڪان وما لم يڪن

مسند احمد بن حنبل ۾ هي الفاظ هڪ حديث ۾ هن طرح اچن ٿا.

ماشاءَالله ڪان وما لم يشاءَ لم يڪن ولا حول ولا قوه الا باالله العظيم.

يعني جيڪي الله گهريو ائين ٿيو ۽ جيڪي نہ گهريو اهو نہ ٿيو.

شيخ عبدالقادر جيلاني ڏانهن منسوب ورد صلاة الڪبريٰ ۾ پڻ هي الفاظ ملن ٿا **ماشاء الله ڪان وما لم يشاء لم يکن.**

[فهارس تحليلي مڪتوبات امام رباني، ص- ٣٤ فيوضات الربانيہ، ص ١٦٨]

ص- 54 الفاني لايرد

هيءَ پورو قول هن ريت آهي جيئن شيخ عبدالحق فتوح الغيب جي مقالي چوٿين جي شرح ۾ نقل ڪيو آهي.

الفاني لايرد اليٰ اوصافه يعني جيڪو بشري صفتن ڪان فنا ٿيو اهو انهن صفتن ڏانهن وري نہ موٽايو ويندو آهي. مطلب آهي تہ حقيقي فنا کي بقا آهي. هن سلسلي ۾ ٻيو قول جيڪو شيخ عبدالحق نقل ڪيو آهي، اهو هيئنئن آهي. **ما رجع من رجع الا من طريق.**

يعني حقيقت تائين پهچڻ وارو ڪڏهن بہ واپس نہ ايندو آهي. البت جيڪو واپس وريو آهي، اهو واٽ تان يعني وچ تان ئي واپس موٽيو آهي. گويا اهو توڙ تائين نہ پهتو آهي، جيڪڏهن اتي پهچي ها تہ واپس نہ موٽي ها.

شاه عبداللطيف ڀٽائي جي هن بيت ۾ پڻ ان حقيقت ڏانهن اشارو آهي.

نڪا ابتدا عبد جي، نڪا انتها
جن سڃاتو سپرين، سي وڃڻ ڪي وٿا

[فتوح الغيب عربي اردو ص، 51]

ص- 56

هر ڪہ در راه محمد ره نيافت
تا ابد گردي ازين درگہ نيافت

دولت دنيا و دين درگاهہ اوست
انبيا را قبلہ خلوتگاہ اوست
دولت آنجاجوي و دين آنجا طلب
مرجع اهل يقين آنجا طلب
[مصيبت نامہ، ص ٢٦٢ مکتوبات دوصدي، ٤٠١]

ص-56

هر کہ چون خاک نيست بر در او
گر فرشتہ است خاک بر سر او
[حديقہ ص- ٢٠٧]

ص- 59

هر کہ در سر محبت بندہ شد
تا ابد هم محرم و هم زندہ شد
[مکتوبات دوصدي، ص ٢١٧، ٢٤٠، ٤٨٣ مصيبت نامہ ص- ١٩٩]

ص- 59

هر کہ او از دار دنيا پاک شد
نور مطلق گشت گرچہ خاک شد
[مکتوبات دوصدي ص- ٥٦١ مصيبت نامہ ص- ١٤٥]

ص- 60 يا غوث الاعظم من حرم ...... السفر الظاهر

الهامات غوثيہ مان ورتل آهي. ڏسو ضميمو - الف

ص - 61 حضرت موسيٰ عليه السلام

جليل القدر پيغمبر. جديد تحقيق موجب حضرت موسيٰ جي ولادت اڻويهين فرعون رعميسس ثاني جي دور ۾ ٿي ۽ اهو اٽڪل ١٢٠٥ قبل

مسيح آهي. ليڪن جڏهن حضرت موسيٰ کي نبوت ملي ۽ کين توحيد جي دعوت جو حڪم مليو تہ ان وقت رعميس جو پٽ منقاف ( ) حڪمران هو. حضرت موسيٰ کي سندس قوم بني اسرائيل پنهنجو اڳواڻ ۽ پيغمبر تسليم ڪري چڪي هئي جن جي ڇوٽڪاري لاءِ هو ڪوشش ڪري رهيو هو ڇو تہ فرعون بني اسرائيلن کي زورسان غلام ڪري رکيو هو ۽ انهن کان زبردستيءَ ڪم وٺندا هئا.

آخر جڏهن فرعون حضرت موسيٰ جي دعوت قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو بلڪ وڏيڪ ظلم ڪرڻ شروع ڪيا تہ حضرت موسيٰ عليہ السلام خدائي حڪم موجب پنهنجي قوم کي ساڻ ڪري بحر احمر جو رخ رکيو ڇو تہ ڪيس اهو ٻڌايو ويو هو تہ هنن جي لاءِ سمنڊ ۾ رستو ٺهي پوندو. فرعون کي جڏهن اها خبر پئي تہ پاڻ لشڪر سوڌو حضرت موسيٰ ۽ بني اسرائيل جي تعاقب ۾ نڪتو. خدا جي قدرت سان حضرت موسيٰ ۽ سندس قوم سمنڊ پارڪري نڪري وئي پر فرعون جڏهن انهن جي پويان سمنڊ ۾ داخل ٿيو تہ ٻڏي مئو.

جديد تحقيق موجب اُها جڳهہ جتان حضرت موسيٰ اُڪري پار پيو ڪل ۾ ميل جو ٽڪر آهي ۽ اهو هنڌ سئيز ڪئنال جي ويجهو هو.

قرآن ۾ پيش گوئي ٿيل آهي تہ انهيءَ فرعون جو لاش ايندڙ وقت لاءِ محفوظ رهندو. جديد تحقيق موجب اهڙو لاش جيڪو ممي ٿيڻ ڪانسواءِ محفوظ رهيو هجي، ان جي تصديق ٿي آهي جيڪو مصر جي عجائب گهر ۾ رکيل آهي.

[حقائق القرآن- انگريزي، ص- ١٥٨]

ص- 63 شيخ شهاب الدين سهروردي (٥٣٩/١١٤٤_٦٣٢/١٢٣٤)

هو اصل ۾ ايران جي شهر سهرورد ۾ پيدا ٿيو. ليڪن تعليم خاطر بغداد آيو جتي سندس تربيت چاچي ابو نجيب عبدالقاهر ڪئي جيڪو

پنهنجي وقت جو وڏو عالم ۽ صوفي هو. هو شيخ عبدالقادر جيلاني جو همعصر هو ۽ ڪن روايتن موجب سندس فيض يافته هو. بلڪ هڪ ٻي روايت موجب هو پنهنجي پائٽي نوجوان شهاب الدين کي به شيخ عبدالقادر جيلاني وٽ وٺي ويو جنهن دعا ڏيندي ڪيس چيو هو ته هو عراق جي مشهور شخصيت ٿيندو.

شيخ شهاب الدين جي مشهور ۽ مقبول تصنيف 'عوارف المعارف آهي' جنهن کي سهروردي توڙي ٻين سلسلن ۾ غيرمعمولي اهميت حاصل رهي آهي. جيئن ته سنڌ هند ۾ سهروردي سلسلو شيخ بهاءَ الدين ذڪريا ملتاني جي ذريعي ڦهليو جيڪو پاڻ بغداد پهچي هن سلسلي ۾ داخل ٿيو، تنهن جي ڪري اهو چئي سگهجي ٿو ته عوارف المعارف جون تعليمات ساڳي صديءَ ۾ هتي پهتيون. عوارف تصوف جي بنيادي اصولن بابت هڪ جامع تصنيف آهي جنهن ۾ تصوف جي خانقاهي نظام بابت ڀرپور دفعو مواد ملي ٿو. انهيءَ ڪري عوارف کي صوفي حلقن ۾ هڪ درسي ڪتاب جي حيثيت حاصل رهي آهي مثلا نظام الدين اوليا جنهن جو تعلق چشتي سلسلي سان آهي، عوارف جو درس پنهنجي مرشد فريد الدين گنج شڪر کان ورتو. اڳتي هلي مشهور چشتي صوفي بنده نواز گيسودراز عوارف جي شرح لکي.

[عوارف المعارف سنڌي ص، پ، تاريخ مشائخ چشت، ص ٢٣]

ص 63 - يا بني ارجع القرآن في جميع الاحكام ......

ولاتكن من الجاهل الصوفيه .... فانهم لصوص وقطاع الطريق علي المسلمين.

مٿين عبارت جا الفاظ شيخ شهاب الدين سهرورديءَ جي مشهور تصنيف عوارف المعارف ۾ نه ملي سگهيا آهن. البت تقريبا اهي ساڳيا الفاظ شيخ عبد القادر جيلانيءَ جي 'وصايه غوثيه' ۾ ملن ٿا جيڪي هن ريت آهن.

يا بني ...... وارجع الي الحكم القرآن في جميع الاحكام فان

القرآن حجتہ اللہ علي الخلق ولا تعدل عن العلم خطوه وتعلم الفقه ولاتكن من جهال الصوفيہ وعوامهم وفر من اهل الاسواق فانهم لصوص الدين وقطاع الطريق علي المسلمين.

[مكشوفات غوثيہ - ص- ٥٩]

ص- 64 العلماءَ ورثتہ الانبياءَ

امام احمد بن حنبل ۽ مشهور محدث ترمذي موجب هيءَ حديث آهي. عوارف المعارف ۾ سهروردي جيڪا روايت آندي آهي ان موجب هيءَ هڪ ڊگهي حديث آهي جنهن جا الفاظ هن ريت آهن.

من سلك طريقا يلتمس به علما سلك الله به طريقا من طرق الجنتہ. وان الملائكتہ تضع اجنحتها رضا لطالب العلم. وان طالب العلم يستغفر له من في السماءِ والارض حتي الحيتان في الماءِ. وان فضل العالم علي العابد كفضل القمر عليٰ سائر النجوم. وان العلماءَ هم ورثتہ الانبياءِ. ان الانبياءَ لم يورثوا دينارا ولا درهما انما اورثو العلم. فمن اخذ به اخذ بسحظه او بحظ وافر.

ترجمو: جيڪو شخص صرف علم حاصل ڪرڻ نڪري ٿو تہ الله تعاليٰ ان کي جنت جي رستي تي هلائيندو آهي ۽ ملائڪ پنهنجا پر هن جي مٿان ڪولي ڇڏيندا آهن تہ جيئن اهو طالب علم راضي رهي. ان طالب علم لاءِ آسمان ۽ زمين جي مخلوق بخشش جي دعا ڪندا آهن. جن ۾ پاڻيءَ جي مخلوق بہ شامل هوندي آهي. عالم کي عابد تي اهڙي فضيلت آهي جيئن چنڊ کي ستارن تي هوندي آهي. بيشڪ عالم انبيائن جا وارث آهن، چو تہ نبين سڳورن جي ميراث دينار ۽ درهم نہ هوندي آهي. بلڪ انهن جي ميراث صرف علم آهي. تنهنڪري جنهن علم حاصل ڪيو انهيءَ کي گويا ان ميراث جو وڏو حصو مليو.

[عوارف المعارف عربي ص - ٥٨.]

ص- 64 جذبة من جذبات الرحمن خير من عباده الثقلين

هيءُ قول ابو القاسم نصر آباديءَ ڏانهن منسوب آهي. جنهن ٣٧٢ھ ۾ وفات ڪئي.؟

[فرهنگ ماثورات، ص- ٢٠٩، فتح الرباني عربي اردو ص - ٥٧٥]

شيخ عبدالقادر جيلاني جي ملفوظات ۾ پڻ هي قول ملي ٿو.

ص -65 يا احمداي !شيءَ افضل عندي من التوڪل علي الرضا بما قسمت لهم.

هن قول بابت ڪا خبر نہ پئجي سگهي.؟

ص - 67 الانسان سري وانا سره

هن جو حوالو اڳ ۾ اچي چڪو.

ص- 67 انا من النور وڪلڪم من نوري

هن حديث جي ٻي عبارت ۾ وري هي الفاظ آهن. **انا من نورالله وڪلڪم من نوري** جنهن جي روايت حضرت جابر کان ملي ٿي. هن موضوع سان ملندڙ جلندڙ ٻيون بہ ڪيتريون حديثون آهن جن ۾ گهڻي مشهور حديث جا الفاظ آهن **'اول ما خلق الله نوري'** يعني سڀ کان پهريائين الله تعاليٰ منهنجو نور پيدا ڪيو. شيخ عبدالحق محدث دهلوي مدارج النبوت ۾ وري هي عبارت آندي آهي **'خلقت من نور الله والمومنون من نوري.'**

[فهارس تحليلي هشتگانہ - ص ٣١]

ص– 70 من احدث في الاسلام او آوىٰ محدثا في الاسلام

فعليه لعنة الله والناس اجمعين.

حديث جي مشهور ڪتابن صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ۾ هڪ حديث جا الفاظ هن ريت آهن: **من احدث في ديننا هذا فهو رد** يعني جنهن اسان جي دين ۾ ڪا نئين ڳالهه ڪئي، اها مردود آهي. صحيح مسلم ۾ حضرت علي رضي الله عنه کان هڪ روايت ۾ هي الفاظ آهن: **لعن الله من احدث حدثا او آوىٰ محدثا. ڪل من آوىٰ محدثا من هوالا لمحدثين. فقد لعنه الله و رسوله.**

[سياست شرعيه اردو. ابن تيمه. ص– ١٢٥. فهارس تحليلي مڪتوبات امام رباني، ص – ٣٧]

ص– 70 من تزهد بغير علم جن في آخر عمره او مات ڪافرا.

هن عبارت بابت تحقيق مڪمل ٿي نہ سگهي.

ص 71 حسن بصري رضہ (٢١/ ٢٦٢- ١١٠/ ٧٢٨)

هو حضرت عمر جيدور خلافت ۾ مديني ۾ ڄائو ۽ ان ڪري تابعي هجڻ جو شرف حاصل اٿس. جنگ صفين ڪانپوءِ هو مستقل بصري ۾ رهڻ لڳو جتي علم حديث ۽ رجال جي تعليم ڏيڻ لڳو. اهوئي سبب آهي جو حديث ۽ فقہ جو امام مڃيو ويو آهي. ان کان علاوه هن وقت جي اموي حڪمرانن جي خلاف حق گوئي ۽ بيباڪيءَ جا اعلىٰ مثال قائم ڪيا. حجاج سان مخالفت جو اهو نتيجو نڪتو جو گهڻو عرصو ڪيس روپوش رهڻو پيو. هن پوري زندگي هڪ باعمل ۽ باڪردار صوفي وانگر گذاري، دراصل تصوف جو بنياد هن کان شروع ٿئي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو تصوف جا سلسلا جيڪي حضرت علي رضہ تائين پهچن ٿا، ان جي آخري ڪڙي حسن بصري آهي.

حسن بصريءَ جي تعليمات ۾ دنيا جي بي ثباتي ۽ بي رغبتيءَ تي گهڻي ۾ گهڻو زور آهي، جنهن ۾ ظاهر آهي تہ ان دور جي سياسي ۽ سماجي حالتن کي وڏو دخل هو. جن سندس نظريات کي گهڻو متاثر ڪيو.

.Sufism p-35

ص - 71 جنيد بغدادي (وفات ۲۹۸/ ۹۱۰)

هو هڪ وڏي صوفي سري سقطيءَ جو ڀائٽيو آهي ۽ حارث محاسبيءَ جهڙي صوفي کان گهڻو ڪجهه پرايائين. هو وڏي علم ۽ فڪر جو صاحب هو. سندس نظرين ۾ اعتدال آهي. ان ڪري ڪيس صاحب صحو صوفين جو سردار چيو وڃي ٿو. سندس تصنيفات ۾ ڪجهه مختصر رسائل موجود آهن جيڪي ڇپيل آهن هرو ٽين/نائين صدي اندر بغداد ۾ هڪ وڏي علمي شخصيت جي حيثيت ۾ چانيل نظر اچي ٿو، جنهن ڏانهن منصور حلاج ۽ بايزيد بسطامي جهڙا صاحب سڪر صوفي بہ رجوع ڪندا هئا. انڪري ڪيس سيد الطائفہ يا صوفين جو سرواڻ بہ ڪوٺيو وڃي ٿو.

Sufism p-46.

ص - 71 ابو عبدالله مغربي

رسالہ قشيريہ ۾ هن جو نالو ابو عبدالله محمد بن اسماعيل مغربي ملي ٿو. هن ۳۹۹ ھ ۾ وفات ڪئي. چون ٿا تہ هو سڄي عمر جهنگلن ۾ رهيو ۽ جهنگلي ٻوٽيون کائي پيٽ قوت ڪندو رهيو.

ابو عبدالله جو قول آهي تہ بهترين عمل اهو آهي تہ اسين پنهنجا سڀ ڪم شريعت مطابق سر انجام ڪريون. هن جو ٻيو قول آهي تہ سڀني ۾ ڪريل فقير اهو آهي جيڪو شاهوڪارن سان اٽڪي يا انهن جي آڏو عاجزي ڏيکاري، اهڙيءَ طرح سڀني شاهوڪارن ۾ اهو عزت وارو آهي جيڪو فقيرن سان عاجزيءَ سان هلي ۽ انهن جو احترام ڪري.

[رسالہ قشيريہ- اردو- ص- ۹۹]

ص- 71ذوالنون مصري (وفات ٨٦١/ ٢٤٦)

هن جو اصل نالو ثوبان بن ابراهيم آهي. هن جي شهرت جو سبب اعليٰ فڪر ۽ معرفت جا نڪتا آهن. هو اعليٰ پايہ جو شاعر بہ آهي. سندس هيءُ قول تصوف جي فڪري تاريخ ۾ گهڻو مقبول رهيو آهي ۽ ان ڪي سندس فڪر ۽ عرفان جو ما حصل ڪوٺيو ويو آهي.

التفكر في ذات الله جهل والاشاره اليه شرك وحقيقه المعرفتہ حيره.

يعني خدا جي ذات بابت سوچڻ جهالت آهي ۽ هن ڏانهن اشارو ڪرڻ شرڪ آهي ۽ خدا جي معرفت جي حقيقت حيرت آهي.

لطف الله جي شاعريءَ ۾ پڻ 'حيرت' واري مقام جو بار بار ذڪر اچي ٿو.

اونهي پريان ڳالهڙي، لهي نہ سگهي ڪوءِ
ات حاذق حيرت ۾ پئا، پرو ڪنهن نہ پوءِ
ات حيرت هنيو سڀ ڪو، توڙي عاقل عالم هوءِ
اي ڳري ڏسي ڳالهڙي، در رب سڀ ڪو روءِ
ڪمتر ڪو هوءِ!، جو ڪين پروڙي ڪيترو

[وحدت الوجود فضل الله ص- ٧٦]

ص - 71 بايزيد بسطامي

[ڏسو حاشيو ص- ٢١.]

ص - 71 ابو الحسن نوري (وفات ٢٩٥/ ٩٠٧)

هو ٻن وڏن صوفين سري سقطي ۽ حارث محاسبيءَ جو شاگرد آهي. هو خدا جي ذات سان بي غرض محبت جو قائل آهي جنهن ۾ هو انتها تائين وڃي ٿو. هو جنيد بغداديءَ جو همعصر هو ۽ سندس صحبتي هو. صوفين جي مشهور اصطلاح 'جمع' ۽ 'تفرق' جي وصف ڪندي چيو اٿس.

الجمع بالحق تفرقه عن غيره والتفرقه من غيره جمع بالحق.

يعني حق سان جمع (گڏ هجڻ) غير کان جدائي آهي ۽ هن جي غير کان جدائي حق سان جمع (تفرقہ) آهي. مطلب تہ جيڪو حق تعاليٰ سان واصل آهي، اهو ما سوالله کان جدا آهي. هو شاعر بہ هو سندس ڪجھ اشعار 'تعرف' ۾ ملن ٿا.

[ڪشف المحجوب اردو ص- ٢٤٣ تعرف سنڌي ترجمو ص- ١٤٥]

ص - 71 شيخ عبدالقادر جيلاني (ص ٤٧٠ - ٥٦١ / ١٠٧٧ - ١١٦٦)

اسلامي دنيا جو وڏو صوفي ۽ وڏيڪ مقبول صوفي سلسلي قادريءَ جو باني فارس جي هڪ ڳوٺ جيلان ۾ ڄائو. ليڪن علم جي تحصيل بغداد ۾ ڪيائين ۽ باقي زندگي اتي گذاريائين جتي هينئر سندس مزار آهي.

پنجين ۽ ڇهين / يارهين ۽ ٻارهين صديون جيتوڻيڪ اسلامي دنيا جي عروج جو زمانو آهن، پر اندروني خلفشار ۽ سماجي ۽ اخلاقي زوال جي لحاظ کان پڻ چوٽ تي آهن. بغداد جا عباسي حڪمران اسلام جي اعليٰ اخلاقي ۽ روحاني مثال پيش ڪرڻ کان قاصر هئا. روايت آهي تہ هڪ دفعي خليفي اشرفين جي ٿيلهي ڏياري موڪلي تہ پاڻ قاصد جي اڳيان ان کي نپوڙيائون تہ ان مان رت وهڻ لڳو. ان کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو اشارو ٿي سگهي پيو تہ وقت جا حڪمران ڪيتري قدر ظالم آهن.

انهن حالتن کي پيش نظر پاڻ اعليٰ روحاني قدرن جي تبليغ لاءِ پنهنجي خانقاهہ ۾ وعظ ۽ خطبات جو سلسلو شروع ڪيائون. فتوح الغيب ۽ 'فتح الرباني' سندس خطابت ۽ زور بيان جا عمدا مثال آهن. اها حالتن جي تقاضا هيءَ جو پاڻ دعويٰ ڪيائون تہ **"قدمي هذا عليٰ رقبه كل ولي الله"** يعني منهنجو قدم سيني ولين جي گردن تي آهي جنهن جو مطلب آهي

۽ سندن طريقو ٻين جي مقابلي ۾ وڌيڪ مقبوليت ۽ اثر وارو ٿيندو. جيڪا ڳالهہ گهڻي حد تائين صحيح ثابت ٿي آهي.

فتح الربانيءَ جي ٻي مجلس ۾ هينئن خطاب ڪيو ائن.

”جيڪڏهن الله تعاليٰ جي حڪم جي فرمانبرداري جي تقاضا نہ هجي ها تہ ڪهڙو عقلمند هن شهر ۾ رهي ها ۽ ان جي باشندن سان گڏ گذاري ها. ڇو تہ انهن ۾ ريا، نفاق، ظلم، گمان ۽ جرم جي ڪثرت آهي ۽ ان سان گڏ خدا جي نعمتن جي ناشڪري، بلڪ ان جي نعمتن سان گناهہ ۽ بدمعاشيءَ ۾ اضافو ڪن ٿا. ان جو نتيجو آهي جو اڪثر گهرن ۾ هو بيڪار ويهن ٿا پر جڏهن دڪانن ۽ بازار ۾ اچن ٿا تہ پاڻ کي پرهيزگار ظاهر ڪن ٿا. ڪائڻ پيئڻ ۾ زنديق آهن پر جڏهن منبر تي ببهن ٿا تہ پاڻ کي صديق سمجهن ٿا. جيڪڏهن حڪم جو پابند نہ هجان ها تہ جيڪر توهان کي ڇڏايان ها تہ توهان جي گهرن ۾ ڇا پيو ٿئي. ليڪن منهنجي آڏو هڪ بنياد آهي جنهن کي تعمير ڪرڻو آهي. منهنجا ڪيترو روحاني اولاد آهي جيڪي تربيت لاءِ محتاج آهي.

انهيءَ ساڳئي خطبي ۾ اڳتي چوي ٿو.

اي صاحبزادا، تون هن دنيا ۾ صرف رهڻ ۽ مزا ماڻڻ نہ آيو آهين. بلڪ الله تعاليٰ جي هن ناراضگيءَ واري حالت کي بدلاءِ. تون صرف لااله الاالله محمد رسول الله چوڻ تي قناعت ڪئي آهي، حالانڪ اطاعت ۾ ٻيو بہ گهڻو ڪجهہ يعني عمل گهربل آهي. جيستائين اهو نہ ملائيندين تو کي فائدو نہ ٿيندو.

سماجي حالتن تي سخت تنقيد ڪندي چوي ٿو.

هي زمانو نتائڻ وارن جي اڪثريت جو آهي، پڪي ارادي وارا غائب آهن.

بلڪ هي زمانو ريا ۽ منافقت سان ڀريل ۽ ٻين جو ناحق مال ڪائڻ جو زمانو آهي، اهي گهڻا ئي ۾ آهن جيڪي روزو، نماز، حج ۽ زڪواه صرف

ماڻهن جي خاطر ڪن ٿا ۽ نہ حق جي لاءِ!

فتح الرباني ۽ فتوح الغيب ۾ آيل تقريرن ۽ خطبات مان چڱيءَ ريت محسوس ٿئي ٿو تہ شيخ عبدالقادر جيلاني پنهنجي وقت جي سياسي ۽ سماجي، مذهبي ۽ معاشي حالتن کان بلڪل غير مطمئن هو. جنهن ڪري هن جو زور سماج جي سڌاري ۽ اصلاح تي هو. هو هڪ هنڌ پاڻ کي محتسب يعني احتساب ڪندڙ بہ سڏي ٿو ان لحاظ کان هو وڏو مصلح (Reformer) هو.

ص- 71 فرعون (عميسس ٻيو ۽ ان جو پٽ منفتاخ ثاني)

قديم مصر جي حڪمرانن جو لقب جيڪي پنهنجي اهرامن جي ڪري مشهور آهن. هتي ان فرعون ڏانهن اشارو آهي جيڪو حضرت موسىٰ جي وقت ۾ حڪمران هو. اهو قبل مسيح کان تقريبا ٻارهن سئو سال جو زمانو آهي.

فرعون ۽ حضرت موسىٰ جو قصو قرآن ۾ تفصيل سان بيان ٿيل آهي.

[دائره معارف اسلامي، ص- ٧٨٨]

ص- 71 نمرود: حضرت ابراهيم عليه السلام جي زماني ۾ بابل جو بادشاه هو. اهو زمانو هڪ تحقيق موجب قبل مسيح کان اڻويهہ سئو سال آهي. حضرت ابراهيم جي ولادت اندازا سال ١٨١٩ قبل مسيح ۾ ٿي هئي.

حضرت ابراهيم جڏهن نمرود کي توحيد جي دعوت ڏني تہ هن کيس باهہ ۾ اڇلائڻ جو حڪم ڏنو. جنهن مان الله تعالىٰ کيس بچائي ورتو. ان کانپوءِ حضرت ابراهيم ڪنعان طرف هجرت ڪئي جتي حضرت اسماعيل ڄائو. ڪجهہ ڏينهن بعد حضرت ابراهيم نئين ڄاول ٻار ۽ سندس ماءُ بيبي هاجره کي مڪي پاڪ جي صفا ۽ مروه ٽڪرين جي وچ ۾ ڇڏي هليو ويو. وري ڪجهہ عرصي کان پوءِ جڏهن حضرت ابراهيم مڪي ۾ آيو تہ حضرت

اسماعيل سان گڏجي ڪعبي جي تعمير ڪيائين. عرب حضرت اسماعيل جو اولاد آهن جڏهن تہ يهودي حضرت ابراهيم جي ٻئي پٽ حضرت اسحاق جو اولاد آهن.

[دائره معارف اسلاميہ - ص ۵۹۲]

ص - 71 دجال: دجال لفظ جو مادو دجل آهي جنهن جي معنيٰ آهي لڪائڻ يا دوکو ڏيڻ. ان ڪري دجال جي معنيٰ آهي وڏو ڌوکيباز.

اسلامي عقيدي موجب اهو شخص جيڪو قيامت جي ويجهو اچڻ تي ظاهر ٿيندو ۽ دنيا تي ڇانئجي ويندو. هن باري ۾ ڪي حديثون ملن ٿيون جن مطابق دجال جو ظاهر ٿيڻ قيامت جي نشانين مان آهي. صحيح بخاريءَ جي حديث ۾ هن کي 'مسيح الدجال' ڪوٺيو ويو آهي ۽ دجال جي فتني کان بچڻ لاءِ هيءَ دعا ڏني وئي آهي. 'اللهم اني اعوذبک من فتنه المسيح الدجال' يعني اي الله مان تو کان مسيح دجال جي فتني کان پناه گهران ٿو.

دجال کي غيرمعمولي قوت حاصل هوندي جنهن ڪري هن جا تمام گهڻا پوئلڳ پيدا ٿي پوندا. دجال جي هوندي حضرت عيسيٰ جو ظهور ٿيندو ۽ ان سان گڏ امام مهدي جو لشڪر هوندو. آخر اهو لشڪر دجال کي قتل ڪندو. روايتن ۾ آهي تہ دجال جا پوئلڳ اڪثر يهودي هوندا.

عيسائي مذهب ۾ پڻ دجال جو تصور آهي جنهن کي هو (Anti-christ) چون ٿا.

[انسائيڪلو پيڊيا آف اسلام، ص - ۱۰۹]

ص -73 لي مع الله وقت

مڪمل حديث جا الفاظ هن ريت آهن. **لي مع الله وقت لايسعني فيه ملڪ مقرب ولا نبي مرسل.** يعني مون کي الله تعاليٰ سان اهڙو وقت ميسر آهي جنهن ۾ ڪو مقرب ملائڪ بہ نہ هوندو آهي ۽ نہ وري ڪو نبي يا رسول هوندو آهي.

[فيه ما فيه، ص– ١٢. مرصاد العباد– ص ٦٧٩]

ص – 73 علمني ربي

هنن الفاظن سان حديث ڪانہ ٿي ملي. البت انهيءَ طرز تي هڪ ٻي حديث جا هي الفاظ آهن. ادبني ربي فاحسن تاديبي يعني مون کي منهنجي رب ادب سيکاريو يا منهنجي تربيت ڪئي، پوءِ اها ڪيڏي نہ سهڻي تربيت آهي.

[عوارف المعارف عربي، ص– ١٦٥، تمهيدات ص– ١٧٤]

ص – 73 الانسان سري وانا سره

هيءَ قول جيڪو سنڌ جي صوفيانہ شاعريءَ ۾ اڪثر حوالي طور اچي ٿو، اهو الهامات غوث ۾ ملي ٿي. اسان اها ڳالهہ مقدمي ۾ واضح ڪري چڪا آهيون تہ لطف الله جي فڪر تي "الهامات غوث" جو وڏو اثر آهي، جنهن مان هن ڪيترين عبارتون پنهنجي شاعريءَ ۾ تضمين ڪيون آهن. ڏسو هن ڪتاب جو ضميمو– الف.

[الفيوضات الربانيہ عربي، ص–٥، رسالہ غوث اعظم جواهر العشاق حسيني گيسودراز ص–٦٧.]

ص – 75

نيست ڪس را از حقيقت آگهي
جملہ مي ميرند بادست تهي

[مڪتوبات دو صدي ص – ٨١ مصيبت نامہ ص– ١٢٠]

ص – 77

هر کہ او عارف نباشد زنده نيست
قرب حق را لائق هر بنده نيست

هي شعر عطار جي "پندنامہ" تان ورتل آهن.

[پند نامہ– ص ٣٣]

ص- 78

پر تو نيکان نگيرد هر کہ بنيادش بداست
تربيت نااهل را چون گردگان برگنبد است

هي شعر شيخ سعديءَ جي مشهور تصنيف گلستان تان ورتل آهي.
[گلستان - ص ٢٨]

ص- 78

هر کہ بنمود آن محض عطا ست
وآنگہ راننمود آن حکم قضاست

[مصيبت نامہ ص -٧٢]

ص- 81

طفل را در مهد پيغمبر کند
از همه پيرانش فاضل تر کند

[مصيبت نامہ - ص - ١]

ص- 81 شيخ شبلي (وفات ٩٤٦ / ٣٣٤)

ابو بکر شبلي جنيد بغداديءَ جو تربيت يافتہ هو. هو بغداد ۾ ڄائو ۽ اتي ئي تعليم حاصل ڪيائين. هن جو حسين بن منصور حلاج سان پڻ واسطو هيو. هو چوندو هو تہ منصور کي سندس عقلمنديءَ مارايو ۽ مونکي چريائي بچايو. سندس ڪيترين شطحيات پڻ آهن. هو عربيءَ جو شاعر بہ هو. هن جون مشهور ستون آهن.

قد تحيرت فيڪ خذ بيدي   يا دليلا لمن تحير فيڪا

يعني مان تو ۾ حيران آهيان. اي، ان شخص جا رهنما جيڪو تنهنجي ڪري حيران آهي، منهنجي دستگيري ڪر!

[مرصاد العباد، ص- ٢٢٣. تذڪره عطار ص -٢٢٣]

ص - 82 انما حرم الوصول بتضييع الاصول.

عوارف المعارف موجب هيءَ سفيان ثوريءَ جو قول آهي جنهن جو مطلب آهي تہ جيڪو اصول کي ضايع ڪندو يعني اصولن تي نہ هلندو اهو وصول کان محروم رهندو.

[عوارف المعارف عربي، ص-٣١٤]

ص- 82 لو لا الشيبان لهلک النعمان

هتي ڪاتب غلطيءَ وچان "شيبان" لکيو آهي جيڪو اصل ۾ "السنتان" يعني "ٻہ سال" آهي. چون ٿا تہ امام ابوحنيفه زندگيءَ جا پويان ٻہ سال حضرت امام جعفر صادق رضي الله عنه جي صحبت ۾ گذاريا ۽ انهيءَ عرصي کي روحاني لحاظ سان پنهنجي زندگيءَ جو ماحصل ڪوٺيائين.

[صوفيائي نقشبند، ص- ٢٥.]

ص - 82 عشرت:

بندي ـَي حق تعاليٰ جي طرفان لذت ملڻ جڏهن سندس شعور قائم هجي. هي اصطلاح عبدالڪريم جيلي جي تصنيف 'انسان ڪامل' ۾ بہ ملي ٿو. ان ڪانسواءِ يعقوب چرخيءَ جي 'رسالہ ابداليہ' ۾ هن جي وضاحت ملي ٿي.

[ابداليہ، ص- ٢٤. سرد لبران - ص- ٢٥٤ ،انسان ڪامل اردو، ص ١٣٠]

ص - 82 ايڪهين منزل کان بعد پير جهنڊي واري نسخي ۾ هينيون مشهور فارسي شعر ملي ٿو جيڪو ڊاڪٽر بلوچ واري نسخي يعني موجوده عڪس ۾ ڪونهي.

ز احد تا احمد يک ميم فرق است
همه عالم دران يک ميم غرق است

ياد رهي تہ متيون شعر شيخ محمود شبستريءَ جي مشهور معروف تاليف 'گلشن راز' مان ورتل آهي جيڪا هن سال ٧١٧ /١٣١٧ ڌاري نيف ڪئي. مثنوي گلشن راز ڪي صوفي ادب ۾ لازوال مقام حاصل آهي. شبستري وجودي فڪر جو وڏ و شارح آهي ۽ سندس فڪر ابن عربي سان ملي ٿو. گلشن راز هڪ هزار شعرن تي مشتمل آهي ۽ شاعر پندرهن سوالن جا جواب ڏيندي تصوف جي بنيادي مسئلن ۽ اصطلاحن جي نهايت وڻندڙ تشريح ڪئي آهي.

Gulshani Raz E.H.Whinfield Lahore 1978

[مفاتيح الاعجاز في شرح گلش راز لاهيجي، تهران ١٣٧٨]

ص- 84 ذات بحت

حق تعاليٰ جي ذات محض يا ذات مطلق. احديت ذات بحت يا اطلاق جو مرتبو آهي. ڪي هن ڪي هاهوت بہ چون ٿا. انهيءَ ڪري خلق جي مقابلي ۾ خدا تعاليٰ کي 'ذات حق' چئبو آهي. لطف الله پنهنجي شاعري ۾ 'ذات بحت' جو اصطلاح هڪ ڪان وڌيڪ ڀيرا ڪم آندو آهي. هڪ بيت ۾ چوي ٿو.

سي پاٽان وٺا پيڙا، من مشاهدو جن
نہ سي اوري نہ پري، اوءِ منجهہ حيرت رهن
ڪنت ڪنزا مخفيا، عجب آهي تن
اوءِ ٻيو ڏيئي ٻن، پيئنا ذات بحت ڏونہ

[شاه لطف الله قادريءَ جو ڪلام، ص-٤٥. روح بيدل - ص- ٤٠٩]

ص - 84 الرفيق ثم الطريق:

هيءَ قول عوارف المعارف ۾ ملي ٿو. فتح الربانيءَ ۾ وري "الرفيق قبل الطريق" جا الفاظ آهن. ليڪن مڪتوبات قدوسي ۾ هيءُ قول هن ريت ملي ٿو.

الرفيق ثم الطريق والشيطان مع الواحد ومن الاثنين بعيد.

يعني سفر ۾ ساٿي هجڻ ضروري آهي ڇو ته شيطان اڪيلي سان گڏ هوندو آهي پر ٻن ڄڻن کان پري هوندو آهي.

[عوارف المعارف عربي ص- ٨٢، مڪتوبات قدوسيہ ص -٤١١]

ص- 85

پير ره ڪبريت احمر آمدست

سينئہ او بحر اخضر آمدست

[مڪتوبات دوصدي ص- ٣٢،٦٧، ٥٢٤ مصيبت نامہ - ص ٦٢]

’ڪبريت احمر‘ جي لفظي معنيٰ ’ڳاڙهو گندرف‘ آهي. ان وقت جي علم ڪيميا ۾ ان کي بيشمار ڪيميائي خوبين جو حامل سمجهيو ٿي ويو مثلا ان سان ٽامو سون ٿي پوندو هو. اصطلاح ۾ ’ڪبريت احمر‘ اهڙي شخص لاءِ ڪم ايندو آهي جنهن ۾ بي مثال خوبيون هجن.

فريد الدين عطار کان اڳ ۾ ’ڪبريت احمر‘ جو اصطلاح شيخ عبدالقادر جيلاني پنهنجي تصنيفات ’فتوح الغيب‘ ۽ فتح الربانيءَ ۾ ڪيترا ڀيرا استعمال ڪري ٿو. فتوح الغيب جي مقالي ٧٢ ۾ چوي ٿو.

وهذا يسميٰ شحنتہ البلاد والعباد وان شئت فتسميتہ عارفا وبدلا وزاهدا وعالما غيبا وبدا محبوبا ومرادا ونائبا في الارض عليٰ عباده وسفيرا ونفاذ خيرا وجهيرا وهاديا ومهديا وذالا ومرشدا فهذا هو الڪبريت الاحمر وبيضتہ العقعق رضوان الله وصلواته عليه وعليٰ ڪل مومن مريد لله وصل اليٰ انتهاءِ المقام.

ترجمو: ’اهي آهن اهي انسان جيڪي شهرن ۽ ماڻهن جا رکوالا آهن‘ پوءِ انهن کي توهان عارف ۽ ابدال چئو، يا زاهد ۽ عالم، غائب ۽ حاضر، محبوب ۽ مراد، زمين تي خدا جا نائب، سفير، ٻانهن تائين علم، فيض ۽ احڪام پهچائڻ وارا، هادي ۽ مهدي، رهنما ۽ مرشد، بلڪ اهي حضرات

ڪبريت احمر آهن جيڪي عقيق جي آني وانگر اڻ لڀ آهن. انهن جي مٿان ۽ ٻين مڙني مومن مٿان جيڪي الله جا مريد آهن ۽ بلند مقام تي فائز آهن، الله تعاليٰ جون رحمتون هجن ۽ شال هو انهن کان راضي هجي.

اهڙيءَ طرح مقالي چوٿين ۾ وري هي الفاظ آهن.

فيتحقق فيڪ الاماني وتصدق فيڪ الاقاويل فتڪون ڪبريتا احمر.

معنيٰ: جڏهن تنهنجون خواهشون صحيح هونديون تڏهن اهي ڳالهيون درست ثابت ٿينديون، جيڪي ماڻهو تنهنجي باري ۾ سوچيندا. تڏهن تون واقعي ڪبريت احمر (پارس) تي پونديـن.

[فتوح الغيب عربي/ اردو ص- ۷۱۸، ۵۱]

ص - 85

پير ڪبريت اين زمان پنهان شده
ننگ خلقان ديده در خلقان شده

اصل شعر ۾ 'ڪبريت' جي بجاءِ 'هم هست' جا الفاظ آهن. يعني موجوده زماني ۾ پير لڪل آهن. ماڻهو انهن جي گودڙيءَ کي حقارت سان ڏسن ٿا، پر اهي وري بہ گودڙيءَ ۾ ئي رهن ٿا.

[مصيبت نامه، ص _ ٦٢،مڪتوبات دو صدي، ص - ٣٢]

ص- 85

تا نيفتد بر تو مردي را نظر
ڪي بيابي از وجودي خود خبر

ص - 85

هر ڪہ او ڪحلي نگرفت از خاڪ پير
خواه پاڪ وخواه گو ناپاڪ مير

[مڪتوبات دو صدي، ص ١٨٧، مصيبت نامہ، ص - ٣٦، ٦٢]

ص- 85

او قبول افتاده است در هر دو حال
گر تو آ گاهي کند از قيل وقال

[مصيبت نامہ – ٢٠٤.]

ص- 86 الشيخ في قومه کاالنبي في امته

هن جو حوالو هن کان اڳ اچي چڪو.

ص- 87 من لا شيخ له فشيخه ابليس

عوارف ۾ هي قول ابو يزيد جي هنن لفظن ۾ ڄاڻايل آهي.

من لم يکن له استاذ فامامه الشيطان

يعني جنهن شخص جو استاد ناهي پوءِ ان جو رهبر شيطان آهي.

[عوارف عربي- ، ص- ٦١]

ص- 87

گر ترا درديست پير آيد پديد
قفل دردت را پديد آيد کليد

اصل نسخي ۾ هي شعر غلط لکيل آهي. جنهن کي هتي درست ڪري لکيو ويو آهي. مڪتوبات دو صديءَ ۾ بہ اهو شعر ائين بار بار غلط نقل ڪيل آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ لطف الله جي آڏو هر وقت مڪتوبات دو صدي هيو.

[مصيبت نامہ، ص- ٦٣، مڪتوبات دو صدي، ص- ٣٢، ٣٧٤،٤٩ ، ٣٩٠، ٤٠٢، ٤١٦، ٤٢٠، ٤٤٥، ٤٧١.]

ص- 88

کور هرگز کي تواند رفت راست
بي عصا کش کور را رفتن خطاست

[مصيبت نامہ، ص- ٦٣ مكتوبات دوصدي، ص- ٣٣،٤٠٢،

٣٧٤، ٤١٩،٤٤٥،٤٨١.]

ص-88

هر کہ صاحب همت آمد مرد شد
همچو خورشيد از بلندي فرد شد

[مكتوبات دوصدي، ص -١٩٤، ٢٢٢، ٥١٣,٤٧٨،٥١٣،٥١٨،

٥١٨.]

ص- 88

هر کہ از همت درين ره آمد ست
گر گدائي مي کند شہ آمد ست

[مكتوبات دوصدي، ص ٦٨، ٥١٤]

ص -89

سگ دون همت استخوان جويد
بچہ شير مغز جان جويد

[حديقۃ الحقيقۃ، ص- ١١١ مكتوبات دوصدي،ص- ٤٥،

٧٣،٤١٢،٤١٥.]

ص - 90

تا بجاروب لا نروبي راه
کي رسي در سرائي الا الله

[حديقۃ الحقيقۃ، ص-١١١. مكتوبات دوصدي، ص ٢٨٣، ٣٧٩]

ص- 93

این هر نفس ڪہ مي رود از عمرگوهراست
آن را خراج ملڪ دو عالم بود بها
ڪز بهمہ عمر خویش با تو برآرم دمي
حاصل عمر آن دم است باقي یاوه رفت

[مڪتوبات دوصدي، ص - ۲۸۴]

حديقتہ الحقيقه - ۹۷

[مڪتوبات دوصدي ص ۲۷، ۴۱۳، ۵۶۰، ۹۷]

ص- 99 رجعنا من جهاد الاصغر الیٰ جهاد الاڪبر

امام غزالي هن ڪي حديث ڪري نقل ڪيو آهي. جلال الدين سيوطي شرح الصدور ۾ پڻ ائين لکيو آهي.

[فهارس تحليلي مڪتوبات امام رباني، ص-۳۲،احياءَ العلوم، جلد ۱، ص - ۱۱]

ص - 100 افضل الذڪر لااله الا الله

ترمذيءَ موجب هيءَ حديث آهي.

[فهارس تحليلي هشتگانہ، ص- ۲۶.]

مشهور صحابي جنهن لاءِ اها روايت پڻ ملي ٿي تہ پاڻ سڳورن ڪيس روم يعني بازنطين جي بادشاه ڏانهن قاصد ڪري موڪليو هو. هو شڪل ۽ صورت ۾ نهايت حسين وجميل هو. هڪ روايت موجب جبرئيل سندس صورت ۾ بہ ايندو هو.

[لغت نامہ ج ۷، ص، ۱۰۴۸۹ سيرت رسول الله حميد الله انگريزي، ص ـ ۲۴۹]

ص - 104: حديث من قال لااله الاالله فدخل الجنتہ ان زنا وان سرق.

اهڙي ڪنهن بہ حديث جي خبر ڪانہ ٿي پوي جنهن ۾ زنا ۽ چوري جا الفاظ هجن. البت ڪلمي ۽ ان جي ذڪر جي فضيلت بابت ڪيترين حديثون ملن ٿيون. صحيح بخاري ۽ مسلم ۾ قيامت ڏينهن شفاعت جي باري ۾ حديث قدسي آيل آهي. صحيح مسلمؒ ۾ اهي الفاظ ملن ٿا تہ حضورﷺ جي اذن شفاعت ڪان پوءِ اهي ٻانها دوزخ مان نڪري جنت ۾ داخل ٿيندا، جن الله سان شرڪ نہ ڪيو هوندو، پوءِ انهن جي دل ۾ ان ڪان اڳ ڀلي ڪيترو بہ ٿورو يا رتيءَ برابر ايمان رهيو هجي.

[الاحاديث القدسيہ- عربي حديث الشفاعتہ، ص - ٢٤٨]

ص - 106 العلم نقطه وكثره الجاهلون

هيءُ قول حضرت علي رضہ ڏانهن منسوب آهي.

[فرهنگ ماثورات، ص - ٣٣٢]

ص- 107 "هو" جو ذڪر

قادري طريقي موجب پهريون ذڪر ’لااله‘ ٻيو ’الا الله‘ ٽيون ’الله‘ ۽ چوٿون ’هو‘ جو آهي. هُو، جو اشارو ذات هويت ڏانهن آهي. هن جي وڌيڪ سولي سمجهاڻي لاءِ ڏسو خليفي محمود نظاماڻيءَ جي تصنيف.

[محبوبيتہ المحموديه سنڌي، ص- ٥١]

ص - 108 الله جي ذات جا چار مرتبا، اول، آخر ظاهر ۽ باطن

هن سلسلي ۾ رسول اللهﷺ جي دعا جا الفاظ ڪجهہ هن ريت آهن جيڪي ابوهريره رضہ جي روايت سان ابو دائود، مسلم ۽ ترمذي ۾ آهن.

اللهم انت الاول فليس قبلك شيء
وانت الاخر فليس بعدك شيء
وانت الظاهر فليس فوقك شيء
وانت الباطن فليس دونک شيء

ترجمو: اي الله، تون اول آهين توکان اڳ ۾ ڪاشيءِ ناهي. تون ئي آخر آهين توکان پوءِ ڪاشيءِ ناهي. تون ئي ظاهر آهين توکان ٻاهر ڪاشيءِ ناهي. تون ئي باطن آهين توکان وڌيڪ لڪل ڪا شيءِ ناهي.

اهي ساڳيا الفاظ شيخ عبدالقادر جيلاني ڏانهن منسوب ورد صلاة الڪبريٰ ۾ پڻ اچن ٿا.

[مدارج السلوڪ، ص -٧١٤، الفيوضات الربانيہ عربي، ص- ١٣٨]

ص -108

راز درون پرده ز رندان مست پرس
ڪہ اين حال نيست صوفي عالي مقام را

هي شعر ديوان حافظ جي هڪ غزل مان ورتل آهي.

[ديوان حافظ قزويني، ص- ٦]

ص - 110 ڪان الله ولم يڪن معه شيئا الان ڪما ڪان

اصل ۾ 'ڪان الله ولم يڪن معه شيءٌ' جا الفاظ ئي هڪ وڏي حديث جي حصي طور حديث جي ڪتابن ۾ ملن ٿا. باقي الفاظ صوفين ان جي شرح يا سمجھاڻي طور آندا آهن.

عجلوني ڪشف الخفا ۾ ان حديث جي راوين جا نالا بہ ڏنا آهن.

[ڪشف الحقائق فارسي، ص - ٣١٦]

ص- 111 تفڪر ساعت خير من عباده سبعين سنت

امام غزالي ۽ ٻين ڪيترن صوفين ان کي حديث ڪري نقل ڪيو آهي.

[احياءُ العلوم جلد 5، ص- ٢٠٣]

ص - 112 لطائف ست يا ڇهہ لطيفا نفسي، قلبي، روحي خفي، اخفيٰ ۽ سر

هنن لطيفن جي سولي سمجهاڻي لاءِ وڌيڪ ڏسو خليفي محمود ڪڙيي واري جي تصنيف محبوبيت المحموديہ.

ص - 113 ان في جسد ابن آدم لمضغت اذا صلحت صلح بها سائر الجسد واذا فسدت بها سائر الجسد الا وهي القلب.

امام غزالي 'احياءَ 'م ۽ نجم الدين رازي 'مرصاد' ۾ هن کي حديث ڄاڻايو آهي جيڪا متين لفظن ۾ ملي ٿي. لطف الله جي عبارت ۾ ٻيا گهٽا الفاظ بہ شامل آهن. شيخ عبدالقادر جيلاني فتح الرباني ۾ پڻ ان کي حديث بيان ڪيو آهي.

[احياءُ العلوم، ص ٥١٦، مرصاد العباد، ص- ١٨٧، فتح الرباني، ص- 11]

ص - 113 لساني ذڪر، سرّي ذڪر.

شيخ عبدالقادر جيلاني فتح الربانيءَ ۾ چوي ٿو تہ اصلي ذڪر قلبي ۽ سرَ جو ذڪر آهي. ان ڪان بعد زبان سان ذڪر آهي. اهڙيءَ طرح جڏهن ٻانهو حق جي ذڪر ۾ ثابت قدم ٿيندو تہ پوءِ حق تعاليٰ بہ کيس ياد ڪندو جيئن قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي تہ "توهان مون کي ياد ڪريو آءٌ توهان کي ياد ڪريان".

[فتح الرباني، ص- ٤٣٤.]

ص- 117

حضورﷺ فرمايو تہ الله جا ملائڪ آهن جيڪي گهٽين ۾ گهمن ٿا ۽ جڏهن ڪا جماعت الله جي ذڪر واري لهن ٿا .... غير معمولي بخشش.

هيءَ سڀ ڪجهہ هڪ حديث قدسي جو ترجمو آهي جيڪا ڪافي طويل آهي، ان جا شروع جا الفاظ آهن.

ان لله ملائڪتہ يطوفون في الطرق ...... لايشقيٰ بهم جليسهم.

هيءَ حديث صحيح بخاري، صحيح مسلم ۽ ترمذي ۾ ملي ٿي.

شيخ عبدالقادر جيلاني پڻ فتح الرباني‌ءَ ۾ انهي‌ءَ سان ملندڙ جلندڙ حديث جو ذڪر ڪيو آهي. مٿئين ساڳي حديث مڪمل طور عوارف جي باب ستين ۾ پڻ ملي ٿي.

[عوارف المعارف عربي، ص-٤٧، الاحاديث القدسيہ عربي، ص١٧ ۽ ١٨]

ص- 117

سگ اصحاب ڪهف روزي چند
پئي نيڪان گرفت مردم شد

[گلستان سعدي،ص-٣٠ ، مڪتوبات دو صدي، ص- ٣٢٩.]

ص- 117 اي الاعمال افضل من عندالله قال ذڪر الله

طبراني ۽ بيهقي ۾ معاذ رضہ ڪان هڪ حديث جي روايت هن ريت آهي.

'سئل رسول اللهﷺ اي الاعمال افضل فقال ان تموت ولسانڪ رطب بذڪر الله عزوجل يعني رسول الله ﷺ ڪان ڪنهن پڇيو تہ عملن ۾ ڪهڙو عمل بهتر آهي. پاڻ فرمايائون جڏهن توکي موت اچي تہ تنهنجي زبان الله جي ذڪر سان تر هجي.

[عمدة السلوڪ، ص- ١٤٧]

ص - 117 سير الي الله اسم ظاهر جو سير آهي

’انسان ڪامل‘ ۾ آهي تہ جڏهن سالڪ کي ’هو الظاهر‘ جي معرفت حاصل ٿئي ٿي تہ ان حالت ۾ حق ظاهر ۾ پانهو لڪل رهي ٿو.

[انسان ڪامل اردو ص- ١٢٣]

ص - 117 سير في الله باطني اسم جو سير آهي

’انسان ڪامل‘ ۾ آهي تہ جڏهن اسم باطن تجلي ڪري ٿو تہ سالڪ تي اهو راز کلي پوي ٿو تہ سيني شين جو قيام الله تعاليٰ جي ڪري آهي. يعني اهو ئي انهن جو باطن آهي. ٻين لفظن ۾ حق هن جو باطن ۽ هو پاڻ حق جو ظاهر آهي. يعني بندي جي پنهنجي ڪا هستي ڪونهي. پر جڏهن اسم الله جي تجلي سالڪ تي ٿيندي آهي تہ انهيءَ تجليءَ جي طريقن جي ڪا انتها ڪانهي.

[انسان ڪامل اردو ص- ١٢٣]

ص - 119

اي جهان جان همه حيران تو
صد هزاران عقل سر گردان تو

[مصيبت نامہ ص- ٣٨١ مڪتوبات دو صدي، ص - ٣٢١، ٣٧٦]

ص - 119 صفات ۽ انهن جو اثر

الله تعاليٰ جي اسما وصفات جي تجلي ۽ انهن جو اثر عبدالڪريم جيليءَ جي ڪتاب الانسان ڪامل جي باب تيرهين ۽ چوڏهين جو موضوع آهي.

[انسان ڪامل اردو ص ١٢١ کان ١٤٢]

ص- 122

اگر تو پاس داري پاس انفاس
بسلطاني رساندت ازان ناس

مرأت العاشقين موجب هي شعر مولانا جاميءَ جو آهي.

"پاس انفاس" ذڪر خفي جو هڪ طريقو آهي جنهن ۾ ذاڪر پنهنجي ساهه يا دم ڪڍڻ ۽ ٻاهر ڪڍڻ ۾ اهڙيءَ ريت عادي ٿي وڃي جو ساهه ٻاهر نڪري تہ ازخود دل منجهان لا اله نڪري ۽ وري جڏهن ساهه اندر ڪٽي تہ ازخود الاالله چوي. انهيءَ ذڪرکي "پاس انفاس" جو ذڪر چون ٿا. دل جي اجاين وسوسن ۽ خيالن کان پاڪ صاف رکڻ لاءِ هي ذڪر نهايت موثر آهي.

[مرأت العاشقين، ص-٩٥ . مدارج السلوڪ، ص-١١٨.]

ص - 123

آنچہ ايشان را درين ره رخ نمود
کي تواند شرح آن پاسخ نمود

ڪاتب غلطيءَ وچان شرح جي بجاءِ شمع لکيو آهي.
هي شعر عطار جي منطق الطير مان ورتل آهي.

[منطق الطير، ص ٢٣٠]

ص - 124

گهي بر طارم اعليٰ نشينم
گهي بر پشت پائي خود نبينم
اگر درويش بر يک حال بماندي
سري دست از دو عالم برفشاندي

[گلستان سعدي، ص- ٩٤]

ص- 125

گر گناھ اولین و آخرین
بیش باشد ز آسمان و زمین
بر حواشي بسائش آن گناھ
محو گردد جملہ بریک جائگاھ
قطره چنداز گنہ گر شد پلید
در چنان دریا کجا آید پدید

ڪاتب آخري بيت ۾ ’پليد‘ جي بجاءِ پديد لکيو آهي. اها ساڳي غلطي مڪتوبات دو صديءَ ۾ بہ نظر اچي ٿي. جتي پڻ اهي سڀ اشعار هڪ هنڌ آيل آهن.

[مصيبت نامہ، ص - ۳۰۸، مڪتوبات دو صدي، ص - ۵۰۳]

ص- 126

هرکہ صاحب همت آمد مرد شد
همچو خورشید از بلندي فرد شد

[مڪتوبات دو صدي، ص-۱۹٤،۲۲۲]

ص- 127

ازین کافر کہ مارا در نهاده است
مسلمان در جهان کمتر فتاده است

[مڪتوبات دو صدي، ص- ۲۲۲،۲٦۹،۳۵۰،۵۷٦]

ص - 128

خلوت گزید بتماشا چہ حاجت است
چون کوئي دوست هست بصحرا چہ حاجت است

[ديوان حافظ قزويني ص – ٢٤]

ص – 128 صفاتي اسم

عبدالڪريم جيلي الله تعاليٰ جي اسما وصفات کي چئن قسمن ۾ وراهي ٿو.

(1) اسما وصفات ذاتي جيئن الله، الاحد، الواحد، الوتر............

(2) اسما وصفات جمالي جيئن الرحيم، العليم، الباري، الوهاب، الغفار،

(3) اسما وصفات جلالي الڪبير، العزيز، العظيم. الجليل،

(4) اسما وصفاتي ڪمالي الخالق، السميع، البصير، الحڪيم.

[انسان ڪامل اردو، ص ١٨٦.]

ص – 131 ڇهريون مقام يقظ

خواجہ عبدالله انصاري (وفات ١٠٨٨ /٤٨١) پنهنجي مشهور تصنيف "منازل السائرين" ۾ هڪ سئو منزلن جو ذڪر ڪيو آهي جن کي ڏهن قسمن ۾ ورهايو اٿس ۽ بلڪل ڇهرين منزل "يقظ" يعني بيداري يا جاڳڻ کي قرار ڏئي ٿو. اهڙيءَ طرح عوارف ۾ پڻ "يقظ" جو ذڪر ملي ٿو.

[عوارف المعارف عربي ص– ٢٧٨. شرح منازل السائرين، ص– ١٣]

ص–131 المتوحش عن غير الله والمستائنس بالله

معنيٰ غير الله کان ڀري ڀڄندڙ يا ٽهندڙ ۽ الله سان لنو لڳائيندڙ.

الهامات غوث يا غوثيہ جو هي ڇهريون قول آهي. ڏسو الهامات غوث جو پورو متن ۽ ترجمو. ضميمو– الف.

[الفيوضات الربانيہ عربي، ص–٤]

ص – 131

از درون شو آشنا و از برون بيگانہ وش
اين چنين زيبا روش كم مي بود اندر جهان

مولانا جامي هن کي روميءَ جو شعر ٻڌائي ٿو.

[نفحات الانس فارسي، ص – ٩٩٨]

ص – 134 ان لكل شيءٍ مصقلتہ وصقالتہ القلب ذكر الله

صوفين وٽ هيءَ حديث آهي.

[مرصاد العباد، ص – ٢٩٩، مڪتوبات دو صدي، ص ٤٢٤]

ص – 135 صاحب سر الاسرار

’سر‘، ’سرالسر‘ ۽ ’سرالاسرار‘ جا اصطلاح شيخ عبدالقادر جيلانيءَ جي ”فتوحَ الغيب“ ۽ فتح الربانيءَ ۾ بار بار اچن ٿا. فتوح الغيب جي مقالي سترهين ۾ هو وصول الي الله جي سمجهاڻي ڏيندي چوي ٿو تہ نبين، رسولن ۽ ولين مان هر هڪ سان الله جو هڪ الڳ راز آهي. اهڙيءَ طرح جيڪو راز ڪنهن مريد سان هجي، اهو ضروري ناهي تہ مرشد سان هجي. اهڙيءَ طرح مقالي چاليهين ۾ چوي ٿو تہ جڏهن تون خالص روح بڻجي ويندين تہ سرالسر ۽ غيب الغيب يعني راز جو راز ۽ ڳجهہ جو ڳجهہ ٿي پوندين.

فتح الربانيءَ جي مجلس ٦٢ ۾ چوي ٿو.

الله وارن لاءِ ظاهري عملن کان سواءِ ٻيا بہ عمل آهن جيڪي هو ڪندا رهن ٿا. ظاهري عمل تہ عام ٻانهن لاءِ آهن جيڪي هو ظاهري عضون سان ڪن ٿا. پر باطني عمل خاص ٻانهن لاءِ آهن جيڪي هو قلب ۽ باطن سان سرانجام ڪن ٿا. خدا ۽ انهن جي درميان ڳجهہ ٿي ڳجهہ آهي.

[فتوح الغيب، ص ٤١ ۽ ١٠٠، فتح الرباني ص-٤٩٩]

ص- 135

صاحب خبران کہ عالم دل دارند
در نکتۂ غیب محرم اسرارند
هر آئينہ صفائي شان زنگي نيست
زان روئي ز نقش دون حق بيزارند

[مڪتوبات دو صدي، ص ٧٠]

ص - 137 **ڪروبي ملائڪ:** فرشتن جا ٻہ قسم چون ٿا. ڪروبي اهي آهن جيڪي عالم اجسام جي تدبير ۾ ڪو حصو نہ ٿا وٺن. اهي صرف ذات خداوندي جي عبادت ۾ مشغول آهن.

[انسان ڪامل اردو ٤٣٤، نور الحقيقت ص- ٧٢]

ص - 137 سبحانڪ ما عبدناڪ حق عبادتڪ

مجدد الف ثانيءَ هيءُ قول امام ابو حنيفہ ڏانهن منسوب ڪيو آهي ۽ ان سان اڳتي اهو اضافو پڻ مليو ولڪن عرفناڪ حق معرفتڪ يعني پاڪائي جڳائي توکي اسان تنهنجي عبادت جي حق مطابق عبادت نہ ڪري سگهيا سون ۽ نہ وري تنهنجي معرفت جي حق مطابق سڃاڻي سگهيا سين. هيءُ قول فرشتن ڏانهن بہ منسوب آهي، جيڪي خاص طور هر وقت الله جي عبادت ۾ مشغول آهن.

[مڪتوبات امام رباني فارسي، دفتر اول ص-١٥٢. طبقات الڪبريٰ شعراني، ص- ٣٣٠.]

ص- 137 بحر مسجور

عبدالڪريم جيلي چوي ٿو تہ اهو عرش جي هيٺان عظيم درياءَ آهي جنهن ۾ هر روز جبرئيل عہ داخل ٿئي ٿو. وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسڻ گهرجي.

[انسان ڪامل اردو، ص- ٢٥٩]

ص - 137 سدرة المنتهيٰ

هي اصطلاح قرآن شريف جي سوره النجم ۾ مجمل نموني ۾ آيو آهي. ليڪن جيلي چوي ٿو ته فلڪ اطلس سدره المنتهيٰ جو ميدان آهي ۽ اهو ڪرسي جي هيٺيان آهي. سدره المنتهيٰ تي ڪروبين ملائڪ رهندا آهن. وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو.

[انسان ڪامل اردو، ص ٢٧٦ ۽ ٤٣٤]

ص - 139

تو بگوهر وراي دو جهاني
چ ڪنم قدر خود نميداني

[حديقتہ الحقيقہ، ص - ٥٠٠ مڪتوبات دوصدي، ص-٢١٢]

ص - 139 ظلال اسما وصفات

ظلال، ظلّ جو جمع آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ پاڇو آهي. نقشبندي حضرات هن مشهور حديث کي هن سلسلي ۾ حوالي طور آڻن ٿا، جيڪا مشڪواة ۾ آيل آهي.

ان الله تعاليٰ سبعون الف حجاتا من نور وظلمت لوڪشفت لا حرقت سبحات وجهه ما انتهي اليه بصره من خلقه.

يعني بيشڪ الله تعاليٰ جي لاءِ روشني ۽ اونده جا ستر هزار پردا يا حجاب آهن. جيڪڏهن اهي پردا هٽي وڃن ته جيستائين نظر پوندي ته سندس چهري جي جلال سبب مخلوق سڙي رک ٿي ويندي.

انهن پردن کي ئي ظلال چون ٿا. ٻين لفظن ۾ اهي پردا نہ هجن تہ جيڪر هيءَ ڪائنات قائم رهي نہ سگهي.

امام رباني دفتر اول جي مڪتوب ٥٨ ۾ هن سلسلي ۾ وضاحت ڪندي لکي ٿو.

’جنهن راه کي اسان طي ڪرڻ گهرون ٿا اها ڪل ست قدم آهن

جهڙي طرح انسان جا ست لطيفا آهن. انهن مان ٻه عالم خلق يعني بدن ۽ نفس سان تعلق رکن ٿا. باقي پنج عالم امر جا آهن جن ۾ قلب، روح، سر، خفي، ۽ اخفيٰ شامل آهن. انهن ستن قدمن مان هر قدم تي ڏهه هزار حجاب يا پردا ڪڇن ٿا. پوءِ اهي روشنيءَ وارا هجن يا اونده وارا.'

اڳتي چوي ٿو:

'عالم امر ۾ پهرين قدم رکڻ سان تجلي افعال ظاهر ٿئي ٿي، ٻئي قدم ۾ تجلي صفات ۽ ٽئين قدم ۾ تجليات ذاتيه جو آغاز ٿئي ٿو. ان کان پوءِ تجليات جي انهيءَ فرق سان اڳتي ترقي ٿيندي رهي ٿي، جيئن اول معرفت ڄاڻن ٿا. اهڙي طرح انهن ستن قدمن جي هر قدم سان بند وپاڻ کي پري ۽ حق تعاليٰ جي نزديڪ ٿئي ٿو. ائين ستن قدمن جي مکمل ٿيڻ سان قرب الاهي به مکمل ٿي وڃي ٿو. ان مرحلي تي ٻانهو فنا ۽ بقا سان مشرف ٿئي ٿو. ۽ ولايت جي خاص درجي تي پهچي ٿو.'

[مکتوبات امامؒ رباني دفتر اول، ص،١٨٩]

ص - 141

در پس آئينہ طوطي صفتم داشتند
هرچہ استاد ازل گفت بگو مي گويم

[ديوان حافظ قزويني، ص- ٢٦٢.]

ص - 142

گر ترا روئي درين ميدان کشند
آن رقم بيني کہ بر مردان کشند

[مصيبت نامہ، ص- ٥٦ مکتوبات دو صدي، ص ٣٥٢، ٤٤٦]

ص - 143

تا تو با خويشي خود بيني همه
چون شوي فاني احد بيني همه

[مکتوبات دو صدي، ص - ٢٩٣، ٢٩٨]

ص - 144

هيچ کس را در جهان بحر و بر
از قناعت نيست ملکي بيشتر

[مصيبت نامہ، ص- ٤٧٣،٤٣٢،٢٣٢.]

ص - 145

اي آنکہ هميشہ در جهان مي پوئي
اين سعي ترا چہ سود دارد گوئي
چيزي کہ تو جويان نشان او ئي
تست همي تو جائي ديگر جو ئي

[مکتوبات دو صدي، ص - ٧٤، ٥٧٩]

ص - 145

هر کہ او دعويٰ هستي مي کند
آشکارا بت پرستي مي کند

[مکتوبات دو صدي، ص- ٤٩٣]

ص - 145 واجب الوجود

جيڪو پنهنجي وجود لاءِ ٻئي ڪنهن جو محتاج ناهي ۽ اهو حق تعاليٰ آهي، چو تہ هو بذات خود قائم آهي ۽ پنهنجي وجود لاءِ ٻئي ڪنهن جو محتاج ناهي. ٻين لفظن ۾ اها ذات جنهن جو عدم (نہ هجڻ) تصور نہ ڪري سگهجي ۽ جنهن جو وجود حقيقي، ذاتي ۽ دائمي آهي. انگريزي ۾ ان لاءِ (Necessary) جو اصطلاح آهي.

[روح بيدل - ص- ٤٠٩]

ص - 146

دوئي را چون بدر ڪردم دو عالم را يڪي ديدم
يڪي بينم يڪي دانم يڪي گويم يڪي خوانم

هي شعر جيئن مصنف پاڻ لکيو آهي ديوانِ شمس تبريزيءَ مان ورتل آهي. ياد رهي تہ ديوانِ شمس تبريزي اصل ۾ مولانا روميءَ جي غزليات جو مجموعو آهي جنهن ۾ غزل ۽ رباعيون آهن ۽ ڪل شعرن جو تعداد پنجاهہ هزار آهي. گويا ان ۾ مثنوي روميءَ ڪانِ بہ وڌيڪ شعر آهن. تاريخي روايت موجب جڏهن مولانا جي عمر اجان ستٽيهہ سال هئي ۽ هو قونيہ ۾ هڪ وڏي علمي شخصيت هو، تڏهن سندس ملاقات اتي آيل درويش شمس تبريزيءَ سان ٿي. اها ملاقات ئي ان روحاني انقلاب جو باعث ٿي جو اڄ مولانا رومي دنيا جو عظيم صوفي شاعر تسليم ڪيو وڃي ٿو.

Divan shams Tabrizi. Niholson P_126

ص- 147 اذا تجلي الله خضع له ڪل شيءِ

تصوف جي اوائلي تصنيفات ۾ هن ڪي حديث ڄاڻايو ويو آهي.

صحيح عبارت هن ريت آهي: **اذا تجلي الله شيءِ خضع لہ** جيڪا 'مرصادالعباد' ۾ آهي. 'عوارف المعارف' ۾ خضع جي بجاءِ خشع جو لفظ اچي ٿو. مڪتوبات دو صديءَ ۾ وري هن ريت آهي. **اذا تجلي الله شي خضع لہ ڪل شيءِ** يعني جڏهن الله تعاليٰ ڪنهن شيءِ تي تجلي فرمائي ٿو تہ اها نيست ٿي وڃي ٿي. تصوف جي اوائلي تصنيف طبقات المدينہ ۾ وري شيخ ابوبڪر شبليءَ جو قول هنن الفاظن ۾ ملي ٿو. **من عرف الله خضع له ڪل شيءِ** يعني جنهن شخص الله کي سڃاتو ان لاءِ هر شيءِ عاجزي اختيار ڪري ٿي ڇوتہ ان ۾ پنهنجي مالڪ جو اثر ڏسي ٿي.

لطف الله پنهنجي هڪ بيت ۾ تضمين ڪندي ان جي ڏاڍي سهڻي

سمجهاڻي ڏني آهي:

هيڪو ئي هيڪ ٿئو، وئو سڀ وجود
پسن ڪين پري ري، جيڪين ڪري سجود
اذا تجلي الله خضع له ڪل شيءِ او ٿئا نسورا نابود.
هيءَ جي مڙوئي مقصود، اسم نہ اڇهي ان ڪي.

شاھ لطيف الله قادريءَ جو ڪلام ٣٤

[مرصاد العباد، ص- ٣١٦ عوارف المعارف (ف) فارسي ص- ١١٢ مڪتوبات دو صدي، ص- ٦٥٠ نقد النصوص في شرح فصوص الحڪم، ص-١٩٥ طبقات الصوفيه عربي، ص-٢٥٩]

ص- 148 طمس

لغوي معنيٰ محو ٿيڻ آهي اصطلاحي معنيٰ موجب سالڪ جي پنهنجن نشانن ۽ صفتن جو نيست يا فاني ٿيڻ. ٻين لفظن ۾ مخلوق وارين صفتن ڪي حق جي صفتن ۾ گم ڪرڻ. يا هينئن بہ چئجي تہ حق جي صفتن جو مڙني شين ۾ مشاهدو ڪرڻ ۽ غير حق ڪي مڙني صفتن ڪان خالي سمجهڻ.

[فرهنگ اصطلاحات عرفاني، ص ٥٥٥، سرد لبران، ص- ٢٤٥]

ص- 148 من عرف الله لا يخفيٰ عليه شيءُ

عطار پنهنجي مشهور تصنيف ”تذڪره“ ۾ ان ڪي اويس قرني رضہ جو قول چاڻايو آهي.

[تذڪره الاوليا فارسي، ص- ٢٧]

ص- 149 بي يسمع، بي يبصر، بي ينطق

مشهور حديث قدسي جا الفاظ آهن. اها حديث صحيح بخاريءَ ۾

ڪجهه وڌيڪ لفظن سان موجود آهي ليڪن شيخ عبدالقادر جيلاني ”فتح الرباني“ ۾ هن ريت بيان ڪئي آهي.

لايزال عبدي يتقرب الي بالنوافل حتيٰ احبه، فاذا احببته، ڪنت له سمعا وبصرا ويدا ومويدا، فبي يسمع وبي يبصروبي يبطش.

يعني هميشه منهنجو ٻانهو نفلن جي ذريعي منهنجي قريب ٿيندو رهندو آهي، تانجو آءٌ هن سان محبت ڪندو آهيان. پوءِ جڏهن آءٌ هن سان محبت ڪندو آهيان تہ مان هن جو ڏسڻ ۽ ٻڌڻ، هن جا هٿ ۽ مددگار بنجي ويندو آهيان. تڏهن هو منهنجي ذريعي ٻڌندو آهي، ڏسندو آهي ۽ هلندو آهي.

هن کي ’قربِ نوافل‘ جي حديث بہ چيو ويندو آهي.

[فتح الرباني، ص ٢٦٩، فيه ما فيه - ص- ٣١٣، الاحاديث القدسيہ، ص ١٣]

ص - 149 قوس يا دائرو

سالڪ نزول ۽ عروج جي ذريعي سلوڪ جو دائرو مڪمل ڪري ٿو. ان دائري جو عروجي نقطو لاتعين يا احديت آهي تہ نزول جو نقطو انسان يا تقييد آهي. وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو

[سردلبران- ص-٢٠٠.]

ص151 سبحاني ما اعظم شاني

هيءَ بايزيد بسطاميءَ (وفات 261 / 875) جي مشهور شطح آهي. شطح مان مراد اهڙو قول آهي جيڪو وجد جي حالت ۾ زبان تي جاري ٿي وڃي. سڀ کان پهرين بايزيد جي شطحن جي تعبير جنيد بغداديءَ جهڙي صاحب صحو صوفي پاڻ ڪئي.

بايزيد جو اصل نالو طيفور بن عيسيٰ بن آدم بن سروشان آهي. هن جو ڏاڏو اصل ۾ يهودي هو جيڪو پوءِ مسلمان ٿيو. بايزيد تي هميشہ سڪر جو غلبو رهندو هو ۽ مٿس هميشہ شوق الاهي سوار هوندو هو. بايزيد کي

صاحب سڪر صوفين جو اڳواڻ تسليم ڪيو ويو آهي ۽ سندس سلسلي کي علي هجويري "طيفوريان" جي نالي سان ياد ڪيو آهي.

بايزيد جون ڪيتريون شطحيات مشهور آهن جيڪي عطار جي تذڪره الاولياءِ ۾ آيل آهن يا وري شرح شطحيات ۾ آهن.

[ڪشف المحجوب، ص-١٦٣، تذڪرة الاولياءِ، استعلامي، ص- ٢٢١ شرح شطحيات بقلي، ص ١٣٦]

ص- 151 ليس في جبتي سو الله يعني منهنجي جبي ۾ الله کان سواءِ ٻيو ڪو ناهي.

جنيد بغدادي (وفات 298/910) کي صاحب صحو صوفين جو سردار تسليم ڪيو ويو آهي. اهوئي سبب آهي جو جڏهن ڪيس منصور حلاج جي ڳالهين ۾ سڪر جو غلبو نظر آيو، هن کي پنهنجي محفل ۾ اچڻ کان روڪي ڇڏيو هئائين. هن شطح جو انتساب جنيد ڏانهن مشڪوڪ آهي. بلڪ ڪن محققن هن کي بايزيد بسطاميءَ جو قول ڄاڻايو آهي ڪن وري ان کي منصور حلاج جو قول سمجهيو آهي. روز بهان بقلي وري ان کي ابو سعيدابي الخير ڏانهن منسوب ڪيو آهي.

[عارف نامي بايزيد بسطامي ص ٣٠ شرح شطحيات، ص ٤٢٣، اسرارالتوحيد في مقامات الشيخ ابي سعيد، ص٨١٦، ڪشف المحجوب تسبيحي ص،٣٠٢]

ص - 151 انا الحق

مشهور صوفي حسين بن منصور حلاج (244/309) جي شطح جنهن ڪري کيس ڦاسيءَ جي سزا ڏني وئي. هن جا اهي الفاظ سندس تصنيف ڪتاب الطواسين جي ستين باب "طاسين الازل والالتباس" ۾ ملن ٿا. شطح جو مطلب آهي اهڙو ڪلمو يعني ٻول جيڪو بظاهر شريعت جي خلاف هجي. ٻين بہ ڪيترين صوفين جو شطحيات مشهور آهن جن ۾

بايزيد بسطامي جي شطح ’سبحاني مااعظم شاني‘ وغيره قابل ذڪر آهن. اهڙا صوفي جن کان شطحيات صادر ٿيون آهن. انهن کي صاحب سڪر يا معذور سمجهيو ويو آهي ۽ انهن جي شطحيات جي اهڙي سمجهاڻي پيش ڪئي وئي آهي. هن سلسلي ۾ ڇهين صدي جي هڪ صوفي شيخ روز بهان بقلي شيرازي سال 570هه ۾ شرح شطحيات نالي هڪ مڪمل تصنيف ڪئي جنهن ۾ هن حلاج جي ڪيترين شطحن جي قابل قبول سمجهاڻي ڏني آهي.

هتي اها ڳالهه بہ قابل ذڪر آهي تہ روز بهان کان اڳ ’ڪتاب اللمع‘ جي مصنف ابو نصر سراج طوسي پڻ هڪ باب ۾ صوفين جي اهڙين شطحيات جي سمجهاڻي ڏني آهي.

بهرحال هتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي تہ حلاج جي انهيءَ قول جو مختلف صوفين مختلف مطلب ورتو آهي. مولانا رومي جو چوڻ آهي تہ حلاج جي انهيءَ قول جو مطلب پنهنجي ذات جي نفي يا فنا ۽ حق جو اثبات آهي. اهو ساڳيو خيال صوفين جي وڏي اڪثريت جو آهي جن ۾ مجدد الف ثاني بہ شامل آهي.

[ڪتاب الطواسين، لرئي ماسنيون، ص- ٥١، شرح شطحيات روز بهان بقلي ص،٢٨٨،ڪتاب اللمع اردو، ص٥٣٧، مڪتوبات امام رباني دفتر دوم، ص- ٢٢٠]

ص – 151 قرب الواجبات يا اصولي صفاتن جو قرب

شيخ عبدالقادر جيلاني فتوح الغيب جي مقالي چاليهين ۾ پڻ قرب بابت مشهور حديث قدسي جي حوالي سان سمجهاڻي ڏني آهي. ان جي تشريح ۾ وري عبدالحق محدث دهلوي لکي ٿو قرب فرائض ۾ الله تعالىٰ فاعل ۽ ٻانهو سندس آڏو هڪ اوزار جي حيثيت رکي ٿو. پر قرب نوافل ۾ ٻانهو فاعل ۽ خدا هن جي لاءِ هٿيار ٿي پوي ٿو. بهرحال مرتبي جي لحاظ کان قرب فرائض مٿي آهي.

[فتوح الغيب ص ٣٦٤]

ص - 151

چون زند ديوانہ زين شيوه لاف
تو ز سر ڪِري مکن با او مصاف
تو از شيوه او دور دار
عاشق ديوانہ را معذور دار
عاقلان را شرع تکليف آمده است
بي دلان را عشق تشريف آمده است
لاجرم ديوانہ را گرچہ خطاست
هرچہ مي گويد بگستاخي رواست

اهي سڀ شعر انهيءَ ساڳي ترتيب سان مڪتوبات دو صديءَ ۾ آيل آهن جيڪي عطار جا آهن، حالانڪ مصيبت نامہ ۾ اهي شعر جدا هنڌن تي آيل آهن.

[مڪتوبات دو صدي، ص ٥١]

ص - 152

عاقلان را شرع تکليف آمد ست
بي دلان را عشق تشريف آمد ست

هي شعر مڪتوبات دو صديءَ ۾ ٻہ ڀيرا نقل ٿيو آهي.

[مصيبت نامہ، ص- ٢٤٩، مڪتوبات دو صدي، ص ٥١، ٣٣٦، ٣٤١، ٣٢٥، ٣٨٩، ٥٨٤.]

ص - 153

دل يکي منظر يست رباني
خانہ ديو را چہ دل خواني

هي شعر سنائي جي حديقہ مان ورتل آهي پر هتي صحيح نہ ڏنو ويو آهي.

صحيح اشعار هن ريت آهن، تڏهن ئي مطلب نڪرندو.

دل يکي منظريست رباني
اندرو طرح و فرش نوراني
از سر جهل و روي ناداني
حجره ديو را چه دل خواني

يعني دل رباني منظر جو نمونو آهي جنهن جي اندر ۾ نوراني فرش ۽ گلم آهن. پر تون جهالت ۽ اڻ ڄاڻائي ۾ غير خدا جي گهر سان دل لڳائي آهي.

[حديقہ الحقيقه- ص - ٣٤٠]

ص - 156 قرب الفرائض وقتي ۽ دائمي

صوفين وٽ قرب جا ٻه بنيادي قسم آهن. قرب فرائض ۽ قرب نوافل.

قرب فرائض اهو آهي تہ جڏهن الله تعالىٰ ٻانهن کان جيئن ۽ جڏهن چاهي تہ ڪم وٺي. قرب نوافل اهو آهي تہ ٻانهي جو ڪم الله تعاليٰ پاڻ ڪري ٿو. مرتبي جي لحاظ کان قرب فرائض مٿي آهي ۽ اهو حضور ڪريم ﷺ جن جو مرتبو آهي. ابن عربي ان جي وضاحت ڪندي چوي ٿو تہ جيترو عارف معرفت ۾ ڪامل هوندو، اوترو هو عجز اختيار ڪندو. عارف ڪامل پنهنجي مرضيءَ سان ڪم نٿو ڪري، ۽ نہ وري پنهنجي مرضيءَ سان ان کي ترڪ ڪري ٿو. انهيءَ ڪري پاڻ سڀُورن لاءِ ارشاد خداوندي آهي "ومارميت اذ ره بت ولاڪن الله رمىٰ" يعني اهو تو نہ اڇليو جيڪو تو اڇليو بلڪ الله تعالىٰ پاڻ اڇليو. هجويري وري ان خيال جو آهي تہ ٻانهي جي فعل جي نسبت خدا ڏانهن هجڻ ان کان رڏيڪ بهتر آهي جو خدا جي فعل جي نسبت ٻانهن ڏانهن هجي. گويا پهرين حالت ئي فنا جي حالت آهي.

[فصوص الحڪم اردو، ص ٣٩٢، ڪشف المحبوب اردو، ص٣١٤]

ص – 156 وصل عرياني (واضح مشاهدو)

شيخ احمد سرهندي دفتر اول جي مڪتوب ٢٢١ ۾ واضح ڪندي لکي ٿو تہ وصل مطلق ۽ وصل عريان ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. وصل عريان مان مراد آهي تہ جڏهن سڀ حجاب ۽ پردا ڪڇي وڃن ۽ سڀ رڪاوٽون ٺورتي وڃن. هڪ ٻئي مڪتوب ٢٩٤ ۾ سوال جو جواب ڏيندي چوي ٿو تہ ذات خداونديءَ جو وصل عرياني صرف نبي ڪريم ﷺ جن سان مخصوص آهي ۽ ٻين لاءِ سندس ذات واسطي جي حيثيت رکي ٿي.

وصل عرياني جو اصطلاح نقشبندي صوفين سان مخصوص آهي. ليڪن مولانا رومي هن سلسلي ۾ هڪ شعر ۾ هيئن چيو آهي:

من شوم عريان ز تن او از خيال
تاخرامم در نهايات الوصال

ترجمو: مان جڏهن جسم کان پالهو ٿي ويس ۽ اهو (ظاهري) خيال بہ ويندو رهيو. تڏهن آئون وصل جي آخري منزلن ۾ پهچي گهمڻ لڳس.

شيخ عبدالرحيم گرهوڙي هن شعر کي وصل عرياني جي معنيٰ ۾ اڪثر ڪم آڻي ٿو.

[مڪتوبات دفتر اول اردو ص ٢١٤ فتح الفضل، ص ١٢٦، مثنوي

رومي دفتر ششم اردو ص١٩٣]

ص– 156 باب سترهين جي آخر ۾ سنڌي بيت جي پڙهڻي ڊاڪٽر بلوچ 'شاه لطف الله قادريءَ جو ڪلام' ۾ هيئين ريت ڏني آهي.

آثارين اله جي، اندر ڪئو اهاء
ابيتا اهي عنايت جي، پسندي هي شعاع
تين کهيا ڪارو نيار ڏي، متي وه وهيا
سندا تن تڪيا، وڃي ڪن ڪنن ٿئا

اسان جي خيال ۾ پير جهنڊي واري نسخي جي پڙهڻي هيٺين ريت بيهي ٿي جيڪا وڌيڪ مناسب ۽ درست آهي. اسان اها اختيار ڪئي آهي.

آثارين الله جي اندر ڪئو اهاءُ
اپٽئا اهج عنايت جا، سندي ته شعاع
تين ڏکيا ڪارونيار ڏي، متي وه وٺا
سندا تن تڪيا، وجي ڪنت ڪنز ٿٺا

ص - 162 ذاتي اعتبارات ۽ شيون

شيخ احمد سرهندي دفتر اول جي مڪتوب ٢٨٧ ۾ 'شُيون' جي سمجهاڻي ڏيندي چوي ٿو، صفات ۽ 'شُيون' ۾ بلڪل باريڪ فرق آهي. صفات ذات کان الڳ يا زائد آهن. پر شيون ذات سان گڏ صرف اعتبار يا نسبت جي حد تائين آهي. ان جي هڪ مثال ذريعي وضاحت هيئن ڪري سگهجي ٿي. اسان کي خبر آهي ته پاڻي مٿان کان هيٺ وهي ٿو جنهن مان پاڻي جي لاءِ چئن خاصيتن جي خبر پوي ٿي جن کي اعتبارات چئي سگهجي ٿو. اهي آهن حياتي، علم، قدرت ۽ ارادو. اهو هن ڪري چوته ڪابہ مرده شيءِ مٿان کان هيٺ نٿي وهي سگهي جنهن مان پاڻيءَ جي اندر حياتيءَ جو گمان پيدا ٿئي ٿو جنهن کي هتي اعتبار چئجي ٿو. پاڻي آخر هيٺانهين طرف ڇو وهي ٿو، ان مان پاڻيءَ ۾ علم جو اعتبار پيدا ٿئي ٿو. مٿانهين کي ڇڏي هيٺانهين طرف وهڻ مان قدرت جو اعتبار نظر اچي ٿو جنهن مان وري ارادي جو اعتبار پيدا ٿئي ٿو. هونئن علم حياتيءَ جي تابع آهي، ۽ ارادو علم جي تابع ۽ اهڙي طرح قدرت ثابت ٿي وئي. ليڪن ان صورت ۾ پاڻيءَ کي حي، عالم، قادر ۽ ارادي وارو نٿو چئي سگهجي. انهيءَ ڪري چئبو ته اهي اعتبار پاڻيءَ جي ذات ۾ "شيونات" جي حيثيت رکن ٿا. ٻين لفظن ۾ پاڻيءَ ۾ جيستائين وڌيڪ صفتون ثابت نٿيون ٿين تيستائين ان کي يعني زنده، عالم، قادر ۽ صاحب اراده نٿو چئي سگهجي. هاڻي اهو آهي فرق جيڪو شُيونات يا "شُيون" ۽ صفات آهي.

[مڪتوبات دفتر اول، ص ٣٧٨ ۽ ٣٧٨]

ص- 162 قرب الفرائض دائمي

صوفي قرب نوافل ۽ قرب فرائض جي باري ۾ صحيح بخاري ۾ هڪ حديث قدسي ماڻ دليل وٺن ٿا جنهن جا الفاظ هن ريت آهن:

قال: من عادي لي وليا، فقد آذنته الحرب، وما تقرب الي عبدي شيءِ احب الي مما افترضت عليه، وما يزال عبدي يتقرب الي باالنوافل حتيٰ احبه فاذا احببته، كنت سمعه الذي يسمع به، وبصره الذي يبصربه،ويٰده التي يبطش بها، ورجله التي يمشي بها، وان سالني لاعطينه، وان استعاذني لاعيذنه، وما ترددت عن شيءِ انا فاعله ترددي عن نفس عبدي المومن، يكره الموت وانا اكره مساته.

ترجمو: الله تعاليٰ فرمايو جيڪو ماڻهو منهنجي دوست سان دشمني ڪري ٿو پوءِ ان ڪي خبر هجي تہ آئون انهن سان لڙائي ڪندس. منهنجو ٻانهو جن شين سان منهنجو قرب حاصل ڪري ٿو، انهن ۾ سڀ ڪان وڌندڙ ڪم فرض جي ادائگي آهي. منهنجو ٻانهو مسلسل نفلن سان منهنجي ايترو قريب ٿئي ٿو جو انهن سان محبت ڪريان ٿو پوءِ جڏهن آئون هن سان محبت ڪريان ٿو تہ مان هن جا ڪن ٿي پوندو آهيان، جن سان هو ٻڌندو آهي، ان جون اکيون ٿي پوندو آهيان جن سان هو ڏسندو آهي، هن جا هٿ ٿي پوندو آهيان جن سان هو ڪم ڪندو آهي، هن جا پير ٿي پوندو آهيان جن سا هو هلندو آهي. جڏهن هو ڪجهہ گهرندو آهي تہ آئون هن ڪي اهو ڏيندو آهيان. جيڪڏهن هو مون ڪان پناهہ گهرندو آهي تہ آئون ڪيس پناهہ ڏيندو آهيان. مان جيڪي بہ ڪم ڪريان ٿو انهن ۾ صرف ان ڳالهہ جو خيال رڪان ٿو جڏهن منهنجي مومن ٻانهي جو روح قبض ٿئي ٿو. هو موت ڪي ناپسند ڪري ٿو ان ڪري آئون بہ ڪيس تڪليف ڏيڻ پسند نٿو ڪريان.

هن حديث مان صوفين قرب فرائض ۽ قرب نوافل جو مطلب اخذ ڪيو آهي.

[وڌيڪ ڏسو حاشيو ص ٧٠، احاديث قدسيہ، ص ٦٣، نقد النصوص جامي، ص ١٥٣]

ص- 163

عقل بي ڪحل آشنائي او
بي خبر بوده از خدائي او

[مڪتوبات دو صدي، ص-٢٠٦.]

ص- 164 ابيت عند ربي يطعمني ويسقيني

شيخ عبدالقادر جيلاني ’فتح الرباني‘ ۾ ان کي حديث ڪري نقل ڪيو آهي. وڌيڪ وضاحت ڪندي چوي ٿو تہ نفس جو کاڌو جدا آهي، دل جو کاڌو جدا آهي، باطن يا سر جو کاڌو يعني طعام جدا آهي. ان ڪري رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي تہ مان پنهنجي پروردگار وٽ رات گذاريان ٿو، اهو ئي مونکي کارائي ۽ پياري ٿو.

هيءَ حديث ’مرصاد العباد‘ ۽ روميءَ جي ملفوظات ’فيه مافيه‘ ۾ اچي ٿي. صحاح ستہ جي ٻن ڪتابن صحيح مسلم ۽ صحيح بخاريءَ ۾ پڻ هيءَ حديث آهي جيڪا ڪجھ وڌيڪ عبارت سان آهي.

[عوارف المعارف عربي، ص- ١٣٤. فتح الرباني، ص ٣١٩، مرصاد، ص ١٣٥، فيه ما فيه، ص ٢٥٠]

ص - 164 ڪل قول قول الله وڪل فعل فعل الله

هن عبارت جي اصليت بابت خبر پئجي نہ سگھي. البت اها هڪ لحاظ کان قرب نوافل واري حديث جي تشريح معلوم ٿئي ٿي.

[بيان العارفين، ص-٣٣٥.]

ص - 164 اذا قال قال الله واذا ذکر ذکر الله واذا اسکت سکت الله

هڪ قدسي حديث ان مفهوم ۾ ملي ٿي. جنهن مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ الله تعاليٰ بندي جي سوال جو جواب ڏئي ٿو. ابن ماجہ ۾ اها حديث

هونئن تہ ڏِکھي آهي پر ان جو عنوان آهي. **اذا قال العبد: لااله الا الله يقول الله:** صدق عبدي. يعني جڏهن ٻانهو چوي ٿو، ناهي ڪو معبود، مگر الله، تہ الله تعاليٰ فرمائي ٿو. تو سچ چيو منهنجا ٻانها!

[الاحاديث القدسيہ - ص- ١٩]

ص- 166 تفکر ساعتہ خير من عباده سنتہ

امام غزالي احيا ۾ ان کي حديث طور نقل ڪيو آهي. شيخ عبدالقادر جيلاني فتح الرباني ۾ پڻ ان کي حديث بيان ڪري ٿو.

[احياءِ العلوم ۵، ص- ٢٠٣ ،فتح الرباني، ص- ٢٧]

ص- 167 العلم هو الجهل من العلم

هي الفاظ الهامات غوث ۾ ملن ٿا. ازانسواءِ هن تي مقدمي ۾ روشني وڌي وئي آهي.

ص- 167حيرت

صوفين ۾ و اصطلاح جنهن جي سڀ کان پهرين سمجهاڻي تصوف جي اوائلي تصنف 'ڪتاب اللمع' ۾ هيئن ملي ٿي.

'اها ڪيفيت جيڪا سالڪن جي دلين تي ان وقت ڇانئجي ٿي جڏهن هو بارگاه ايزدي ۾ حاضر ٿي سوچ ۾ گم ٿي وڃن ٿا ۽ وڌيڪ غور فڪر کان عاجز ٿي پون ٿا.'

اهڙي طرح هڪ ٻئي اصطلاح تحير جو مطلب آهي تہ اهڙي ڪيفيت جنهن ۾ سالڪ اميد ۽ نا اميد جي وچ تي بيٺل نظر اچي ٿو. ٻين لفظن ۾ هو "متحير" هوندو آهي. هن سلسلي ۾ چوٿين صديءَ جي صوفي ابوبڪر شبليءَ جو مشهور قول آهي.

يا دليل المتحيرين زدني تحيرا

يعني اي حيرت ۾ و، تلن جا رهنما منهنجي حيرت کي وڌاءِ.

اهو بہ شبليءَ جو قول آهي 'المعرفت دوام الحيرة' يعني معرفت

دائمي حيرت جو نالو آهي. ’عوارف المعارف‘ ۾ آهي تہ ’اعرف الخلق اشدهم تحيرا فيہ‘ يعني جيترو وڏو عارف هوندو اوترو گهڻي حيرت ۾ هوندو.

فارسيءَ جي صوفي شاعرن ۾ ’عطار‘ حيرت بابت گهڻي ڪجهہ چيو آهي. هو پنهنجي مشهور مثنوي ’منطق الطير‘ ۾ حيرت کي سلوڪ جي آخري وادي يا منزل قرار ڏئي ٿو. عطار پنهنجي ٻي مثنوي ’مصيبت نامہ‘ ۾ پڻ حيرت بابت چوي ٿو:

من ندا نم هيچ تا دانستہ ام — ور همہ دانم ڪجا دانستہ ام
عين دانائي مرا ناداني است — ڪل ناداني من حيراني است

معنيٰ: مان نٿو ڄاڻان تہ مون کي ڪا خبر آهي. پر جيڪي ڪجهہ ڄاتو اٿم تہ پوءِ بہ مون ڇا ڄاتو آهي. منهنجي هڙئي دانائي ناداني‌ءَ جي برابر آهي ۽ منهنجي اها ناداني حيرت آهي.

لطف الله جي سنڌي شاعري ۾ بہ وڏ ۾ وڏ بيت حيرت ۽ عقل جي اٽڪلاٽائيءَ بابت ملن ٿا. هتي اسان ڪجهہ بيتن تي اڪتفا ڪريون ٿا:

حيرت هنيا سڀ، ات دعوي گير دهليا
پسي پر پرينءَ جي، منجهي سڀ وئا
جن اي ورق وياچيو، نيئي منجهہ عقلا
سبحان من تحير في ذاتہ سواءَ

ص- 167

ٻجهي تئن اٻوجهہ، ڄاڻ وڃائي پانهجو
هنئين جي سٻوجهہ، تہ ٻجهہ م ٻڙيءَ جيترو

هي بيت پير جهنڊي واري نسخي ۾ موجود نہ آهي.

ص - 168 وفنا ذاتڪ في الذات

هي الفاظ الهامات غوث مان ورتل آهي. وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو

مقدمو.

ص - 168

محو باید مرد در هر دو سرائي
پائي از سر ناپدید و سر ز پائي

[مصیبت نامہ، ص- ۲۰۵ مکتوبات دو صدي، ص- ۳۱۹]

ص - 169

مرا حرفیست اندر دل اگر گویم زبان سوزد
وگر دم در کشم ترسم کہ مغز استخوان سوزد

ص- 170

از هر طرف کہ رفتم جز حیرتم نیفزود
زنهار زین بیابان و این راه بي نهایت

[دیوان حافظ قزویني ص- ٦٥]

ص - 170

درین ورطہ کشتي فروشد هزار
کہ پیدا نشد تختہٴ برکنار

[شیخ سعدي، بوستان، ص-۱۲۱]

ص - 171 سیر الي الله ۽ سیر في الله

هي اصطلاح نقشبندي فکر سان مخصوص آهن ليکن ڪن ٻين صوفين بہ استعمال ڪيا آهن. نقشبندي سلسلي جي باني خواجہ بهاءَ الدين نقشبند جي رسالي ”قدسيہ“ جي شرح ۾ خواجہ محمد پارسا لکيو آهي تہ ’فنا عبارت است از نهایت سیر الي الله‘ يعني سير الي الله جي پڄاڻي تي فنا حاصل ٿئي ٿي. اهڙيءَ طرح بقا عبارت است از بدايت سير

في الله يعني بقا جو مطلب سير في الله جي ابتدا آهي.

[رسالۃ قدسيہ - ص، ١٧٩]

ص- 171 منازل السالكين لاتنقطع ابد الابدين

هن مقولي بابت خبر نہ پئجي سگهي تہ كنهن جو آهي. ليكن امام رباني مكتوبات دفتر اول جي مكتوب ٢٦٠ ۾ نقل كيو آهي ۽ ان جي سمجهاڻي ڏيندي شيخ سعدي جو هي شعر آندو آهي.

نہ حسنش غايتي دارد نہ سعدي راسخن پايان
بميرد تشنہ مستسقي ودريا همچنان باقي

يعني نہ هن جي حسن جي كا انتها آهي ۽ نہ وري سعديءَ جي سخن گوئي ختم ٿي. اهو ائين آهي جيئن اجايل اڃ وگهي مري وڃي پر درياءَ ائين جو ائين آهي.

[مكتوبات دفتر اول اردو، ص - ٢١٥]

ص- 171

اين راه را نهايت صورت كي توان يافت
كش صد هزار منزل پيش است در بدايت

[ديوان حافظ قزويني، ص ٦٦]

ص- 172

آنها كہ رهنمائي سلطان شدند
مهتر اندر جهان ايشان شدند

[مكتوبات دوصدي، ص ١٢٦]

ص - 173

هرچہ از مستانہ آيد در وجود
عفو فرمايند زان مستانہ زود

هي شعر اصل ۾ عطار جو آهي ۽ مصيبت نامہ ۾ اچي ٿو. شعر جي صحيح صورت هن ريت آهي.

هرچہ از ديوانہ آيد در وجود
عفو فرمايند از ديوان جود

[مصيبت نامہ - ص ٢١٦]

ص - 173

عاقلان را شرع تکليف آمده
بي دلان را عشق تشريف آمده

هي شعر عطار جو آهي جيڪو هن ڪتاب ۾ ٻيهر آيو آهي. اهو ساڳيو شعر مڪتوبات دو صدي ۾ تمام گهڻا ڀيرا آيل آهي. ڏسو حوالو
[مصيبت نامہ، ص - ٢٤٩ مڪتوبات دو صدي ص- ٤٣٥، ٤٠٣]

ص - 175 من طلب شيئا جد وجد

هيءَ قول جنيد بغداديءَ جو آهي.
[ڪشف المحجوب تسبيحي، ص ٢٩٨، ٥٩٥]

ص - 175

مردمي بايد نہ سر او را نہ پائي
جملہ گم گشتہ درو او در خدائي

[مصيبت نامہ، ص ٣٠٤]

ص - 177

مارا نہ غم دوزخ نہ غرض بهشت است
بردار ز رخ پرده کہ مشتاق لقائيم

[مڪتوبات دو صدي، ص - ٤٨٨]

ص- 177

دل و عقل از جلال او خيره
تن جان از کمال او تيره

هي شعر سنائي جي حديقہ مان ورتل آهي. ليڪن ان جي ٻي سٽ صحيح نقل نہ ڪئي وئي آهي. جيڪا هتي اسان صحيح ڪري لکي آهي. ٻي سٽ اصل ۾ هن ريت آهي.

عقل جان از کمال او تيره

هتي شعر ائين لکيل آهي جيئن مڪتوبات دو صديءَ ۾ آهي.
[مڪتوبات دو صدي، ص - ۳۳۱حديقه الحقيقه، ص- ٦١]

ص - 178 ان الله جنتہ ليس فيها حور ولا قصور ولا عسل

ولالبن يتجليٰ فيها ربنا ضاحڪا.

امام غزالي 'احياءُ العلوم' ۾ هن ڪي حديث ڪري ڄاڻايو آهي. ليڪن ان ۾ پويان الفاظ "**ولا عسل الي الاخر**" ڪونہ آهن.
[فرهنگ ماثورات- ص- ١٤٤]

ص- 178

آخرين جهان جهاني دگر است
جز جنت و فردوس مڪاني دگراست

هي سٽون در اصل هڪ رباعي جون آهن جيڪا ابو سعيد ابوِ الخير جي آهي. ستين صدي هجري ۾ لکيل 'مرصاد العباد' ۾ اها رباعي هن طرح ڏنل آهي.

مارا بجز ازين زبان زباني دگر است
جز دوزخ و فردوس مڪاني دگر است

قلاشي و رندي است سرمايهٔ عشق
قرايي و زاهدي جهاني دگراست

ترجمو: اسان کي هن زبان کان سواءِ هڪ ٻي زبان بہ آهي. دوزخ ۽ بهشت کان علاوه بہ ٻي جڳهہ آهي. سچائي ۽ رندي عشق جو سرمايو آهن. خشڪ ملائي ۽ زاهدن جو وري ٻيو جهان آهي. 'مڪتوبات دو صديءَ' ۾ بہ صرف پهريون بہ ستون آهن جيڪي هتي ڏنل آهن.

[مڪتوبات دو صدي، ص– ١٦٨. مرصاد العباد، ص ٢٠٢،]

ص - 184

مور مسڪين هو سي داشت ڪہ بہ ڪعبہ رسد
دست در پائي ڪبوتر زد و ناگاه رسيد

[مڪتوبات دو صدي، ص – ٥٥]

ص–184

ڪبوتر مان مراد: مڪتوبات ۾ پڻ ڪبوتر مان مراد الله جو عشق چاٽايل آهي.

[مڪتوبات دو صدي، ص– ٣١٧]

ص– 185

اين همه علم جسم مختصر است
علم رفتن براه حق دگر است
حرف کو ڪاغذ سياه ڪند
ڪي دل تيره را چو ماه ڪند

مڪتوبات ۾ ٻئي بيت گڏ آيل آهن جيڪي اصل حديقہ جا آهن ۽ اتي جدا جدا آيل آهن.

[حديقہ الحقيقه، ص ١١٢ ۽ ١٩٨ مڪتوبات دو صدي، ص– ٣٩ ۽ ٤٤٤]

ص- 186 يريدون وجه الله

هن قسم جي عبارت غوث اعظم جي تصنيف فتح الرباني ۾ هڪ ڪان وڌيڪ ڀيرا ملي ٿي جنهن جو مطلب آهي تہ هو الله جي ذات کان سواءِ ٻي ڪنهن شيءِ جا طالب ناهن. مجلس ٦٢ ۾ هي الفاظ آهن. **’ڪل ما سوي الله عزوجل صنم القوم يريدون وجهه‘** يعني الله کان سواءِ جيڪي ڪجهہ آهي اهو بت آهي. ليڪن هن ٽولي (الله وارا) وارا الله جي ذات جا طالب آهن.

[فتح الرباني عربي اردو ص- ٥٠٩]

ص - 188

اهل دل را ذوق فهم ديگر است
ڪہ آن ز فهم هر دو عالم برتر است
هر ڪرا آن فهم در ڪار افڪند
خويش را در دريائي اسرار افڪند

[مصيبت نامہ، ص- ٥٧ مڪتوبات دوصدي، ص - ٣٤، ٨٥، ٤٤٥]

ص - 190 ماشاءَ الله ڪان وما يشاءُ لم يڪن

هن ڪان اڳ وضاحت ڪئي وئي.

ص- 191

طفل را در مهد پيغمبر ڪند
وز همه پيرانش بالغ تر ڪند

[مصيبت نامہ ص -١]

ص - 194

هر کرا بوئي رسد از سوئي او
هر دو عالم چيست خاک کوئي او
[مصيبت نامہ، ص ٢٩٨، مکتوبات دو صدي، ص - ١٦٤]

ص - 195

مصلحت نيست کہ از پرده برون افتد راز
ورنہ در مجلس رندان خبري نيست کہ نيست
[ديوان حافظ قزويني، ص- ٥١]

ص - 195 ابو هريره رضہ

مشهور صحابي جيڪو پنهنجي ٻلين سان پيار سبب ائين سڏجي ٿو. بلڪ هڪ ڀيري پاڻ ڪريمن ﷺ سندس هنج ۾ ٻلي جو ٻچو ڏسي اهو لقب ڏنو جنهن ڪري پوءِ هميشه لاءِ ائين مشهور ٿي ويو. هو اڪثر ڪري رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ گذاريندو هو. جنهن ڪري هو وڏ ۾ وڏ حديثن جو راوي آهي. هن سال ٥٨ يا ٥٩ هجري ۾ وفات ڪئي.
[لغت نامہ ج - 1، هن ص ٩٥٤]

ص- 197 لطف الله جو پنهنجو ذاتي سير

صوفي ادب ۾ اهڙا ڪيترا مثال ملن ٿا. 'انسان ڪامل' جو مصنف عبدالڪريم جيلي پڻ پنهنجي اهڙي سير جو ذڪر ڪري ٿو. هو لکي ٿو:
'مان جڏهن سال ٨٠٠ هجري ۾ شهر زبيد ۾ ربيع الاول جي مهيني ۾ تڪيل هوس تہ مون پيغمبرن، ولين ۽ عالي مقرب ملائڪن کي ڏٺو. مون جميع روحانيت کي بہ ڏٺو.'
اڳتي چوي ٿو تہ مون کي اهڙا ڪشف ٿيا ۽ اهڙي علم الاهي جي خبر پئي جنهن جو ذڪر هتي نٿو ڪري سگهجي.

هتي هيءَ ڳالهه قابل ذڪر آهي تہ جيلي ابن عربيءَ کان گهڻو متاثر آهي ۽ فڪري طور سندس پوئلڳ آهي. ابن عربيءَ جي تحريرن فصوص الحڪم ۽ فتوحات مڪيہ ۾ پڻ اهڙيون عبارتون ملن ٿيون جن ۾ هو اڳين نبين جي اعيان سان ملاقات جو ذڪر ڪري ٿو. هو چوي ٿو:

اهو سال ٥٨٦ هجري جو واقعو آهي تہ آءُ قرطبہ ۾ هوس جو مون کي حضرت آدم کان وٺي رسول الله ﷺ جي ذات جو مشاهدو ڪرايو ويو. ليڪن مون سان فقط حضرت هود عليه السلام هم ڪلام ٿيو.

[انسان ڪامل اردو، ص ٤٢١، فصوص الحڪم عربي، ص ١١٠]

ص- 198 غوث، قطب، دائرو

جيئن مقدمي ۾ ان حقيقت تي روشني وڌي وئي تہ غوث، قطب، ابدال، نجباءَ، نقباءَ وغيره جو تصور سڀ کان وڏيڪ شيخ عبدالقادر جيلانيءَ جي تحريرن ۾ ملي ٿو. قصيده غوثيہ جي هڪ بند ۾ چوي ٿو.

درست العلم حتيٰ صرت قطبا
و نلت السعد من مولي الموالي

معنيٰ: مون اهڙو علم حاصل ڪيو جو آخرڪار قطب بنجي ويس. اها سعادت مون کي مولا جي مهربانيءَ سان ملي آهي.

قطب کي وري تڏهن غوث چون ٿا جڏهن هو فرياد رس يعني دانهن ٻڌندڙ هجي.

غوث، قطب، ابدال جو نظريو ابن عربيءَ وٽ بہ وڏي زور شور سان موجود آهي جنهن مطابق دنيا ڪنهن بہ وقت قطب کان خالي ناهي. لڳ ڀڳ ساڳيو خيال فارسيءَ جي وڏي صوفي شاعر عطار جو آهي جيڪو مصيبت نامہ ۾ چوي ٿو جيئن قطب ڪانسواءِ زمين ۽ آسمان قائم رهي نٿا سگهن، تيئن معرفت جي جهان لاءِ بہ قطب جو هئڻ ضروري آهي.

گر ز يڪ قطبست عالم را قرار
در جهان تو دو قطبست آشڪار

عبدالڪريم جيلي انسان ڪامل ۾ ان راءِ جو آهي تہ قطب اهو آهي

جنهن جي چوڌاري وجود جي چڪي ڦري ٿي.

